مداحون ۽ مناجاتون

لوڪ ادب سلسلي جو پهريون ڪتاب

مداحون ۽ مناجاتون

مؤلف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

2006ع

ڇاپو پهريون	سال 1966ع	تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو	سال 2006ع	تعداد هڪ هزار

[حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: ٻہ سؤ پنجاھ رپيا
[Price Rs. 250-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هن ڪتاب کي اين ٽي ايف گرافڪس حيدرآباد مان اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو

عنوانن جي فهرست

چپائيندڙ پاران 7

مهاڳ 8

مقدمو 11

مدح/ مناجات	شاعر	صفحو
مدح (بادشاھ پير رحہ)	جمن چارڻ	25
مدح (نبي ﷺ)	ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو	36
مدح (نبي ﷺ)	گرهوڙي صاحب	41
مدح (نبي ﷺ)	صدرالدين چارڻ	44
مدح (بادشاھ پير رحہ)	ثابت علي شاھ	57
مدح (محي الدين جيلاني رحہ)	ملا صاحبڏنو	59
مدح (چار يار رضہ)	فتح فقير	67
مدح (چار يار رضہ)	فتح فقير	73
مدح (غوث اعظم جيلاني رحہ)	فتح فقير	77
مناجات (نبي ﷺ)	مخدوم عبدالله واعظ	81
مناجات (غوث جيلاني رحہ)	مخدوم عبدالله واعظ	91
مدح (شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ)	آخوند محمد بچل "انور"	95
مدح (بادشاھ پير)	آخوند عبدالرحمان	99
مناجات (نبي ﷺ)	شيخ محمد حسن	105
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	شيخ محمد حسن	109
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي طاهر محمد	115
مناجات (نبي ﷺ)	حسين فقير ديدڙ	121
مناجات (نبي ﷺ)	حسين فقير ديدڙ	128
مناجات (نبي ﷺ)	ميان حامد الله	132
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	همت علي شاھ	140
مدح (نبي ﷺ)	حمل فقير لغاري	145

مدح (چار يار رضہ)	حمل فقير لغاري	156
مناجات (نبي ﷺ)	غلام حيدر شر	161
مناجات	غلام حيدر شر	163
مدح (نبي ﷺ)	شاھ محمد ديدڙ	167
مناجات (نبي ﷺ)	شاھ محمد ديدڙ	174
مدح (چار يار رضہ)	شاھ محمد ديدڙ	179
مدح (بادشاھ پير رحہ)	مينگھو فقير شر	184
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	مينگھو فقير شر	186
مدح (بادشاھ پير رحہ)	حاجي محمد ڪاتب سمو	191
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي احمد سمو	204
مناجات (غوث اعظم رحہ)	حافظ حاجي حامد	206
مدح (نبي ﷺ ۽ صحابہ ڪرام)	الھ بخش لغاري	209
مدح (نبي ﷺ)	حاجي خان محمد چنجڻي	212
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي خان محمد چنجڻي	216
مدح (چار يار رضہ)	حاجي خان محمد چنجڻي	223
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	عنايت الله چوڊو	227
مدح (شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ)	عنايت الله چوڊو	235
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي عثمان چاڪي	241
مناجات (نبي ﷺ)	مصري شاھ	249
مدح (نبي ﷺ)	مير حسن علي حسن	255
مدح (بادشاھ پير رحہ)	مرزا دوست محمد "دوست"	257
مدح (نبي ﷺ)	توربيو مسڻ	259
مدح (نبي ﷺ)	عبدالرحمان چانڊيو	265
مدح (چار يار رضہ)	عبدالرحمان چانڊيو	266
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي عبدالله ڏڪڻ	268
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي عبدالله ڏڪڻ	271
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي عبدالله ڏڪڻ	277
مناجات (نبي ﷺ)	حاجي عبدالله ڏڪڻ	282

مناجات (نبي ﷺ)	حاجي عبدالله ڏکڻ	290
مدح (چار يار رضہ)	حاجي عبدالله ڏکڻ	294
مدح (بادشاھ پير رحہ)	حاجي عبدالله ڏکڻ	300
مدح (نبي ﷺ)	يوسف عطار	303
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	علي بخش شر	307
مدح (پير صاحب پاڳارو رحہ)	علي بخش شر	313
مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام)	ڪمال فقير	320
مناجات (نبي ﷺ ۽ اولياءِڪرام)	منٺار فقير راڄڙ	324
مدح (نبي ﷺ)	محمد مداحي	330
مناجات (نبي ﷺ)	محمد يوسف ميمڻ	334
مناجاٿ (نبي ﷺ)	صوفي آسو رام	337
مناجات (نبي ﷺ)	مراد علي فقير شر	339
مدح (نبي ﷺ)	ڄام خان چانڊيو	341
مناجات (نبي ﷺ)	ڄام خان چانڊيو	344
مناجات (نبي ﷺ)	ڄام خان چانڊيو	347
مدح (بادشاھ پير رحہ)	آخوند لطف الله	351
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	حافظ علي اڪبر "مجروح"	360
مناجات (نبي ﷺ)	خليفو غلام الله	364
مناجات (نبي ﷺ)	اشرف	371
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	پير اشرف شاھ ڪامارائي	378
مناجات (باري تعاليٰ)	ميان محمد اشرف	384
مناجات (بادشاھ پير رحہ)	اميد علي شاھ	387
مناجات (نبي ﷺ)	ڪرم	391
مناجات (نبي ﷺ)	خان محمد شيخ	393
مناجات (نبي ﷺ)	محمد عالم	401
مناجات (باري تعاليٰ)	عاصي (مخدوم پير محمد)	404
مدح (نبي ﷺ)	....	406
مدح (نبي ﷺ)	مولوي محمد صلاح	407

مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام)	خير شاهه	409
مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام)	....	413
مناجات (نبي ﷺ)	ميون عيسيٰ	417
مناجات (باري تعاليٰ)	محمد صديق ”مسافر“	419
مناجات (باري تعاليٰ)	مولوي احمد ملاح	422
مدح (نبي ﷺ)	مولوي احمد ملاح	429
مناجات (نبي ﷺ)	لالڻ خان لغاري	433
مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام)	پانڌي آريسر	440
مدح (بادشاهه پير رحه)	غلام فقير ماڇي	443
مناجات (بادشاهه پير رحه)	محمد اعظم ”سراجي“	448
مناجات (نبي ﷺ)	فقير دريا خان	455
مدح (بادشاهه پير رحه)	نواب جان محمد لغاري	458
مناجات (باري تعاليٰ)	نواب الهداد خان لغاري ”صوفي“	470
مدح (نبي ﷺ)	نواب الهداد خان لغاري ”صوفي“	473
مدح (حضرت علي رضه)	قائم فقير شر	484
مدح (شاهه محمد مڪي رحه)	محمد صديق شهواڻي	487
مناجات (نبي ﷺ)	ملان محمود پلي	493
مناجات (نبي ﷺ)	مل محمود پلي	496
مدح (نبي ﷺ)	عبدالحي	499
مناجات (غوث بهاؤالحق رحه)	پير محمد اشرف شاهه ڪامارائي	502
مدح (غوث بهاؤ الحق رحه)	علي اڪبر ”مجروح“	507
حمد باري تعاليٰ ۽ مدح (نبي ﷺ)	ميان احمد خانگڙهي	512
مدح (نبي ﷺ)	اسدالله شاهه ”فدا“	517
مناجات (نبي ﷺ)	لالڻ خان لغاري	520
● انوکن لفظن جي پٽي (ڏسٽي)		523

ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب: "مداحون ۽ مناجاتون" سنڌي ادب جي نامور عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي تحقيق جو ثمر آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن نهايت سخت عرق ريزي ڪندي، سنڌي ادب جي هن شاندار صنف تي تحقيقي مواد سهيڙي ۽ ان جي تصحيح ڪري ڪتابي شڪل ۾ آندو آهي. جنهن لاءِ سڄي سنڌ سندن ٿورائتي آهي.

ڏٺو وڃي ته هيءُ هڪ انتهائي ڪٺن ۽ سمجهداريءَ وارو ڪم آهي، جنهن جي پورائيءَ لاءِ محقق حضرات کي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر وڃڻو پوي ٿو ۽ لاڳاپيل ماڻهن سان ملي ڪائنس مواد وصول ڪرڻو پوي ٿو. تحقيقي عمل دوران حاصل ڪيل مواد کان پوءِ محقق کي انهيءَ مواد جي صحتمنديءَ ۽ ان جي موضوع وار ونڊ ورڇ جو فڪر ڪرڻو پوي ٿو. آخري شڪل ڏيڻ کان پوءِ مواد کي هڪ نقاد ۽ منصف جي نظر سان ڏسڻو پوي ٿو. اهي سڀ ڪم هڪ ئي وقت ساڳي فرد لاءِ ڏاڍا ڏکيا ۽ وقت گهرندڙ هوندا آهن ۽ هن ڪم تي مستقل مزاج ۽ داناءُ صفت ماڻهو ئي ڪم ڪرڻ جو سَتُ ساري سگهن ٿا. سنڌ ۾ انهيءَ مرتبي جا صاحب، فقط ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن ئي آهن، جن اهو ٿڪائيندڙ ۽ ڇيڙهالو ڪم نهايت ئي مستقل مزاجيءَ سان ڪندي سنڌ جي سنڌ سان سڃاڻپ ڪرائي.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنه 1959ع ۾ بورڊ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو ۽ هن وقت سنه 2006ع هلي ٿو، اهڙي طرح هن ڪتاب جي ڇپائيءَ کي پورا 47 سال ٿي گذريا آهن. جنهنڪري مواد توڙي وقت جي لحاظ کان وڏيون تبديليون آيون آهن. ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل شاعرن مان انهن ڏينهن ۾ ڪجهه شاعر حيات هئا، جي هينئر حيات نه آهن. جن ۾ محمد صديق 'مسافر'، مولوي احمد ملاح، لالڻ خان لغاري، پانڌي آريسر، غلام فقير ماڇي ۽ محمد اعظم 'سراجي' جا نالا شامل آهن. هي اهي اديب حضرات آهن، جيڪي 59-1958ع ڌاري حيات هئا. هيڏي عرصي گذرڻ کان پوءِ اسان کي جن اديبن جي تاريخ وفات معلوم ٿي سگهي آهي، تن جو ذڪر نئين ڇاپي ۾ ڪري ڇڏيو اٿئون ۽ جن جي تاريخ وفات ملي نه سگهي آهي، ته اُنهن کي فقط مماتيءَ ۾ ڏيکاريو آهي.

اميد آهي ته هيءُ نئون ڇاپو پڙهندڙ حضرات لاءِ اڳ وانگر هينئر به ڪارائتو ثابت ٿيندو.

ڄامشورو، سنڌ
سومر ۲۴- شعبان المعظم ۱۴۲۷ھ
بمطابق 18- سيپٽمبر 2006ع

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

مهاڳ

سنڌ جي لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز سنہ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سامهون رکي وئي، جا 1956ع جي آخري ڊاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، تہ ڏنل هدايتن موجب ڀهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، تہ مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيٽي صاف ڪري ڇپائڻ جي لائق بنائين.

پهريان ٻہ سال، 1957ع ۽ 1958ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو هن ٽئين سال 1959ع ۾ شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻہ ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون تہ هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جون اهي جملي جنسون جيڪي هن وقت تائين ڀهراڙيءَ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، تيهہ اکريون، ڪافيون وغيره. مگر جيئن تہ اهي هن وقت تائين ڀهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو

ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' بعينه "فوڪ لور" (Folk lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ جي شهري زندگيءَ اجا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي جو اها خواص جي زندگي ۽ تمندن جو. يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو تہ هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نہ ٿي سگهيو آهي. ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاهہ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البتہ جو ڪجهہ گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد تہ آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول تہ سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبرن کي جس جڳائي جن هن تجويز کي سنہ 1956ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد کي گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مُسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي. بورڊ جي سيڪريٽري محترم ابراهيم جويي، هن تجويز جي هر انتظامي مرحلي تي بنده سان دلي تعاون ڪري آسانيون پيدا ڪيون، مفيد مشورا ڏنا، ۽ پڻ ڪتابن کي سهڻي نموني ۾ بنا دير ڇپائڻ لاءِ فوري قدم کنيا.

هيءُ ڪتابِ ’لوڪ ادب‘ سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ 1958ع تائين گڏ ٿيو. سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي ڊسمبر 1958ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو. ۽ اپريل 1959ع ۾ مسودي جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد بچل هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ پيهر صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. ۽ محترم شيخ محمد اسماعيل ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪتاب جي مُسَــودي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءُ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميدار آهي.

محترم اعجاز محمد صديقي، مئنيجر سنڌ يونيورسٽي پريس، محمد حسن بلوچ ۽ سندس ساٿين ڪتاب کي جلد ۽ سهڻي نموني ڇاپڻ ۾ مدد ڪئي، ۽ ممتاز مرزا ان جا پروف پڙهيا.

خادم العلم

نبي بخش

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

حيدرآباد، سنڌ

31- آڪٽوبر 1959ع

اَم لِـلاِنسانِ مَـا تمنيٰo فَـللهِ الاخِـرَةُ وَ الاوليٰo

مقدمو

هيءُ ڪتاب: "مداحون ۽ مناجاتون" لوڪ ادب سلسلي جو ڇهريون ڪتاب آهي، جو ڇپجي شايع ٿي پڙهندڙن تائين پهتو آهي. هن ڪتاب ۾ سيئي سنڌي مداحون ۽ مناجاتون شامل نہ آهن. سنڌي ادب جو هيءُ موضوع بہ ايڏو وسيع آهي، جو ان جي علمي مطالعي يا ان جي سموري مواد سيهڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ۽ وڏو وقت گهرجي. ڪم از ڪم اڍائن سَون سالن کان وٺي مداحون سنڌ ۾ عام مروج ۽ مقبول رهيون آهن، ۽ مسجدن ۽ مدرسن ۾ سعادت طور پڙهيون وينديون آهن. ازانسواءِ ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ پڻ عيدن برادن ۽ شادين محفلن ۾ 'شغل' طور ڳايون وينديون آهن. انهيءَ ڪري نہ صرف شاعرن جو تعداد يا مواد جو اندازو جهجهو آهي، پر اهو مواد ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وقت بوقت پئي پکڙيو آهي: نہ فقط سمورو مواد قلمبند نہ ٿي سگهيو آهي، پر شاعرن ۽ مداحن پڙهندڙن جي رحلت سببان ان جو وڏو حصو ضايع بہ ٿي ويو آهي. 'لوڪ ادب' تجويز مطابق، هن موضوع تي هيءُ ڇڻ هڪ نمائينده ڪتاب آهي، جنهن ۾ مداحن ۽ مناجاتن بابت اهڙو مکيہ مواد شامل آهي، جنهن جي ذريعي هن موضوع جا جملي مخصوص پهلو روشن ٿي سگهن ٿا.

مواد جي نوعيت ۽ ترتيب

هن ڪتاب جو مواد سيني سرچشمن مان چونڊيو ويو آهي: سنڌ جي سيني ڀاڱن جي سگهڙن، 'شغل' ۾ حصو وٺندڙ مولودين ۽ مداحن پڙهندڙن، قلمي تحريرن، توڙي ڇپيل ڪتابن مان جملي 'هڪ سؤ هڪ'مداحون ۽ مناجاتون منتخب ڪري هر شاعر جي دور مطابق سلسليوار مرتب ڪيون ويون آهن. جمن چارڻ (وفات: 1151 هہ) سيني کان اڳاٽو شاعر آهي ۽ انهيءَ ڪري سندس ڇپيل مداح منڍ ۾ ڏني وئي آهي. کيس وفات ڪئي تقريباً بہ سؤ ٽيهہ سال ٿيا پر سندس مداح اڄ تائين سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. انهيءَ مداح جي سهڻائي ۽ سٺاءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ سنڌيءَ ۾ مداحن جو سلسلو

غالباً جمن چارڻ کان ڪافي اڳ رائج هو. انهيءَ وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، عام توڙي خاص شاعرن هن موضوع کي پٺي نباهيو آهي ۽ واهه جو نباهيو آهي!

مداحن ۽ مناجاتن جي تاريخي مطالعي کي توڙ تائين خاطر پهچائڻ هن مجموعي ۾ موجوده دور جي زنده شاعرن جون چيل مداحون پڻ شامل ڪيون ويون آهن. تعداد جي لحاظ سان جملي اٺهتر شاعرن جون چيل مداحون ۽ مناجاتون ڏنيون ويون آهن، جن مان ٽيهٺ فوتي ۽ ڇهه زنده آهن [1]. انهن مان اندازاً ٽيونجاهه شاعر اهڙا آهن، جن جو نالو پهريون دفعو هن ڪتاب ذريعي نروار ٿي رهيو آهي. هر هڪ شاعر جي مختصر سوانح عمري پڻ سندس چيل مداح جي شروع ۾ ڏني وئي آهي. ارڙنهن ڪن شاعر اهڙا آهن جن جي حياتيءَ جو احوال سردست ملي نه سگهيو آهي [2]. ٻه مداحون (ص 406، 413) وري اهڙن شاعرن جون آهن جن جو پار پتو معلوم نه ٿي سگهيو آهي. مواد جي لحاظ سان، جملي 'هڪ سؤ هڪ' مداحن ۽ مناجاتن مان اندازاً انهٺ اهڙيون آهن، جي هن کان اڳ نه ڇپيون آهن. اڻ ڇپيل مواد کي شامل ڪري شايع ڪرڻ کي ترجيح ڏني وئي آهي، حالانڪ ڇپيل مواد جو پڻ مطالعو ڪري ان مان جملي ٽيٽيهه مداحون چونڊي شامل ڪيون ويون آهن. ڇپيل ڪتابن مان "مجموعه مدحيات" (بمبئي ڇاپو) هن صنف ۾ اصولي ۽ اڳاٽو ڪتاب آهي، ۽ انهيءَ ڪري ان جو سڄو مواد شامل ڪيو ويو آهي [3]. ٻين ڇپيل ڪتابن، مثلاً: 'ڪُليات حمل' (ص 121، 132)، 'ڪلام اشرف' (ص 354، 479)، 'تذڪره شعراء تڪڙ' (ص 494) مان پڻ چونڊ ڪئي وئي آهي. محمد اعظم "سراجي" جي چيل مداح (ص 448) هڪ ننڍڙي ڇپيل ڪتابڙي تان اتاري وئي آهي.

جيڪڏهن ساڳئي شاعر جون هڪ کان وڌيڪ مداحون يا مناجاتون مليون، ته فقط اهي شامل ڪيون ويون، جي وڌيڪ معياري هيون. تقريباً ٻه سؤ کن مداحون ۽ مناجاتون نظر مان گذريون، جن مان فقط هڪ سؤ هڪ شامل ڪيون

---

(1) زنده شاعرن لاءِ ڏسو ص ص 419، 422، 433، 440، 443، 448.

(2) ڏسو ص ص 99، 105، 115، 191، 204، 303، 330، 334، 440، 384، 387، 391، 401، 404، 407، 409، 417 ۽ 499.

(3) ص ص 25، 36، 67، 73، 77، 81، 99، 105، 109، 115، 191، 204 ۽ 384.

ويون آهن. انهيءَ سڄي مواد کي شاعرن جي حياتيءَ جي سنه وار دورن موجب سلسليوار مرتب ڪيو ويو آهي. البت ڪي مداحون ۽ مناجاتون ڪتاب جي ڪافي حصي ڇپجڻ بعد هٿ آيون ۽ انهيءَ ڪري انهن کي آخري ضميمي طور شايع ڪيو ويو آهي.

روايت ۽ صحت

هرهڪ مداح ۽ مناجات جي منڍ واري صفحي جي حاشيه ۾ ان جي روايت جو نشان پتو ڏنو ويو آهي، يعني ته جنهن به ڪارڪن وٽان جنهن به خطي يا تعلقي مان اها روايت پهتي آهي، ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن هڪ ڪان وڌيڪ روايتون مليون آهن، ته انهن کي پيٽي متن صحيح ڪيو ويو آهي، ۽ حاشيه ۾ اختلافي لفظن يا فقرن جون پڙهٽيون ڏنيون ويون آهن. شاعر، جنهن پاڳي جو رهندڙ هو، يا آهي، ته انهيءَ پاڳي واري ٻوليءَ جي لحاظ سان متن ۾ پڻ انهيءَ پاڳي وارو لهجو يا محاورو قائم رکيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته شاعرانه نزاڪتن ۽ معنوي نڪتن سان گڏ ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ پڻ اهي بنيادي روايتون ڪارگر ثابت ٿي سگهن. البته عام زباني روايتن جي تصديق توڙي تصحيح جو ڪم اڻانگو آهي، مثلاً: جمن چارڻ ۽ صدرالدين جون مداحون سنڌ جي هر پاڳي ۾ مشهور آهن، ۽ گهڻي وقت گذرڻ سببان انهن جي پڙهٽين ۾ لفظن، فقرن، بلڪ ويندي سٽن ۽ بندن تائين به ڦيريون گهيريون اچي ويون آهن. خود ”مجموعه مدحيات“ ۾ ڇپيل مداحون به غالباً زباني روايتن تان ورتل آهن ۽ انهي ڪري متن جي لحاظ سان اهي به صحيح نه آهن. مثلاً: فتح فقير جي مداح (ص 73-76) جي روايت ٻئي هنڌان نه ملي ۽ فقط ”مجموعه مدحيات“ واري ڇپيل روايت موجب ئي ان جو متن ڏنو ويو آهي، پر بندن جي گهٽ وڌائيءَ مان ظاهر آهي، ته هيءَ ڇپيل روايت ناقص آهي.

معنيٰ ۽ مقصد

سڀ ڪان اول ’مداح‘ ۽ ’مناجات‘ لفظن جي معنيٰ سمجهڻ ضروري آهي. اصلي عربي لفظ ’مَدح‘ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ساراهه يا تعريف. مدح ڪندڙ (اسم فاعل) کي عربيءَ ۾ ’مادِح‘ يا ’مداح‘ چئبو. سنڌيءَ ۾ پڻ ’مدح‘ (ساراهه يا تعريف) توڙي ’مدح ڪرڻ‘ (ساراهه ڪرڻ، تعريف ڪرڻ)

ھئي رائج آھن، پر انھن جو استعمال خاص طرح ادبي آھي ۽ پڙھيلن تائين محدود آھي. ان جي برعڪس 'مداح' ۽ 'مداحي' عام مشھور الفاظ آھن. لغت جي لحاظ سان لفظ 'مداح' خاص معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. 'مداح' سنڌي نظم جي ھڪ خاص جنس آھي، بلڪ 'صنف شاعري' آھي. عربي لفظ 'مدح' جي معنيٰ آھي: تعريف'، پوءِ پَل تہ اھا ڪنھن (بادشاھہ، امير، حاڪم، دوست وغيرھ) جي بہ ھجي. سنڌيءَ ۾ 'مداح' جو مفھوم خاص آھي: يعني تہ اھا منظوم ساراھہ يا تعريف، جا نبي ﷺ ۽ اصحابن سڳورن يا ڪنھن ولي يا درويش جي شان ۾ ڪيل ھجي، جا ڪنھن نفساني خواھش يا دنيائي طمع سببان نہ، پر خالص دلي محبت ۽ عقيدت سان ڪئي وڃي، جيتوڻيڪ انھيءَ محبت ۽ عقيدت جي نتيجي طور پوءِ پل ڪٿي ڪو نيڪ مقصد سري يا ذاتي ھدايت نصيب ٿئي. 'مداح' انھيءَ معنوي لحاظ سان 'نعت' يا 'ثنا' جي برابر آھي. 'مداح' چوندڙ شاعر ڪي عربي لفظ 'مادح' يا 'مداح' جي بجاءِ، سنڌيءَ ۾ 'مداحي' چئبو:

ڪل پير تي آ پڳ سندءِ، عالم سوالي جڳ سندءِ،
"جمن" مداحي سڳ سندءِ، پيزار جو پس لڳ سندءِ،
يا پير پيران بادشاھہ!

لفظ 'مُنَاجاۃ' عربي (ماده = ناجيٰ، مُناجاۃ) آھي ۽ ان جي معنيٰ آھي: 'حال اورڻ'. سنڌيءَ ۾ 'مُناجات' بہ 'مداح' وانگر سنڌي نظم جي ھڪ خاص جنس آھي، جنھن ۾ شاعر پنھنجن ڏکن تڪليفن جو حال اوري ڏٽي تعاليٰ جي درگاھہ ۾ ٻاڏائي پنھنجي مشڪل جي آسانيءَ لاءِ سوال ڪري ٿو، يا پنھنجي ذاتي عقيدت جي بنياد تي نبي ﷺ، اصحابن سڳورن، يا ڪنھن ولي ۽ درويش ڪي ساڻي تيڻ لاءِ سڏ ڪري ٿو. 'مناجات' ۾ ڏٽيءَ جي ساراھہ، نبي ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي مداح يا ڪنھن ولي ۽ درويش جي تعريف جو جز پڻ شامل ھوندو آھي. 'مداح' ۽ 'مناجات' ۾ خصوصي فرق ھيءُ آھي، تہ مداح جو خاص مضمون ساراھہ ۽ تعريف آھي، پوءِ پل ڪٿي ضمني طور ان ۾ مدد لاءِ سوال بہ ڪيل ھجي. مثلاً: جمن چارڻ جي چيل مداح مشھور آھي، حالانڪ ان ۾ سوال پڻ ڪيل آھي. 'مناجات' جو خاص مقصد پنھنجو حال اورڻ ۽ مدد لاءِ سوال ڪرڻ آھي، حالانڪ ساراھہ ۽ تعريف بہ ان جو لازم ملزوم جُز آھي.

مجموعي طور سان، 'مداح' ۾ ساراهه ۽ 'مناجات' ۾ سوال جو جُز غالب آهي. ٻيو تہ، ڌڻي تعاليٰ جي تعريف ۽ ساراهه ۽ سندس مدد لاءِ ڪيل سوال واري نظر کي 'مناجات' چئبو ۽ نہ 'مداح.' 'مداح.' فقط نبي ﷺ ۽ اصحابن سڳورن، يا ڪنهن ولي ۽ درويش يا مرشد جي شان ۾ چيل نظر کي چئبو.

هن مجموعي ۾ ڇهہ مناجاتون باري تعاليٰ جي بارگاهہ ۾، چوٿيهہ مناجاتون نبي ﷺ جن جي حضور ۾، هڪ مناجات اصحابن سڳورن جي حضور ۾ تيرنهن مناجاتون ولين ۽ درويشن جي حضور ۾ چيل آهن. مداحن مان جملي ٽيويهہ نبي ﷺ جن جي ساراهہ ۾، ست اصحابن سڳورن جي شان ۾، ۽ سترنهن ولين ۽ درويشن جي تعريف ۾ چيل آهن.

تاريخي پس منظر

تاريخي طور 'مداح' جو سلسلو ڇڻ عرب شاعر 'ڪَعبُ بن زُهَير' سان شروع ٿيو، جنهن اسلام جي حقيقت کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪيو، ۽ نبي ﷺ جن وٽ حاضر ٿي پنهنجو مشهور قصيدو پڙهيو جنهن ۾ نبي ﷺ جن جي شان ۾ سهٺا 'بيت' چيل هئا. جڏهن قصيدو پورو ڪيائين، تہ نبي ﷺ جن خوش ٿي، پنهنجي ڪٽي ڪلهن تان لاهي کيس ڏڪائي [1]. ڪعب رضہ جي انهيءَ قصيدي جو مطلع هيءُ آهي:

بَانَت سُعَادُ فَقَلبِي اليَوم مَتبُولُ
مُتَيم اثرَها لَم يُفدَ مَكبُولُ
[ويئي سعاد هنيون اڄ هاءِ هيٺو آ
هاڃي هنيل آ بدل سو کين چٽو آ]

اڳتي هلي نبي ﷺ جن جي شان ۾ چيائين تہ:

انَ الرَسولَ لَنُور يُستَضَاءُ بہ
مُهَنَد مِن سُيُوف الله مَسلُولُ

[1] ڪعب بن زهير بن ربيعة عرف أبي سلميٰ المزني، اسلام کان اڳ جي مشهور شاعر زهير جو پٽ هو، جو 'سبع معلقات' جي مشهور شاعرن مان هو. ڪعب رضہ جو قصيدو بحر بسيط ۾ چيل آهي ۽ منجهس 58 بيت آهن. ڪعب رضہ اهو قصيدو مسجد نبوي ۾ هجري سال تائين (630ع) ۾ نبي ﷺ جن جي آڏو پڙهيو، ۽ پاڻ سڳورن خوش ٿي، پنهنجي ڪٽي (بردة = اوني چادر) لاهي ڪعب رضہ جي ڪلهن تي وڌائون، ۽ انهيءَ ڪري اهو قصيدو "قصيده بردة" جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ڪعب رضہ سنہ 24 هہ ۾ وفات ڪئي.

[آهي رسول ڏيو نور جو سو ڏينهن لاءِ
پڻ آ تلوار حقي حق کان نه مڙنو آ]
في عُصبَةٍ من قُريش قالَ قائلهم
ببطنِ مكّة لَمّا اَسلَمُوا: زُولوا
[تولي منجهان تہ قريشن جي چيو هڪڙي
مسلم جڏهن سي مڪي ۾ تيا: "تہ وڏنو آ"]
زَالُوا: فَمَا زَالَ اَنكَاس ولا كُشف
عندَ اللقاءِ وَلاَ ميل مَعَازيلُ
[جودان وڏيا جنگ ۾ نبيءَ جي برڪت سان
خالي هتين نہ ثمر، پر هڪ نہ هٽنو آ]

’ڪعب‘ جو ڪهي اچي نبي ﷺ جن جي آڏو قصيدو پڙهڻ ۽ نبي ﷺ جن جو ڪيس نوازڻ وارو اهو مشهور واقعو اڳتي هلي مسلم معاشري ۽ تمدن جي هڪ اهم خصوصيت لاءِ مکيہ ڪارڻ بنيو: يعني تہ شاعرن جو دربار ۾ اچي شعر ذريعي مدح ڪرڻ ۽ دل گهريا انعام حاصل ڪرڻ. انهيءَ مان هڪ تہ خاص طور انعام لاءِ قصيده گوئيءَ واري رسم جو سلسلو شروع ٿيو، تہ ٻئي طرف وري ڪنهن پلي انسان سان محض محبت ۽ عقيدت سببان سندس نيڪين ۽ ڀلاين کي شعر ذريعي ڳائڻ جو بنياد پيو. سنڌي ’مداح‘ ۽ ’مناجات‘ هن پوئين سلسلي جي شاخ آهي، ڇاڪاڻ تہ مخصوص ماحول سببان سنڌي اخلاق ۽ معاشري جي اها هڪ خاص خصوصيت رهي آهي، تہ محض لالچ ۽ طمع خاطر تعريف ڪي وڏو عيب سمجهيو ويو آهي، انهيءَ ڪري ئي سنڌي شاعريءَ ۾ قصيده گوئي ترقي ڪانہ ڪئي. تاريخي طور معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌي شاعرن جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ساراهيو آهي، تہ صرف ان جي چڱاين ۽ نيڪين کان متاثر ٿي ساراهيو آهي. ابوعطاءِ سنڌيءَ جي عربي اشعار ۽ انهن ۾ ظاهر ڪيل جذبات ۾ پڻ اها خصوصيت بکي ٿي. ان بعد جڏهن هڪ سنڌي شاعر بغداد ۾ برمڪي وزير جي ساراهہ ۾ پنهنجو شعر پڙهيو تہ بہ چيائين تہ: "اسان جي پاسي جڏهن چڱاين جو ذڪر ڇُرندو آهي، تہ ماڻهو تنهنجو مثال ڏيندا آهن." ان کان پوءِ سومرن ۽ سمن جي دؤر ۾ پڻ سنڌي شاعرن جيڪڏهن ڪنهن کي ڳاتو تہ محض ملڪ جي سورهيہ يا سخي مردن کي ڳاتو. انهيءَ ذهني خصوصيت سببان ئي

’مداح‘ ۽ ’مناجات‘ جي صنعت سنڌ ۾ عام مقبول ٿي وئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ محض عقيدت ۽ محبت جي جذبي هيٺ ڏٺي تعاليٰ، نبي ﷺ، اصحابن، ولين ۽ ٻين ڀلارن درويشن جي ساراهه ۽ تعريف ڪئي ويجي ٿي.

مقامي طور سنڌ جي چارڻن، ڀانن ۽ ڀٽن آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ جي سورهيه ۽ سخي سردارن کي پئي ڳاتو آهي. سنڌ جا ڪي ڀان [1] ائين ٿا ڀائين ته هو ’ڪعب‘ جي پيڙهيءَ مان آهن ۽ نبي ﷺ جن جي شان ۾ ڪعب جي چيل قصيدي جي شروع وارن لفظن ”بانـَت سعاد“ جي پويان ئي سندن پيڙهي تي ”ڀان“ (بانت = ڀان ته) جو نالو پئجي ويو. انهيءَ فرضي روايت مان ڪم از ڪم ايترو ظاهر آهي، ته ’ڪعب‘ وارو قصيدو آڳاٽي وقت کان سنڌ ۾ مشهور آهي. صدرالدين چارڻ پنهنجي مداح (ص 44) ۾ ڪعب رضه جي قصيدي جي مقبوليت ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو ته:

”ڪر قبولت ڪعب جئن ڪو قصيدو ڪم ذات جو“

اڳتي (ص 51) وري سائل بنجي، لـَبـِيْد جو نالو ڪڍي ٿو ته:

”تنهن لنگهي لاڳ لبيد جان ڏي خزاني دلخواه مان“

لـَبيد بن ربيعة العامري (وفات: 60هه / 680ع) اسلام کان اڳ وارن انهن مشهور شاعرن مان هو، جن جي نالي ’سبع معلقات‘ منسوب آهن. لبيد، مڪي جي فتح کان اڳ مسلمان ٿيو ۽ مديني ڏانهن هجرت ڪيائين. لبيد لاءِ ٻه هزار درهم عطيو مقرر ٿيل هو، جنهن ۾ حضرت عمر رضه پنجن سـَون جو وڌيڪ اضافو ڪيو. صدرالدين شايد لبيد جي انهيءَ ’لاڳ‘ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. بهرحال، اهي مڙيئي حوالا ’مداح‘ جي عربي پس منظر جا چٽا اهڃاڻ آهن.

---

[1] طالب پٽ حاجي احمد ڀان وڻنل درگاهه درويش ابراهيم ناگوراڻي، تعلقو جيمس آباد، هن پوئين وقت ۾ هڪ ذهين ۽ سجاڳ راوي هو، جنهن وٽ ڀانن جي سلسلي جون ڪافي خبرون هيون. مرحوم سان دونهائي ۾ ميان علي اڪبر شاهه لڪياري جي اوطاق تي پنج سال کن اڳ (18- نومبر 1954ع) ڪچهري ٿي، ۽ طالب انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته: ”اسان جي پنهنجي قبائلي روايت موجب، اسين ڀان زهير بن عبدالرحمان بن ڪعب بن زهير جو اولاد آهيون، ۽ اسان تي حضرت ڪعب جي چيل قصيدي ’بانت سعاد‘ جي پويان ’ڀان‘ نالو پيو“. طالب انهيءَ سلسلي ۾ ڀانن فقيرن مان ڪنهن اڳئين فقير جي چيل صفت مان هيٺيون مصراعون پڻ شاهدي طور پيش ڪيون ته:

”تـو مـون ڪـي ڀـان ڪيـو محمـد مصطفـيٰ!
پڙهه قصيدو ’بانت سعاد‘، شفع تنهنجي ڇپ ڪي هوندي هميشا،
اُمـت منهنجـي، خلـق خـدا جـي، پيـو پـن ۽ ڪـاءِ“.

نظم جو نمونو ۽ سٽاء

نظم جي نوعيت جي لحاظ سان، 'الف اشباع' واري قافيي تي چيل مرثيئي مداحون [1]، عربي شعر ۾ قافيي واري لفظ جي آخري حرف جي 'زبر' کي 'الف' ڪري پڙهڻ واري اصول جو نتيجو آهي. 'نون' واري قافيي تي ميين عيسيٰ جي چيل مناجات (ص 417- 418) انهيءَ اڳاٽي سنڌي نظم جي نموني تي چيل آهي جو عربي قصيدي (ساڳيو قافيو ۽ ڊگهو نظم) جي اثر هيٺ اُسريو ۽ جنهن جي شروعات مولانا ابوالحسن جي سنڌي سان ٿي. ميان اشرف (ص 384- 386) جي مداح پڻ انهيءَ ساڳي نهج تي، يڪي قافيي سان، سهڻي ۽ سليس سنڌيءَ ۾ چيل آهي.

مقصد ۽ معنيٰ جي لحاظ سان جيتوڻيڪ 'مداح' جو پس منظر عربي ۽ ديني آهي، مگر بحيثيت 'صنف شاعري' جي مداحن ۽ مناجاتن جي شروعات توڙي عروج غالباً فارسي شاعريءَ جي اثر هيٺ ٿيو. مغليه درر تائين سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو دؤر دؤرو رهيو. ان بعد ڪلهوڙن جي دؤر ۾، سنڌي شاعرن پنهنجي سنڌي شعر لاءِ جيڪي نيون راهون ڳوليون، تن مان بـ نهايت اهم هيون: (الف) پهرين مولانا ابوالحسن جي 'سنڌي'، جا عربي قصيدي جي نموني تي (يعني يڪي قافيي سان ڊگهو نظم) نج سنڌي بولي ۽ ان جي سهڻن محاورن ۾ رچيل شعر جو هڪ نئون نمونو هو، ۽ جنهن جي اثر هيٺ پوين اڍائن سوَن سالن ۾ انهيءَ قسم جي سنڌي شعر جو هڪ وڏو ذخيرو پيدا ٿيو. (ب) بي موزون سنڌي شاعري، جنهن جو بنياد فارسي شاعريءَ جي اثر هيٺ مولودن، مداحن ۽ مناجاتن ذريعي پيو.

مداحون ۽ مناجاتون، سنڌيءَ ۾ بحر وزن تي شعر چوڻ جي ڪوشش، نظم جي انوکي، سٽاء، مصراعن جي تڪرار، قافيي جي رنگيني ۽ ڪن نون خيالن کي نباهڻ جو اڳاٽو ۽ عمدو مثال آهن. ڪن اوئلي مداحن، مثلاً: جمن چارڻ جي مداح (ص 25- 35) توڙي صدرالدين جي مداح (ص 44- 56)، جي مطالعي مان ظاهر آهي، تہ ڪيئن هن قسم جو سنڌي شعر بحر وزن جي قالب ۾ سموهجي سامائجي رهيو هو. فارسي شاعريءَ جي اثر هيٺ پيدا ٿيل نئين

---

[1] مثلاً: مدح نبي ﷺ عبدالحي جي چيل (ص ص 499 - 501).

ذوق، عام سنڌي شاعرن جي طبع جو پڻ موزون شاعريءَ ڏانهن لاڙو ڪرايو، ۽ انهن بحر وزن جي علمي ڄاڻ کان سواءِ محض پنهنجي طبعي ذوق سببان انهيءَ ميدان ۾ قدم رکيو. انهيءَ ڪري تقطيع جي لحاظ سان جيتوڻيڪ سندن شعر وزن تي بلڪل پورو نہ بيٺو، تہ بہ پنهنجي طبع جي رواني سان هنن موزون شاعريءَ جي نئين ميدان ۾ ۾ پنهنجا ڪوئنتل ڪُڏائي انهيءَ ميدان کي ڪافي هموار ڪيو.

عام شاعرن کان سواءِ، ڪلهوڙن توڙي ٽالپرن جي دؤر ۾ فارسي شعر چوندڙ ڪن مشهور "صاحبِ ديوان" شاعرن پڻ هن نئين ذوق کان متاثر ٿي سنڌيءَ ۾ مداحون چوڻ شروع ڪيون. مثلاً: ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو فارسيءَ ۾ "صاحبِ ديوان" اعليٰ شاعر هو، جنهن جي چيل سنڌي مداح (ص 36- 40) هن نئين صنف، شاعريءَ ۾ هڪ بنيادي حيثيت رکي ٿي. مُلا صاحبڏنو بہ فارسيءَ جو اعليٰ شاعر ۽ غالباً "صاحبِ ديوان" هو. فارسيءَ ۾ مثنوي "نوشين لب" ڏانهس منسوب ڪئي وڃي ٿي. سندس چيل مداح (ص 59- 66) توڙي بين فارسي گو سنڌي شاعرن، مثلاً: آخوند بچل "انور" (ص 95- 98) ۽ نواب الهداد خان "صوفي" (ص 470- 473)، جون مداحون طبعي طور بحر وزن جي سانچي ۾ سموهيل آهن.

مداحن ۽ مناجاتن ۾ نظم جي سٽاء جا جدا جدا نمونا ۽ قافين جي رنگيني خاص طرح قابل ذڪر خصوصيتون آهن. "تڪرار" پڻ مداح جو مکيہ ۽ لازمي جز آهي، يعني تہ هر مداح ۾ ڪي الفاظ، يا مصرع يا بہ مصراعون اهڙيون هونديون آهن جي وري ورين آڻيون آهن. مثلاً: صدرالدين جي مداح (ص 44- 56) ۾ نظم جي سٽاء هن ريت آهي، جو ڏگهن بندن جي آخر ۾ ٻن مصراعن جو تڪرار آهي. درويش پير ڪمال (ص 320- 323) ۽ عبدالرحمان چانڊئي (ص 265- 267) جي مداحن ۾ "چوان" جو يڪو قافيو استعمال ٿيل آهي. اهي ٻئي همعصر شاعر هئا ۽ شايد هڪ ٻئي جي پيران مداحون چيائون. "توچوان" جي تڪرارِي قافيي کي مل محمود پلي پنهنجي مداح (ص 493- 496) ۾ واهہ جو نباهيو آهي. ڪن شاعرن وري "مداح" جي مختلف مرحلن تي تڪراري مصرع يا شعر جي قافين جي مَٽ سَٽ ڪئي آهي. مثلاً: حاجي عبدالله ڏکڻ جي چيل مداح (ص 294- 300)۾ تڪراري مصراعن جا قافيا چار دفعا

مثايا ويا آهن ۽ انهيءَ طرح سان نظم ۾ هڪ قسم جي رنگيني پيدا ڪئي وئي آهي. حافظ علي اڪبر "مجروح" جي چيل مداح (ص 360- 363) ۾ وري ٻٽو قافيو استعمال ڪري هڪ نئون رنگ پيدا ڪيو ويو آهي.

مداحن ۽ مناجاتن ڪي نظم جي جدا جدا نمونن جي لحاظ سان هيٺينءَ طرح ورهائي سگهجي ٿو: (الف) هڪڙيون "الف اشباع" واري قافيي سان نج سنڌي نموني ۾ چيل آهن. مثلاً: گرهوڙي صاحب جي چيل مداح (ص 41-43). (ب) ٻيون عام سنڌي بيتن جي ثناءُ ۾ سموهيل آهن، مثلاً: شيخ محمد حسن جون ٻه مداحون (ص 105-114)، ۽ الله بخش لغاري (ص 209-211) ۽ غلام فقير ماڇي (ص 443-447) جون چيل مداحون. عام سنڌي ڏڳهن بيتن واري ثناءُ جو عمدو مثال "ڪرم" جي چيل مناجات (ص 391-392) آهي، جا هن نبي ﷺ جن جي ياد ۾ 'مارئي' جي سُر مان چئي آهي، ۽ ان ۾ مضمون توڙي ثناءُ جي انوکائيءَ جو هڪ سهڻو نمونو پيدا ڪيو آهي. (ج) ڪي مداحون ۽ مناجاتون وري 'ٽيهه اکري' جي صنف ۾ چيل آهن. جيئن: خان محمد شيخ جي چيل مناجات (ص 393- 400). ٽيهه اکريءَ جي صنف ۾ هن قسم جو ڪافي مواد موجود آهي، جو جدا ڪتاب "ٽيهه اکريون" ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

مضمون جي سهڻائي ۽ اسلوبي بيان جي دلپذيري سان ڪن سنڌي شاعرن، مداحن ۽ مناجاتن جي صنف ۾ پنهنجا خاص معيار پيدا ڪيا ۽ هنن اهي عام مقبول مداحون ۽ مناجاتون چيون، جي سندن همعصر يا پوين شاعرن لاءِ مثالي نمونو بڻيون. جمن چارڻ (1151 هه) جي مشهور اوائلي مداح سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور ٿي وئي، ۽ ٻين شاعرن لاءِ مثال بڻي. سوا سؤ سالن کان پوءِ، جمن جي مداح کان متاثر ٿي نواب جان محمد خان لغاري (وفات: 1278 هه) پنهنجي مداح (ص 458-469) چئي، جنهن ۾ ٻه دفعا جمن چارڻ جو نالو ڪنيو اٿس ته: "چارڻ چئي جيڪو ويو" ۽ "جڳ ۾ جيو چارڻ چئي". ٻئي طرف گرهوڙي صاحب پنهنجي ثناءُ (ص 41-43)، بلڪ پنهنجي اڪثر شعر، ڪي 'الف اشباع' واري 'يڪي قافيي' سان عام فهم ٻهراڙيءَ واري نج سنڌيءَ ۾ نهايت سهڻي سليقي سان نباهيو. جنهن جو اثر پوين شاعرن جي مداحن ۽ مناجاتن (ص 406-408) ۾ واضح طور نظر اچي ٿو. ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي وري پنهنجي مداح (ص 36-40) ۾ اندروني قافيي جي وارو وار نئين ۽ دلچسپ

صنعت آندي، جنهن سان 'مداح' جي پڙهڻيءَ ۾ ترنم پيدا ٿيو ۽ اهو ان مداح لاءِ عام مقبوليت جو سبب بنيو. انهيءَ مداح جو اثر مراد علي فقير شر جي چيل مناجات (ص 339-340) ۽ ٻئي هڪ نامعلوم شاعر جي چيل مداح (ص 413 - 416) ۾ نظر اچي ٿو، ۽ ويندي هن وقت تائين باقي آهي، جيئن ته زنده عوامي شاعر لالڻ خان لغاريءَ جي چيل مناجات (ص 520-522) ۾ اها اندروني قافيي واري ساڳي نظر اچي ٿي.

مداحن جي پڙهڻي

مداحن ۽ مناجاتن جي عام مقبوليت هڪ ته انهيءَ ڪري آهي جو انهن ۾ ڏڻي تعاليٰ جي ساراهه، نبي ﷺ جن جي ثنا ۽ ٻين بزرگن ۽ پيلارن جي تعريف جو جُز شامل آهي. ٻيو ته مداحون ۽ مناجاتون شاعرن طرفان محض شعر طور چيل نه آهن، پر انهيءَ لاءِ ته اهي عام مجلس ۾ پڙهيون وڃن. عيدن برادن، عرسن رجبين، جمعن يارهين، ۽ ٻين پيلارن ڏينهن ۽ موقعن تي واعظن ۽ مولودن سان گڏ مداحن ۽ مناجاتن پڙهڻ جو ذوق شوق آڳاٽي وقت کان هلندو اچي ٿو. شاديءَ جي محفلن ۽ ٻين خاص خوشين جي موقعن تي پڻ مولودن ۽ مداحن جون مجلسون مچايون وڃن ٿيون، جن کي "شُغل" چئجي ٿو. "شغل" جي انهن مجلسن ۾ مولودن ٺوڙي مداحن چوڻ وارا پنهنجي خوش الحاني ۽ خاص ترنم سان اهڙو ته رس لائين ٿا جو ٻين راڳ جي مجلسن کان به گوءِ کنيو وڃن. مولودن ۽ مداحن چوندڙن جا اهڙا مشهور گروهه هن وقت به سنڌ جي مختلف پاڱن ۾ موجود آهن. حيدرآباد ضلعي ۾ محمد رحيم مگنهار، شيخ حاجي دائود، علو ڪوسي ۽ جسڪاڻين جا ٽولا مشهور آهن. شغل ۾ مولود، به جدا ٽولا ساڳئي وقت ويهي پڙهندا، ۽ ڪجهه وقفي بعد وچ ۾ 'مداح' پڙهندا- 'مداح' فقط به ڄڻا صاف لسي نوع ۾ پڙهندا. شغل ۾ 'مداح'جو پڙهڻ چڻ مولودين لاءِ هڪ خاص قسم جي ساهي آهي.

مداحن جو مضمون

اعتقادي طور مداحن جي مضمون ۾ پڻ جاذبيت آهي. ڏڻي تعاليٰ جي ساراهه، نبي ﷺ جن جي ثناءُ، اصحابن سڳورن، ولين ۽ ٻين پيلارن بزرگن جي تعريف ديني سعادت ۽ روحاني تسڪين جو باعث آهن. انسان جي ذهني

انقلاب جي تاريخ ۾ نبي ﷺ جن جي حيثيت مسلم آهي. حضور ﷺ جن توحيد جي انقلابي نظريي سان انسانذات جي وحدت ۽ انسان جي ذهني سربلنديءَ جو سنگ بنياد رکيو ۽ 'رسم' جي بدلي 'روح' کي جياريائون. 'فڪر' کي آزاد ڪري عالمگير بنايائون. وهم جي بدلي عمل ۽ تجربي جي راهه روشن ڪيائون، سمع ۽ بصر، علم ۽ عقل جي استعمال کي عام ڪيائون، شمس ۽ قمر، بلڪ ارض ۽ سمٰوات جي تسخير جي بشارت ڏنائون، ۽ ڪائنات توڙي نفسيات جي مطالعي مان حقيقت ازلي کي پُرجهڻ ۽ پروڙڻ جي تلقين ڏنائون. انسانذات جي اهڙي عظيم رهبر ۽ محسن، توڙي سندن ساٿين ۽ حُبدارن جي تعريف ۽ ثناء هر سالم طبع شخص لاءِ نيڪ سعادت آهي. سنڌ ۾ صوفي بزرگن جي تعليم ۽ تلقين سببان، صوفي منش هندن پڻ نبي ﷺ جن جي ثناء کي عين سعادت سمجهيو. انهيءَ جو مثال پائي آسورام جي نبي ﷺ جن جي شان ۾ چيل مناجات (ص 337- 338) آهي. عوامي شاعرن، مداحن ۽ مناجاتن ۾ جا ساراهه ڪئي آهي، سا پنهنجي دلي محبت ۽ عقيدت سان ڪئي آهي، ۽ پنهنجي سچن ۽ سادن خيالن کي جيئن پرجهي آيا، تيئن بيان ڪيو آهي. علمي طور نبي ﷺ جن جي مرتبي کي سمجهي، انهيءَ بلند معيار سان مداح ڪرڻ عام شاعرن جي وس ۽ وت کان ٻاهر آهي، البت مولوي احمد ملاح جي چيل مداح (ص 429 - 432) ۾ قدري انهيءَ بلند معيار جي جهلڪ نظر اچي ٿي، حالانڪ نبي ﷺ جن جي ساراهه، چوڻ کان چوٽي آهي.

ن - ب

متن

مداحون ۽ مناجاتون

مدح (بادشاهہ پير رحہ) *

(جمن چارڻ مداحيءَ جي چيل)

["جمن چارڻ جي مداح" ۽ "جمن چارڻ وارو سوال" سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهن. چون ٿا تہ جمن چارڻ مسڪين، نابين ۽ بي اولاد هو، جو سندس مداح مقبول پئي ۽ ڪيس ارشاد ٿيو، تہ ڪو بہ سوال ڪندين تہ ڌڻيءَ جي درگاهہ ۾ مقبول پوندو. اهو هڪ سوال هن طرح ڪيائين تہ: "سونِي ٻانهينءَ سان نُنهن، پُٽ جهوليءَ ۾ ڪير ولوڙيندي ڏسان". سنڌ ۾ هن ڳالهہ جون مختلف روايتون آهن، پر "جمن چارڻ وارو سوال" هڪ پهاڪي ۽ مثال طور مشهور ٿي ويو.

فقير جمن ولد محمد بخش چارڻ ڳوٺ کهڙا، تعلقي گنبٽ جو رهاڪو هو. ڀٽائي صاحب جو وڏو معاصر ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت جو مشهور مقولا مثلاً: "پنجئي بدنام"، "پنجئي مئي مَت"، پنجئي گهوچائي" ۽ "پنجئي سهنج" وغيرهہ سندس چيل آهن. "گلن بابت" هڪ سهڻو شعر چيائين ۽ پڻ ميان نورمحمد ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان جي وچ ۾ لڳل جنگ ڪي ڳاتائين. مگر "بادشاهہ پير رحہ" جي شان ۾ چيل سندس مداح سڀبان هو سڄيءَ سنڌ ۾ "جمن مداحيءَ" جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس قبر "پير ڪٽپر" جي قبرستان (ضلع خير پور) ۾ آهي، جنهن تي هيءُ ڪتبو لڳل آهي: "تاريخ وفات غفران (پناهہ) رضوان جائگاهہ ميان جمن مداح بتاريخ چهاردهم ماهہ رجب و اربعا 1151 هہ". ظاهر آهي تہ جمن فقير چارڻ - ڀٽائي صاحب کان چوڏنهن سال اڳ وفات ڪئي، ۽ انهيءَ ڪري قدامت جي لحاظ سان جمن چارڻ جو شعر سنڌي ادب ۾ هڪ خاص اهميت رکي ٿو. سندس هيءَ مداح آڳاٽي ۾ آڳاٽي مداح آهي جا دستياب ٿي آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان اها سنڌيءَ ۾ چيل مڙني مداحن جو مُنڍُ آهي.]

---

* هن مداح جي متن جو مکيہ مدار چارڻن جي گهرو روايت (د) تي آهي، جا ميان دين محمد چارڻ (دادو) کان ملي. ٻيون هيٺيون روايتون آڏو رکيون ويون: 'مجموعہ مدحيات' بمبئي ڇاپو (م)، محترم محمد ٻچل، ٽندو ڄام (ڄ) ۽ محترم غلام نبي از: وارهہ (غ)

ناءِ خدا يا مصطفيٰ! يا پير پيران بادشاھ!

1 - توھئون مڱان صحت و شفا، صحت و شفا، شرم و حيا
تنھنجي مريدن سان وفا، تنھنجي مڱئي سيڪنھن نفعا،
يا پير پيران بادشاھ!

2- نافع نبيءَ جي نور جو، چوڪي آھين تون حضور جو،
معلوم اتئي مذڪور جو، سڀ ملڪ ۾ مشھور جو،
يا پير پيران بادشاھ!

3- فرصت نہ ڪيئہ گردان ۾، اھو شرف تنھنجي شان ۾،
مھتر نوح جيئن طوفان ۾، تون ھئين انھيءَ امڪان ۾،
ڪشتي ڪديئي آسان ۾ ،
يا پير پيران بادشاھ!

4- ابراھيم ھو آڙاھ ڏونہ، يوسف نبي درياءَ ڏونہ،
يوسف بچايو چاھ ڏونہ، اھو ارشاد الله ڏونہ،
يا پير پيران بادشاھ!

5- پرور جڏھن پيدا ڪيئين، تان پي تولد تون تئين،
دائي ڪٽي دستين ڪئين، عرشين اُڏامي پوءِ وئين،
يا پير پيران بادشاھ!

6- تھتئون وري آئين تئين، پھريون مناقب ڪيو مئين،
عالم سٽئو آھي جِيئن، ھردم وسين اندر ھئين،
يا پير پيران بادشاھ!

---

[1] "صحتاً و شفا شرماً صفا" (م)
[2] "تون نافع نبيءَ جي نور جي". قافيہ "جي" (م، چ، غ).
[3] هن مصرع ۾ انهيءَ عام روايت ڏانهن اشارو آهي تہ حضرت بادشاهہ پير بڏندڙ بيڙيءَ کي ڪن مان ڪڍي تاريو. "مهتر نوح هو طوفان ۾" (د، م). "عام انهيءَ امڪان ۾" (د).
[6] "عالم سٽي ائين جيئن" (د)

7- ستاويهين رجب شهر، پيدا شده صائم دهر،
تيون شاديون برين بحر، سڀ ديس تي ديني لهر،
يا پير پيران بادشاهہ!

8- چار سؤ سَتَر سال هو، تولد تيو وڏ طالعو،
ابنُ الاَبُوشه صالحو، اعليٰ نبيءَ جو آل هو،
يا پير پيران بادشاهہ!

9- اعليٰ نبيءَ جو آل هو، ساقي سَبر سٽر سِهو،
مرشد جنين جو تو جِهو، آ تن مريدن غم ڪِهو،
يا پير پيران بادشاهہ!

10- تو مريدن سان واعدو، تنهن واعدي ڪيو فائدو،
دل ۾ رکيو اٿئون قاعدو، جواب تيندو جائدو،
يا پير پيران بادشاهہ!

11- سِيرُ و سوا مشڪ و عطر، با أو بِشوئي دَهن تر،
نامِ خدارا خوب تر، رحمان ڪِيو روشان تر،
بَد ذات تيا سي بيخبر، يا پير پيران بادشاهہ!

12- رحمان ڪيو رايو سندءِ، پيغمبر اڳيان پايو سندءِ،
منظور فرمايو سندءِ، گهُرجي سدا سايو سندءِ،
يا پير پيران بادشاهہ!

---

[7] سيني روايتن موجب "ستاويهين رجب شهر" مگر ڪتابن ۾ سندن ولادت جي تاريخ 29- شعبان ڄاڻايل آهي. (د) موجب "روشن ٿيو بر و بحر - ڏي مهر جي لَنجئون لهر".

[8] (د) موجب "ٽي سؤ سٺ سن سال هو" جو غلط آهي. حضرت بادشاهہ پير جي ولادت جو سنہ چار سؤ ستر هجري آهي. سندن والد جو نالو ابو صالح هو. "جواب تنهنجو جائدو - دل ۾ رکون ٿا قائدو" (م)

13- روشن تيا چوڏنهن طبق، هفت زمين هفت فلڪ،
مخلص مريديءَ تيا مَلڪ، ديو و پري خادم خلق،
يا پير پيران بادشاهہ!

14- اسرار ربي تيو عيان، باطون بيحد بي بيان،
ڪن ڪيرتون ڪوڙين ڪيان، نوَ ڪند سي توکي نَيان،
يا پير پيران بادشاهہ!

15- تنهنجو شرافت شان جو، عظمت عز مڪان جو،
تون سر آهين سبحان جو، ڪونهي مٿو امڪان جو،
يا پير پيران بادشاهہ!

16- آن سر سبحاني تون هين، محبوب حقاني تون هين،
آن قطب رباني تون هين، آن غوث صمداني تون هين،
اين حالِ من داني تون هين، يا پير پيران بادشاهہ!

17- هن حال جو تو معلمي، زودي زده ڪر ظالمي،
همراهہ تي هر ڳالهہ ۾، يا شاهہ قطب العالمين!
يا پير پيران بادشاهہ!

18- انگشت سجي تو سنئين، دوزخ وساٽو دم تنهين،
اهڙي ڪرامت ٻئي ڪنهين! تون اوليا اهڙو آهين!
يا پير پيران بادشاهہ!

---

[13] مصرع جو سلسلو (د) مطابق آهي. (م) مطابق هي مصرع نمبر 14 آهي.
[15] سيني روايتن موجب: "عظمت عزت امڪان جو" ۽ ڪونهي مٿي مڪان جو".
[18] (د) موجب "جي سَر مجي تو تي سَهين - قدرت خدا جي سان ڪهين: دوزخ وسامي دم تنهين- تون اولياءُ اهڙو آهين".

19- تون اوليا الله جو، اولاد علي شاهه جو،
مرشد تون مهر و ماهہ جو، ڪو غور ڪر مان ڏاهہ جو،
سوالي نہ خالي تانه جو، يا پير پيران بادشاهہ!

20- فرزند تون حسنين جو، تون غوث آن ثقلين جو،
سائل آءُ شرفين جو، اوجر مڱان عَينين جو،
درگه اتي دن رين جو، دارون تئين دارين جو،
يا پير پيران بادشاهہ!

21- سر اوليا سرتاج تون، والي وڏو ورساج تون،
سيڪو سنوارين ڪاج تون، ڪنهنجو مَ ڪر محتاج تون،
يا پير پيران بادشاهہ!

22- سر اوليا سلطان تون، درگه خدا ديوان تون،
جنت سندو دربان تون، دينئون دنيا ڏي دان تون،
مشڪل ڪرين آسان تون، يا پير پيران بادشاهہ!

-[23] سواليءَ سَپڙ سِهو جِئين، چوڏول ۾ چاڙهيو تِئين،
آءُ اوڙ ڪوُن تنهنجو اِئين، بئي دروجان ڪهڙي ڪِئين،
پُرسير ڪرمون ڪي ڪِنئين، يا پير پيران بادشاهہ!

-[24] لاڪا، سپڙ، حاتم طَئي، بندي اُيين بانهون بئي،
آدم ڪُلي عالم مڙئي، تنهنجي ننگر ڏونهن طامعي،
يا پير پيران بادشاهہ!

---

[21] هن مصرع ڪان (د) توڙي (م) جي روايتن ۾ مصراعن جو سلسلو مختلف آهي. (م) موجب 21 مصرع ڪي اسان مضمون جي لحاظ سان نمبر 25.ڪري رکيو آهي.

[23] هيءَ مصرع (د) موجب موجود ناهي ۽ (م) مطابق قافيا نمبر وار "جه"، "ته"، "آه" "ڪه"، ۽ وري "ڪه" آهن.

[24] (د) موجب "عدل ۽ سخاوت جن ڪئي- ٿيا تنهنجي نگر ڏنه طامعي".

25- هـو هفـت دختــر جــو پــدر، تـو كـان مگّيئيـن هكـڙو پسـر،
فـرزند كـيئـي سـپ يک نظر، اهــڙي كــرامـت كــرم كــر،
يا پير پيران بادشاھ!

26- چـورن اچــي چــوري كـئــي، تــن ڏي نظـر كـيــوَ نــافعي،
تــن جـــا ويـــا اولا لهـــي، اهــڙي كرامـــت تــو كـئـــي،
چـــارڻ چونـــدو چـــا چئـــي! يـــا پيـــر پيـــران بادشـــاھ!

27- معلـــوم ســـندءِ مناقبـــا، منظـــور تيئـــــــي مراقبـــا،
دارون دوا ٻيـا چـا كـبــا، دعـا در نـہ تُـنـهـنـجـا تـاكـبا،
يا پير پيران بادشاھ!

28- فــقِـــہُ نـــہ ڄاڻـــان فارســـي، ســارھ كريـان تـان كارسـي،
دل كـــي ڏئيـــن دســـتا رَســـي، آهيــــان اپوجهـــو آرســـــي،
دركـــار تنهنجـــي وارثـــي، يـــا پيـــر پيـــران بادشـــاھ!

29- وارث ولائـــت ويـــر تـــون، مرشـد محـي الديـن مير تـون،
كـامل قطـب كبيـر تـون، كُـلني پيـرن جـو پـيـر تـون،
عـــالي نســب اَميـــر تـــون، در مـــاند گـــان دل ڏيـــر تـــون،
ديـن و دنيـا دسـتگير تــون، يـــا پيـــر پيـــران بادشـــاھ!

30- دل درس كيـم دسـتگير ڏي، مان كيئن وجان ٻئي پير ڏي؟
يا پيـرا! تـون دل ڏيـــر ڏي، گهر گهر خوشحـالي كيـر ڏي،
يا پير پيران بادشاھ!

---

[29] (م) موجب هن مصرع جي بند كي ٻن مصراعن ۾ ورهايو ويو آهي.

31- توڙي آهيان تقصير زد، تان يي توهان سان ايءُ عدد،
"مُريدي لا تخف" تنهنجو وعد، يا پير! تو آ پاڪ جد،
ابنِ ابو صالح سيد! خاطر خدا جي خُذ بِيَد،
يا پير پيران بادشاهہ!

32- بد نفس منهنجو بي جَلهہ، ڪشتي بہ دريا بي مَلَح[32]
تنهنجي شجاعت، شهنشه! احسان سين چاڙهين اَلهہ،
يا پير پيران بادشاهہ!

33- دائم اُجاريو دين کي، تشريف ڪِيو تلقين کي،
بينا ڪيو نابين کي، تيو ماڙ مون مسڪين کي،
يا پير پيران بادشاهہ!

34- مَردي ڏئين نامرد کي، ڪر سُرخرو روءِ زرد کي،
پرور سندءِ پرورد کي، ڪر دفع دل جي درد کي،
يا پير پيران بادشاهہ!

35- بغداد ۾ تون تو وسين، پلڪان ڪٽي جي تون پسين،
فوتي جيارين اَمر سين، جنهن ياد ڪيو يڪدم رسين،
يا پير پيران بادشاهہ!

36- تون بادشاهہ بغداد جو، ڪو ارادو ڪر فرياد جو،
سڻ عرض مون بد زاد جو، تون ڪوٽ تي فولاد جو،
پردو رکين اولاد جو، يا پير پيران بادشاهہ!

---

[32] مَلَح = ملاح.

-37 جيڪو سندوءِ غلام تيو، عالم تـَنهين انعام تيو،
چا خاص تيو چا عام تيو، تو پير جو پينام تيو،
تنهنجو نِڪوئي نام تيو، يا پير پيران بادشاهه!

-38 جيڪي وڪاڻا تو درين، ڪوشش تنين جي تون ڪرئين،
پرتو آهيان سيئين`پرين، ويلهه اتي وهلو وَرين،
يا پير پيران بادشاهه!

-39 برڪت سندءِ بحرين برين، ڪوهه ڪاف ڪل قطرا ڪرين،
ايڏي شناخت تون سَرين، پرچيو خدا سيئين پرئين،
يا پير پيران بادشاهه!

-40 جڏهن نبي معراج ويو، تڏهن قدم توتي ڏريو،
سارو ملڪ تو ڏنه وريو، ايڏو ڪرم توڪي سريو،
يا پير پيران بادشاهه!

-41 توتي ڏريو حضرت قدم، ايڏو ڪريمي تيو ڪرم،
اپر اتيئي ربي رحم، ڪيهو مريدن غم وهم؟
يا پير پيران بادشاهه!

-42 جيڪو مريدن سان وڳي، سو دور ڪر دشمن دڳي،
بوليو سندُءِ آهي اڳي: "تيو چوتڪو دامن لڳي"،
يا پير پيران بادشاهه!

-43 دامن لڳي دلدارگي، ايمان عمر زيادگي،
آزار ڪان آزادگي، تعظيم ءِ تن تازگي،
اسلام تي اِستادگي، اهڙي ڪريو اِمدادگي،
يا پير پيران بادشاهه!

---

(40) اصل: "جڏهن نبي معراج چڙهيو".

44- ڪل علم جو اِرشاد ڪر، اِرشاد جو امداد ڪر،
صالح سندم اولاد ڪر، دشمن قوي ڪل ماد ڪر،
يا پير پيران بادشاھ!

45- تون درگه خدا جو دفتري، راهِ خدا ڪر رهبري،
پٽ دين دنيا جي دري، واھر ڪيو وهلو وري،
يا پير پيران بادشاھ!

46- مذهب سنڌ ءِ احمد حنبل، ڪيوَ علم تي اعليٰ عمل،
خشڪي، بحر، جي ڪو جبل، چوڏنهن طبق تُنهنجو طبل،
يا پير پيران بادشاھ!

47- ديدار جو مشتاق من، پرتئون پسايو پاڪ تن،
مشرف ڪريو جڳ ۾ "جمن"، توهئون گهران اَمن و اَمن،
يا پير پيران بادشاھ!

48- عرب و عجم ايران ۾، طنبول ۽ توران ۾،
ڪشمير ۽ ڪاشان ۾، ڪابول ۽ ڪرمان ۾،
فِلنگي سندوَ فرمان ۾، يا پير پيران بادشاھ!

49- عرب و عجم اصفان ۾، سورت بندر سِستان ۾،
ٺٽي، بکر، ملتان ۾، خادم سنڌ ءِ خراسان ۾،
يا پير پيران بادشاھ!

50- عرب و عجم، اَستين تُون، دهلي، دکن دَستين تون،
پورب، پڇم، پَستين تون، چنجي، چنجاول، چين تون،
دھ ديس دامن دين تون، يا پير پيران بادشاھ!

---

[44](د) موجب: ارشاد ٿئي، امداد ٿئي، اولاد ٿئي، ماد ٿئي.

51- مشرق، مغرب، روم شام ۾، بلخ و بخارا آسام ۾،
گرنار ۽ گندام ۾، هند سنڌ تمهاري نام ۾،
يا پير پيران بادشاهہ!

52- مصري مڪاوي، مَشهدي، بدوي، بدخشي، بيحدي،
يڪ پاءُ شان قهقه هدي، چوچڪ سنڌءِ چيلا بندي،
تو ڏات ڏاتر ڪان لڌي: يا پير پيران بادشاهہ!

53- رک علتئون عَلامتئون، رک شومتئون ۽ شامتئون،
مهرون مرَ لاهيو مان متئون، قربان اَنهَن جي نام تئون،
يا پير پيران بادشاهہ!

54- ڪَلامَ جي مَقبُوليت، عَداوتن جي عدوليت،
وحدانيت جي وصوليت، حاجات تئي حُصُوليت،
يا پير پيران بادشاهہ!

55- ڪل پير تي آ پڳ سنڌءِ، عالم سوالي جڳ سنڌءِ،
"جمن" مداحي سڳ سنڌءِ، پيزار جو پس لڳ سنڌءِ،
يا پير پيران بادشاهہ!

56- پيزار جا پس لڳ گهٽا، مولي وڏي تو ۾ مٽيا،
عارف تيا تو وٽ گهٽا، کهڙا ڳٽيو کهڙا ڳٽيان،
يا پير پيران بادشاهہ!

---

56 "عارف توهان جا تيا گهٽا" (د).

57- آهيــان ضعيفـــي ذات جــو، سوالي سـَــنجهي پريـات جـو،
بــخــرو ڏيــاريــو ڏات جــو، رک شــرم مـســتــورات جــو،
يا پير پيران بادشاهہ!

58- ”جمن“ چوي: جاهل آهيــان، ڪـِرتين ڪچو ڪاهل آهيان،
تــو در ســنـدو سـائل آهيان، يـا پـيــر پـيــران بــادشــاهــہ!
يا پير پيران بادشاهہ!

59- جـي بـاب منهنجـي بـد اڪــر، ميٺـي ڪريـو سـُـبتا سـَــڪر،
وانجو مَ ڪــر منهنجـو وڪــر، تــون روز قيــامت تــا حشـــر،
تـُهنجـِي پـَنه، تـُهنجي پـَـڪر، يـــا پيـــر پيـــران بادشـــاهہ!

60- اُتـــر، ڏکـــڻ، اولاهـــ تـــي، تـُــهنجو طبـل سج، ماهـ تـي،
ڪـو غـور ڪـر مـان ڏاهہ تي، ڪـلـمـو مـحـمـد شـاهـ تـي،
يا پير پيران بادشاهہ!

لا الـٰـه الاالله محمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ)*

(ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي جي ڇيل)

[ميان محمد سرفراز خان ڪلهوڙو پنهنجي والد ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وفات بعد سنڌ جي تخت تي ويٺو. فارسي زبان جو وڏو ”صاحبِ ديوان“ شاعر هو. هيءَ مدح شريف، قيد جي حالت ۾ (1774ع) انتهائي سوز ۽ رقت سان چيائين. سنڌي ادب ۾ مدح جي شروعات ميان صاحب جي هن مدح سان ٿي. سندس مدح جو غير فاني وراڻو ”يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄج تون“. سنڌ ۾ هر هنڌ مشهور آهي.]

بسم الله، لڳ الله، مُحمد شاهه، ڪر پَنَاهَ پرين تون،
منجهہ درگاهہ، ڪيم آهہ، متي راهہ، رسين مون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄج تون.

1- مان جاهل، ۽ ڪاهل، آهيان ڪچو ڪمينو،
نہ مون حال، نہ مون قال، يلا يال، ڪرين تون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄج تون.

2- آهيان ڏڏ، غمن گڏ، سچا سڏ، سڄج تون،
پسي پاڻ ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ، ڏئين مون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄج تون.

3- چارئي يار، جيءَ جيار، ڪندا واهر، وري مون،
بيڪار، سَنڌي سار، سمِگهي شال، لڏائون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄج تون.

4- سچا ’صديق‘، رُج رفيق، ڏين توفيق، تُسي مون،
عمر چام، تنهنجي سام، پُٺيءَ پاند، لڳاسون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڄج تون.

---

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

5- حضرت 'عُثمان'، کيو قرآن، جوڙي سيپارا، سُورُون،
'عليءَ' گهوٽ، پڳا ڪوٽ، سنديون ڪفر، ڪِنارون:
پلا چار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

6- صادقين، عادلين، ذي النُورَين، حَنيف،
جَمالَين، ڪَمالَين، شُجاعَين، عَلي:
پلا چار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

7- امامَين، سونهارَن، سندو آسرو، آتهون،
اَمام 'حَسن'، ۽ 'حُسين'، ڪندا ماڙَ، موتِي مون:
پلا چار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

8- صحابَن، ڪرامَن، تابعين، ڪي سکَ هُون،
تن پَلَن، وَسيلَن، سَندي تَوهَ تا تڳهون:
پلا چار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

9- سچار، ۽ موچار، جي مهندار، ليکيا مون،
تن مڙن، پلارَن، سندو مُهڙ، آهين تون:
پلا چار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

10- نہ سا خلق، نہ ڪي مَلڪ، نہ ها فلڪ، زمينون،
تنهنجو نور، تيوْ ظهور، اڳاتو، سيني ڪَوئن:
پلا چار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

11- اول ۽ آخر، والي ملڪ سندو تون،
ظاهر ۽ باطن، تنهنجو پيئيون پچارون:
پلا چار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

12- شريعت، طريقت، ڪرين نصيب، اسان ڪون،
حقيقت، معرفت، سندو نَظر، ڪرين تون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

13- هدايت، حمايت، عنايت، ڪرين تون،
امانت، سلامت، اچي لَڪَ، لنگهايون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

14- سر زمين، ڪيُم ڪين، آهيان ناقص نماڻون،
مٿي دين، تون امين، اُپيا ريج اسان ڪون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

15- صغير، ۽ ڪبير، ڪَيُم ڪرتَ، ڪچايون،
محمد مير، من حقير، سَنديون ميٺ مَنايون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

16- "يَڪسبُونَ"، ڪَمَ زَبون، ڪَيُم خون خطائون،
ميٺي ڏوهہ، پنان توهَہ، ڪرين بخش عطائون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

17- شيطان، ۽ دجال، سندي شر، ڪان رکَهُون،
ظالم، سَپ خادمَ، ڪَرمَ، ساڻ، ڪرين تون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

18- پرم، ۽ شرم، پني ڪَرمُ، ڪمينون،
ميٺي وَهمَ، لاهين غم، پورا ڪَمَ، ڪرين تون:
يلا چام، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

19- منجهہ قبر، لهج خبر، حضرت پيغمبر مون،
يِتيِيَنِ پيڙ، ڪَنا مير، هن حقير، رکِين تون:
يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.

20- مُنڪِرُ ۽ نڪير، ايندا پُڇڻَ، پُڇاڻون،
رُوبَرو، سرخرو، ۽ آبرو، ڏيين مون:
يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.

21- روز قيامَت شِفاعَتَ، ڪندين اُمت، اُتي تون،
تنهن وير، پري پير، سگهو شير، رَسِين، مون:
يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.

22- اِمتحان ڪي عِصيان، منجهہ ميزان، وڏائون،
وَقت پيٿ، ميَٿ، ڪَرمَ ساڻ ڪَچايون:
يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.

23- پلصراط، متي واٽ، رَمِي پير، رکياسون،
رَسُ راهہ، متي واهہ، ڏيئي ٻانهہَ لنگهايون:
يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.

24- جمال، ۽ ڪمال، تنهنجي لاءِ، واجهاڻون،
تيون شال، منجهہ وصال، وڃي هوتَنِ هاڻون:
يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.

25- لنگهيا لڪ، لٿا شَڪ، هلي حق، گڏياسون،
في الحال، منجهہ وصال، اچي محب، ملياسون:
يلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون.

-26 بسم الله، لڳ الله، ڪر نگاهه، پرين تون،
آهيم، آس، توڏهون خاص، مَنَ مُرادُون پچاءِ مون:
پلاچار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

-27 چارئي طرف، تنهنجي شرم، ڪَيُون روشَنُ، اُپ زمينون،
منجهان نور، ٿيو معمور، مڪو ملڪ، مدينون:
پلاچار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

-28 بسم الله، سين مداح، تنهنجي شاهه، چَئيي سُون،
هِيءَ ساراهَ، لڳ الله، ڪر قَبول، هَتان مون:
پلاچار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

-29 "سرفراز" ڪي اُداس، آهي آس، اوهان ڏون،
راهه راس، بند خلاص، خوبي خاص، ڏئين مون:
پلاچار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

-30 هيءَ مداح، تنهنجي شاهه، چيم صف، واڪاٺون،[1]
سٽي پاڻ، ڪنن ساڻ، ڏئين ڏاڻ، ڏڏاٺون،[2]
پلاچار، هن غلام، سندو سوال، سٽج تون.

---

[1] اصل. واڪاٺا.
[2] اصل. ڪلمو پاڪ چئيجا.

مدح (نبي ﷺ) *

(مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي چيل)

[مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، پنهنجي اصل ڳوٺ گرهوڙ تعلقي ساماري ۾ سنہ 1125 هجري/ 1739ع ۾ ڄائو. لنواريءَ جي بزرگ حضرت سلطان الاوليا ء مخدوم محمد زمان جو مريد ٿيو. مخدوم صاحب، تفسير، حديث ۽ فقہ جو زبردست عالم ۽ نقشبندي طريقي جو متشرع صوفي هو. سنہ 1192 هجري/ 1778ع ۾ جهاد في سبيل الله ۾ شهيد ٿيو. سندس تصنيفون، تصوف جي سلسلي ۾ نهايت قيمتي آهن، خاص طرح سندس "سنڌي" مشهور آهي. جنهن ۾ توحيد رسالت ۽ اسلام جا احڪام سليس ۽ پختہ سنڌيءَ ۾ سمجهايل آهن. نبي ﷺ جن جي مدح ۾ هي ابيات سندس "سنڌي" مان ورتل آهن.]

اسم ساڻ الله جني، سيئي توڪ ٿيا،
جو خالق مخلوقن جو، رازق رحيما.
صلواتون سيد تي، جو جوهر جهانا.
آل، احمد جو پلو، پارسَ، ڏيهہ ڏيا.
ڪي ٿيا عشق ڪوڏيا، سالڪ سچارا،
جي سدا شوق شفيع جي، پچن پروانا!
وڏا طالع تن جا، جي سڪن سيد لاءِ،
"اَلمَرءُ مَعَ مَن اَحَبّ" ايڏي راز رسيا،
پر سِڪڻ سچاڻ ري، محض محالي آهہ،
ڪونہ سچاڻي ڪڏهن، هوت هينئين ڏاران.
"وَ ڪَيف يَدرُڪُ فِي الدُنيا حَقِيقَتَہُ قوم نِيَامُ تَسَلّو عَنہُ بالحِلمِ" آهي اشارتا.
سي ڪيئن پسن پرينءَ کي، جَنهِين قَلبَ سُتا؟
سُٽي صورت ظاهري، اَين آراما،

* وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان گل محمد آزاد کان پهتل، جا "ڄام ڪانيوءَ" واري ڇاپي نسخي تان ورتل آهي. ڪن لفظن جون پڙهڻيون "ڪلام گرهوڙي" (مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي واري) تان ڏسي قائم رکيل آهن.

اي۽ سڀ سُهڻو سڄڻين، پاڻ پرانهون آهي،
دار دنيا جو ڇڏي، لنگهي لقا پُر ڏانهي،
جتي جلوي شاهه جي، سڄ چند سجهايا،
هڏ نه اچي هن ڏيهه ۾، عاشقن آراما.
اَجر، دنيا دار ۾، موران تان مياءِ،
تيلهي دوزخ مومنين، دنيا جو دارا.
جيڪڏهن دنيا دار ۾، پرين تيا پدرا،
ته هوند نه رهيو ڪڏهن، ڪو ڪافر منجهه ڪفرا.
"يَنظُرُون اِلَيڪَ وَ هُم لا يَبصِرُونَ" هوت نه هت هئا،
لالڻ، لقاپُر رهي پدر پاڇويا،
اُهي ڏسن اُن ڪي، جي اُنهي۽ ڏيهه ويا.
بيا سڀ سُٺين ڳالهيون، ڪي پَسن پاڇويا.
ڳُڙ نه سُجاڻي ڳالهئين، جان جان ڳُڙ نه ڪاءِ.
جان تو سڪَ شفيع جي، تان لاڳاپا سڀ لاهه.
دنيا دار نه دوسَ جو، نڪر تَنهن نجهرا،
ته مُلڪ پسين محبوب جو، جت عيش نه عيش جِها،
سدا سارنگ تو وسي، نڪو وڻ ڪُوماءِ،
مرض موران ناهه ڪو، قحط جاءِ نه ڪا،
موت محالي تنهنجو، وائي ويري۽ ناهي،
علم عطائي اُتاهين، شَڪ نڪو شُبها،
ڏک نه تئي اُن ڏيهه ۾ سپيئي سَرها،
سڄ ري۽ سُهائو تئي، ڪيهه ري۽ ڪپڙا،
سيڪي مُيَسر سيڪنهن، ويلي وات نه ڪا.
وِ جهُلَ اُن وطن جي، مون ڪي ماريو ماءِ!
اَنئي پهر اُداس ۾، ڳري ماهه متانءِ،
سجهايس سڪ ساٽيهه جي، ويتر پاڙيچا،
جَني قرب ڪَندن سين، مَجَرُ ماڻڻ لاءِ،
پَلُرَ پياڪُو سپرين، سانگي سَلَمَ جا.

جهــڄان جهــوريءَ تــَنن جــي، ڳلــن ســـِـر ڳوڙهــا.
وري پــاڙي پـــِـرين جــي، ڪنهــن پــڙ مـــِـڙان مــاءُ؟
ســـاريو ســُـــپيرين کـــي، ڦاٽـــان فراقـــان.
مولـــيٰ! ميـــڙ غريـــب کـــي، مـــِــٺو محبوبـــا.
وصــف جنهــن وَرنــَـــهه جـــي، مٺــو مــور نـــه آهـــ:
’سـَـسئي‘، ’سُـهڻـِـي‘مـون پرين، ’مـارئي‘ محبوبـا.
پــاڙي مـــون پريـــن جــــي، مجنـــون مشــــتاقا.
کهــڙي مـدح ڪـَـونَـر جـي، جــو ســيني سـينگارا.
چئـو صلواتـون رسـول ڪـريـم تـي، جــو مـــِـٺو محبوبـا!
وينـدا سـي ايمـان سـين، جــي ڪلمـو پڙهـن مــُـها.

لا اِلــه الاّ الله مــُحــَمدَ اِلرَسـُولُ الله.

مدح (نبي ﷺ) *

(صدرالدين چارڻ جي چيل)

[صدر الدين پٽ مهرل فقير چارڻ، ڳوٺ فتح پور جو رهاڪو هو. اهو ڳوٺ دادو ضلعي ۾ قلجي اسٽيشن کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. صدرالدين شاعريءَ ۽ سگهڙپائيءَ ۾ سهراب چارڻ جو شاگرد هو، جو ميرن جي دور ۾ ٿي گذريو آهي. صدرالدين خود سندس استاد جي وقت ۾ ئي شاعريءَ ۾ نالو ڪڍيو. جانو چارڻ، صدرالدين جو همعصر هو ۽ سگهڙ شاعر هو. هڪ دفعي سهراب جي آڏو ٻنهي "شاهه صدر" جي مدح چئي، جنهن ۾ هڪ مصرع جانوءَ ته ٻي مصرع صدرالدين في البديه چَئي، سڄي مدح پوري ڪئي. ان جي شروعات هن طرح هئي ته:

جانو: "يا شاهه، صدر گاهه، ڪيم آهه نبيءَ جي".

صدرالدين: "هن ڏاهه، ڏسيو راهه، تو نگاهه نبيءَ جي".

صدرالدين جو شعر پانئجي ٿو، ته گهڻو هو، پر ضايع ٿي ويو.

صدرالدين جي اولاد مان سندس پڙ پوٽو مهرل فقير چارڻ (پٽ اميد علي پٽ مهرل پٽ صدرالدين) ڪڪڙ تعلقي ۾، ڪڪڙ ۽ ڪيٽري جي وچ تي، ڳوٺ نهال خان چارڻ ۾ رهندڙ، سنه 1954ع ۾ جيئرو هو ۽ ان وقت پيرسن ۽ نابين هو.

هن مدح ۾ صدرالدين پنهنجو نالو 25- بند ۾ ڇاڻايو آهي ته: "سوز مان ڪيو صدرالدين، جي آهون احمد ڇام ڪي". بند 16- ۾ نهايت خوش اسلوبيءَ سان پنهنجي متعلق چيو اٿس: "آمري انعام جي، چارڻ چوري چنگ چاهه مان". هن مدح جي لفظن ۽ اصطلاحن مان ظاهر آهي، ته صدرالدين هڪ علم وارو شخص هو. هن مدح جون ڪي مصرعون وزن تي پوريون نه آهن، پر مجموعي

---

* مدح جي متن جو مدار ڇهن روايتن تي آهي. پهرين روايت ڪمڻ فقير چارڻ جي، جا ميان دين محمد چارڻ (دادو) کان ملي. ٻي روايت محترم مدد علي شاهه (رٽائرڊ ڪليڪٽر) کان ملي. ٽئين روايت محترم عبدالحي سولنگي (منياٽي) کان ۽ چوٿين محترم غلام رسول جتوئيءَ (وارهه) کان ملي.

طور سان هيءَ مدح انهيءَ اوائلي سنڌي شعر مان آهي، جو بحر وزن جي قالب ۾ سموهجي ۽ سمائجي رهيو هو.

1 - سَهسين پَتين ساراهجي سَرنوُ سدا سبحان کي،
هردم هزارين حمد جي هرگه ڪجن حَنان کي،
پَڙن ڪيم پدم ۾ سي آگي جي هڪ احسان کي،
"ما عبدنا" مَلڪن چيو منجهہ معذرت منان کي،
"ماسوا" ڪنهن کان مُنهن مَٽي ڪيم وينتيون وحدان کي،
سبب جنهن سردار جي جوڙيو آ رب جهان کي،
سو وسيلو مان وٺي روئي چيو رحمان کي،
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

2 - سر رکي سجدي، چيم سُڏڪي "سچا صاحب ستار
اغفرلي يا رَبَنا! اي رب غني، غالب، غفار!"
لاتَقنَطُوا جي لفظ ڪيا، عاصي سيئي اُميدوار،
تئن ڪيرتيون ڪيم قلب سان، جئن آهہ بازي آشڪار،
ٿي ليلهايم نصفُ لَيل، پئي فغان ڪيم في النهار،
اُسرڪي اُپ ڏي ڏسي، آهون ڪيم عددوئن اَپار،
مانَ ڪا محتاج جي، آگو اَ گهائي اوچنگار!
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

---

[1] حَنان = نهايت ٻاجهارو (خدا تعاليٰ). ما عبدنا = اشارو حديث شريف ڏانهن: ما عبدناڪ حق عبادتڪ (اسان تنهنجي اهڙي عبادت نہ ڪئي جهڙي ڪرڻ گهربي هئي). منان = گهڻي ۾ گهڻو احسان ڪرڻ وارو (ذاتي تعاليٰ). ماسوا = خدا کان سواءِ (غير خدا).

[2] لا تَقنَطُوا = اشارو آيت شريف ڏانهن: لا تَقنَطُوا مِن رَحَمة الله انَ الله يَغفرُ الذنُوبَ جَميعا (الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو، ڇاڪاڻ تہ خدا تعاليٰ سڀ گناهہ معاف ڪرڻ وارو آهي). ڪيرتيون= عاجزيون، زاريون. آشڪار = ظاهر ظهور. نصفُ لَيل = اڌ رات. فغان = دانهون. في النهار = ڏينهن ۾. اُسرڪي = انتظار ڪري.

3 - "بَرداً سلاماً" باهہ مان ٿيو خُلد، تي خاصي "خليل"،
اُنهيءَ در، اميد مان ڪيون عاجزيون آهون عليل،
رڱي تنهن رخسار ڪيا، رت سان روئي راسخ رڱيل،
"اَبرهي" جي اُڙد جان، ڪيا ساهہ تي سورن سبيل،
عربن مثل ڪير عاجزيون، جيءَ جان سان جانان جليل:
عسڪر اچي ڪو عفو جو، جئن ترت طَيرا اَبابِيل،
عصيان ڪل ڪالعدم ٿين، جئن ٿيا فَنا "اصحاب فيل"،
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سڪهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

4 - ڪن استخارا آسرو، اوسهہ متي ڪن اعتماد،
لُنگ بَدي ليلهاڻ جو، آهي ڪيو مُون اعتياد،
"فادعوني" فرمان ٿيو، آيہ اتي ڪير اعتقاد،
ڪئن خلاف خدا ڪندو؟ مالڪ ڏٺي پنهنجو ميعاد،
"يغفرالذنوب جميعاً" واضح ٿيو والِيءَ جو وَعاد،
آيت انهيءَ جي آسري، اُميد جو ٿيو انعقاد،
آخر ڪندو عاصين اُتي، آ گو عفو جو اجتهاد:
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سڪهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

---

[3] بَرداً سلاماً = قرآن شريف جي آيت ڏانهن اشارو: قُلنا يا نارُ ڪُونِي بَردا وسَلاما عَلىٰ اِبراهيم (اسان حڪم ڪيو تہ: اي باهہ! تون ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿيءُ!). خلد = بهشت. عليل = بيمار. راسخ = پڪو، سچي عقيدي وارو. ابري = حبش جو بادشاهہ جنهن هاٿين جي لشڪر ساڻ مڪي شريف تي حملو ڪيو ۽ ڪعبو شريف ڍاهڻ ٿي گهريائين. عرب مقابلي کان عاجز ٿي وڃي جبلن ۾ لڪا. خداوند ڪريم پنهنجي قدرت سان درياهي پکين (ابابيلن) جو لشڪر موڪليو، جو ٽوليون ٽوليون ٿي آيو ۽ پٿريون وسائي ابرهي جو سڄو لشڪر فنا ڪري ڇڏيائون. سبيل = رستا. جليل = بزرگ، وڏو (ڏڻي تعاليٰ). عسڪر = لشڪر. طيرا ابابيل = پکين جون ٽوليون. عصيان = گناهہ. ڪالعدم = فنا. اصحاب فيل = هاٿين وارا، ابرهي جي لشڪر ڏانهن اشارو.

[4] استخارا = هڪ خاص قسم جي دعا، جا ڪنهن ڳالهہ معلوم ڪرڻ لاءِ گهري ويندي آهي. اوسهہ = بيهي عبادت ڪرڻ. اعتياد = عادت. فادعوني = آيت شريف: اُدعُونِي اِستَجِب لڪم (مون کي پڪاريو تہ مان توهان جي پڪار سڻان) ڏانهن اشارو. ميعاد = واعدو. يغفرالذنوب جميعاً = آيت شريف: لا تَقنَطُوا مِن رحمة اللهُ اِن الله يَغفر الذُنوب جميعا. انعقاد = ٻڌجهڻ، پڪو ٿيڻ. اجتهاد = ڪوشش، مهرباني.

5 - "أمّا السّائل" ايچپو ظاهر ڪيو جنهن ذوالجلال،
تهدليون تنهن در ڪير، صُبحين سَنجهين سهسين سوال،
واڪا ڪري وِڪني نڙي، مس ٿي مٿانهين مون مقال،
دل سڙي دونهن سبب، ڪيا نير نيڻن مان نيڳال،
مَن قبولت ۾ ڪري، قادر سندمِ ڪا قيل قال!
عدل جنهن عادل سندو، بخشش جنهين جي بيمثال،
سائل جي سختيءَ ۾ ڪندو، صاحب سگهو سولي سنڀال،
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهہ جو".

6 - سُڏڪين چنم سينوجگر، هڏڪين هنيون ڪيڙم حَزين،
تنهنجو تڪيو، تنهنجي تڳا، توتي توڪل ڪيم تَعين!
تون ڏس، ڇوان توريءَ ڪنهين؟ انصاف ڪر آهين امين،
راحم تون رَبِ العٰلمين، هيڻن حمايت جو حصين،
ٻانهون ٻڌي ٻاڏائيان، آکان "اياڪَ نَستَعين"،
هٿ ڪنيو هر هر ٻنان، قادر! سندءِ قربت قرين:
"هادي، هدايت جا ڌڻي! حاصل ڪرين حق اليقين".
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهہ جو".

7 - ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ڪنهن کان پڇان ڏيرن جوڏس؟
"تَحَيَرتِ العُقول فِي ذاتِہ" اهڙو فڪر آهي عبث،

[5] امَاالسائل = قرآن پاڪ جي آيت: وَاَمَا السَائل فَلاتَنهَر (سائل کي جهڻڪ نہ ڏي) ڏانهن اشارو. ذوالجلال = بزرگيءَ جو ڌڻي (خدا تعاليٰ). تهدلُيون = دل جي حضور سان. وڪني = ويهي رهي. قيل قال = ڳالهہ ٻولهہ، عرض معروض.

[6] حزين = غمگين، ڏکويل. تَعين = مقرر. رب العٰلمين = جڳ جو پالڻهار، ڌڻي تعاليٰ جو نالو. حصين = مضبوط قلعو. اياڪ نَستعين = قرآن شريف جي آيت: اياڪ نعبد و اياڪ نستعين (خاص تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا) ڏانهن اشارو. ويجهڙائي. حق اليقين = پڪو يقين.

[7] تحيرت العقول في ذاتہ = سندس ذات کي سمجهڻ ۾ عقل حيران آهن. عبث = اجايو، بيفائدو. وسواس = وسوسا. ناهل = نااهل، نالائق. نجس = ناپاڪ، پليد (شيطان ڏانهن اشارو). تَعوُذ = اعوذبالله من الشيطٰن الرجيم (آءٌ الله جي نالي سان، تڙيل شيطان کان پناهہ وٺان ٿو) ڏانهن اشارو. جرس = گهنڊ.

وصفون ڏسي وهسي هنيون، جيءَ کي رسي ٿو جود جس،
ويري وجهي وسواس ٿو، ناقص عقل، ناهل، نجس،
"تَعُوذ" سندي تلوار جو تِر جو نہ ٿيو تنهن کي ترس،
واهر وري، ويري ويو، دشمن نہ دسيو دئوس دس،
آلاپ ذاتي اسم جِي جهونگار جيءَ ۾ جئن جَرَسُ:
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سڳهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

8 - صلواة سرور ڇام تي، رب فرض ڪئي فرقان ۾،
"صَلوا عَلَيه وَ سَلِمُوا" قادر چيو قران ۾،
"يُعطِيكَ رَبُكَ فَترضيٰ" ٿيو شرف جنهن جي شان ۾،
ماسوا محبوب جي، ٻيو جُڙيو ڪونہ جهان ۾،
حُب جنهين حضرت جي ٿي اصلي رڪن ايمان ۾،
سو وسيلو مان وٺي، ٻَنپ جئن رڙان بيبان ۾،
ڪئن ڇڏيندو ڪارڻي، وارث وصي ويران ۾؟
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سڳهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

9 - تابع سندءِ تارن مثل، تون ماهہ مخلوقات جو،
سائين سندءِ جي ماسوا، تون مُهڙ موجودات جو،
آجي ڪرڻ لَي عاصين ارشاد ٿئي عرصات جو،
قادر ڪيو ڪونين ۾ حاصل ڪندڙ حاجات جو،

---

[8] يعطيک ربک فترضيٰ = قرآن شريف جي آيت: ولسوف يعطيک ربک فترضيٰ (توکي جلدئي تنهنجو پالڻهار اهڙي شيءِ عطا ڪندو، جو تون راضي ٿيندين.) ماسوا = ڪائنش سوا. رڪن = اهڙو فرض جو ڪنهن شيءَ جو جزو هجي. ٻنپ = ٻانپ، غول بياباني، مر. وصي = سنڀاليندڙ، وارث.

[9] عرصات = قيامت جو ميدان. ڪونين = ٻئي جهان. ڪعب = رسول پاڪ ﷺ جو هڪ صحابي، جنهن سندن مدح ۾ هڪ نهايت عمدو قصيدو چيو. انهيءَ قصيدي جي پهرين مصرع آهي "بانت سعاد و قلبي اليوم مقبول" روايت آهي تہ، پاڻ سڳورن کي اهو قصيدو ڏاڍو وڻيو ۽ پنهنجي چادر لاهي شاعر کي پهرايائون. دارين = ٻئي جهان.

ڪر قبولت "ڪعب" جيئن ڪو قصيدو ڪمذات جو،
جنهين حال حضور ۾، روئي چيو اڏرات جو،
دان ڏئي دارين جو، پَهراءِ تنهن پريات جو.
"ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهه جو".

10 - در ڏسي درگاهه جو، دانهون ڪيم دلدار کي،
پڪاريون پرپيات ڪيم ثقلين جي سردار کي،
وهاڻيءَ واڪا ڪيم ياور يتيمن يار کي،
پلءُ پايو تو پنان درسن سندس ديدار کي،
خوش ڪيو جي خواب ۾ ٻانهيءَ جي بيهر ٻار کي،
پنهنجو حليو حاصل ڪريو هن بيڪمي بدڪار کي،
تان ڪنڌ رکي قدمن اُتي پازي چمي بيزار کي.
"ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهه جو".

11 - هٿ ڪٽي هڪلون ڪيم مرسل محمد مير کي،
اُٺ مثل آهون ڪيم پيغمبرن جي پِير کي،
بيوسي بيحد ڪيم واڪا وسيلي وِير کي،
حال هرڻيءَ جيئن همه تنسير ڪيم تقرير کي،
من قبولت ۾ ڪري طامع سندِي تحرير کي،
قبر محشر موت ۾، ڏئي دلاسو دلگير کي،
پڄندي آهر پانهنجي ڏئي دان دامنگير کي.
"ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهه جو".

---

[10] ثقلين = جن ۽ انسان. پازي = خدمتگار.

[11] اُٺ مثل = اَشارو آهي رسول ڪريم ﷺ جن جي هڪ معجزي ڏانهن. جنهن ۾ سندس دعا ۽ هٿ گهمائڻ جي برڪت سان هڪ بيمار ۽ زخمي اُٺ چڱو ڀلو ٿي پيو، اهو اُٺ رستي تي پيو هو، پاڻ اتان لنگهيا ته دانهون ڪري ٻاڏائڻ لڳو. حال هرڻي = هرڻيءَ جي مشهور معجزي ڏانهن اشارو. طامع = لالچ رکندڙ، اميدوار. تحرير = لکت. دامنگير = دامن وٺندڙ، دامن ۾ چنبڙيل.

12 - آهيان "احمد چامر" جو ڪُرسي بہ ڪُرسيءَ قنبري،
حلقہ بگوش حضور جو آهيان اصل کان عنبري،
در انهيءَ درگاهہ جي سهسين سوالي سنجري،
لاهي لاڳاپا پانهنجا پيغامر تيس پيغمبري،
اوٿان مهل آهون ڪيمر جيئن ڍور لوڏي ڍنبري،
"والمُستغفرين بالاسحار" جو آهي تخت اسڪندري،
پاڇي طرف پنهنجي پني بهرِ خدا تون بنگري.
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ڀانهي متي هٿ ڀاڄهہ جو".

13 - روح مان روئي ڪيمر رِيهون رسول الله کي،
حال محرمر هاشمي حضرت حبيب الله کي،
صحيح سُهڻي روءِ ڏنو جنهن اکين سان الله کي،
آگر اشاري سان اِين مان تنهن مير آندو ماهہ کي،
دانهون ڪيمر دامن وٺي تنهن شير شاهنشاهہ کي،
جاءِ جنهن جي جتيءَ وٽ، ڏورئون مَرچذ تنهن ڏاهہ کي،
اصل کان اوبر اوهان جي وَجَهُہ آ بيواهہ کي:
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ڀانهي متي هٿ ڀاڄهہ جو".

---

[12] ڪرسي بہ ڪرسي = نسل بہ نسل. قنبري = غلامر قنبر، حضرت عليءَ جي غلامر جو نالو. سنجري = هڪ مشهور بادشاهہ جو نالو. اوٿان مهل = (اوٿ = حملو - ڦرلٽ) اڳئين زماني ۾ دستور هو تہ دشمن تي حملو پوئين رات ۾ ڪيو ويندو هو، جنهن وقت هو نهايت آرامر سان ستو پيو هوندو هو. اوٿان مهل يعني تہ اها مهل جنهن وقت حملو ڪيو ويندو آهي، جا آهي پوئين رات. المستغفرين بالاسحار = اهي جيڪي صبح جو معافي وٺن ٿا.

[13] رئي = برابر، صحيح. ڏاهہ = ڀانهو - اصل فارسي لفظ "داه". وَجَهُہ = گذران جو ذريعو. بيواهہ = بي وسيلو.

14 - ٽڙڪيو ٽَڪي ٽڙ ٽاٻجي، ٽَنهن ٽَڙ ڪندي ٿهراءِ تون،
ڊِپَ جَئن ڏِلاٿن ڏِير ڪيا، سا ڊِنوَ اڃي ڍهراءِ تون،
اَجابت جي ايٿ ڪي ڪونـرُوءَ مثل ڪَـهراءِ تون،
خُسران خَسري مان اڃي لعلڻَ سيئي لهراءِ تون،
قَرنين جي ڪاسي جيهو، ٺُولهيءَ منجهان نهراءِ تون،
قلب روشن قمر ڪان، ظلمات ۾ زهراءِ تون،
در بدر دانهين مَ چڏ پنهنجي دَرئون پَـهراءِ تون:
”ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهه جو“.

15 - واهون ڏسي بيواهه تيس، توريءَ نه واهر واهه ور،
ٻانهيءَ ٻهاريدار تي، قربدار! پنهنجو قرب ڪر،
چڻڪار مر چوري ڪري، درگاهه والا! دوست در،
هي در ڇڏي درگاهه جو گولي وڃي ٻيو ڪنهن جي گهر،
مر ڏاج ڏيڍيءَ تان وني، تورا ڪٽي، ترياٽي تر،
اوجهڙ مَ اونداهيءَ ڇڏيو، پيغام نيو پنهنجي پَٽر،
گولي وني ڪنڌ گلم جي، سائل سَلي ڏس سر بسر:
”ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهه جو“.

16 - ٿو آسري انعام جي، ”چارڻ“ چوري چنگ چاهه مان،
سُڏڪيُون پري سوسُور جون، سائل سحر گه ساهه مان،
راڳ بَدران روئڻ جو آلاپ ڪيائين آهه مان،
مجرا پريو منگتو مگي تو دان تو درگاهه مان،
تنهن لنگهي لاڳ ”لَبِيدَ“ جان ڏي خزاني دلخواهه مان،

---

[14] ٽڙڪيو = ڏڪي. ٿهراءِ = ترساءِ، دلجاءِ، ڏي. ڊِنو (= ڊِرن ۽) = ڪرڪ واريءَ جو دڙو، ڍير. ڪونرُو = چنيسر جي پوئين زال، جا ڪتڻ ۽ اٽڻ ۾ ماهر هئي. خسران = نقصان، ڇيها. خسري خَسرو = ليکي جو ڪتاب. قرنين = ذوالقرنين، سڪندر. ڪاسو = پيالو. ٺولهي = ٺڪر جي معمولي پيالي. قمر = چنڊ. ظلمات = سخت اونده. زهراءِ = چمڪاءِ.

[15] تورا ڪٽي: ٻي روايت: تورا ڪٽي.

[16] لبيد = عرب جو هڪ مشهور شاعر، جو رسول ڪريم ﷺ جي زماني ۾ هو.

پهراءِ پـازي پـانهنجو تـُـون رنبـي ڇـام نگاهـہ مـان،
پـَٽـِـي پياري پـُـر ڪيو ڪـي دين جي درياهـہ مـان:
”ريءَ دير ڪـر درگاهـہ مـان مقصد سگهو محتـاج جـو،
رک يـا رسـول الله! تـون پـانهي متـي هـٿ ڀاڄهـہ جـو“.

17 - جلوو چشـم جهـان جو پنجني جي پيرن جي پـَٽـِـي،
پنجنـي تنـن پــاڪن سـندي آ وينتـي واحـد وٽــي،
هڪ هڪ سندي هادي ڪئي سارهہ صفت گهـُر مان گهٽي،
برسات بادل مينهن جي ٰان وقت هئي ڪا ڪا ڪٽي،
مـُنقـَش ردا محبوب جي کهڙي پلارن تـي ٻٽــي،
خاصو شرفَ ”لــي خمسـَـة“ ايڏو عـُلـُـوَ ايڏي اٽــي،
لوئـِيءَ جي لَج لَوئــيءَ مثـل رک لعل لوئـيءَ جا ڏٽـي:
”ريءَ دير ڪـر درگاهـہ مـان مقصد سگهو محتـاج جـو،
رک يـا رسـول الله! تـون پـانهي متـي هـٿ ڀاڄهـہ جـو“.

18 - اک ڪيئـن ڇنيي عاشق اُهـو جنهـن ديد ۾ دلدار آهـہ،
حاضر سڄڻ هنج ۾ جنهين سو خوش گهڻو خنڪار آهـہ،

---

[17] مـُنقـَش = چـِتيل. کهڙي پلارن ... الخ، روايتي قصي ڏانهن اشارو تـہ هڪ دفعي رسول پاڪ (ﷺ) جن چادر ويڙهيو وينا هئا. مينهن جون ڪٽيون پئي پيون، تـہ ايتري ۾ حضرت علي، بيبي خاتون جنت، امام حسن ۽ امام حسين رضي الله تعاليٰ عنهما لنگهي آيا. پاڻ سڀني جي مٿان ڪٽي چادر جو پلوءُ ورايائون ۽ فرمايائون: اَللهُـم هـٰـؤُ لاءِ اهل بـَيتي (اي الله! هي منهنجا اهلبيت آهن). لـِي خـَمسـَـة = اشارو مشهور بيت ڏانهـن: لي خمسـة اطفـي بهـا حرالوبـاء الحاطمـه، المصطفيٰ والمرتضيٰ و ابناهمـا والفاطمه (منهنجي لاءِ پنج ماڻهو آهن، جن جي واهر سان آءٌ ذرا ذرا ڪندڙ وبا جي باهہ وسايان ٿو- هڪ مصطفيٰ بيو مرتضيٰ ۽ ٻہ انهن جا فرزند (امام حسن ۽ امام حسين) ۽ فاطمه (بيبي سائڻ).
[18] خنڪار = تازو، خوش. غمخوار = غم ڪٽيندڙ. جڏهن رسول ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ مديني ڏانهن هجرت لاءِ نڪتا، تہ واٽ تي غار ثور ۾ اچي رهيا. اتي حضرت ﷺ جن صديق اڪبر رضہ جي گوڏي تي سر رکي سمهي پيا ۽ کين ننڊ اچي ويئي. پاسي سان ڪو نانگ جو سوراخ هو ۽ صديق اڪبر رضہ حفاظت خاطر اَن سوراخ تي ڪڙي ڏيئي وينو. ابوبڪر رضہ کي نانگ ڏنگ هنيو. جنهن ڪان ڪيس ڏاڍو ايذاءُ پهتو. سندن اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا ۽ وڃي حضور ﷺ جن جي منهن مبارڪ تي پيا. حال معلوم ٿيڻ تي پاڻ پنهنجي لَب مبارڪ ڏنگ واري جاءِ تي رکيائون تہ سڀ سور ويندو رهيو. همجوار = پاڙيسري. مـِنهار خلقنا ڪم = انهيءَ زمين مان اسان توهان کي خلقيو آهي ۽ انهيءَ ۾ ئي توهان کي موٽائينداسون. شاعر جو مقصد آهي تہ جو جنهن مٽيءَ مان پيدا ٿئي ٿو، اهو وري اتيئي دفن ٿئي ٿو. رسول اڪرم ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر رضہ جن بہ هڪڙي جاءِ تي مدفون آهن. اڪبر = حضرت ابوبڪر رضہ جن جو لقب ”صديق اڪبر“. بسيار = گهڻو.

ڏنگ مان نہ تنهن ڏکندو رسيو جنهن غار ۾ غمخوار آهہ،
مرسل کان پوءِ مسند اُتي، سيني سندو سردار آهہ،
مصلي مماتي مشترڪ، حضرت سندو همجوار آهہ،
"منها خلقناکم" منجهان ڪيڏو قرب قربدار آهہ،
تنهن آسرو اڪبر سندو بدڪار ڪي بسيار آهہ:
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سڳهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون پانهي متي هٿ پاجهہ جو".

19 - ثاني سجاد و صاف دل خُلفا خليفن ۾ هو خاص،
هر گہ حرب حضرت اڳيان رڻ ۾ عدون تي مُکاس،
مولي نہ موٽايو ڪڏهن عادل عمر جوالتماس،
وائي موافق وحي جي قربدار قابل جو قياس،
باني بنا اسلام لئي عادل عدالت جو اَساس
آهو اَسَدُ گڏ پيا گهمن حاذق ڪدي هيبت، هراس،
تهدليون تنهن در اچي عاصيءَ ڪيو مون "الغياث!"
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سڳهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون پانهي متي هٿ پاجهہ جو".

20 - خاصِ خيرالناس جو ثالث سجادو هو سُجان،
ڪاتب ڪلام الله جو اعزاز وارو شہ عثمان،
مرتب لکي محفوظ ڪيون تنهن آيتون عارف عيان،
حق سين موافق هٿ هليو، واهيو قلم رهبر رسان،

---

[19] حرب = جنگ. التماس = عرض. قياس = حضرت عمر رضہ جيڪا ڳالهہ قياس ۾ آندي، اها قرآني حڪم موجب پوري نڪتي. اَساس = بنياد. آهُو = هرڻ. اَسَدُ = شينهن. حاذق = دانا، هوشيار.

[20] خيرالناس = پلي ۾ پلو انسان (نبي ﷺ). ثالث = ٽيون (يار). سجادو = نشين. سجان = سڄاڻ، گهڻي علم وارو. ڪاتب ڪلام الله = قرآن شريف جو لکندڙ. اعزازمند = عزت وارو. مرتب = ترتيب وار. عارف = واقف، ڄاڻو. عيان = ظاهر ظهور. درگاهہ سندي دفتر = قرآن شريف. ذوالنورين = (ٻن نورن وارو) حضرت عثمان جو لقب، ڇاڪاڻ تہ رسول پاڪ جن جون ٻہ نياڻيون سندن نڪاح ۾ آيون. ابن عفان = عفان جو پٽ، حضرت عثمان جي پيءُ جو نالو عفان هو.

دفتر سنڌي درگاهہ ۾ دانـَـهہ ڪيو دل سين ڏيان،
ظاهر ٿيو "ذُالنُورَين" جو شافع ڏرٺون شائق جو شان،
پـُـل پيٽ ۾ بدڪار ڪي آهي اَجهو "اِبنِ عفان":
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهہ جو".

21 - حيدر نہ هرگز حرب ڪنهن سالڪ اُيو سورهہ سَنگِي،
خندق سچي خيبر سنڌي درطاق سان ڏُولهہ دنگِي،
برق مانند بدر ۾ جلوه سندس جابر جنگي،
اڳ ۾ هٽي ڪل عرب جي نيزا ڪنيو نعرا ننگي،
قالِع بَنيو لئي ڪفر جي، ٿيا زيرپا ظالم زنگي،
"لافتيٰ الأعلي" آهي رقم آڳي اَنگي،
حب جنهين حيدر سنڌي توڙئون نہ تنهن تابش تنگي:
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهہ جو".

22 - جزوي شرف جناب جي فائق ٿي حاصل "فاطمه"،
مڙني مٿانهون مرتبو خيرالنساء ٿي خاتمه،
تحقق طهارت ۾ جنهين نازل ٿي آيت. ناطقه،
صائم دهر سرداري ڏي، شيطان جي حق شاتِمہ،
فائق فقر فاقه سنڌي، ڪردار ڪامل ڪاتمه،
نافِره ڪل نَهيءَ ڪان هٺي منجهہ اوامر عاتقه،

---

[21] سنگي = ڏڇي، دهلجي. خندق = کاهي. خيبر = خيبر واري جنگ. درطاق سان = همت ۽ جلدي سان. دولهہ = شهہ زور. دنگي = فتح ڪئي. برق = وڄ. ننگي = وڙائتو. قالع = پٽيندڙ، اکاڙيندڙ. زيرپا = پيرن هيٺ، تابع. لافتيٰ الاعلي = مشهور عربي مقولہ ڏانهن اشارو: لا فَـتيٰ الاعلي لا سَيفَ اِلا ذوالفقار (علي کان سواءِ ٻيو جوان ڪونهي، ۽ "ذوالفقار" کان سواءِ ٻي تلوار ڪانهي). تَابش = گرمي.

[22] تحقق = تحقيق، سچائي طهارت = پاڪائي، پاڪدامني. ناطقه = ڳالهائيندڙ. واضح. صائم دهر = سدائين روزي رکڻ واري. شاتمه = ذليل ڪندڙ، خوار خراب ڪندڙ. فائق = سربلند. ڪاتمه = بک، ويلا پئجي وڃڻ. نافره = پري ڀڄندڙ.

"لِـي خَـمسَـةَ أُطفِـي بِـهَا حَـرَ الوبـاءِ الحاطمـه":
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

23 - حُسن حضرت "حَسَن" جو هر جاءِ حيرت هوبهو،
مُرسل مُهاندي مير هو مُشفق مُشابِهہ مُويمُو،
خِلعَت خلافت جي ڇڏي، خِلوَت ڪيائين خاص خُو،
سارهہ صبر سيد سندي هرڪو ڪري پيو سُويسُو،
تهدليون تنهن ڪي تنواريمر جَرسَ مانند جُوبَجُو،
مير مون ڪي جي مِلي، جنهن لئي ڪوڪاريان ڪُوبَڪُو،
تا حال حضرت ڪي حسن روئي چوان هوند روبرو:
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

24 - هو حُسينڻ نور نرمل جو نَواسو نامور،
سو صداقت جي صدف قادر ڪيو گَنجِ گُهر،
پينگهي لوڏيندڙ پاڪ جو "روح الامين" هو راهبر،
منهن تي جنهن جي مُنهن مَليومرسل تيو تي مُفتخَرَ،
خاتم هئو "في خمسة جئن ختم الرسل خير البَشر،
آڏار اڙين جو اجهو چِٽ چانو چورن جو ڇپر،
تهدليون تنهنجي دروُن دانهون ڪري تيس دادگر:
"ريءَ دير ڪر درگاهہ مان مقصد سگهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهہ جو".

---

[23] مشفق = مهربان، ٻاجهارو. مويمو = هڪ هڪ وار، ذري پرزي. خلعت = سروپاءُ، پوشاڪ. خاص خُو = خاص عادت. سُويسو = هر طرف. جرس = گهنڊ. جوبجو = هر هڪ جوءِ ۾، هر جڳهہ. ڪوبڪو = گهٽيءَ گهٽيءَ، ڳليءَ ڳليءَ.

[24] صداقت = سچائي. صدف = سپ. گُهَرُ = گوهر، موتي. روح الامين = حضرت جبرئيل. مُفتخر = فخر وارو، خوش ٿيندڙ. دادگر = انصاف ڪرندڙ.

25 - سوز مان ڪيون "صدرالدين" آهون هي احمد ڄام ڪي،
ختم الرسل، خير البشر اولو العزم امام ڪي،
مُصلي مُصلين سندي عِلم اللدن عَلام ڪي،
وسيلي بي وارثن نافع نبي نَظام ڪي،
پروس مَ ڇڏ پرڏيهه ۾، سردار! پنهنجي سام ڪي،
ٻانهن ٻانهي جي وٺي پهراءِ نيئي پينام ڪي،
لٿ پڇاڙا لَحد جي لاڙي اڇيج لغام ڪي:
"ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سڳهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهه جو".

26 - سارهه سنڌءِ صاحب ڪري، رازق، ڏٽي، راحم ربي،
سر بسر سردار سرورَ! ننگ توتي يا نبي!
هيٺن حمايت هاشمي! ياور يتيمن، يثربي!
در تي سندوَ دانهون ڪريان، محتاج، مُضطر، مُذنبي،
ڪوجهو ڪميٽيءَ ذات جو تون ڏس آهيان تنهنجو تبي،
ضامن ضعيفن زُود موُن آهين اجهو تون، عاربي،
"خُذبِيَدي لِشفاعَة يَومَ لايَنفَعُ أبي"،
قلب سان ڪلمو پڙهان مُيسر ٿئي ڪل مطلبي:
"ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سڳهو محتاج جو،
رک يا رسول الله! تون ٻانهي متي هٿ ٻاجهه جو".

---

[25] اولوالعزم = مضبوط ارادي جو مالڪ. مُصلي مُصلين = نمازين جو مصلو، سڀني مسلمانن جو امام ۽ اڳواڻ. علم اللُدن = علم لدني، اهو علم جوَ خدائي ذات طور بنا استاد جي حاصل ٿئي. عَلام گهٽي ۾ گهٽو ڄاڻندڙ. نَظام = انتظام ڪندڙ. لحد = قبر.

[26] يثربي = مديني شريف جو (مديني شريف جو اڳيون نالو "يثرب"). مضطر = بيقرار، پريشان. عاربي = عربي. خُذبِيَدي لشفاعَة يومَ لا يَنفعُ أبي = جنهن ڏينهن منهنجو پيءُ ڪو فائدو پهچائي نہ سگهندو، انهيءَ ڏينهن تون شفاعت ڪرڻ لاءِ منهنجو هٿ وٺج.

مدح (بادشاهہ پير رحہ) *

(ثابت علي شاهہ جي چيل)

[سيد ثابت علي شاهہ، اصل ملتان جو رهاڪو هو. سنہ 1153 هہ / 1740ع ۾ ڄائو. جوانيءَ جي زماني ۾ اچي سيوهڻ ڪي وسايائين. جتي 72 ورهين جي ڄمار ۾ تاريخ 27 - جمادي الثاني 1225 هہ / 1810ع ۾ وفات ڪيائين. شاهہ صاحب، فارسي توڙي سنڌيءَ جو وڏو شاعر هو. قصيدا، مناقب، مداحون ۽ غزل چيا اٿس، پر هو مشهور پنهنجن مرثين جي ڪري ٿيو. بادشاهہ پير جي شان ۾ سندس چيل هيءَ مدح، سندس شاعراڻي لياقت ۽ عقيدت تي شاهد آهي.]

سڻ عرض منهنجو سيدا! — نامِ خدا و مصطفيٰ!
بَهرِ عليٌ المُرتضيٰ - يا پير پيران بادشاهہ!

تون پير پيرانِ جهان، — تون قطب اَقطابِ زمان،
سڀ ملڪ تنهنجا مدح خوان - يا پير پيران بادشاهہ!

تون غوث صمداني سچو، — محبوب حقاني سچو،
۽ سر سبحاني سچپو - يا پير پيران بادشاهہ!

پيرن سنڌءِ پيري مڃي، — مَلڪن سنڌءِ ميري مڃي،
بَا حڪم تقدير محيي - يا پير پيرانَ بادشاهہ!

جي "شيخ" ڪونہ حنبلي، — سي حنبلِين گڏ ويا جَلي،
تون آهين اولادِ علي - يا پير پيران بادشاهہ!

سادات عالي مرتبت، — سادات جي وصف و صفت،
هئن چئجي مدح و منقبت - يا پير پيران بادشاهہ!

---

* مرزا گل حسن صاحب "احسن ڪربلائيءَ" کان پهتل.

تنهنجي مريدن پڻ مدام، تنهنجي صفت ڪئي خاص و عام،
صِدقوئن پڙهن سڀ صبح شام - يا پير پيران بادشاهہ!

آءُ پڻ گدائي مرتضيٰ، زوّار شاهِ ڪربلا،
سڻ جا چوان تنهنجي ثنا - يا پير پيران بادشاهہ!

"ثابت علي" چئي، يا علي! ان سان علي ڪئي سڀ يلي،
دشمن سندس ويا سڀ جلي - يا پير پيران بادشاهہ!

مدح (سيد عبدالقادر محي الدين رحه) *

(ملا صاحبڏني جي چيل)

[ملا صاحبڏنو، شڪارپور جو رهاڪو هو. عربيءَ ۽ پارسيءَ جو عالم هو، ۽ هڪ درويش هو. خواجه فقير الله علوي جو معتقد هو. پاڻ پڙهائي ڪري گذارو ڪندو هو، وقت جي حاڪمن وٽ عزت هئس. ”صاحبِ ديوان“ شاعر هو، مگر سندس ديوان اڃڪلهه اڻلڀ آهي. پڇاڙيءَ عمر ۾ ”قاضين جي مسجد“ ۾ پيش امام هو. سن 1250 هجري / 1834ع ۾ وفات ڪيائين.]

بنـــامِ خـــدا عـــرض ســـُـــڻ ســـيدا!
ڪريـــون مـــاڙَ مســـڪين جـــي مقتـــدا!
تـــون ســـرتاج ســـردار صـــاحب ســـَـدا،
ســـيو جـــڳ ســـلامي ســـنڌءِ ســـرورا!
پهـــچ پيـــر درمـــاند گـــان دســـتگير!
مريـــدن مـــدد ڪـــر مـــَحي الديـــن ميـــر!

تـــون ڪـــامل قـــُطب ڪـــارڻي پـــاڪ پيـــر،
تـــون نـــائب نبـــيءَ جـــو، تـــون ورنـــَـهه وزيـــر،
تـــون والـــي ولايـــت ســـندو مـــُـلڪ ميـــر،
تـــون ســـلطان ســـر اوليـــاءَ وهـــ اميـــر،
پهـــچ پيـــر درمـــاند گـــان دســـتگير!
مريـــدن مـــدد ڪـــر مـــَحي الديـــن ميـــر!

تـــون بـــي چـــُـونَ بـــَحر علـــم اســـرار جـــو،
قـــَـوي ذُوالڪـــَـرَم عـــَـينُ اَنـــوارَ جـــو،
تنهيـــن غـــم نڪـــو ڏر، وســـو وار جـــو،
جنهيـــن ڪـــي اَجهـــو ڏِيِ ڏاتـــار جـــو،
پهـــچ پيـــر درمـــاند گـــان دســـتگير!
مريـــدن مـــدد ڪـــر مـــَحي الديـــن ميـــر!

* اُتر (تعلقي ڏوڪري) مان محترم غلام نبيءَ کان پهتل.

تون محبوب سِرُ پاڪ سبحان جو،
اوهان تي سدا راز رحمان جو،
نظر ڪر نِڌَر تي ڪو احسان جو،
عطا ڪر علم دين عِرفان جو،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

شرعيت، طريقت، متي مستقيم،
حقيقت تيو خُلق آن جو قديم،
تون مَسنَدَ نَشِين معرفت ۾ مقيم،
ڪيو دير قائم تو ثابت سليم،
پهچ پير درماند گاڻ دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

تون مرشد مُڪَمل وسيلو ولهن،
اڙين جو اجهو آسرو بيڪسن،
اُهي خوف خطرو ڪَهڙو غم ڪرن،
آهي پير مرشد "جيلاني" جنِنَهن،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

توسان فَضلَ فَتاحَ، قادر ڪيا،
ڏِنَئي ڏاتر ڪُنجُون ڪيميا،
رعايت رباني رسي ريميا،
عطا علم لُدني سندو سيميا،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

تـــون مرشـــد مربـــي اهـــڙو اوليـــاءَ،
مـــُـــوا تـــو جياريـــا جـــڏا جـــاڳندا،
انـڌن كـي اكيـون ڏيـون، ســُــكا سبز ٿيـا،
بكيـــا بينـــوا كيـــا اوهـــان اغنيـــا،
پهـــچ پيـــر درمـــاند گـــان دســـتگير!
مريـدن مـدد كـر مـَــحي الديـن ميـر!

مـــدد شـــاه ميـــران جيلانـــي جنـــي،
دنيـــا ديـــن مـــَــقصد تـــرت ٿيـــا تنـــي،
كـــَـــرَنِ خـــادمن ســـان جـــي دُز دشمنـــي،
مـــُـــنا مـــُـدعي مـــُـــئا ســـي پـاپي پـــِـــني،
پهـــچ پيـــر درمـــاند گـــان دســـتگير!
مريـدن مـدد كـر مـَــحي الديـن ميـر!

كيـــو علـــم ارشـــاد عـــِـــلمُ اليـــَقـــِـــين،
اســـان راستـــِـــي راهـــــ ۾ اَليـــَـــقين،
بـــ كـــامل قـــُـــرب تـــون آگـــَـــهـَ آميـــن،
هـــادي كـــر هدايـت بـــَحـــَـقُ اليـــَقـــِـــين،
پهـــچ پيـــر درمـــاند گـــان دســـتگير!
مريـدن مـدد كـر مـَــحي الديـن ميـر!

ســـخي پيـــر صـــاحب! تـــون دُولـــَـــهـ درياهـــ،
يلـــو يـــر جهلـــو تـــون ســـخي شهنشـــاهـ!
اوهـــان در اچـــي پيـــش پـــِـيـــُـــس ڏڏ ڏاهـــ،
اَلله لـــِـگ هيٺـــن جـــون مديـــون كـــر مـــُـــباح،
پهـــچ پيـــر درمـــاند گـــان دســـتگير!
مريـدن مـدد كـر مـَــحي الديـن ميـر!

توڙي لوڪ لائق هجي علم قدر،
تڏهن سونُ پارس لڳي لوهه، گر،
ناقابل تو قابل ڪيا يڪ نظر،
پلا پير! مان تي بہ تون ڪرم ڪر،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

تو 'ناسوت' 'ملڪوت' ۾ جو مُهڙ،
سندو جاءِ 'جبروت' خوش خويتر،
تون 'لاهوت' ۾ نور حق نُامور،
مٿي 'لامڪان' سير تنهنجو سَتر،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

اوهان در عرض ڪيم ايمان جو،
ڪيو ڪَشفُ اَسرار عِرفان جو،
پهرايوم پاپوش ڪو شان جو،
سدا آن سُهاڳي تو سبحان جو،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

هادي پير حضرت حَقاني هلي،
ڪريو مشڪل آسان ڪامل! ڪُلي،
چپر چانوَ چورن تون وارث ولي،
ڏڌن ڪي ڏيو ڏات پاڇي پلي،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

سوڙهي ويلهه سختيون دانهن دستگير!
پڌي پاجهه ڪر منجهه پلڪ پاڪ پير!
مريدن ڪي ماندو م َ ڇڏ مُلڪ مير!
لنگهائي لطف سان لهر، سخت سير،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

زمانو ظاهر زير فرمان تو،
ٻهارن اگڻ قُطبَ ايوان تو،
دنيا، آخرت هر دو قربان تو،
مجاور مَلڪَ، ديوَ دربان تو،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

آهين غوث اعظم غريب النَواز،
تون مُشفق مُنور قطب ڪارساز،
تون بيشڪ بُلند بادشاهه بي نِياز،
تون منجهه دين دنيا سدا سرفراز،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

سوين لک سوالي تا توهؤن پنن،
اوهان جا نه ٻئي در ڪي ٻانهان وڃن،
اڇي واٽ دامن پلي جي وٺن،
مڙيئي سائين جا گولا غم نه ڪن،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

هَوا ۽ هَوَسَ ۾ عمر ٿِي وير،
اتي نفس ڪافر بديون ڏوهه ڏسير،
جي ڪرٽا نه ڪر هوم سيئي سي ڪير،
هاڻي آسرو در اوهان جي اتم،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

زمانو زبون وقت تيرهن سِني،
ظاهر دوستي ڪن بعد دشمني،
ڪٽن قسم ڪوڙا ڪائن حق هٽي،
انهن آدمين ڪئون رکين تون ڏٽي،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

ڪنهين ڪي ڪنهين جو تڪيو واهه ور،
وسيلو نه آهي پلا تو بِگر،
آهيان آيو اي پاڪ دُولَهه! تو در،
ڪوئي دانهن جو داد تئي سيگهه تر:
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

زِفَوقُ العرش تابه تحت الثري،
اوهان جي حڪم هيٺ هر دوسرا،
لهن فيض تو ڏهن ڪوڙين ڪيترا،
ڪريو ماڻ، تڙ چاڙهه مشفق ترا،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

رکيو سِرُ وليُن تو ڪامل! قدم،
بہ هر جاءِ جاري هلي تو حڪم،
تون عارف الاهي قَوي ذوالڪَرَم،
تون رحمت ڏٺي رهنما يا رحم،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

تنهنجي خادمن سان ڪرن ظلم زور،
عداوت اندر ۾ رکن شرڪ شور،
پهرينءَ ضرب ظالم هوندو چٽ چور،
اُجڙ آهَہ سان تيو لڙهي ويو لَغور،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

جيڪي محب منهنجا دليون دوست خواهہ،
تنهين جِي رکين پير! هردم پناهہ،
سدا سرخروءِ مرهجن سنجهہ صباح،
مداحي متي مهر ڪر لَگ الله،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

هي "صاحبڏنو" سگ سدا سام تو،
پَرتو پاڪ هِي، غوث! غلام تو،
تَنهِين وِردُ وائِي نفع نام تو،
اتر پروسو روز قيام تو،
پهچ پير درماند گان دستگير!
مريدن مدد ڪر مَحي الدين مير!

تـــون اولاد افضـــل "علـــي مرتضـــيٰ"،
نسـل پـاڪ حضـرت "حـَسـَـن مجتبـيٰ"،
جـــگر گوشـــه فرزنـــد "خيرالنســاءٴ"،
گــل از بــاغ نــُـوري "نبــي مصطفـــيٰ"،
پهـچ پيـر درمــاند گــان دســتگير!
مريـدن مـدد ڪـر مـَـحي الديـن ميـر!

پيــدا ســي اوهــان جـــي، اوهــان انــوري،
خلــق چــون "محمــد" همــت "حيــدري"،
"عيســيٰ" ۽ "خضـر" جــان قــدم خوشــتري،
حــُسن "يوسـفي" حــُڪمُ "اســڪندري"،
پهـچ پيـر درمــاند گــان دســتگير!
مريـدن مـدد ڪـر مـَـحي الديـن ميـر!
بحرمـــت نبــــي خـــاص خيرالانـــام،
بحـــق پنجتـــن همـــ دُوازدهـــ امـــام،
بحـــق چـــار يـــاران صحابـــه ڪـــرام،
ڪريـــو ســـاڻ ڪلمـــي عمـــر اختتـــام،
پهـچ پيـر درمــاند گــان دســتگير!
مريـدن مـدد ڪـر مـَـحي الديـن ميـر!

مدح (چار يار)*

(فتح فقير جي چيل)

[ڪلهوڙن جي حڪومت جي آخر ۾ ٽالپرن جي حڪومت جي گهٽي زماني تائين، هيءُ فقير حيدرآباد شهر ۾ پنهنجي مڪان ۾ اڪيلو رهندو هو، جو اڄ ڏينهن تائين ڏومڻ واهه روڊ تي "فتح فقير جو اوتارو" جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ فقير اهلِ سنت جماعت جو هو ۽ اصحاب سڳورن جي تعريف ۾ پڻ شعر چيائين، جا ڳالهه وقت جي ٽالپرن حاڪمن کي نه وڻندي هئي، تہ بہ سندس سچائي ۽ درويشيءَ سببان ڪيس پائيندا هئا ۽ سندس اوتاري جو خرچ بہ ڪيس گهر ويني پهچائيندا هئا. ميرن جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد فقير صاحب تعلقي جاتي جي "پاڏ" ڳوٺ ۾، پنهنجي مرشد وٽ وڃي رهيو ۽ انهيءَ سال سنہ 1259 هجري / 1843ع ۾ وفات ڪيائين، سندس تربت پڻ اُتي ئي آهي.]

بسمِ الله، الله اڪبر آشڪار، حَمد، سَميع، بَصير، سَتار،
رب، رحيم، غفور، غَفار، حَي، حَنان، مَنان، مَدار،
قادر، قدير، لاشريڪ، قَهار، خالق، مالڪ، خلقٺهار،
قَيوم، ڪريم، قَوي، ڪَلتار، جَل جَليل، جَميل، جَبار،
مُنعِمُ، مجيد، رفيق، تَبار، عالم، عليم، آپر، آپار،
سُبحان، .دَيان، دُرست ديدار، رازق، رحيم، آهي مختار،
حاڪم، حُڪيم، ڪُل اختيار، باريءُ، بر بُرهان، بَهار،
رحمان، رحيم، ڏسو ڏاتار، نُور منجهان ڪيائين نبي نروار،
سيد خلقيائين سردار، جنهن لءِ جُڙيا جڳ جهان،
پُجهہ اَرڪان سندا ايمان، سچو صديق، عُمرَ باسَر،
عثمان شاهہ، عَلِي حَيدر.

نبي مُحمد تيو نروار، چئو سلام، درود هزار،
سيد، سردارين سردار، تيو مُقرر جهانِ مدار،

---

* مجموعہ مدحيات (ٻقبٺي ڇاپو) تان ورتل.

سُونهن سيني جو سينگار، مُهَڙُ مُرسلن جو مهندار،
ڏيڻ ونڻ حبو تيو ڏاتار، شفيع، مُذنبِن جو آڌار،
'حسن' 'حسين' هنئين جو هار، تن سان پيغمبر جو پيار،
هيڪڙو نيڻَنِ نثار، عزت شرافت تيو اظهار،
پرور جا هئا پاڪ پيار، اُجهو ضعيفن اُمنِ اَمانُ،
پُجهه اَرڪان سندا ايمان، سچو صديق، عمر با سَر،
عثمان شاهه، علي حيدر.

اول نبيءَ جو اَڪبر يار، سَچو 'صديق' شير سَچار،
سُونهن صحابن ۾ سينگار، مُحمد مير ڪَيو مختار،
باري مَتِس رکيائين بار، دينيءَ دَرِ ٻَڌو دَستار،
ثاني اَثنين سين سردار، "اذ هُما في الغار" گُذار،
نانهِ پُڄاڻي تنهن جو پارُ، تيو نبيءَ تان نيڪ نثار،
شرف تنهن جو ناهي شمار، ڪافر انڌا ڪن انڪار،
رافِضَ، خارج، تيا خوار، ڪَنڌي تَن کي تيندي ڪان،
پُجهه اَرڪان سندا ايمان، سچو صديق، عمر با سَر،
عثمان شاهه، عَلي حيدر.

ڏسي ڪرامت سنديس ڪتاب، عُمَر اَمير تيو اصحاب،
دٻدٻو تيو تَنهن جو دابُ، پيو ڪُفر تي تنهن جو تاب،
اَمر ڪيو تنهن شير شتاب، پهرين چيا ۽ بانگ، صلواة صواب،
مسجد، مِنبر، تيو مِحراب، سراج بِهشتَين 'ابن خطاب'،
داخل جنت بِلا حساب، عُمَرُ عجائب، عُمَرُ اِجابُ،
عُمَر عرشن جو اَرباب، راضي متس پاڪ جناب،
اُيريو اِسلامي آفتاب، نکريا دين سندا نيشان،
پجهه ارڪان سندا ايمان، سچو صديق، عمر با سَر،
عثمان شاهه، علي حيدر.

آبر سخاوت جو عُثمان، سُونهَ صحابن جُود جوان،
راز نبيءَ جو رازدان، راضي مٿس رب رحمان،
جوڙي ڪيائين جمع قرآن، سارو فرمدو فرقان،
مُوجب لوح محفوظ لسان، شرف تهن جو اعليٰ شانُ،
بخش عطائن جو بارانُ، هيٺ ڏِگي تِنهن جي دَوران،
دين دنيا جو سڀ سامان، ڏُکين بُکين جو تہ ضَمانُ،
دُر دلگيرن جو دان، نافع نُوري ابن عَفانُ،
پجهہ ارڪان سندا اِيمان، سچو صديق، عُمر با سَر،
عثمان شاهہ، علي حيدر.

اَسَدُ الله عَلِي امام، تنهن تي چئو صلواة سَلام،
خاصو دِينُ خير اَنام، ڪامل وارثُ وير وريام،
آذر، احمد جو آرام، هرجا تِنهنجو حُڪم حُڪام،
هٿ ڪنيو حيدر شاهہ حُسام، ڪُفر ڪيائين تَلفَ تَمام،
جنهن جي هٿ ۾ ڪوثر جام، تنهن ڪان پيئندو خاص و عام،
مِهرَ خدا جي مٿس مُدام، حُورَ پري ڪل مَلَڪَ غلام،
جو نہ محبي سو ولد حرام، لعنت جو هوءِ تِنهن تي لَعان،
پُجهہ ارڪان سندس اِيمان، سچو صديق، عمر با سَر،
عثمان شاهہ، علي حيدر.

اَول مُهاجر تيو اَڪبر، دوست نبيءَ جو نامي نَر،
صلاح مصلحت صَوبُ سُپَرُ، حِلم حَيا جو دائم دُرُ،
ساڻ سَچي هو حَضَرُ سَفَرُ، هيڪ صديق ۽ بيو سَرورُ،
گڏجي ڪيائون منجهہ غار گُذر، صابر شاڪر شير سَنڌر،
طبع سليم ۽ حليم سَڪر، پُشتي تِنهن جي پيغمبر،
جان ڪيائين ڪباب جگر، ڏنگيو هو سو سَپُ سَيَرُ،

زهر تِنهن جي ڪيو نہ اَثر، معنيٰ محمد جو مَظهر،
شرف تنهن جو اعليٰ شان، پُجهہ اَرڪان سندا اِيمان،
سچو صديق، عُمر با سر،
عثمان شاهہ، علي حيدر.

نَبي سلطانَ بي نَظير، تنهن سين ڪياڪي ڪرم قدير،
وحي مبارڪ آندي ڏير، سُڻ تون پاڪ پَيغَمبر پير!
ڪَلمو پڙهيو 'عمر' اَمير، عرش ۾ ٿي خوشحالي ڪيرَ،
قوت وَڏي اسلامَ ڪثير، پنهنجا جوڙ وڪيل، وزير،
درست اَصحاب تيا دل ڏِير، هٿا ڪفار صَغير ڪَبير،
آٿي ڪيائين سي اَسير، ڪُل دَسيائين دَعويٰ گير،
ڪَئي روشنائي مِهرَ مُنير، رافِضَ خَارِجَ تيا خِنزِير،
ڏسي حَرامي تيا حَيرانَ، پُجهہ اَرڪان سندا اِيمان.
سچو صديق، عُمر با سَر،
عثمان شاهہ، علي حيدر.

اعليٰ 'عثمان' ڪيو اَللہ، مَتس مهر ڪئي مُحمد شاهہ،
حاضِر حضرت سان هر گاهہَ، ڪامل شامل نيڪ صلاحَ،
مِهر ڪئي روشنائي ماهہَ، غَنيءَ گَس لايا گمراهہَ،
بيراهن ڪي ڪيائين راهہ، اَمرنَهيءَ جو ڪيائين آگاهہَ،
ڪامل ڪئي ڪُفرتي ڪاهہَ، مَتس نبيءَ جو نَظر نگاهہَ،
ڏني تنهن کي فَتح، فتاحَ، دُرست دين ڪيو داناهہَ،
گُڏي ڪيائين ڪفر جو ساهہَ، ڏس تان کهڙو جُود جوان،
پجهہ ارڪان سندا اِيمان، سچو صديق، عُمر با سَر،
عثمان شاهہ، علي حيدر.

حيدر هادي حِلم حياءَ، حيدر راهہ ۾ راهہ نُماءَ،
خدا نوازيو تيو خُلَفاءَ، رَب جو حاصل تيس لَقاءَ،

"عَلِي ولي" آهي شير شجاع، يـاءُ نبيءَ جو برادر يـاءُ،
علم لَدُني جو عُلماءُ، ظاهر باطن، زور زُكاءُ،
اَمر ۽ تَنهن جي ارض سَماءُ، مُرشد مڙني جو مولِيٰ،
خدا تَنهن كان ناهـ جُدا، تنهن كيو منجهـ جهانَ شعاع،
"عَلِي وَلِي" خاندان، پجهـ اَركان سندا اِيمان،

سچو صديق، عمر با سَر،
عثمان شاهـ، علي حيدر.

'صديق' سَچو ٿيو منجهـ سَچن، پيش اِمام كيو پرين،
نيَتِي نماز پنيانس مِڙن، محبت تَنهن سين مؤمِنَن،
'عُمر' اَمير مَجيو عَربن، عَدل، عدالت سان اَدبَن،
اَمرُ سچي جو كو ڏان كَن، ڏُڻو تنهن كي ڏيه ڏَڻيَن،
راوي روايت هن پَر كَهن: لڳي جنگ 'تَبُوك' چَوَن،
بُک، تنگِي اُتي اَصحابن، نَوَ سَو سيڌو بارُ اُٿن،
ڏنا شَه 'عثمان' لِكَن، 'عَلي' وَلي سردار سَين،
وَجد مقاتل مُشركَن، شَرف تنهين جو عالي شان،
پجهـ اَركان سندا اِيمان، سچو صديق، عُمر با سَر،

عثمان شاهـ، عَلي حيدر.

جمع اَصحاب مُبارك يارَ، اَهلَ بَدر ۽ هُئا اڳوارَ،
چارئي سركش ۽ سردار، چارئي ڏيه سندا ڏاتارَ،
چارئي جابرَ، چارَئي يارَ، جنگ بهادر هُئا جُونجهارَ،
قتل كيائون كُل كُفارَ، چارئي بركت باغ بهارَ،
نور نبيءَ جا نيڻن ٺارَ، چارئي صاحبَ سرت سڄاڻ،
پُجهـ اَركان سندا ايمان، سچو صديق، عمر با سَر،

عثمان شاهـ، علي حيدر.

'اَبابَڪر' جو شَرف عِزت،   حضرت پاڻ رکيس جُرمت،
رَضي الله مَتس، رَحمت،   'عمر' عدالت ڪئي عبرت،
دعوِيٰ گير دَسيائين دَتَ،   رويو روئن مُشرڪ رَت،
'عثمان' شاھ اعليٰ عظمت،   دين دنيا سنديس دولت،
خَرچ ڪيائون منجھ خدمت،   'حيدر' هادي ساڻ حڪمت،
'اَسَدُ الله' قَويُ قُوَتَ،   ڏني نبيءَ کي تنهن نُصرتَ،
ڪيڏو جلال ڪيڏي جُراتَ،   تن کي صورت ڏني سُبحانَ،
پُجھ اَرڪان سندا اِيمان،   سچو صديق، عُمر باسَر،
عثمان شاھ، عَلي حيدر.

جَلو، جوت، جمالَ، جَبارَ،   ڏنيس ڏيھ ڏٽيءَ ڏاتار،
'مير محمد' متي موچارَ،   "انا فَتحنا" جي آڌار،
مرسل! توتي آهي مختارَ،   خَندَق خيبَر جي خُنڪار،
اَهل صفا جا سي اَنصارَ،   اَعليٰ اصحابِي اَڪبار،
دين دنيا جا دعويدارَ،   نعرو هٽي هليا نروار،
جَنگ جا سُورهيھ سپ سالارَ،   سيئي دين سندا دلدار،
پيش پيغمبر پهلوان،   پُجھ اَرڪان سندا اِيمانَ،
سچو صديق، عمر با سَر،
عثمان شاھ، عَلي حيدر.

راضي صحابن تي رَحمان،   مير مُحمد مهربان،
'عشرَةُ المُبَشَرين' بيان،   'اَحمد' اِجازو ڪيو اِيمان،
ڏھن چٽن کي ڏس تيو ڏان،   'اَبابَڪر' اڳ ۾ اڳوان،
'عُمر' اَمير شاھ 'عُثمان'،   'علي' ولي سيد سُلطان،
طَلحه، عُبيد، عُبَيدُ الرحمان،   سَعد، سَعيد، جُبير، جَوان،
ڪُسي نَبيءَ تان تيا قُربان،   شَرف صحابن موجب شانُ،
غَفُور، غَفَارَ، ڪيا غُفران،   "فتح مداحي" کي تَبئي دانُ،

دين دنيا حبو سڀ سامانُ،   بخش عطا تئي اَمن اَمانُ،
مٿي محمد مهربان،   ڪَـه ڪلمو، سين قلب زبان،
لا اِلٰهَ اِلا اللّٰهُ مُحَمَّدُ الرّسولُ اللّٰه.

❖

(2) *

سارهه ڪر سندي سبحان،   جنهن جوڙيا جل جبار جهان،
عرش، زمينون، ماڳ، مڪان،   جن، مَلَڪَ، عالم امڪان،
جوڙيا هژده هزار حنان،   عجب عجائب مهر منان،
فضل پنهنجي ساڻ فرقان،   نازل ڪيو تنهن نور نيشان،
شرف تنهنجي موجب شان،   آڳي پيدا ڪيا انسان،
رب رضائون رکيون رحمان،   اهڙا آڳي جا احسان،
صاحب صحابي سرت سبحان،   قادر ڪوڏايا منجهه قرآن،
جيءَ جُسا ڪيا تن قربان،   چارئي دين سندا دربان،
چارئي سخاوت جا سلطان،   چارئي عارف سين ايمان،
بغض رکين جو بي ايمان،   احمق پوين منجهه ارمان،
شڪ رکين جا ڪي شيطان،   نيش پڄندءِ اي نادان!
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رک محبت من.

مرسل ماهه، صحابي تارا،   سونهن صحابي ست سونهارا،
چارئي جهيڙي جا جُونجهارا،   چارئي وير ولايت وارا،
چارئي قُوت منجهه قرارا،   عرش، زمين سندن اوتارا،
بغض رکين جو هَيا هچارا؟
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رک محبت من.

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

جٿن چنڊ چانڊوڻي منجهه تارن، تٿن گوهر سونهين سين گلزار،
امر سچي جو مجيو سچارن، کهل نه کيائون مٿي ڪفارن،
ڪافر تالان ڪيا قرارن، چوَ چوَ مدح سندي موچارن،
ساراهه ڪر سندي سونهارن، رک يقينو ڏونهه يارن،
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رک محبت من.

چئني مُلڪ ڪيو معمور، چئني تي ٿيو نازل نور،
چارئي ظاهر ٿيا ظُهور، چارئي مولي ڪيا مشهور،
گلا ڪندڙ ٿيو غرقور، رليو رافض رَکَ رَنجور،
خوارج خائن لنڊ لنگور،
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رک محبت من.

چارئي گوهر گل گِرامي، چئني سان هو حضرت حامي،
چارئي مجلس منجهه مدامي، چئني عالم ڪيو آرامي،
چئني ڪافر ڪيا قتلامي، چئني جو سڀ جڳ سلامي،
چئني کي ٿيو عِز عُظامي، رُليو رافض هنيو حرامي،
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رک محبت من.

چارئي سورهيه سخا جا سائين، چارئي جنگ جا مرد مُهائين،
چئني کي ڏس ڏات ڏنائين، چئني سان ڏس ڪرم ڪيائين،
چئني جو سگ چو نه سڏائين؟ پڙوا پيو تان ٻول نه پائين!
مٺو منافق ويو وڃائين،
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رک محبت من.

ثـانـي اثـنـيـن سـو مير موچـار، غـــار انـــدر هـــو غمگســـار،
صادق سـچـو 'صديـق' سچار، 'آكبـر' جـو تيـو عـــزُ آپـار،
سُونـه صحـابن جـو سينگـار، جـــوڙ جمـــاعت جـــو جنســـار،
'احمــد' ســندو يـــار غـــار،
چـارئي سـرور سـاڻ سـونهن،
چئنـي جـي رک محبـت مـن.

عـدل عـدالت كـئـي 'عـمر'، صفت انهـيءَ جـي كئـي پـرور،
پـاڻ واكاڻـيـو تـي بـپـرور، ديـــن اجـــاريو تنهـــن دلبـــر،
كـفـر ڏنـائـيـن هـيـٺ قـهـر، گــلا كئـي جنهــن خـائن خـر،
لُـنـڊ لـنـگـور كـي هـڻ لـتـــر، ســـڙيو ســـٽيو منجهـــ ســـقر،
چـارئي سـرور سـاڻ سـونـ ن،
چئنـي جـي رک محبـت مـن.

'عـثـمـان' امـيـر تـيـو اظـهار، جنهـــن تـــي ديـــن ســـندو دســـتار،
حـلـم حـيـا جـو هـو هـمـوار، بخـــش، عطـــا جـــو بـــاغ بهـــار،
ذي الـنـوريـن مـلـك مـدار، عـــالم، عـــارف، جـــيءَ جيـــار،
گـلا كـنـدڙ تـيـو ذلـيل خوار، مئـو منـافق سـو مــُنهن كــار،
چـارئي سـرور سـاڻ سـونهن،
رک چئنـي جـي محبـت مـن.

اعـلـيٰ افـضـل شـان عـلـي، كفـــر كنبـــايو ويـــر ولـــي،
ظـاهـر عـلـم كـيـو زكـي، مهـر متـس كئـي مـيـر مكـي،
ڏس تـان نـانـي سـنـدو نـبـي، شـك ركيـن تـون كوهـ شـقي،
هاريـا هڄنديـن منجهـ هـاوي،
چـارئي سـرور سـاڻ سـونهن،
چئنـي جـي رک محبـت مـن.

چارئي مرسل سان مَرڪن، چارئي ڏُوا ڏيهہ ڏٽين،
چارئي وسيلا ونحبن، چارئي صادق منجهہ سچن،
بيدين تا جي بعض رڪن، هاويءَ منجهہ هچارا هجن،
رافض راهان رَڪَ رلن،
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رڪ محبت من.

چارئي صاحب چار ئي سر، چار ئي واهر چار ئي ور،
چارئي عالم هيڪ اکر، چار ئي برڪت بر و بحر،
چارئي سرور ساڻ سفر، رافضين تي ڏاتر ڏمر،
قادر آين شال قهر!
چارئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رڪ محبت من.

چارئي عابد چار ئي اڪابر، چار ئي زاهد چار ئي ذاڪر،
چارئي مانجهي چار ئي مهاجر، چارئي جانب چار ئي جابر،
چار ئي ڪوڏايا سچي قادر، چار ئي نُور چار ئي نادر،
چار ئي پٽ چارئي بهادر، چار ئي سرور چار ئي چادر،
ڪوهہ ڪرين تون گلا ڪافر،
چار ئي سرور ساڻ سونهن،
چئني جي رڪ محبت من.

چارئي والي چار ئي وير، چار ئي عالم منجهہ امير،
چار ئي آگي ڪيا اڪسير، چئني جا آهيون دامنگير،
فضل ڪندا سان "فتح فقير" هينئڙي ڏيندا سي دل ڌير،
ڪهو ڪلمو مٺي محمد مير:
لا اِلٰه الا الله مُحمد الرسول الله.

مدح (غوث اعظم جيلاني)*

تُنهنجي صفت سُلطان تون، ... باري، بلند، بُرهان تون،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

صاحب ڏٺي جيلان تون، ... شَرفِ خدا جو شان تون
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

جَولان جيلانيءَ سَنديءِ، ... سڀ ڏيه ٿيو ڏاني سنديءِ،
پيو ڪونه ڪو ثاني سنديءِ، ... چَٽُ تاج سُلطاني سنديءِ،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

تو لاءِ زمين، تو لاءِ زَمَن، ... تون خانداني پنجتن،
تون ساقي علم لَدُن، ... توکي خدا کيو پاڪ تن،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

تُون خاندانِ مُجتَبيٰ، ... شاهه نَجَف جو دلربا،
تون دَم اِلهي ڪِبريا، ... سَڀ اَولِيا تو خاڪپا،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

تون! مُصطفيٰ جو جان وتن، ... بيشڪ حُسيني تون حَسن،
تو ڏانهن رکي جو غير ظن، ... سو رافضي ٿيو بي دَفن،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

ٿيا معجزا تُنهنجو مَرَڪ، ... تُون عالمِ اَسرار حق،
جو تو رکي توڏانهن شَڪ، ... سو خَر، حرامي ٿيو غرق،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

---

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

تُون آل اولاد علي، وارث ولايت جو ولي،
تو کان پَلا! سَيڪا پَلي، تنهنجي اِڳيان حق مُنجَلي،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

تون چوڪِي 'رسول الله' جي، ڪُنجي خدا درگاهہ جي،
معنيٰ حقيقت شاهہ جي، سڀ تو متي آگاهہ جي،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

چوڏنهن طَبق چارو سندءِ، نَوَ ڪَندِ ۾ نَعرو سندءِ،
۽ عرش اوتارو سندءِ، جبريل هَرڪارو سندءِ،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

جُملي وَلين سردار تُون، خاوَند ڪَئين مختار تون،
طلبيو رسين هرڪار تون، تحقيق ۽ تڪرار تون،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

واقف خدا تو شان جو، تون راز گنج رحمان جو،
محبوب تون سُبحان جو، مون ڏانُ ڏي اِيمان جو،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

سَرتاج پيرانِ سَيدا، فرياد رَس نامِ خدا!
پوري خدا ڪَئي مُدعا، توکان خدا ناهي جُدا،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

تون جُز دلِ پيغمبري، معنيٰ حقيقت حيدري،
سڀ مُدعا تو کان سَري، تون هَنڌ خدا جو دفتري،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

ڪَڍيو تو يوسف چاهه مان، ڪِشتي ڪڍي تو بحر ڪان،
تو هِمتِ عالي جوان، ارشاد ڪِيو ڪُل ڪي اوهان،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

ذُوالقَرنَ ڪي چيئي ڏاڻ گهُر، ’عيسيٰ‘ جيارڻ جو اَمُرُ،
’موسيٰ‘ اُتي جولان جَبر، ’اَيوب صابر‘ تي نَظر،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

ڪَئي گُم سُليمان اَنگُشتري، تُنهنجي مهر سان سا وري،
جن ديوَ تيا سڀ حاضري، تن ڪي ڪيو تو خوشتَرِي،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

لاکا، سَپڙ، حاتم، بندا، پر بندا تو در سَندا،
ٻانهون ٻڌي ڪورنِش ڪندا، سي سڀ سُوالي تو سَندا،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

شب معراج تو ديدار ڪِيو، تو نارَ ڪي گلزار ڪِيو،
سڀ تو اَچي اظهار ڪِيو، يونِس مڇيءَ مِسمار ڪِيو،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

صاحِب عَرب! ارشاد ڪر، عالي عِلم امداد ڪر!
مُدعي مُسَخر مات ڪر، فرياد جو تُون داد ڪر!
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

پيِنار ميراثي پَهي، مَنصَب ملي ڏُکڙو لهي،
پَٽ يان تو ڪِيرت ڪهي، دشمن مداحيءَ جو مُهي،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءُ!

خواهش سنديم سڀ خاص ٿئي، مون کي توهان جي پاسِ ٿئي،
مَن مدعا سڀ راس ٿئي، دُشمن سندم شَل ناس ٿئي!
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءَ!

ڪر درد منهنجي جي دوا، تُنهنجي سَخا ڪُل ۾ سَوا،
پنهنجو گدا ڪر بانَوا، تُنهنجي مدح ڪُل تي رَوا،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءَ!

داتا! خدا لڳ دانُ ڏي، شَرف ۽ شَرافت شان ڏي،
اَعتقاد ۽ ايمان ڏي، سَڀ ڪُجهه مڱان سامان ڏي،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءَ!

تون ئي عدالت، تون عَدل، تُنهنجي پنيان جُملي جُمَل،
ڪر "فتح" سين پنهنجو فَضل، ٿئي مِهر سين گلزار گُل،
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءَ!

وارو مريدن جو وَريو، ڏارو چڱو تَن جو ڏَريو،
سَيِڪي آهي تِن کي سَريو، ڪلمو نبيءَ تي جن پڙهيو.
يا غَوثُ اَعظَمُ اَولِياءَ!
لا اِلٰه اِلاَّالله مُحَمَّدٌ الرَّسُولُ الله ﷺ.

مناجات (نبي ﷺ) *

(مخدوم عبدالله واعظ جي چيل)

[مخدوم عبدالله عرف "ميان موريو" سنہ 1150 ھ/1736ع ۾ ٺٽي شهر ۾ ڄائو. هو مشهور عالم "ميان ابوالحسن" جو پاٽيجو هو ۽ هن پنهنجي سموري تعليم ميان ابوالحسن کان حاصل ڪئي. مخدوم عبدالله جا وڏا "ميان" جي لقب سان مشهور هئا، پر هن پنهنجي علم ۽ فضيلت جي ڪري "مخدوم" جو لقب حاصل ڪيو. سڄي عمر ٺٽي شهر ۾ رهيو. عام طرح واعظ بہ ڪندو هو، تنهنڪري ڪيس "ميان عبدالله واعظ" بہ ڪري سڏيندا هئا. مخدوم عبدالله، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو همعصر هو. هن مخدوم هاشم جي وفات کان هڪ سال پوءِ سنہ 1175 ھ/1761ع ۾ "ڪنزالعبرت" ڪتاب تصنيف ڪيو، جنهن ۾ مخدوم محمد هاشم جي تصنيفات مان بہ سَندون پيش ڪيائين. مخدوم عبدالله ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ بدرالمنير، غزوات، نُورالابصار، هفت بهشت، قمرالمنير، سگَ نامو ۽ تفسير وغيره مشهور آهن.]

سَچا سَيد مُرسَلان عالم جا امام،
واڪاڻيل واحد جا آگهيا در عَلام،
اُيَن پُونيَنِ پڌرا خاص خير اَنام،
راهون سڀ روشن ڪيون نرمل اَنهَنجي نام،
لِڱس اَهنجِي لام، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

اَنڌن ڏيو اَئين اکيون ميرَن ڏيو مانَ،
ٻُڪين ٻَرادين بيڪَسن ڏاتيُون ڏيو ڏانَ،
جوڙي ناهِ جهان ۾ ڪو شَريڪ اَنهنجي شان،
مولي معَراج اَنهنجو ساراهيو سُبحان،
مون ڪي مهربان، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

آهيان اسُونهه آيرو، عاجز ۽ اسير،
ڪَر لهي ڪونه ڪو، پيو دلبر دستگير،
مسڪين، محتاج آهيان فريادي فقير،
ڏيو تون ڏيهَن جو سچو سراج مُنير،
هي جو پسي حقير، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

گهيريُس گُناهين گوندرين ماريس مَتارين،
چنر تُرهو تار ۾ لوڙيس گهڻو لهرين،
پَهُون پاڪاريان گهڻو اندر عَميقن،
سِگهو رَسِيم سُپرين! سندا سُونهن سين،
اَجها عاجزن، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

اسم 'محمد' انهنجو ڪَهيو ڪَريمَن،
اَيَن پُويَنئُون اڳي هو ۽ ويهون لڪَ وَرهن،
تو ساماٽي سُپرين لتا ڏُڪار ڏيهن،
ويا درد دل جا لهي دلگيرن،
مهندار سندا مڙن، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

آڳي سجدو آدم ڪي ڪاريو ڪرد گار،
مڙني ملائڪن هٿان نُوري جي نبار،
جڏهن انهنجو اُن ڪي هو نُور منجهه نراڙ،
پڌرا ڪيا پادشاهه پرور انهنجا پارَ،
سيني جا سينگار، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

توبه تڏهن آدم جي قادر ڪئي قبول،
جڏهن پيغمبر پُنيين تون رهبر هُئين رسول،
ڏُئو تون دارين ۾ مولي در مقبول،
انهنجو عَدُوُ سيڪو مَقهور ۽ مَخذُول،
مُجرم ٿيو ملُول، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

حُرمت اَنهنجيءَ هاشمي پلارا، بشير!
پيڙي ٻُڏُٽا بَچِي سندي ’نوح‘ نذير،
ذبح ٿيو ذبيحن جو مؤقوف بَرڪت مير،
’ابراهيم‘ ڪي آڙاهه ڪان ڪڍيو تو قدير!
دلبر دستگير، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

مُرسل! مَلائڪ، اَنبياءُ سڀ آن کي ڪَن سَلام،
موت پڇاڙيا مائٽن اَنهنجي آندو اِيءُ اسلام،
جائز جُتيءُ جو عرش تي آن کي ٿيو اڪرام،
”قاب قَوسَين“ اَنهِنجو مولي ڪيو مَقام،
خاصو تون خوش نام، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

خالق خادم اَنهِنجا مولي ڪيا مَلَڪَ،
پُرن اَهنجيءَ پُٺ ۾ فوجون فَلَڪَ،
واصل ٿيا واحدَ سين اَئين لنگهي لَڪيون لَڪ،
موٽي مَعراجان آئيا اَئين پرين منجهه پَلَڪ،
سيني لٿا شڪَ، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

جڏهن اَئِين جهان ۾ ٿيا ظاهر مٿي زمين،
پڌرو ڪيو پادشاهه اَهنجو جلوو منجهه جَبين،
تڏهن مُلحد مات ٿيا ڪُفر رهيو ڪين،
آيا تڏهن اسَلام ۾ دُرست مٿي سڀ دِين،
افضل رسول امين، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

عاقي جي اسلام سين هئا هميشاهه،
دشمن سدائين دين جاَ غالب گهٽو گمراهه،
پَسِي تن پيغمبر کي صدقا ڪيئا ساهه،
هلياَ حق هدايت ڏنهن رَميا مٿي راهه،
اڪمل عالي جاه، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

أهـنجـي سـڪ آدم کـي آهـي اُپـايو،
أهـنجو اَچڻ اولادَ کـي تنهـن سـاري سـُڻايو،
تـاَن پـِـي اڳيـان پويـان تـون أجـاري آيـو،
پٺ ۾ تـَنهين جي پيغمبرا تـون ربُ هئيـن رکـايو،
تون هاديءَ هـَلايو، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

چاڙ! تنهنجيءَ چمار جو سونهـُـ کيـو سبحان،
پـَڻـي أنهنجي پيـرُنَ جـي ساراهـي سـلطان،
واحدَ، واکـاڻون أنهنجيـون کيـون منجهـ قـران،
اچـن سـدائين آن متـي رحمتـون رحمـان،
اي ضعيفن ضمان، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

لائـق تـون لـولاک جـو مولـيٰ سـندو مختـار،
آگـي کيـو آن کـي مـڙن جـو مهنـدار،
جـِـت جاءِ نـ جبريـل جـي تـَـت تـو قـرب قـرار،
توسَين ڳجهـ انـدر ڳـَرَهـي سـباجهو سـَتار،
آءٌ گولو گنهگار، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

سـَـمر سـاڻر ناهـ کـي سـَفر سـتاٿو،
نـَکي هـَنجهـ نـ هڙ مونَ نـ نـاقص سينَ نـاٿو،
ڏاڍا ڏونـگر لـَکـيون ڏيـه نـ ڏاڏاٿـو،
سـيکو چـڏي سـَج ۾ نـدر نمـاٿو،
تون صاحب سُنهاٿو، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

عاصـيـَن أنهـنجو آسـرو سـَدا منجهـ سـَرير،
پـاپين پچـي کونـ کـو ري مـُحمد مـير،
رُج ۾ رهيـَن کي رَسـين کـَرم ساڻ کـَثير،
پـِچي پـاند پيغمبـر جـو سـي لنگهنـدا سـير،
مون بدڪار بي تدبير، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

آهيم اُنهنجو آسرو منجهه پنهي جهانن،
قوت مُنهنجي قلب جو مدح محبوبن،
سمر ساڻم اهوئي سڪ سندي سُپرين،
چاڪر جن چائيان سي مُشفق مون ملن،
اَهُڪيءَ عليلن، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

ڏک ڏکندا ڏاڪڙا اُهڪايون اپار،
ويچاري وُجود تي وَسن وير وتار،
سَنجهي صبح سرير ۾ سُورن جي سَنيار،
ورچي ويچ طبيب سڀ پڇي ٿيا بيزار،
ڏکن جا ڏاتار، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

هَتان حضرت هاشميءَ سيني ٿئي شفا،
جُڪيون لَهن جاجُڪين، گولن ٿيئي غنا،
اَنڌن ٿين اکيون ۽ چڱا ٿين چريا،
نظر سين نبيءَ جي موٽي جيَن مُوا،
ڏٺيءَ جا ڏوا، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

’طٰهٰ‘ ۽ ’يٰس‘ ٿئي نرمل اُنهنجو نام،
”انا فَتَحنا“ اُنهنجو مقصود ٿيو مُدام،
واَحد ”ولَسَوفَ يُعطيَڪ“ جوان ڪي ڪيو اڪرام،
مَولي مُڪو آن مٿي قادر سندس ڪَلام،
توسِر صلواتون ۽ سلام، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

پَسيو پاپ پانهنجا اکين اوتيان آب،
ڊِجان ڊاءِ ڏٺيءَ جي سُٽيو سندس عَذاب،
منڪر ۽ نَير ڪي ڏيندس ڪيئن جواب؟
ڪوهه چاڻان ڪهڙو خالق ڪندو خطاب؟
آهي حَق حساب، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

ڏهئي قسمر ڏيجَ ۾ سندا شفاعت،
ڏيندو آن کَي ڏيه ڏٺي ڏينهن قيامت،
کندين تتي ڪارٽي تون مِڙني جي مَتَ،
کوڙيين ڏِيندا ڪيترا جوڳا سندا جَنَتَ،
رهبر سِين رحمت، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

اُهڪيءَ ۾ عاصِيءَ ڪي تون فائق رَس في الحال،
اَپَرَ آن ڪَي اڳرو قادر ڏنو ڪمال،
سدائين صاحب سِين وِرُونهَ آن ڪي وصال،
مشهور اُنهِنجو ملڪ ۾ جلوو ۽ جمال،
سيد سٽي سوال، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

"يَوم يَفِرُّالمَرءُ" جي جڏهن واحد ڪندو وير،
تتي رونِدا رت سلطان شاھ چُڳير،
اُي تَتو پُون ٽامٽي پچيو رهندا پيرَ،
ويندي همت، هوش سڀ هي جو آهي هيرَ،
سچا سرور شير، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

مون ڪي مَن ۾ اوسيڙو مگر جو آهي،
ايندو عاصين ڏنهون قيامت ڏينهن ڪاهي،
وَرنَه رسَج وقت تَنهن لاڳاپا لاهي،
لنگهندا سير صراط جو سڀ سپرين ساهي،
پازي پهرائي، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

"لأملِئَن" جهنم جو مولي اَمرُ ڪِيو،
پسِي پڙهي تنهن ڪي آهيئُون ساھ سَڪو،
همت، حرفت، حيلو چوڏاري چُڪو،
اُسان سين عملن جو پورو نانه پُڪو،
تون اُجهو آجهڪو، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

ظاهر زبون منهنجو باطن مون بيڪار،
جيو ڪيُم نفس جو وجايم وقار،
ڪري ڪَمڙا ڪبيرا ٽبو جيءُ جنجار،
پسان پاپ پانهنجا قلبئون ناهه قرار،
تون اڙين جو آڌار، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

سو نه ساريان سفر کو عمل منجهه اُنگڙن،
سٽ نه ساريان سمرڪي جو مَرڪان منجهه ماڻهن،
نيڪي سندم ناهه ڪا خاطي خطائن،
پَسي ڪرت ڪچائيون گڏيس گوندرن،
مَرڪڻ مُرسلن، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

گولو گنهگار گهڻو ڏڏُ آءُ ڏوهاري،
مون تان نظر مَ لاهيو آءُ اُنهنجو بيگاري،
آهيم اُنهنجي در جي طَلَب ۽ تاري،
ڪامل! ڪريو ڪرم سين اُئين يتيمن ياري،
آهيان آزاري، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

ڪنڌي ڪچاين ناهه ڪا بديون بيشمار،
ڪيئم گُندَ گناهن جا هزارين هزار،
وڌم هٿ حرام ڪي چاڙهي سي چمار،
جيو ڪيم چارين جو مُفسد جي مڪار،
سڀاجها ستار، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

”وَالوَ زن يومئذن الحقُ“ تي آندوسُون ايمان،
پر ڪچاڙو تورائيون مَندبو جت ميزان،
پاندا پريا بدئين نسورو نقصان،
تو ذاران ڪتهين پيو اَمن نه ڪو اَمان،
تون دارين جو ديوان، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

حضـرت منهنجـو هـٿ ونـو أئـين لـڳ الله!
دلگيـرُ دامـن لائيـو شـاهن سَـندا شـاهه!
ڏيـو اَمـن عـاصين کـي پنهنجـيءَ منجهـہ پناهـہ،
سـدا جنهـن سـرير ۾ اَنهـِنجي خواهـش خواهـہ،
رهبر رَسِـيمِ راهه، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

حُرمَت 'حضرت صديق' جي، جو صحابن سينگار،
پَـلو بعـد رسـول جـي سـچو يـار غـار،
مـڙن کَـنا مَـهند کيو جنهن اِسلام جو اقـرار،
هئـو سـِلکُ سـبيل ۾ هميشـه هوشـيار،
سو دوست پَسي دلدار، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

پڻ حُرمت حضرت عمر جي، جو عامر سندو اسلام،
کـُنا جنهـن کـُـفار تـي مـُلحد سـپ مـُدام،
عـالم کـي عدالـت سـين آندائيـن منجهـہ آرام،
کري نہ رعايت کنهن جي منجهہ اَمر ۽ اَحکام،
تون چامن سندا چام، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

پڻ حُرمت 'حضرت عثمان' جي، جو اَکمل پُٽ عَفان،
تـر تفاوت نہ کيو جنهن فـائق منجهہ فـُرقان،
عطَـائون الله لـڳ ڏاتيـون ڏنـائين ڏان،
سـچيون راتيـون اُپيـي قـاري سـندو قـُـران،
سَباجها سلطان ، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

پڻ حُرمت 'حضرت علي' جي، جو اَسد اَصحابن،
کنيو باب خيبر جو جنهن کـامل اُتـي کـُـلهن،
مـاري کيائين مات سِي، جي فُـرقانئون قـِرن،
سـڳو سـوٽ سَـيد جـو دامـاد پـڻ دوسـتن،
برکت تن پلن، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

۽ حرمت ’حَسن حُسين‘ جي، جي پلاٻئي پارَ [1]،
پــاڪيزا پــاڪ گهٽــو ســڳورا ســردار،
فرزنــد ’بيبــي فاطمــه‘ اَنــور اڪيــن نــار،
ســبطينِ سيد چــامر جــا پــُــٽڙا حيــدر ڪــرار،
سي پسي نُور نيارَ، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

۽ برڪــت بيبــي فاطمــة جــا ســيدةُ النســاءُ،
پــَــڙهو پونــدو ڪــارڻ جنهــن قيــامت ڏينهــا،
تہ پوريو پنهنجون اڪيون اَئين ماٿهو محشــر جــا،
تہ لنگهي وجي جَــنت ڏنهون ســا فاطمــة الزهــرا،
سي پَسِي پاڪ وِيا، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

حُــرمت ’حمــزه‘ ۽ ’عبــاس‘ جــي چاچــا چاڳــلن،
پڻ حُــرمت حَــرمَــن حضرت جي، جي مائون مؤمـنَــن،
پــڻ حــُــرمت آل اَحمــد جـــي ڏيئــرن ۽ پـــُـٽن،
رحمتــون جنيــن تــي رب جــون، وِيــرُون تــار وَســن،
مون کي سين مِـهرن، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

عــاصي ”عبــدالله“ جــي واهـــر ڪــَــر وريــام!
جنهـن ڪي وسيلو اَنهـِـنجو سـَـنجهي، صبح شــام،
ڪريو نظر نِـينهن جو تنهـن مـُـجرم ڏانهہ مـُـدام،
چون سدائين شوق سِـين آن تي صلواتون ۽ ســَـلام،
مُـشفِـق لاهہ مَـلامَ، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

مولـــي مـــوت ويــرَ ڏيـــن ســَـــباجها ســتارَ،
محــَـبت ڪلمي طيب ســِـين پــاڪِـيزي پــَـچار،

---

[1] پارَ = پائـرَ.

مـاري مسـلمان كريـن مـُـون منجهـان دُنيـا دار،
اُتـــي تـــَــوحيد طــاعت ۽ محبـــت مهنـــدار،
سَيد! ڪِج سنڀار، فرياد رَس يا مصطفيٰ!

ڪلمو چوان ٿو ڪوڙ سين مـَـتي مـُـحمد ميـر،
توبـَـه ڪـَـير ڏوهنئون سونڪي منجهه سـَعِــير،
توفيـق ڏجـان طـاعت جـي سچا سـَـميع، بصيــر!
مـَرَهِـين مون كي مون ڌٽي گناهه صـَغِــير و ڪبير،
يـَلارا بـَشِـير، فرياد رَس يا مصطفيٰ!
لا اِلــه اِلا مـُحمدُ الرسول اللهِ.

❖

مناجات (غوث جيلاني)*

(2)

سچا محبوب سبحاني! اُتي اَي غوث گيلاني!
اَچي هن حال تي ثاني، مدد يا شاهه جيلاني!

1- اسان جو حال تون داني، پازيءَ کي لاهه پشيماني،
اَجهو آهين مُريداني، مدد يا شاهه جيلاني!

2- سچا سرتاج بغدادي، شڪستيءَ کي ڏئين شادي،
تو دَرَ جو آهه فريادي، مدد يا شاهه جيلاني!

3- آهين تون قطب رباني، نِسورو نور نوراني،
وسيلو تي ضعيفاني، مدد يا شاهه جيلاني!

4- تو سِرَ تي تاج رحماني، آهين تون پير پيراني،
سچا سادات صمداني، مدد يا شاهه جيلاني!

5- رَسين مون راهه رڻ رج ۾، پيارين آب تون اُڃ ۾،
سِکهو ساٽي تئين سج ۾، مدد يا شاهه جيلاني!

6- مولي در مرتبو عالي، سندو تو آهه مُتعالِي،
منهنجي ڪر وَ هر في الحالي، مدد يا شاهه جيلاني!

7- مون تي پيا مدعي داهين، اَپر اِيذاءُ ۾ آهين،
ڏينهن ڏينهان سا مهر ڪاهين، مدد يا شاهه جيلاني!

---

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

8- تَنين کي پاڻ پَلئين تون، بَچي هيبت هڪلين تون،
ڊِنل جو دست جهلين تون، مدد يا شاهه جيلاني!

9- عطائون آن سنديون اهڙيون، پالوٽون بَحر جون جهڙيون،
تعريفون توکريان ڪهڙيون؟ مدد يا شاهه جيلاني!

10- جيارين دِينُ پرور جو، آهين اولاد انور جو،
ڪٽيو جنهن ڪوٽ خيبر جو، مدد يا شاهه جيلاني!

11- سَچي زهرا سندءِ ڏاڏي، مُحمد مير جي زادِي،
آهين اصلهم تون أولادِي، مدد يا شاهه جيلاني!

12- شَفيع جي ڪُل عالم جا، وِياءِ آهيو آئِين تن جا،
سُٺو سَڏڙا سوالين جا، مدد يا شاهه جيلاني!

13- غمن گهر ڪيا منهنجي جيءَ ۾، آهيان اوڙهه اُهڪي ۾،
سگهو رَسجيم سختيءَ ۾، مدد يا شاهه جيلاني!

14- تو سِرَ تي ڇٽ سليماني، تون يوسف آهين ثانِي،
أجهو آهينَ ضَعيفاني، مدد يا شاهه جيلاني!

15- ڪونهي ڪو خير خواهه منهنجو، دلاسو آهه مون أنهنجو،
ڪريو سرهو پازي پنهنجو، مدد يا شاهه جيلاني!

16- دوا آهين مريضن جو، بچاءُ آهين غريبن جو،
دلاسو تي ڏکوين جو، مدد يا شاهه جيلاني!

17- تون آهين دوست تنهن جو درجو، ڏنو توکي جَنهين درجو،
پيارو تون پيغمبر جو، مدد يا شاهه جيلاني!

18- نڪو ساريان وسيلو ٻيو، محمد مير ري پنهنجو،
آئِين پڻ اَولاد اِنهه جو، مدد شاهه جيلاني!

19- آهين تون نور عرفاني، سڳورو شير سبحاني،
ڪرم ڪريين يَتيماني، مدد يا شاهه جيلاني!

20- آهيان گولو اُنهنجي درجو، ٻهاري راهه پيزر[1] جو،
آهين تون حوض ڪوثر جو، مدد يا شاهه جيلاني!

21- تون آهين دين جو باني، سُهائِين راهه رحماني!
ڪونهي ڪٿهه تنهنجو ثاني مدد يا شاهه جيلاني!

22- ٻڏو آهيان گناهن ۾، پشيمان ٿيس پاپن ۾،
تيلانهه تِرڪيس ڪماين ۾، مدد يا شاهه جيلاني!

23- پَسي مسڪين ويچارو، ڪندا ڪيئن تِنهنجو ويسارو،
اُنهنجو جنهن آهه آسارو، مدد يا شاهه جيلاني!

24- آگي آن کي ڏني عزت، محمد مير جي حُرمت،
تيلانه ٿيو نام تو نعمت، مدد يا شاهه جيلاني!

25- منور پاڪ پيشاني، زبان ذِڪر رحماني،
سڳورِي سَيف حقاني، مدد يا شاهه جيلاني!

---

[1] پيزر = پيزار، جُتي.

26- تنهنجي در تي آهيان فاني، پنان مشڪل جي آساني!
آهين تو اپر عصياني، مدد يا شاهه جيلاني!

27- نظر ڪر حال ڏنهه منهنجي، پروڙيو ڪشف سين پنهنجي،
پروسي آهيان انهنجي، مدد يا شاهه جيلاني!

28- مُحي الدين شاهه ميران، مدد تي حال دلگيران،
رسين فرياد غمگيران، مدد يا شاهه جيلاني!

29- تُنهنجي تي مدح ملڪن ۾، آهين مشهور فلڪن ۾،
مَلائڪ اِنس جِنن ۾، مدد يا شاهه جيلاني!

30- "عبدالله" آهي سوالي، انهن جي درگاهه جو عالي،
مَچُڻ سو وار هو خالي، مدد يا شاهه جيلاني!

31- پنِي پنهنجي نگهباني، مگي تنهن حق آساني،
تہ تئي سڀ دور حيراني، مدد يا شاهه جيلاني!

32- آهيان مداح آءُ آنهنجو، نِسورو ڏاهه آءُ آنهنجو،
گولو درگاهه آءُ آنهنجو، مدد يا شاهه جيلاني!

مدح (شاهه عبداللطيف ڀٽائي) *

(آخوند محمد بچل 'انور' جي چيل)

[آخوند محمد بچل، مٽيارين جي آخوندن مان هو. سندس والد جو نالو محمد صالح هو، جو فارسي ۽ عربيءَ جو عالم هو. آخوند صاحب مير نصير خان بن مير علي مراد جو اُستاد هو. جڏهن مير نصير خان سنڌ جي تخت تي ويٺو، تڏهن هن آخوند صاحب کي پنهنجو خاص مشير ۽ صلاحڪار بنايو. اهو زمانو سنه 1255 هه/1840ع جو هو. آخوند صاحب گهڻو شعر فارسيءَ ۾ چيو آهي، ڪجهه نثر به لکيو اٿس. سنڌي ۾ سندس مرثيا ۽ "مدح شاهه لطيف" مشهور آهن. سندس تخلص "انور" ۽ "بچل" هو. سندس نالي تي هڪ "بياض" آهي، جنهن ۾ پنجاهه، سٺ غزل درج آهن. بياض ۾ سنه 1277 هجري ملي ٿو. سندس وفات جو سال 1278 هجري/ 1821ع آهي.]

آيا شاهه شاهان نشان شريف، تون آلِ نبي ضامنِ هر ضَعيف،
تون حيدر جو همراز همدم حريف، مان تو در تي آيس نزار نحيف،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون شمس الضحيٰ شاهِ بدرالدجيٰ، تون نجم العُلا تون نور الهديٰ،
تون ئي قطب ڪامل تون ڪهف الوريٰ، تون مرشد مڪمل مٺو، مقتدا،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

سِپِهرِ ڪرامت جو تون آفتاب، تون بُرج ولايت جو ماهتاب،
تون ڪامل ڪريم النسب ڪامياب، ڀٽائي ڀلا پير عالي جناب،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون مختار صاحب جي سرڪارجو، تون ديوان داور جي دربار جو،
تون مالڪ سيئي امر اختيار جو، تون حامي رهج منهنجي هرڪار جو.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

---

* حيدرآباد مان محترم احسن ڪربلائي صاحب کان مليل.

تون خيرُالبَشر جو گرامي گُهرَ، شهِ اوليا؛ جو تون پيارو پسَر،
’حسين‘ و’حسن‘ جوتون جاني جگر، تون خاتونِ جَنت جو نورُ البَصر.
كرم كر سخي شاهه عبداللطيف!

تون هِين ذره پرور، تون مهر منير، تون ماهِ منور تون مولا تون مير،
تون سڀ جو ڏٺي بادشه بينظير، تون داروئي درماند گان دستگير.
كرم كر سخي شاهه عبداللطيف!

فلڪ تي ملڪ ٿيا سنڌ۾مدح خوان، ڪرن ڪورنشون ڪوڙين ڪَرُوبيان،
بهشت برين مري تنهنجو مڪان، جي آيا اگهيا، ٿيو مريدن جو مان.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون بَزم شرعيت جو شمعِ ضيا، طريقت جو تون مهدي و مُقتدا،
حقيقت ڪئي حق توکي الحق عطا، سڀِي معرفت جي سنڌ۽ قد، قَبا.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

ڪرامت، ڪرامت ڪي توکي ڪريم، عنايت، عنايت ڪي ايزد عليم،
رکي حڪم تنهنجي حڪمت حڪيم، جي تنهنجا سلامي سي سَقمون سليم.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون بي وارثن جو وسيلو، اي وير! سخي پير ڏي دل ڪي سيد سُڌير،
۽ غمگين جو دست وٺ، دستگير! متان تون ڇڏين مون ڪي اي منهنجا مير.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

خدا جو ولي ۽ نبي؛ جو تون نُور، علي؛ جي تون سيني جو سيد سرُور،
جي آيا تو وٽ تن ڪي حاصل حضور، ڪرين مدعي منهنجو ضايع ضرور.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

ارادت سين جو تنهنجي درتي اچي،   سو تو لال لائق جي رنگ مون رچي،
توڙي غفلتي، غرق، ڪرتُن ڪچي،   پلا! تنهنجي برڪت بدين کون بچي.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

اي پالين پلا ڪر پلائيءَ جو پال،   مَتئِي سيڪي معلوم حال و حوال،
آءٌ سائل سنڌءِ تون هِين لج پال لال،   خدا لڳ مجيج منهنجو سيد سوال.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

ڪرين منهنجي مڙئي مدعا،   الله لڳ سٽج منهنجي هيءَ التجا،
آءٌ پينار تنهنجو تون صاحب سخا،   نہ خالي ڇڏين ڪوبہ پنهنجو گدا.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

حبيباٽي ٿيو هوت حاجت روا،   ڪرين درد منهنجي هردم دوا،
وسيلو نہ ڪو بيو سُجهي تو سوا،   تون هِين بادشه آءٌ سنڌءِ بينوا.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

خدا لڳ سندم خانو آباد ڪر،   ۽ اَبناء و اولاد امداد ڪر،
خوشيون بخشي دل کي شها! شاد ڪر،   غم و درد اندوهه کون آزاد ڪر.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

سنڌءِ در جو سائل آهيان، سيدا!   نبيءَ لڳ سٽج ننگ پرور ندا!
عيان آهي منهنجي مَتئِي ماجرا،   مريدن جو تون مير مشڪل ڪشا.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

آءٌ تو در تي آيس ٿي اُميدوار،   مرَ ڪج خلق جي نزد مون کي خوار،
زيادهه ڪرين عزت و اعتبار،   سنڌءِ فضل جو ناهه شاها! شمار.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

زمانو زبون ٿيو رڪين شرم شاهه! پـرم ڪـر پـٽـائي پـلا بادشـاهه!
ڪرين ستر جو نور نـافع نـگاهه، رهج پير پـاجـي جو پشت و پنـاهه.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

ڪريـن اَمـن دوران جـي دَور ڪـون، نگهبـان ٿيـو شـر ۽ شـور ڪـون،
ڇڏائين ڇيهي، جَـبر ۽ جور ڪون، رڪـن حـفظ ۽ ظـلـم ۽ زور ڪـون.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

شـها! ديـن ايمـان جـو بخـش دان، سندءِ در ڪون مشڪلڪُشائي ڪي مـان،
خدا تنهنجو اعليٰ ڪيـو عزوشـان، ”بچل“ ڇا ڪري سگهندو اُن جو بيان.
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

مدح (بادشاهه پير رحه) *

(آخوند عبدالرحمان جي چيل)

ساراهه ڪريو سبحان ڪي، جوڙيو جنهن جهان ڪي،
آدم ڪَنا انسان ڪي، اِحسان سِين اِيمان ڪي.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

اول نبيءَ جو نُور هو، ظاهر منجهان تنهن سڀ ٿيو،
جيڪي آهي ڪِي خلقيو، ٽوٽي نبي ٽوٽي بيو.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پل ا!

تون مير محي الدين شاهه، خاصو ڪو توکي خدا،
هم مصطفيٰ هم مرتضيٰ، آن سِين ڪئي آگي عطا.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

سائين آن ڪي ساراهيو، مُرسل آن ڪي مَرڪائيو،
اعليٰ ولِي ٿيو مرتبو، آن سِين جڙي ڪتِهَر نڪو.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

چار سؤ ستر هئا گذريا، هجرت نبي نُور الهُدي،
تنهن وقت آئين ظاهر ٿيا، پَرور اوهين پيدا ڪيا.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

---

* مجموعه مدخيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

تـَـڏ هـو ضعيفـي ديـن ٿيـو، ســو آن جيــاري نئــون کيــو،
مَحـي الدين نـالـو تـي پيـو، ايـڏو کـرم کنهـن جـو ٿيـو.
يا شاھ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پـلا!

عـَالم توهـِـر آجـو کيـو، ســـي خلــق کــي تــازو کيــو،
ايـمــان جـــو ڏاجـــو ڏهـــو، جــن و پـــري سـپ خوش ٿـيـو.
يا شاھ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پـلا!

معــراج هــو حضــرت جـڏهن، حــاضر هئــا اُت اَئـــين تــڏهن،
چاڙهيا ڪُلهو ڏئي عرش تنهـن، اهــڙو نــه آيــو شــرف ڪنــهــن.
يا شاھ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پـلا!

حضرت چيو: هـُـت ڪيـر تـون؟ چـَـيان سيدا سڻ سـوال مــون،
آءُ اُمـــتـــي اولاد ـتـُـــون، اِتـهـِـر آڳـهـر اُنهـنـجـو مـڪـون.
يا شاھ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پـلا!

قــادر ڪـرم تـو سين ڪيـو، ســـي اوليــــائن ۾ ٿيـــــو،
ثــاني نــاهـي ڪـو تـو جـِهـو، جنهن کي وجي چان عـرض ڪـو.
يا شاھ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پـلا!

توتــي رکيـــو حضـــرت قـــدم، اعلـيٰ ٿيــو تنهنجــو عــَلـــَم،
ڪـَدِ ونگي ڪان منهنجو قلـم، اِي رِيـتَ تـنهـنجـي آ رحــــم.
يا شاھ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پـلا!

ڏاڏو سندءِ شاهه نجف، نانو نبي نُور الفلڪ،
ايڏو ڏکيو آهه تو دلق، چئين: اَي مُريدي لا تَخَف.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

تنهنجي مُريدي تيا مَلَڪَ، جِن و پري خادم خلق،
هَفتِ زمين چوڏنهن طبق، سڀ اوليا ۽ وٺتو سبق.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

تو سين ڪيو قادر ڪرم، رک هٿ هُتي منهنجو پرم،
اِيءُ سڀ آهي تُنهنجو شرم، ڪر نظر تون مون ڏانهن نرم.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

هر حال ۾ همراهه تِئين، ڪو ڏات جو بخرو ڏئين،
راضي مداحي تي تِئين، اهڙو اَجُر ڪو بخشئين.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

پوري ڪرين تون بادشاهه! حاصل مُنهنجي آهه هاج جا،
قادر ڏني آن کي قضا، اَنهنجي رکي سيڪو رضا.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

عورت آن کي جان سڌ ڪيا، سي پيرا! آن سيئي سُئا،
ڪِئان ڪرم جو تنهن ڏنه نگاهه، اُتيا سيئي تِيا سَگها.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

فرزند جنهن جو هو وَهيو، سي ڇڄ سِين درياءَ نِيو،
ٻيڙي ڪُوهي سِين غرق ٿيو، اهڙو مُناقب آن ڪِيو.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پيلا!

ويهه ورهيه هئا تَن گذارئا، تِنهن دم حيات هُو سڀ ٿِئا،
پنهنجي مُحِبَن کي مِڙئا، تَن سڀ گوندر ۽ غم گيا.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پيلا!

ڪر مهر سين منهنجو ٻچاءُ، ڪر ڪرم تون سرور سچا!
اُنهنجا مُناقب آهِين ججها، ڪهڙو چوان آءٌ تَن منجهان؟
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پيلا!

اُنهنجي آهيان آسَرَ لڳو، ٻيا در ڇڏي آن ڏانهن ڀڳو،
تنهن ڏانهن ڪريو ڪونگه جو، آن ڏانهن رکان تو حُب ججهو.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پيلا!

حضرت هليا معراج تي، آڏا هئا جنهن عرش کي،
رَفرَف لنگهايا پَرَ دسي، حاضر هئا آئِين هِت هُتي.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پيلا!

تو اولياءَ سڀ کيا اڄا، ڍڪ عيب منهنجا ڪر ڪچا،
ڪَرهِت هُتي مُنهنجي پُچا، اهڙا اُنهنجا آهين مَرتبا.
يا شاهه صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پيلا!

مــون كـــي گنـــاهن گهيريـــو، وَڏي وليـــن جيئـــن ويڙهيـــو،
بـد نـفس مـون كـي ڦـيـريـو، تنهن سين كرم آئِـين كـريـو،
يا شاهہ صمداني سچا!
كـر مهر بغدادي يـلا!

بـَـر خيــز اَز بــَــهرِ خـدا، مــارا مــَـكـُـــن اَز خــود جــدا،
بـَــهــرِ نـَـبــي نـُــور الـهــدي، كـــو غــور كـر نالـي خُـدا.
يا شاهہ صمداني سچا!
كـر مهر بغدادي يـلا!

نـــامِ علـــي المرتضـــي، هـر نـام شـه حـَسـَـنَ الرضـا،
هم شـاهِ شـهـيـدِ كـربـلا، كــر مـهــر بـغــدادي يـــلا!
يا شاهہ صمداني سچا!
كـر مهر بغدادي يـلا!

آبـــاء آن بـــر داشــــتم، ايـــن عـــرض در دل داشــــتم،
اُن جي سبب كر تون كـرم، هر دو جهــان رك مــون يــرم،
يا شاهہ صمداني سچا!
كـر مهر بغدادي يـلا!

عــاجز چـوي هـيءُ "عبــد" تــو، دل جــو چــوي هـــي درد تـــو،
تـَنهنجو سـُٺو اَئِـين عـرض كــو، پــورو كـريـو اَئـين عـرض ســو،
يا شاهہ صمداني سچا!
كـر مهر بعدادي يـلا!

دشمــن ســَيـيئـــي دور كــرا! ڏوري تــــنين كـــي ڏور كـــرا!
سـيِ مـدعــي مـقـهـور كـــرا! اهــڙي نـِـگـَـه پـُـر نـــور كـــرا!
يا شاهہ صمداني سچا!
كـر مهر بغدادي يـلا!

بد نفس منهنجو شُومتي، آچي هميشه تو بَدِي،
عادت جنهين جي آهہ خودي، خاطر تنهين جي ڪر تَدِي،
يا شاهہ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

بد نفس منهنجو بيحيا، واريو آئين سو ونگيءَ ڪان،
ڪر ڪرم جو تنهن ڏنه نگاهہ، چڱو ڪيو اُنهنجو خدا،
يا شاهہ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

احسان ڪر "عبدالرحمان" سين، اَي شاهہ! پنهنجي شان سين،
دل و جان ۾ تُون تو وسين، ڪي مهرسين مون ڏانهن پسين،
يا شاهہ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

هڪ عرض آهہ ايمان جو، بيو عرض انهن جي ڏان جو،
تيون مرض لاهيو جان جو، اهڙو ڪريو احسان ڪو،
يا شاهہ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!

تعريف ڪهڙي آءٌ ڪندو، آهيان آن جي در جو بندو،
ٻئي ڏانهن وجي آءٌ ڪُهہ ڪندو؟ ڪلمو چئي آءٌ اُڪرندو،
يا شاهہ صمداني سچا!
ڪر مهر بغدادي پلا!
لا الـہ اِلاّ الله مُحمد رسول الله.

مناجات (نبي ﷺ) *

(شيخ محمد حسن جي چيل)

(1)

يا مير محمد ڪارڻي سڳورا سلطان!
تنهنجو سائينءَ ساراهون ڪيون سدائين سُبحان،
مون بيڪس بدڪار تي ڪا مهر ڪرين مانَ،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

ڪَرم ڪچايون مون ڪيون، اوڳُڻَ اَپارا،
هادي ناهم هَنڌُ ڪو دوست تو ڌارا،
اَجهي تنهنجي آهيان، اَي سرور سچارا!
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

ڪيم ڪچا ڪمڙا ڪوجها ڪرت سندام،
شامَتُون هن هٿ جون وڏي ون ٿئام،
وَليُن جيئن وري ويا گوندر گناهام،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

ڪوڙين ڪرم تنهنجا متي محتاجن،
آءٌ ڇورو ڇنو آهيان اَسُونهُون اُوتَڙَن،
مون ڪي ڇَڏمَ ڪارڻي اَي شفيع المذنبين!
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

ڪامل ڪرم تنهنجا عالم تي اِحسان،
جو تو اجهو عاصين جو ڪيو مهربان،
تو ڪان پنن پاتشاهه جانڪيتا جهان،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

دادي سندا دانهين، آگهه اَڙين جا،
مون کي پت نه پَرُ کو دوست تو ڌارا،
اَجهي تنهنجي آهيان اَي سرور سچارا!
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

مون محتاج مريض تي کا واهر کر وريام،
اُهُکيءَ رس عاجز کي اي سندا عالم ڄام!
حکم تنهنجي هت ۾ مولي جا مُدام،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

غافل گذاريم ڏينهڙا، هتان وِيم هاجَ،
کار نه چاٽا کم کو، ته کيئن سَرندا کاجَ؟
اَسَرَ پريو آهيان، اي سرور ڄام سُکاڄ!
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

عزت عَظيم تو سندي دائم ڏُر ڏٿين،
ڏينهان ڏورڻ ڏُونگرين روئان ۾ راتين،
ڏور ڪرينم ڏکڙا، سُکايس سورن،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

ورهن کيا وُجُود کي سانگيهڙا سهسن،
والي وَس نه منهنجي کو طبو سندو تَن،
هت تنهنجي هاشمي دارُون جو دردن،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

تون دارون دَرماندن جو کو طبو کج طبيب،
جذارو جنيءَ تيو کُنو جو قريب،
وتان جيئن واڍوڙيو، اي هاشمي حبيب!
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

سُٺي صدا سواليءَ جي، اَجها اونائيج،
نظر نبيءَ ڄام تون خالق لڳ ڪٽيج،
دارون هن درد جو طبو تون ڪريج،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

هي جو ورهہ وجود جو سو محو ڪر ميان!
توري طبيب ناهہ جو جنهن ڪي ٻانهن ڏيان،
هتان تنهنجي هاشمي! چڱو آءٌ تيان،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

ووءِ ووءِ ويڳاٺو تيس سورن سُڪايوس،
در ماندو دانهون ڪريان وسان ٻاڻ ويوس،
ور وسيلا وريام تون ٻنيءَ تو لڳوس،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

ڪونہ ڪرلاهو ساريان جو جڏهن ڪَر پُڇندوم،
ڪُڙم قرابت ناهہ ڪو، ٻاءُ نہ ٻيڻ سندوم،
ماءُ ٻيءُ منهنجو ناهہ ڪو توري طبو ڪير ڪندوم؟
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

سڪَ تنهنجي سُپرين مون ڪي وڏو مال،
جو تون جڏو جيءُ جاءِ ڪَرين، يلا! ڪري يال،
سرور ڄام سِفلَ ڪي ڪَر ڪٺي نيڻ نهال!
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

بدي ۽ بدعت جو ڳَري لڳوم تڳو،
آهيان گولو تُنهنجو دعوو تو سنوم،
آسَر پريو آهيان دَرانْ نہ ڏِڪيندوم،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

’حسن‘ حقير هيڪلو بيلي ناهه بيو،
دَرماندو دانهون ڪري اَپر آس پريو،
دائم دران تُنهنجي خالي ڪونه وريو،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

عيبَ ’عَليءَ‘ جي پُٽَ جا تون مهر سين ميٽيج،
دائم دلاسو دلگير کي اُهُڪيءَ اَچي ڏيج،
ڪر شفاعت شفيع تون مون تي مهر ڪريج،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

’اَبابڪر‘، ’عمر‘، ’عثمان‘ ۽ ’حضرت علي‘ آهه،
حرمت ’حَسن‘ مير ’حُسين‘ جي منهنجي تئي پناهه،
برڪت اِنهن پلن جي ڪر تون نظر نگاهه،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

حرمت ’بيبي فاطمه‘ ۽ ’بيبي خُديجةُ الڪُبريٰ‘،
حضرت ’بيبي عائشة‘ جا مومنن جي ماءُ،
برڪت تن جي تئي منهنجي ماڙِ ڪا جا،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

سڀ ڏُکندو ڏور تِئي عاصي چوءِ اَسير،
سٺو سپيئي مومنان مدح ’محمد‘ مير،
حرمت ساڻ حبيب جي صحت تي سَرِير،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

مون ڏيهه گهٽيئي ڏوريا دارون درد لاءِ،
ڪٿ نه آيم ڪم ڪو دارون ري دوستاءِ:
ڪُنڍو لٿم قرار ٿيو برڪت ’محمد شاهه‘،
رسهم يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

مـون ناڪَـس نـادان ڪيـا ڪوجهـا ڪئيـن ڪمـڙا،
اَهِـين اُنهـن ڏانهـن ڪيـر نهـاريو ميـان مهـر پريـا!
جيڪـي جـِـني گهـُـريو تـون تيئَـن ڏئيـن تِـنهين ڪـان،
رسهمر يا رسول الله صلي الله عليه وسلم!

وينـدا سـي ايمـان سـِين جي ڪلمـو چـون مـُـنها،
لا الـه اِلا الله مـُحمد رسول الله.

❖

مناجات (بادشاهه پير) *

(2)

1- مـِيران مـُرشد منهنجـا سـَـر پـِيران سـردار!
سـدا سـڪ سـرير ۾ دلبـر شـاهه دلـدار،
دسـتگير! دلگيـر جـي ڪـر وڏا شـيخ وَهـار،
سـُبحاني سـچار! ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

2- پـَـرڏيهي پنـڌ گهڻـي سـِـڪي منجهـه سـرير،
تـو دَر طامـاعو تيـو پـازي پـني، پـير!
تـون ڪـر تسـلي تـِـنهنجي اَللهُ لـڳ اَميـر!
صمدانـي سـُـڌير! ڪـَر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

3- آهيـن آل رسـول جـو حسنـِـي حسينـِـي،
ڏسـان ڪونـه ڏيهـه ۾ سـندو تـو ثـَاني،
پـِير سيپئي پائـڪ تنهنجا تون جـُنگ شاهه جيلاني!
هـادي حقـَاني! ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

* "مجموعه مدحيات" (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

4- هادي! منهنجي حال جي توئي مٿي تات،
آءُ اسُونهو عاجز تيس رڻ ۾ پيم رات،
رَفيق رُج ۾ پت نہ چاڻان بات،
ڪامل ڪريم ذات! ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

5- ميران! مُريد تُنهن جا اَهل اَيَن پُون،
آءٌ ڪير آهيان اُن ۾ جو هَڏ ڪمينون،
ڪوڙين تنهنجا طالبو منهنجو ترهو تون،
تيس ناقص نماڻو، ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

6- پيرا! مُنهنجي پُٺ تون ٻيو نہ وسيلو ڪو،
پت پَروسو رسول جو ٻيو اَجهو نہ اولو،
نہ مون نُڪَ نہ نُجهرو نہ مون قيمت ڪڙولو،
تون مُشرف مقبولو، ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

7- سر سَلامت شيخ جي سندو تو شرم،
عَفو ڪر الله لڳ تون قادر پير ڪَرم،
ميران! رک مُريد جو سين پلائيان پَرم،
تنهنجي ريت رحم، ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

8- اَيين پُونيين پَدرو تنهنجو غوغاءِ گيلاني!
سَت سَدائين سُهڻي تُنهنجي رهاڻ رباني!
ڏيهَن ڏسين ۾ پڌرا تُنهنجا مُريد ميراني!
جاني جيلاني! ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

9- هادي حَقاني! سُڻ منهنجو سائينءَ لڳ سوال،
رهنمائي رب جي گهُران حقيقي حال،
طَلب ڏئينم مطلوبَ جي ملڪَ نہ گهُران مال،
تون قدرتي ڪمال، ڪَر نظر نبيءَ لڳ تون.

10- مِيران! مُريد تنهنجا آجا ٿيا سڀ عام،
توسي ڪامل ڪمايون ڪيون جي اگهيون درعلام،
تون دادلو درگاهہ جو توسين قادر ڪيا ڪَلام،
آءُ سَرڻ تنهنجي سامَ، ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

11- مِيران! تنهنجو ملڪ ۾ ڏانُ مٿي ڏيهنِ،
ڪامل ڪَرامات سين نادان ٿئي نَمنِ،
وَهرَ وڏي شيخ جي رسي ڪي لَڪنِ،
مون تي منجهاتَنِ، ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

12- ڏڌُ، ڏوهاري، ڏُکيو ميران! آءُ محتاج،
بکيو، بَرادي، مَڱڻو ڪَت نہ ڇاڻان ڪاجُ،
نہ مون ساز سُرود ڪو، تون ڏاتر! ڏئينم ڏاجُ،
تون سائينءَ ڪِئين سِراجُ، ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

13- اَيين پُونيين پڏري تُنهنجي پرين منجهہ پچارَ،
عَرش ڪُرسي آسمان تُنهنجا اُتاهان اوتارَ،
سُڪا ڏَڙ سبز ڪرئين حُڪم ساڻ هَزار،
محي الدين مختار! نر نظر نبيءَ لڳ تون.

14- دائم دلاسا تون ڏئين ميران! مريدن،
ڪوجهو ڪمينو آهيان بَهون ڪان ٻِين،
سي سدا سڏ سائل جا سڻ تون سردار سر پيرن!
ڏيئي دلاسا دلگيرن، ڪر نظر نبيءَ لڳ تون.

15- مولي در مقبول تون پَلا بغدادي،
ڪروڙين سين ڪرم ٿيا هٿان تو هادي!

سي تـون دولهہ داد رسائين جـي اچـن فريـادي،
شـاهہ! ڏئينـم شـادي، كـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

16- تـون دُر دريـاءِ اَحمـدي پـيـرن سـندو پيـر،
تـون سـندو بـاغ مرتضـيٰ، آهيـن اَهـل اَميـر،
سي كٿين غم قلوب جا، جي سُكا منجهہ سرير،
تـون دلبـر دَسـتگيرَ، كـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

17- اكيـون تنهنجـي آسـري هيـرين تـو در مـيـر!
تـون سارون سُـورَين جـون لهيـن دلاسـي دلگير،
تيلانهہ جهليـَـم تكڙا، پيـر تنهنجـا پـيـر!
سـائين وارث وِيـر، كـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

18- نـالائق نوازيـن سـَـر پـيـران سـرتاج!
كر قـادر پيـر! كـرم سين حـاصل منهنجـي هـاج،
وڏا پيـر! وَهـارَ تـي متـي مـون محتـاج،
اِي والـيءَ كيـا وهـاج، كـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون!

19- هئيـن ۾ جـا هيكـڙي، هـادي! هـام سـندام،
سـا پـوري كريـن پـير تـون مـن جـي مـرادام،
دائـم دسـتگير! تنهنجـي اَپـَـر اُميـدام،
سـٽي سڏ سـندام، كـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

20- پـوري كرئيـن بادشـاهہ! حـاصل منهنجـي هـاج،
پـڌرا ڳُـجهہ پـَـروڙئين، راءَ! پـَـروڙين راز،
هتـان حضـرت شـيخ تـو كوڙيـن پـُـنا كـاج،
متـي مـون محتـاج، كـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

21- جيلانـــي! جـــَــلوا ڏئيـــن ســـبحاني ســـچار،
اُڪنڊ اوتـارا ڪيا منهنجي هينئـڙي منجهہ هـزار،
راتـــو ڏينهـــان رُوح ۾ پـــريـــَــن جـــي پچـــار،
گـُــل گيلانـــي گـلزار، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

22- نـــالائق نـــَـــوازئين ڏڏن ڏئيـــــن ڏان،
مـُــلڪ مـُـــرادون پـُــنيون دَران تـــو ديـــوان،
آســـر لڳـــو آهيـــان مـــون ڏانهـــن موتـــي مـــانَ!
سـُــبحاني سـُـلطان، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

23- سـَـتـُـر سـَـلامت شيخ جـو سندو مـون شـَـرم،
عـَــفوُ ڪـر اَسـير تـي قـادر پيـر ڪـَــرم!
ميـران! رک مريـد جـو، سـين پـَــلائيان پـَــرم،
تنهنجـي ريـت رحـم، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

24- اڪيـــون آسـر پريـــون واتـُــن تـــي وِجهـــُـلـــَــن،
ڳـَـلن سـر ڳوڙهـا وَهيـو نـــرتا نـــيرَ پـــَــون،
گيلانـــيءَ جـــي گســن جـــي وَڏي ســـَـڪ وَتـــَـــن،
سـائين سـَـر پـِـيرن، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

25- ڪـــامل! قـــدم تنهنجـــا اُتـــي اوليـــائن،
شـوق سـان مجـي شـاهہ جـي ســَـيدي مـڙن،
حـال حقيقـت "حسـن" چئـي تـوري ڪنهـن چـون؟
سـائين سـر پيـرن، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

26- مـَـنصـَــب گهـُــري مڱڻـو آهـي هـيءُ اَجـاڻُ،
عليءَ پـُـٽ جـي عـاجزي، سـائين! تـون سـُـڃاڻ،
ميران! تـُنهن جي مـَدح جو نہ مـون ڇـِپ نہ ڇاڻ،
پـِـير! سـُـڄاڻي پاڻ، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

27- مــون کـــي ڏان ڏيـــارين دائـــم ســـندا ديـــنَ،
ثـــابت شـــرع پيـــر تـــــي اُيـــارين اَميـــنَ!
مـون تـان گناھہ گھڻـا کيـا جـَـجھا سـَـر زميـن،
قـادر! متـي ڪـَـمينَ، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

28- 'اَبـابڪر' ۽ 'عمــر' ڏانـــه تـان ڪـي نهـاريج،
'اَمير عثمان' ۽ 'اَمير عليءَ' کي اعليٰ عزت ڏيـج،
سين حرمت 'حسن حسين' جيءَ مون تي مهر ڪريج،
هـادي! حـال پـَـسيج، ڪـر نظـر نبـيءَ لـڳ تـون.

29- ميران صاحب! مائٽ تنهنجا مـنـَّـت تني ڪـيام،
پنهنجـي پـاران پـير کـا سـَـگھہ نــہ سـاَريام،
ســي تـو نـالائق نوازيـا، جـي ڏکيـا ڏڏ ڏنـام،
اَپـر اُميـدام، ڪـر نظـر نبـيءَ لــڳ تـــون.

30- هــيءَ مـُـناجات جيڪـو پڙهـي اُتـي آڏيءَ رات،
هـنيـُون پنهنجو هـَـنڌ ڪري ڇڏي سـييئي تـات،
تـہ قـادر ڪريـس ڪـَمـَـــڙا پـورا ۾ پريـات،
اي صاحب شريف ذات! ڪر نظر نبيءَ لـڳ تـون.

مناجات (نبي ﷺ) *

(حاجي طاهر محمد جي چيل)

أغثـني أغثـني يـا شـفيع الله! رسـج مـون کـي أهکـيءَ جـاءِ،
وقـت سـيکنهن وهلـو کاهـ. رسـج يـا رسـول الله!

غريـب کـي تـون غفلـت لاهـ، خيـال خطـرا حـرص هـواءِ،
انـهـون مـون کـي تـون موتـاءِ. رسـج يـا رسـول الله!

”وَنَـهي النَـفس عَـنِ الهـويٰ“، ”فـانَ الجنـة هـي المـاويٰ“،
مـون کـي کـر تـون تـن منجهـان. رسـج يـا رسـول الله!

دنيـا آهـي بـازي جـاءِ، جيکـي کٿنـدا پـهلي داءِ،
جنـت هونـدي تـن جـي جـاءِ. رسـج يـا رسـول الله!

ڏِجـان تـو آءٌ اهـڙي داءِ، نفـس شـيطان چـاري آهـ،
مَـچـڻ نيٺـي واٽـا وِرساءِ، رسـج يـا رسـول الله!

آگـا مـون منجهـ اَمـن اُپـاءِ، حـُرمت حضـرت دوسُ خـداءِ،
لـَکيون مـون کـي لال! لنگهـاءِ. رسـج يـا رسـول الله!

رحمـت مولـيٰ تنهنجـي لاءِ، شـفاعت شـفيع جـي ڏانـهـ،
اميـد مـون کـي وڏي آهـ. رسـج يـا رسـول الله!

مـلـَکَ مقـرب سـپ اَنبيـاءِ، خلقـت سـاري تـو پـُـٺياءِ،
رُتبـو تنهنجـو تيـو اعلـيٰ. رسـج يـا رسـول الله!

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

نَــ هو خلقت جو أصلا،   غرض قادر کي کو مُورا،
بئي کنهن جو پِرين تو ڏارا.   رسج يا رسول الله!

مولي کِئا تنهنجي ساءِ،   سڀ خلقي مخلوقات،
شوقئون تُنهنجي جَڳ ٿِئا.   رسج يا رسول الله!

کي قنديل کامل عرش جا،   سِج، چنڊ ۽ سڀ تارا،
جوت تُنهنجيءَ سين جهَڪا ٿئا.   رسج يا رسول الله!

سندي رات معراجا،   أئين أرڙنهن سال أتِ هُئا،
ملاقي مولي سين ٿِئا.   رسج يا رسول الله!

توهان مِنو ڪِت مولي کان،   بئو بندو کو مُورا ناهه،
تنهنجي اُمت کهڙو ڊاءُ.   رسج يا رسول الله!

رهي رحمت شال سدا!   موليٰ جي محمُد تان،
قائم سِينءَ قيامتا.   رسج يا رسول الله!

جي آل پِرينِ جا،   ۽ سڀ اصحاب تابع تن سندا،
أن تي رحمت هوءِ سدا.   رسج يا رسول الله!

'صديق اڪبر'، 'فاروقا'،   'عثمان'، مانجهي 'مرتضيٰ'،
آهيون پنيءَ أنِين لڳا.   رسج يا رسول الله!

'حسن' 'حسين' شاهه شجاع،   حضرت 'بيبي فاطمتا'،
هِن أسونهه کي واٿ لاءِ.   رسج يا رسول الله!

مير محمد مون کي ملاءِ،   سَرور سِر تي وجهه آگاهه،
مهڻا مون تان سڀ ميٽاءِ.   رسج يا رسول الله!

سدا شرع تي محڪم راءِ،
سندو حقيقت در اُپٽاءِ.
نُور طريقت دل ۾ پاءِ،
رسج يا رسول الله!

معرفت معنيٰ تون سمجهاءِ،
فڪر فراق تو سدا ڪانءِ.
محبت جنهن جي لکن لاءِ،
رسج يا رسول الله!

ناسوتي ملڪوتي جاءِ،
ميوو چٽني جو چکاءِ.
جبرو تي، لاهوت پُذاءِ،
رسج يا رسول الله!

ذاتي نالو دل منجهه رَهاءِ،
قَلبي قلوبَن ۾ پاءِ.
سنئين راهه اسان سُنهاءِ،
رسج يا رسول الله!

رُوحِي رڳ رڳ منجهه رکاءِ،
سِري سِر منجهه مون جاڳاءِ.
وار وار ۾ 'هُو' هُلاءِ،
رسج يا رسول الله!

وصالي جي لاهوت رسئا،
نالو اُنين ساڻ لڳاءِ.
غرق فنا ۾ مَحو تئا،
رسج يا رسول الله!

پهتا سي اُت عقل وڃاءِ،
مون کي گَسَن تِنين جي لاءِ.
راتو ڏينهان اُنِين حضور آهه،
رسج يا رسول الله!

اول 'نَفي' جي ناهه ڪئا،
تون مون کي منزل تن پهچاءِ.
پوءِ ثابت 'اِثباتا' تئا،
رسج يا رسول الله!

جيڪي تيا مرد "لا" تي لا،
نام "اِلا الله" سين رَساءِ.
جڏهن "اِلله" سي غير گماءِ،
رسج يا رسول الله!

رستي اُن جي مون هلاءِ، جلوو جوت جَلي جو پاءِ،
ڪينچ خفي دمَ ساڻ پساهه. رسج يا رسول الله!

عارف عشق جي منجهه درياءُ، ’هو‘ ۾ ٻُڏيو ٻُڏيو ويا،
منجهه اهڙي محبت ڪر فنا. رسج يا رسول الله!

جوت ڏسي ڪانڌارَ چُرئا، سَايه سُپريان مست ڪئا،
سو جلوو جاني ڪو عطا، رسج يا رسولَ الله!

سا ڪا سالڪ ڳالهه سَلاءِ، منهنجي دل ۾ سور نه ماءِ،
گوندر غيرت غم وڃاءِ، رسج يا رسول الله!

سور ڏني اندر باهه، دائم منهنجي دل دُکاءِ،
سي آب حياتي ساڻ اُجهاءِ، رسج يا رسول الله!

ڪو اهڙو پيالو پرين پلاءِ، جنهن جِي مستي اندر گهُلاءِ،
نور نالي جو دوس دِکاءِ. رسج يا رسول الله!

خاڪ ڪري مون خودي وڃاءِ، نابود ڪري مَقصود ملاءِ،
پڻ وڏپ مون منجهان ڪڍاءِ. رسج يا رسول الله!

ڪوڙ مڪر ڪوئن سدا رڪاءِ، ريا حسد مون منجهان ميٽاءِ،
رڪج ڪَنا مون چغل گِلاءِ. رسج يا رسول الله!

صبر متي ڏي رزق پلاءِ، نعمت تي ڏي شڪر سداءِ،
تنهنجي پيروي پِيرين رڙهاءِ. رسج يا رسول الله!

آءٌ مريض آهيان هميشاهه، منهنجي ڪر ڪا تون دوا،
ناهم چوٽڪو تو ذارا. رسج يا رسول الله!

ميرا! محتاجيءَ ڪَنا ڇُتاءِ، رزق حلاليءَ ساڻ هلاءِ،
فڪر چنتا جي دري ڍڪاءِ. رسج يا رسول الله!

ڪنان روز ميثاقا، چايان تنهنجو تو سدا،
ڪُتو سندي تو درگاهه. رسج يا رسول الله!

ونگِيءَ کان مون کي وراءِ، محشر منجهه تو مَرڪاءِ،
مقصد کي تون محب ملاءِ. رسج يا رسول الله!

جو لڳو دامن اَنهنجي آهه، نيئي تنهن کي پار لنگهاءِ،
شان وڏو ئي تُنهنجو آهه. رسج يا رسول الله!

قادر ڪوڙين پاڻ اُپاءِ، سڀ ڇڏيائين تو پُٺ لاءِ،
توکي ڏنائين واڳ وراءِ. رسج يا رسول الله!

عاصي آڳلا تون نياءِ، عَذاب قبر کان ئي بچاءِ،
مون تان مانجهي مِهرمَ لاهه. رسج يا رسول الله!

هي دائم در مهنداءِ، ڪتو سدائين پيچ لُتڪاءِ،
پنهنجو ڪري ڳانو تِنه پاءِ. رسج يا رسول الله!

هي تڳي تو اَنهنجي ساءِ، نالو سيد تِنه سُنهاءِ،
اتي صبح تنهن سدا ڳاءِ. رسج يا رسول الله!

سڏڙا سائل جا اوناءِ، ڏڏ ڏسي کا موج مِلاءِ،
مير ميثي اَچان يَراءِ. رسج يا رسول الله!

دشمن دل منجهه هيبت پاءِ،   پرين پناهه جي زرهه ڍڪاءِ،
تيغ فتح جي دوس دلاءِ.   رسج يا رسول الله!

”حاجي طاهر“ سدا چاءِ،   گولو سندءِ أندر ڪاءِ،
تنهن کي ڏي تون صحت شفاءِ.   رسج يا رسول الله!

هي سوالي أنهنجو آهه،   سرور! تنهنجو شرم رهاءِ،
رزق ڳري ڪا تون أُپٽاءِ.   رسج يا رسول الله!

لڳ الله تون احمد!   پوري ڪر من مُدعا،
وجيم سين ايمان ساهه.   رسج يا رسول الله!

برڪت نبي نور هُدا،   مَولو مون کي شال لَذاءِ!
وقت موت جي ڪلمو چاءِ.   رسج يا رسول الله!

لا اِلٰه الا الله مُحمد رسول الله.

مناجات (نبي ﷺ) *

(حسين فقير ديدڙ جي چيل)

[حسين فقير ديدڙ، ڳوٺ ديدڙ تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قنبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ ميرن ڪيس پنهنجو ڪمدار مقرر ڪيو. هيءُ جوانيءَ ۾ ڏاڍو سرڪش هوندو هو. نوڪر چاڪر ڪانئس ڏاڍو ڪنبندا هئا. "حقي" جو نهايت شوقين هوندو هو. زمين گهمڻ ويندو هو، تہ پاڻ گهوڙي تي چڙهي اڳيان ٿيندو هو ۽ حقو نوڪر مٿي تي کڻي پٺيان هلندو هو. هڪ دفعي نوڪر کان حقو "گَنهوَر واهہ" ۾ ڪري پيو. نوڪر ڊپ وچان ڏڪڻ لڳو. نوڪر کي ڏڪندو ڏسي فقير کي از خود پنهنجي سرڪشي ۽ سخت طبعيت تي پشيماني ٿي. هن جي اکين مان ڳوڙها ڪري پيا. ان ڏينهن کان ئي ڪمداري ڇڏي فقير ٿيو. سندس شاعري ان کان پوءِ شروع ٿي ۽ حسين فقير هڪ مشهور شاعر ٿيو. فقير صاحب کي پٽ ڪونہ ٿيو. باقي "شاهہ محمد ديدڙ" نالي ڪيس ڏهٽو ٿيو، جو پڻ وڏو درويش ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. حسين فقير 1870ع ڌاري وفات ڪئي. هتي سندس بہ مناجاتون ڏجن ٿيون.]

(1)

اِسم اَول چئو ادا الله جو،
پهہ سڃاڻ هي رباني راهہ جو،
ذڪر ذاتي ڪر بندا بِاالله جو،
رک مدامي شوق شاهنشاهہ جو.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

خاص ختمُ الانبيا خير البشر،
تون پلو سرتاج سڀ ڪوئن سر بسر،
اَنبيائن ۾ اُچو ڪُل ڪوئن ڪثر،
عاصين جو آسرو يوم الحَشر.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

* أتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئيءَ کان مليل.

عــرش ڪرســي ۽ فلــڪ فرمــان ۾،
ماهــ، تــارا منجهــ اَمــر آسمـــان ۾،
ذڪــر ظــاهر قــُـرب تــو قــرآن ۾،
تيــو لقـب "لـَـولاڪ" تنهنجــي شـان ۾.
يــا رســول الله عربـــي اَلغيـــاث!

ڪيـن پيـدا "ڪـُـن" جڏهن اظهـار هـو،
ڪوهـ، ڏونـگر ڪونـ ڪـو خـس خـارهو،
محـض مولـيٰ جـو عجـب اسـرار هـو،
نــور تنهنجــو تنهــن اڳــي نـروار هـو.
يــا رســول الله عربـــي اَلغيـــاث!

مَـلـَـڪَ ماڻهو جن هي جڳ بحروبـَـر،
بـاغ جنـت ۽ جهنــم، گـُـل و شــَجر،
ڪـون قــلزم، ڪــان وادي، ڪــا نهــرَ،
تـون اڳـي تـن ڪـوئن نبـي هئيــن نـامور.
يــا رســول الله عربـــي اَلغيـــاث!

تــون اُچــو ســي ڪــوئن ســدا اِقبــال ۾،
لک صدائـون تـون ننگـِــي ننگپـال ۾،
ڪــر حمــايت هــاشمي! هــر حــال ۾،
سـُــڻ ســِـگهو فريـاد فـي الحـال ۾.
يــا رســول الله عربـــي اَلغيـــاث!

دسـت دامـن ۾ اَتـــِي، دل گوشــي ڏي،
حـق ســُـڃاڻڻ جـي همـت ۾ هـوش ڏي،

خـام گفتـي كـان صبـر خـاموش ڏي،
پـُـن پـردي جـو پيغمبـرَ! پـوش ڏي.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

وقـت پوئيـن تنـگ زمـاني تـاءُ كـِيـو،
مـِـت مـائٽ كـوئن محبـت سـاءُ ويـو.
منجهـــ رئيســن رســم رشــوت پيــو،
دوســت كاريـگر اچــي دلجـاءِ ڏيـو.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

ڏي صفـائي قلـب سـينو صـاف كـر،
سپ مَـدايون ميـر مـُرس ل! معـاف كـر.
عـاصين سـان تـون اِهـو انصـاف كـر،
مهربـاني مصطفـيٰ! الطـاف كـر.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

مـُـلڪ جـو تـون مصطفـيٰ نـادر نـواب،
منجهــ دنيــا آخــرت عاليجنـــاب.
خـَركـَهي مسـكين سان جـو بـي محـاب،
كـر تنهيـن كـي خجـل رهندوئـي خـراب.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

هوڏ هيٺـن سـان كـري جـو كوئـس خـَـر،
اَهنج احمـق كيـن لاهـي شـور و شـر.
زِود ظـالم تنهـن پـِـٺئي جـو پـُـور در،
تـان هجـي حيـران سـو مـَـردود مـر!
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

مـان ڪئـي آگاهہ توڪـي شـاهہ جـي،
ڪـر قريشـي، ڪـا مـدد بيواهہ جـي،
تـان ڪـري سـيڪو سـُـٺي سـاراهہ جـي،
داد دانهـِـين جـو ڪـري وَهواهہ جـي.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

مـاَن بنـدو بيڪـار آهيـان عيبـدار،
جـُـرم منهنجـا بـي انـداز و بيشـمار،
ڪـِذب ڪـاوڙ سان گذاريـم سـپ چمـار،
نـِــت نهاريـــان ڏوهہ ڏاڍو شرمســـار.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

ڪيــن جــاچي آءُ گهڙيــس تــِـــڪ ۾،
چـــا نهاريـــان چوطـــرف چـــوڏار ۾،
ڪـــون ٻيلـــي ٻيـــو وســـيلو پـــار ۾،
رحـــم تنهنجـــو رهنمـــا! درڪـــار ۾.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

مان گـُـناهن جي ٻـَـڌي پـِـيڙي پـَـري،
نفـس دشـمن سـان ڪٽـي سـر تـي ڏرِي،
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان تنهن سان تري؟
ويـــر وارث واهـــرو ور ڪـــج وري.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

مـان مـَـداين جـا ٻـڌا آهـن ٻـار جـي،
ڪونہ نيڪيءَ جا ڪيم ڪم ڪار ڪي،

ڪونہ ويري تو اجا ڏئي وار جي،
وار وسيلا! غور ڪر غمخوار جي،
يا رسول الله عربي اَلغياث!

نفس نا فرمان تو ويري وڳي،
ڪين موذي تو مُڙي اڳرو اڳي،
ڪونہ ظالم تنهن سان تو لڳي،
مَر مري ملُعون، دولہ ہ! وجهہ دڳي.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

لوهہ پارس سان لڳي زَر زُود ٿئي،
مان گدا جو تنهن طرح مقصود ٿئي،
دين دولت در دنيا موجود ٿئي،
مَر ميراثي خوشيءَ ۾ خوشنود ٿئي.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

تون جني سُونهون سدا سردار جي،
ڪونہ تن کي ڪو وسو ٿئي وار جي،
سي ڪدين ڪيئن ڪاڻ ڪنهن ٻئي پار جي؟
تون کهين جا ڪڻ خدا لڳ بار جي.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

اَحمد! سڻ عجز منهنجو ۽ نياز،
سَهس تو ڪوئن سيدا! ٿيا سرفراز،
چاڻ گولو، مير! مون کي چُون اَياز،
ڪر سندم اولاد فاضل پُر فياض.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

نيڪ صالح نامور فرزند ٿئي،
زود تنهن فرزند کي پيوند ٿئي،
منجهه دنيا ۾ دين دولتمند ٿئي،
ڪر ڪرم تنهن سان فضل فرخند ٿئي.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

ڇا ٻڌايان مان حقيقت حال جي،
لاهه محتاجي سڳهو سڀ ڳالهه جي،
ساڻ پرورش ٻانهن ننگ پال جي،
يا نبي! ڪر نيڪ منهنجي آل جي،
يا رسول الله عربي اَلغياث!

تون بلاشڪ بادشاهه دارين جو،
ڪون مَٽ تو ڪو بشر ڪونين جو،
تون آهين مالڪ، مُلڪ حَرمين جو،
سيدا! ڏي سوجهرو عَينين جو.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

حال معلوم تو سچي سردار کي،
ڏي دلاسو نامور! نادار کي،
ڪار درسن هن بندي بيڪار کي،
ڪڍ تڙي تن مون اڇي آزار کي.
يا رسول الله عربي اَلغياث!

جو پڙهي دل ساڻ تنهنجي هيءَ مدح،
دل بجانئون شوق سان منجهه سنجهه صباح،

تُــرت تنهن جا لاهہ مشڪل، شهنشاهہ!
تون ڪرين تنهنجي تي نبي جي نر نگاهہ.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

هيءُ بندو "حسين" تنهنجي در غـُــلام،
دائمــا درويــش ســوالي صبــح شــام،
ڪــر قبوليــت ۾ قريشــي هــي ڪــلام،
تــان هجــان منجهہ ديـن دنيـا نيڪنـام،
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

حـرف بـاقي سـُـور جا سڄ چـار جـي:
سـڌ لـَـهج سـڪرات ۾ سـردار جـي،
گـور قيـامت ڪـر نبـي! گـلزار جـي،
عـاقبت، ايمـان سـان تـون ڪـار جـي،
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!

تــون سـخي ڏاتــار ڏيهـن جــو قديــم،
تـون رسـائين فيـض عـالم کـي عـَـميم،
اســـتقامت ڏي، صـــراط المـُــــستقيم،
خـاتمو تئـي سـان ڪلمـي جـي ڪريـم.
يـــا رســـول الله عربـــي اَلغيـــاث!
لا اِلــه الا لله مـُحـمـد رســولُ الله.

❖

(2) *

نـــانءُ الله جـــي، اَحمـــد چـــامِ!   وَرِ ڪـــر ورنـــه ويـــر وريـــامِ!
سيد! پياسي تنهنجيءَ ســـامِ،   ڪـــر قـريشي! غـــور غـــلامِ.
ســيد! ســڻ فريـاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميـرا!

پهريــن رات پيغمبـــر پـــاڪ،   سُـڏڪـيون سڏ ڪـري غمنـاڪ،
دل ڏکن ڪئـي چيري چـاڪ،   مِـلِ محـمـــد! لاهـ فـــراق.
ســيد! ســڻ فريـاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميـرا!

ٻيجهـيءَ رات ٻـڌي هـي ٻـانهون،   عـرض ڪـري تـو عـاجز آهـون،
دل سان ٻـڌج دولـهه دانـهـون،   روز نهاريان تـنهـنجـون راهــون.
ســيد! ســڻ فريـاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميـرا!

ســڏيان ســرور ٽيجهـــيءَ رات،   پـــائي پـــاند ڳچـــيءَ پريـــات،
وَر وســـيـــلا وائـــي وات،   ڏاتـــر ڏيـــار اســـان ڪـــي ڏات!
ســيد! ســڻ فريـاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميـرا!

چوٿيـــنءَ رات چـوان هـيءُ حـــال: سـائين! سـڻ تــون منهنجـو ســوال،
درد غمن ڪئـي دل پـائمـــال،   ڪَـــر نـوازش ســـاڻ نــهـــال.
ســيد! ســڻ فريـاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميـرا!

---

* هن مناجات جو مدار اُتر (تعلقي ڏوڪري) مان غلام نبي ۽ (تعلقي فيض گنج مان) محمد راڄپر ڪان پهتل ٻن روايتن تي آهي.

پنجينءَ رات وسيلا وير! دانهن كري تو دامنگير،
خام رنجايو جنهن خَنزير، ترت تَنهِين جي كري تدبير.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙَ سگهو كر محمد مير!

ڇهينءَ رات رسول خداءِ، منهنجون دانهون دل سان لاءِ،
ناحق رق رنجايو آءِ، حامي! تنهن تي حكم هلاءِ.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙَ سگهو كر محمد مير!

ستينءَ رات سگهو سردار! غور اسان جو كر غمخوار،
چاڙهه چڱا تون چارئي يار، موذيءَ كي تون وجهه كا مار.
سيد! سڻ فرياد فقي ر،
ماڙَ سگهو كر محمد مير!

اَٺينءَ رات عريضي آڻي، تنهنجي پيش پچايم پاڻهي،
تون ٿو صاحب سڀ كي ڄاڻي، كر عَدالت حامي! هاڻي.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙَ سگهو كر محمد مير!

نائينءَ رات ننگي ننگپال! سُڻ فرياد سگهو في الحال،
خَر كَهي جو شوم شِغال، ظالم كر سو زود زوال.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙَ سگهو كر محمد مير!

ڏهينءَ رات پـُچائي ڏسُ، وٺي ويٺس تنهنجو گَسُ،
لاهه قَلب تؤن كوري كَس، شاهه شِتابي رهبر رَسُ.
سيد! سڻ فرياد فقير،
ماڙَ سگهو كر محمد مير!

يـــارهينءَ رات يتيمـــن يـــار! راحـــم! عـــاصين جـــا آڌار،
دوســت دلاور تــيءَ دلـــدار، وهـم وجـن سـپ غـم غبـار.
ســيد! ســڻ فريــاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميرا!

هيڏـــن حـــامي تـــون همراهـــ، ملـــڪ ســجي جـو شافـــع شـــاهه،
جن تي تنهنجي نظر نگاهه، ڪـانـہ تنهـين ڪـي ڪـا پـرواهه.
ســيد! ســڻ فريــاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميرا!

ڪـانهي تـوريءَ مـون ڪـي مـاڙَ، ڪـاهي ڪـڏ چڪـڻ مـؤن چاڙهـ،
ڏُ زد هـٽي تـو جـيـڪـو ڏاڙ، لـوڏ لـنگهائـج تـنـهـن ڪـــي لاڙ.
ســيد! ســڻ فريــاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميرا!

جيڪـي هـن جـا صحبـت پـائي، آڻ اُنهـــن تـــي آفـــت ڪـــائي،
هتئـون حـرڪـت جـن هـلائـــي، تـون تنهـين ڪـي ڪـر تـوائـــي.
ســيد! ســڻ فريــاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميرا!

سـخت صـديءَ جـو تـابش تـاب، لڪيـــن لهريـــون، لڪ حـــُبـــاب،
ڏسـي لَـرزي جـان حـســاب، ڪـر ڪـا پـروش شـاهه شـتـاب.
ســيد! ســڻ فريــاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميرا!

تــون ســـرتاج ســـدا ســـلطان، تـــابع تنهنجـــو جـــڳ جهـــان،
تــوتــي راضـي ربُ رحـمـــان، عـاصـي پــر تـو هـي عِـصـيـان.
ســيد! ســڻ فريــاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميـر!

حــال ”حســين“ ڪــري فريـــاد، دانهيـــن جـــو ڪـــر دل ســـان داد،
شاهہ! ميراثـي ڪـيـو دلـشــاد، تـئـي مـسـڪـيـن مـتـي اِمـــداد.
ســيد! ســڻ فريــاد فقيــر،
ماڙَ سگهو ڪر محمد ميـر!

مناجات (نبي ﷺ) *

(ميان حامد الله جي چيل)

[ميان حامد الله عرف حامد حضوري ولد ميان روشن سنہ 1213 ھہ / 1798ع ڌاري، لاڙڪاڻي کان 19 ميل اُتر طرف، ميرو خان شهر ۾ تولد ٿيو. ميان صاحب ننڍي هوندي کان ئي حليم طبع. نهايت پرهيزگار ۽ عابد هوندو هو. آخر ۾ پنهنجي وقت جو وڏو اهل الله ۽ صاحب ڪرامت درويش ٿي گذريو. ميان حامد الله جي شعر و شاعريءَ مان مداحون ۽ مناجاتون ڪافي مشهور آهن. پاڻ 77 ورهين جي ڄمار ۾ سنہ 1290 ھہ / 1873ع ڌاري وفات ڪئي. شهر ميرو خان ۾ سندس مزار زيارتگاهہ عام و خاص آهي.]

حمد ثنا آءٌ هر هر، پرتئون پڙهان تو پرور!
قادر! قبول تون ڪر، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

خاوند آهي خالق، روزي رسائي رازق،
مُلڪن مِڙن جو مالڪ، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

قائم، قديم، قادر، دائم، دوام، داور،
عالم، عليم، اَڪبر، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

مولي مُڪو محمد، آذار اَڙين جو اَحمد،
سردار سڀ جو رهبر، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

---

* اُتر (تعلقي ڏوڪري) مان غلام نبي ڪان پهتل.

سالار سڀ جو سائين، اَڪمل اُجهو تون آهين،
لَڪ مؤن اچي لنگهائين، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

عالي علوم تنهنجو، ٻئي هڏ نه آهي ڪنهن جو،
هرگز نه آهي ٻئي جو، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

سرور! صلوات تنهنجي، جاني! جياپو جيءَ جي،
توشو آهيم تن جي، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

مدني مِتا منور! آهين اجهو تون اَنوَر!
دلدَاري ڏيج، دلبر! رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

پرور سندو پيارو، نوري ڪيو نظارو،
سولو ڏِريم ڍارو، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

سيد سچو سُونهارو، مُرسل مٺو مٺيارو،
وارث وارثي وارو، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

عرشن اُتي جو آيون، جانب! پسيون تو جايون،
ڳالهيون ڳجهيون ڳالهيون، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

راحم! رسيم راحت، هادي گهران هدايت،
ايِمان جي امانت، رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

پازي چڏيو نه پنهنجو، سو ڪو رڪوم سـَهنجو،
آڳتي مدار اَنهنجو، رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

اُمتي اوهان جو آهيان، پئي در ڪنهين نه ڪاهيان،
نِرمل! تون ڪر نگاهان، رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

دانهيِن جو در تي آيو، ساري ڪيوم سعيو،
چينو اچي چڏايو، رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

قـَلبئون ڪدوم ڪِينو، جيئن صاف تـِيئم سِينو،
مُشفق پسان مدينو، رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

دل، چو ڪرين تـِي دوڪو؟ جيءَ مان چڏي ويو جوڪو،
ڪم سپ تيوم سـُؤڪو، رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

سائل توکي سـَندايو، پانهي گهڻو پاڏايو،
ڏُهرا دان تنهن دِلايو، رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

شافي تئي شرعيت، ظاهر تئي طريقت،
حامي ڏيو حقيقت، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

من کي هُويَمِ معرفت، روح کي رسيم راحت،
سَولي ڪريوم ساعت، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

مون ڪان تيو مَدايون، ڪوجهون ڪَيم ڪَچايون،
مرسل مڙئي مَنايون، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

پِرتَئون هُيس پياسو، دلبر ڏنو دلاسو،
غم جو رهيو نہ ماسو، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

جنهن ڏور تي ڏسايو، پاڻهين پِرين سو آيو،
تورو لَکن جو لايو، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

جانِي توکي جُڳائي، وڃ پاڻ تون پسائي،
مون ساهہ کي سِيبائي، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

مون وٽ عجيب آيو، جنهن لاءِ جيءُ سِڪايو،
مولِيٰ مون کي ملايو، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

آڏو پـــــَـــــکا آڏيـــائون، ســِـــکنديءَ ســـگهو ســَـڏيائون،
گــولــِي نيئي گڏيـــائـــون، رس يـــا ســخـــي ســـــــرور!
پهچـــج اَچـــي پيغمبـــر!

ســـهجئون کيـــوم ســـعيو، ســـو ســـپ تــِـيـــُـــر سجايو،
’احـمـد‘ اگـڻ مـون آيـــو، رس يـــا ســخـــي ســـــــرور!
پهچـــج اَچـــي پيغمبـــر!

اولاد آ جـــــا منهنجـــــي، سيدا! رهـي سـا ســَـهنجـِــي،
محتاج تئي نـہ کـنـهـن جـــي، رس يـــا ســخـــي ســـــــرور!
پهچـــج اَچـــي پيغمبـــر!

محبت جنـي جـي مـون سـان، مولـيٰ ميلـِـين تـَـنـِــي سـان،
مـشـکـل هـجـيـر آســـان، رس يـــا ســخـــي ســـــــرور!
پهچـــج اَچـــي پيغمبـــر!

محبـــت پنهنجـــي ڏيـــاريو، نــا بـِـــئي ڳــَـلــِـــي ڏيکـاريو،
سپ کـار مـــون سَـنـواريـــو، رس يـــا ســخـــي ســـــــرور!
پهچـــج اَچـــي پيغمبـــر!

لالـــچ پئـــي نـــہ لايـــو، نـــَـــہ کـاڻَ کنهـــن کـــدايو،
چـائـُـتَ پنهنجـي چـُمـايـــو، رس يـــا ســخـــي ســـــــرور!
پهچـــج اَچـــي پيغمبـــر!

دليـــؤن گهريـــم دعـــائون، کـــَـــر مـــؤن قبـــول کيـــائون!
مـَـن جـون پـنـيـون مـــرادون، رس يـــا ســخـــي ســـــــرور!
پهچـــج اَچـــي پيغمبـــر!

صادق 'صديق اڪبر'، غازي هو غار حاضر،
راسخ رفيق رهبر، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

عادل امير 'عُمَر'، سالڪ سُلوڪ سُفر،
هر حرب ۾ مُظفَر، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

عارف امير 'عثمان'، جوڙي جمع ڪِيو قرآن،
راضي مٿس رحمان، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

مولىٰ علي، 'انور'، داناءُ دوست دلبر،
فائق فتح ڪيو خيبر، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

مون کي ملاءِ 'حسن'، جانب جَڙيوم جيءُ جن،
محفوظ منهنجو آمن، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

شاهِ شهيد ڪربلا، سڪ سوز تنهن جو ڪنهن سَلان؟
شال مومن مون ملان، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

پنجتن پاڪ پساءِ مون، محبوب محب ملاءِ مون،
آهين اَجهو الاهِ مون، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

مربي مَحُي الدين مير، سردار پيران پير،
واهر وسيلو تون وير، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

شهباز شير آهين، درسن پنهنجو پَسائين،
ڪٿ قلب جي ڪٿائين، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

ملتان ۾ موچارو، ڪامل قريش قرارو،
نوري ڪيو نظارو، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

شه نقشبندي نُوري، حضرت تون آن حضوري،
هر حاج تئيم پوري، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

صاحب ’صُفي‘ جا سائين، مُرشد ڪامل تون آهين،
مون تؤن نِگه نه لاهين، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

”حامِد“ مگّي حمايت، عربي ڪَيو عنايت،
ايمانَ تئي سلامت، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

پِرين سندي پيراندي، سان مون تئي سيراندي،
هجان هوت سان هيڪاندي، رس يا سخي سرور!
پهچ اَچي پيغمبر!

کامل اچي قبر ۾،   همراهه تج حشر ۾،
پهچج اچي پلڪ ۾،   رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!

سڪرات ويل سائين!   پنهنجو پاڻ تون پسائين،
ڪلمو اچي پڙهائين،   رس يا سخي سرور!
پهچج اَچي پيغمبر!
لا الٰه الا الله مُحمَدَ رسولُ الله.

مناجات (بادشاهہ پير) *

(همت علي شاهہ جي چيل)

[همت علي شاهہ رضوي، ساڪن روهڙي ضلعي سکر "ڪوٺائي سادات" جي خاندان مان ٿي گذريو آهي. روهڙي اسٽيشن لڳ پير يعقوب شاهہ جي ڪوٽ ۾ سندس رهائش هئي. جيئن تہ هن خاندان جي پوين کي علمي ذوق نہ رهيو، تنهن ڪري همت علي شاهہ جي ڄمر ۽ وفات محفوظ نہ رهي سگهيا. البت سندس دستخط نسخي ۾ هڪ هنڌ تي، تاريخ 20- ربيع الاول سنہ 1290 هجري مرقوم آهي. هيٺ ڄاڻايل مناجات مان معلوم ٿو ٿئي، تہ همت علي شاهہ، هيءَ مناجات سنڌ جي قديم مدح گو شاعر جمن چارڻ جي مشهور مناجات کان متاثر ٿي چئي آهي.]

بهرِ خدا قائم بقا، بهر محمد مصطفيٰ،
بهرِ علي المرتضيٰ، تو ڪوئن مڱان صدق صفا.
يا شاهہ ميران دستگير!

رهبر آهين تون راهہ جو، ديوان تون درگاهہ جو،
تون دفتري الله جو، آگاهہ تي هن آهہ جو،
ڪو غور ڪر مان ڏاهہ جو. يا شاهہ ميران دستگير!

واسطي خدا جي عرض ڪر، حاصل مڙيئي غرض ڪر،
سڀ ڏور تن ڪوئن مرض ڪر، آجو اسان ڪوئن فرض ڪر،
هڪ مور سنت فرض ڪر. يا شاهہ ميران دستگير!

واسطي خدا جي ڪم ڪرين، غمگين ڪي بي غم ڪرين،
رنجور ڪي مرهم ڪرين، محتاج تبي تہ رحم ڪرين،
سڀ مدعي درهم ڪرين. يا شاهہ ميران دستگير!

* مرحوم همت علي شاهہ جي دستخط نسخي تان ورتل (جو محترم احسن ڪربلائيءَ کان مليو).

واسطي خدا جي ڪرم ڪر، | دامن لڳي جو شرم ڪر،
لڄ شرم جو ڪو پرم ڪر، | پنهنجي درون ڪو رحم ڪر،
دل دشمنن جي نرم ڪر. | يا شاھ ميران دستگير!

تون داد ڏين بغداد ۾، | فرصت نہ ڪر امداد ۾،
اُستاد تي ارشاد ۾، | في الحال رس فرياد ۾،
فرزند ڏين اولاد ۾. | يا شاھ ميران دستگير!

ڪر مهر تون محتاج تي، | ڪو غور ڪر هن هاج تي،
ڏيڪار مطلب ڪاج تي، | سُک راڄ ڏين سڀ راڄ تي،
سامان ڏي هن ساج تي. | يا شاھ ميران دستگير!

سلطان تون جيلان جو، | مطلوب تون سبحان جو،
تون شاھ اعليٰ شان جو، | تون باغ آن احسان جو،
ڏي آسرو ايمان جو. | يا شاھ ميران دستگير!

توکي خدا عزت ڏني، | اسرار جي عظمت ڏني،
سڀ چيز جي قدرت ڏني، | مُلڪن اتي مَلڪت ڏني،
اخلاق جي خلعت ڏني. | يا شاھ ميران دستگير!

پيري مَرَ ڏي صد سال جي، | فرزند پيري زال جي،
توکي خبر هر حال جي، | ثابت رکين سُک پال جي،
فرمان سان في الحال جي. | يا شاھ ميران دستگير!

پنهنجي مريدن کي نہ ڪر، | محتاج ڪنهن جو دربدر،
ڪر ڪم ڪرم سان سربسر، | ويلي اُتي ڪر ويرِ ور،
تنهنجي آهي هي پيِر پر. | يا شاھ ميران دستگير!

جي مان هتئون تقصير ٿئي،
مان ڪوئن نڪا تدبير ٿئي،
احسان سان امير ٿئي.
دل درد ۾ دلگير ٿئي،
سعيو مدد تو پير ٿئي،
يا شاهه ميران دستگير!

ڪو لطف ڪر احسان ڪر،
ڪو فضل جو فرمان ڪر،
راضي تون ٿي رحمان ڪر.
مشڪل سندم آسان ڪر،
سڀ درد جو درمان ڪر،
يا شاهه ميران دستگير!

راضي ٿيو توتي ڏٺي،
پيرن تُنهنجن جي پٽي،
تن ڇائي چشمن تي ڪٽي.
تعظير ڏنائين تو گهٽي،
سڀ اولياءَ تي ٿي چٽي،
يا شاهه ميران دستگير!

جيلان ۾ گيلان ۾،
مردان ۾ خزران ۾،
توڪي پهچن ايمان ۾.
ڪر ڪنج ۾ ڪران ۾،
صفان ۾ اولان ۾،
يا شاهه ميران دستگير!

سڀ سنڌ، هندستان تي،
خطلان، خورستان تي،
تنهن جو عمل سِستان تي.
تبريز ترڪستان تي،
ايران ۽ توران تي،
يا شاهه ميران دستگير!

تنهن جو عمل استرخ تي،
ڇائوس تنهنجا چرخ تي،
ڇا سبز تي ڇا سرخ تي.
معروف ڪرخي ڪرخ تي،
تنهنجو نمڪ سڀ نرخ تي،
يا شاهه ميران دستگير!

تنهنجو وچن سڀ تي چلي،
توتي عمل حق جو هلي،
آءُ پي لڳس تنهنجي پلي.
پيو ڪونه ڪو توڪي جهلي،
منهنجو هينئن سچ تو سهلي،
يا شاهه ميران دستگير!

هن وقت جو 'ڪلجڳ' لڳو، پيو ڪوڙ جو سچ ڪي ٺڳو،
همراهه ڪونهي ڪو سڳو، تنهن تو رنجي تنهنجي ڪون پڳو،
تو پير تيو پيچو اڳو. يا شاهه ميران دستگير!

ستاويهين ماهه رجب، ميلاد تنهنجو ٿيو عجب،
معراج ڪيو تنهن تان طلب، طالب ٿيو عجم و عرب،
ڪر دفع هي رنج و ڪرب. يا شاهه ميران دستگير!

خادم قوي طالع ٿيو، تعريف تنهن جي ۾ ڪهيو،
جو در اتي تنهنجي پيو، تنهن ڪي مَ ڏس ڪو در ٻيو،
روشن ڪرين تنهن جو ڏيو. يا شاهه ميران دستگير!

بر و بحر، خشڪي تري، صاحب ڏني ٿئي سروري،
مون تي ڪريو واهر وري، پٽ پيرَ دولت دري،
محبوب! نه ته ويندس مري. يا شاهه ميران دستگير!

جن پوت ڪي تنهنجي جڙي، توکي سنياريان هر گهڙي،
تون ڪام رک منهن جي اڙي، ڪڍ شاهه دشمنن کي تڙي.
يا شاهه ميران دستگير!

ڪر بند دشمن جي زبان، مشڪل ڪشا تي مهربان،
آءُ حال پنهنجو ڇا چوان، ڪنهنجو ڪريان ڪنهن سان بيان،
سڀڪي آهي توکي عيان. يا شاهه ميران دستگير!

تون راهه ڪر گمراهه کي، آجو ڪرين ارواح کي،
مقصود ڏيارين راهه کي، درويش دانهين شاهه کي.
يا شاهه ميران دستگير!

تون پاڪ ذات جو، مظهر وڏي ذات جو،
پرچين جي تون پريات جو، ڪو ڪر بلو هن بات جو،
مطلب ڪرين ڏينهن رات جو. يا شاهه ميران دستگير!

جي آءٌ آهيان ڪرتين ڪچو، تنهنجو سخن آهي سچو،
جنهن کي بچايو سو بچيو، نج رنگ رحمت جي رچيو،
ڪلمو محمد تي سچو، يا شاهه ميران دستگير!

لا اِلـه الا لله مُحَمدُ رسُول الله.

مدح (نبي ﷺ) *

(حمل فقير لغاري جي چيل)

[حمل فقير ولد رحيم خان لغاري، بلوچ قوم جي سيرڪاڻي قبيلي جي بهلواڻي پاڙي مان هو. سنه 1225 هجري/ 1809ع ۾ ڄائو. حمل فقير جا وڏا لڏي اچي خيرپور رياست ۾ رهيا هئا. پر پاڻ ڳوٺ ميوي خان لغاريءَ لڳ، تعلقي سڪرنڊ ضلع نوابشاهه ۾ رهائش اختيار ڪئي هئائين. هن کي ننڍي هوندي کان وٺي تعليم ۽ تربيت چڱي ملي هئي، پارسيءَ ۾ هوشيار هو پاڻ به پڙهائيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو هئائين. حمل فقير جا وقت جي خاندانن، جهڙوڪ: مير علي مراد، مير شاهنواز ۽ پير پاڳارن، لڪي ساداتن سان گهاٽا تعلقات هئا، جي ڪيس قدر دانيءَ جي نگاهن سان ڏسندا هئا. هو لنواريءَ وارن بزرگن جو مريد هو انهن جي تعريف ۽ عقيدت ۾ قصيدا چيا اٿس. حمل فقير ذهين، خليق ۽ خوش مزاج هوندو هو. هميشه سائو پهراڻ ۽ سائي پڳ ٻڌيندو هو. فقير صاحب وڏي عمر ۾ 2- صفر 1296 هجري/ 1878ع ۾ وفات ڪئي. سندس قبر ڳوٺ محمود لغاري (تعلقي سڪرنڊ) لڳ "ابراهيم شاهه واري مقام" ۾ آهي.]

(1)

1- سيد سچا سردار تون، عالم سندا آڌار تون،
ڪُل مرسلن مهندار تون. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

2- بيشڪ رسول الله تون، بيشڪ نبي الله تون،
بيشڪ حبيب الله تون. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

3- توکي قرب "قَوسَين" جو، صاحب آهين ثقلين جو،
تون "قُرة العَينَين" جو. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

* "ڪليات حمل" مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد تان ورتل.

[3] قوسين = ٻه ڪمانون: قرآن شريف جي معراج واري آيت = "فڪان قاب قوسين او ادنيٰ" ڏانهن اشارو يعني معراج وقت نبي ﷺ، بارگاهه الاهيءَ ۾ ٻن ڪمانن يا اڃا به ويجهڙي مفاصلي تي هئا. ثقلين = ٻئي جهان، (جن ۽ اِنس، ٻئي مخلوقاتون) قرة العينين = ٻنهي اکين جو ٺار، آسرو، اميد ۽ جهلو. لولاڪ = "جيڪڏهن تون نه هجين ها!" صوفين وٽ هڪ عام مروج ۽ مقبول روايت "لولاڪ لما خلقت الا فلاڪ" (اي پيغمبر! جيڪڏهن تون نه هجين ها، ته جيڪر هيءَ جملي ڪائنات پيدا نه ڪريان ها) ڏانهن اشارو.

4- توتي رحم رب پاڪ جو، توڪي لقب "لولاڪ" جو،
غم ميٺ مون غمناڪ جو. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

5- تو لئه زمين آسمان ٿيا، جن و ملڪ انسان ٿيا،
تو سان وڏا احسان ٿيا. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

6- بيشڪ شفيع شافي آهين، مديون ڪندڙ معافي آهين،
واهر وِلهن وافِي آهين. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

7- مرسل! توڪي معراج ٿيو، تنهنجو ڪُلي ڪم ڪاج ٿيو،
اَسانُ ڪُل احتياج ٿيو. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

8- زينت نبين جو زيب تون، عاصين ڍڪيندڙ عيب تون،
لاشڪ شفيع لاريب تون. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

9 - آهين اڪين جو ٺار تون، مولي سندو مختار تون،
ڪٺندڙ ڪُهيَن جا بار تون. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

10- جِن و پَريون، مَردم مَلَڪ، ڇا عرش ڇا فرش و فَلَڪ،
هر جا تنهنجو جلوو جهلڪ. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

11 - تنهنجو طَبل 'توران' تي، 'عرب' و 'عجم'، 'ايران' تي،
'مڪ'، 'مصر'، 'ملتان' تي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

[6] وافي = پُورو، ڪامل. ڍم دلاسو، آسرو- شافع.
[9] ڪُهِين جا = ڏتڙيلن، بيڪسن، بيوسيلن جا.
[11] هن مصرع کان وٺي مصرع نمبر 39 تائين، شاعر مختلف ملڪن ۽ شهرن جا نالا ڪنيا آهن. طبل = دٻدٻو، رعب. توران = ڪرستان جو قديم نالو. 'ماوراءالنهر'.

12- جلـوو تنهنجـو ’جيـلان‘ ۾، پيـو غلغلـو ’گيـلان‘ ۾،
اُمـت تنهنجـي ايمـان ۾. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

13- رُخ ’روم‘ تـي رايـو سـنڌ ۽، ’سـرحد‘ اُتـي سـايو سـنڌ ۽،
پيغمبـري پـايو سـنڌ ۽. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

14- ’شـروان‘ ۽ ’شـيراز‘ ۾، ۽ ’اصطخـر‘، ’اهـواز‘ ۾،
كُـل نيـاز منـد تـو نيـاز ۾. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

15- منجهه ’قسطنطنيه‘ ۽ ’قيروان‘، بـر پـيـرويءَ تـو پـيـرُوان،
تـون پيشـوا پيغبـران. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

16- بـادل وسـن ’بلغَـار‘ تـي، ’غزنـي‘، ’گنجـي‘، ’گرنـار‘ تـي،
’مسقط‘، ’مبئي‘، ’ملبار‘، تـي. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

17- تنهنجون حديثون منجهه ’حـلب‘، ’طوسـيٰ‘ ركـن تنهنجـي طلـب،
تـو صـاف كيـا كـل جا قلـب. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

18- تون كيو كٿوري كُـل ’ختـن‘، ’فـارس‘، ’فلسـطين‘ ۽ ’فـَتـن‘،
حـاضر آهيـن منجهه هـر وطـن. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

19- ’ترمـذ‘، ’تبـت‘، ’تاتـار‘ ۾، ’أفرنـج‘، ’فرنـگ‘، ’فرخـار‘ ۾،
گويـا تنهنجـي گفتـار ۾. كـر مهـر مـون تـي مصطفـيٰ!

---

[14] شروان، شيراز، اصطخر ۽ اهواز = چارئي ايران جا شهر. اصل پڙهڻي: ”استرخ ايجاز ۾“ (؟).

[15] قَيروان = اڳوڻي مغرب (اتر آفريقا) جو تختگاهه. قاهره.

[16] بلغار، يعني ”بلگيريا“. گنجو = گنجو ٽكر. مَبئي = بَمبئي.

[17] حلب = شام جو شهر.

[18] ختن = تركستان جو مشهور شهر، جتي جي هرڻن جي دُن مان نكرندڙ مُشك يا كٿوري مشهور آهي. فَتن = شايد مراد شهر ”پَٽن“ يا ”پاك پَٽن“.

[19] ترمذ = ايران جو مشهور شهر. تبت = ٿبيٽ. تاتار = تركن جو ملك. أفرنج = نوشيروان بادشاهه جو ٻڌايل قديم شهر. فرنگ = انگريز يا نصارا. فَرخار = سُهڻن ۽ حسين ماڻهن جو هك شهر، هك بتخاني جو نالو، ٻين كيترن كي شهرن جو نالو.

20- ’بابل‘، ’بخارا‘ منجهہ ’بلخ‘، ’خاور‘، ’خراسان‘ ۽ ’خلخ‘،
توکي مجن مور و مَلخ. کر مهر مون تي مصطفيٰ!

21- ’مازندران‘ منجهہ ماورا، اُمت تنهنجي کُل اَنورا!
حامي آهين هر دو سرا. کر مهر مون تي مصطفيٰ!

22- ’کنعان‘، ’کوفو‘، ’کربلا‘، جت ها کُنا کوفين پَلا،
تن خارجن جني سِرَ کَلا. کر مهر مون تي مصطفيٰ!

23- ’بيت المقدس‘ ۾ مَشر، هر جا تنهنجو نالو نَشر،
حامي حمايت منجهہ حشر. کر مهر مون تي مصطفيٰ!

24- حيرت تنهنجي ’هيرات‘ ۾، غلبو تنهنجو ’گجرات‘ ۾!
تولئہ سکن ’سکلات‘ ۾. کر مهر مون تي مصطفيٰ!

25- ’مُکلا‘، ’مدائن‘، ’مرونديِ‘، ’طمغاچ‘، تابع تو سندي،
کُل جي کچين ميري مَدي. کر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

[20] خاور = اڀرندو. مشرق - پڻ الهندي جي معنيٰ ۾. خراسان = موجوده افغانستان ۾ ايران جي گڏيل ايراضيءَ جو اڳيون نالو. خلخ (اصل اُچار "خَلخ") = ترڪستان جو هڪ شهر، حَسينن ۽ مُشڪ ڪان مشهور. مور = ماڪوڙي. مَلخ = مڪڙ. "مور و ملخ"، يعني ڳاٽاٽي ڪان ٻاهر- هر شئي.

[21] مازندران = ايران جو اتريون علائقو. ماوَرا، يعني ماوَراءُ النهر (Trahsoxiana)- آمو درياءُ جو پريون طرف.

[22] جَت ها ڪُنا ... الخ = يعني جتي پَلن (امامن) کي ڪوفين شهيد ڪيو هو.

[23] مَشر = مشهور. نَشر = پڌرو، نروار.

[24] هيرات = هرات، جو هن وقت افغانستان جو مشهور شهر آهي. سقلات: هن نالي سان ڪو شهر مؤلف کي ڪونہ ٿو سُجهي: البت "سقلات" معنيٰ "سقرلات" يعني (Scarlet) اوني ڪپڙو، جو (اڳين لغت جي لحاظ سان) انگلستان ۽ روم ۾ اچندو هو.

[25] مڪلان = صحيح اُچار "مُڪَلا". جو عربستان جي ڏاکڻي ڪناري جو بندر آهي. مَدائن = قديم ايران جو مشهور شهر. مرونَدي = مرونَد شهر جا رهاڪو. طمغاچ = ترڪستان جو هڪ علائقو: اصل عبارت: "طغماچ.

26- 'تاجيڪ' ۽ 'تبريز' ۾، 'ايلاق' ۽ انگريز ۾،
فائق ڪيا تو فيض ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

27- 'ارمن'، 'عدن'، 'عرفات' ۾، 'ڪاڇي'، 'ڪڇي'، 'قلات' ۾،
صلوات وائي وات ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

28- 'نخشب' نديءَ ۾ نام تو، منجهه 'اصفهان' اسلام تو،
هندي، سنڌي سڀ سام تو. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

29- 'دهلي'، 'دڪن'، 'دهمان' ۾، 'ڪشمير' ۽ 'ڪاشان' ۾،
تو دين تي 'دمغان' ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

30- 'بصرو'، 'بنگالو'، 'بندري'، تو امر ۾ 'آمر سري'،
خواهان خلق خشڪ و تري. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

31- 'چوچڪ'، 'چگل' ۽ 'چين' ۾، 'مشهد'، 'مسخي'، 'ماچين' ۾،
نت ياد تون ياسين ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

32- 'ڪيچ'، 'ڪلڪتي'، 'قنڌار' ۾، 'قلزم'، ڪلي ڪوهسار ۾،
هلچو هڪل 'هالار' ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

[26] تاجيڪ = تاجيڪستان ملڪ. "ايلاق" نالي شهر معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. انگريز، يعني انگريزن جو ملڪ.

[27] ارمن = آرمينيا. ڪاڇو = سنڌ جي، الهندي طرفان، جبلن جي ڪناري وارو پاسو. ڪڇي = بلوچستان جو هڪ علائقو.

[28] نخشب = ترڪستان جو مشهور شهر.

[31] "چوچڪ" نالي شهر دريافت نہ ٿي سگهيو آهي. شايد پنجاب جو ڪو ڳوٺ. چگل = ترڪستان جي اتر ۾ روم جي سرحد لڳ شهر. مشهد = ايران جو هڪ شهر، مشهور زيارت گاهہ. "مُسخي" نالي شهر معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. ماچين = چين ڏکڻ ۽ هندستان جي اوڀر طرف هڪ ملڪ.

[32] قلزم = مصر ۽ مڪي شريف جي وچ ۾ هڪ جڳهہ، جنهن جي نالي سان "بحر قلزم" سڏجي ٿو. ڪوهسار = جابلو ايراضي ۽ ماٿريون.

33- تنهنجي خبر 'خرقان' ۾، چا 'يمن' چا 'يونان' ۾،
حمدون پڙهن 'همدان' ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

34- 'لڪنؤ' لقا 'لبنان' ۾، 'بغداد' ۽ 'بُستان' ۾،
قائل تنهنجا 'ڪرمان' ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

35- 'سيوي' 'سيوستان'، 'سمرقند'، 'خزران'، 'خيبر' ۽ 'خُجند'،
عاصي آهن اُميد مند. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

36- 'ٺٽي ننگر'، 'ناگور' ۾، 'لمغان' ۽ 'لاهور' ۾،
ڪلما پڙهن 'ڪشمور' ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

37- 'پوني'، 'پشين' منجهه 'پارڪر'، چا 'پاڳناڙي'، 'پاڳسر'،
بانگون پڙهن منجهه 'باختر'. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

38- تي ماڙ تنهنجي 'ماڙ' تي، ڪِيئي ڪرم 'ڪانياواڙ' تي،
لک لطف ڪيا تو 'لاڙ' تي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

39- 'لنواري' لطف سان لعل ڪِيئي، تنهن تي پلا! لک پال ڪِيئي،
اعليٰ سندس اقبال ڪِيئي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

40- 'لنواري' نسورو نُور آ، پُرنُور سو 'ڪوهه طور' آ،
مُلڪان مُلڪ مشهور آ. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

[33] خرقان ۽ همدان = ايران جا ٻہ شهر.

[34] لبنان = شام لڳ هڪ آزاد ملڪ. ڪرمان = ايران جو هڪ علائقو ۽ شهر.

[35] سيوي = سبي. خزران = خزر، ترڪستان ۽ گيلان جوهڪ علائقو. خُجند = ماوراءُ النهر جو هڪ شهر.

[36] لمغان يا لامغان، جو موجوده افغانستان جو هڪ قديم شهر آهي.

[37] پَشين = طوس لڳ ايران جو هڪ آڳاٽو مڪان.

41- مرشد منهنجو مسرور هوءِ، غم درد تنهن کوئن دور هوءِ،
مَدحي تنهنجو منظور هوءِ. ڪر مون تي مصطفيٰ!

42- 'اُچ'، 'آگرو'، 'عدن'، 'اَٽڪ'، 'لکپت'، 'لکي'، تنهنجي لٿڪ!
ڪل 'ڪابلي' تنهنجو ڪٿڪ. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

43- تنهنجو شغل آ 'شام' ۾، برڪت تنهنجي 'بسطام' ۾،
ڪافر آندئي اِسلام ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

44- 'تنبول' ۽ 'طلقان' تي، 'مستُونگ' ۽ 'مڪران' تي،
رحمت تنهنجي 'رخشان' تي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

45- پيو جذب 'جيسلمير' تي، امداد تيو 'اجمير' تي،
پئي گاج تو 'گجمير' تي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

46- 'پورب'، 'پَڇم' 'پنجاب' ۾، 'سورت'، 'سري'، 'سَقلاب' ۾،
سارھ تنهنجي 'سنجاب' ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

47- 'روهڙي' رتي تو رنگ ۾، زنگي ذڪر ڪن 'زنگ' ۾،
تنهنجو ذڪر جهر جهنگ ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

[43] بسطام = ايران جو مشهور شهر. جنهن ڏانهن درويش بايزيد بسطامي منسوب آهي.
[44] تَنبول = استنبول جو مخفف. طلقان = طالقان. جو مرورو: ۽ بلخ جي وچ تي هڪ شهر آهي. مستونگ = بلوچستان جو هڪ مشهور شهر. رخشان = شايد رخش جو مرڪب لفظ. يعني "سج تي" يا سج وانگر اعليٰ ۽ روشن.
[46] پورب = ايرندو. پڇم = الهندو. سِري = سنڌ جي سري ۾. سَقلاب = اڳين روم ولايت جو شهر. سنجاف = هڪ ولايت جو نالو (غياثَ الغات).
[47] زنگي = شيدي. زَنگ = آفريقا جو ملڪ زنگبار، زئنزيبار.

48- هر ملڪ هر اطراف تي، عالم ڪُلي اڪناف تي،
تنهنجو قدم 'ڪُهقاف' تي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

49- منجهہ هر ولايت هر شهر، ڪُل دين تنهنجو منجهہ دهر.
تنهنجي عمل ۾ بحر و بر. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

50- مَلَڪ ۽ فَلڪ فرمان ۾، شمس و قمر شُڪران ۾،
تنهنجو قرب قرآن ۾. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

51- رحمت گُهرن رضوان تا، حورون همه غلمان تا،
جند جان ڪن قربان تا. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

52- مرشد! مديني ۾ وَسين، سڀ حال هر ڪنهن جو پَسين،
هر هڪ هر جا تو رَسين، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

53- عاصين اَچهو ۽ اوٽ تون، قائم اُمت جو ڪوٽ تون،
منهنجا سٽي سڌ موٽ تون. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

54- مون ڪيون مدايون ايتريون، ناهن سي ليکڙ جيتريون،
واريءَ ڪَڻَن ڪان ويتريون. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

55- بيحد ٻُجهي ٻُلڪار تي، ڏاڍي سجهي سرڪار تي،
مون تي بَدين جا بار تي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

56- چاڙِي ڏسِي تي ڏوهہ ڪيم، تي ڏوهہ ڪيم ۽ ڊوهہ ڪيم،
پوءِ هَٽ هٽي اندوهہ ڪيم. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

[48] اڪناف = ڪندون. ڪُهقاف = ڪوهہ قاف جبل.

57- هَي هَي حرص ۾ هٿ هنيم، ڪرڻا نہ ها سي ڪم ڪيم،
هاڻي آسرو تنهنجو اٿم. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

58- هيءَ نفس تو مون سان ڪَسي، ڏوهن سندا تو گس ڏسي،
تنهنجي رحم جو هٿ رسي، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

59- تون بيڪس جو پروسو، خطرن ڀَڏو آ خرخسو،
راحم! اچي تن ڪي رسو. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

60- نفس و شيطان ٻئي لڳا، تَن چَئي لڳي مون حق پڳا،
تنهنجي اٿم تري تَڳا. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

61- سڻ سوال تون سيد سچا، ڪوڙين ڪيا مون ڪم ڪچا،
بدڪار جو ڪر ڪو بچا. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

62- بلڪل نہ ڪيم ڪا بندگي، ضايع ڪيم سڀ زندگي،
شرمندگي! شرمندگي! ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

63- عاصي امت تو آسري، ٻئي پاسَ نا تو پاسَ ري،
پازِي مَ ڇڏ پنهنجا پَري. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

64- سياندو سُجهي سڪرات جو، ڪاري قبر جي رات جو،
سڏ سوال سڻ پريات جو. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

[58] ڪَسي = ڪَنهي، ڪوڙس ڪري.
[60] ٻئي لڳا = ٻئي اچي پيڙا ٿيا، يار ٿيا، يا ٻئي دشمن ٿي اچي لڳا.
[63] پازي = پينار، غلام، بندا.
[64] سياندو = سيءُ، ڏڪڻي، سيانچو، ڏپ.

65- جنهن دم جدا هيءَ جان ٿئي، تو ڪوُن عطا ايمان ٿئي،
دُز دور شر شيطان ٿئي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

66- آڏي قبر ڪاري ٻـَجهي، منزل ٻڙي ٻاري سُجهي،
تنهنجي تـِتي تاري سجهي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

67- ڪانڌي ڏريندا منجهه قبر، لوڙهي لٿـ ٻ، زير و زبر،
خاطيءَ سندي ڪج ڪا خبر. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

68- راحم! اچي مون کي رسج، عربي! اتي مون وٽ اچج،
ڪلمو ڏوهاريءَ کي ڏسج، ڪر مون تي مصطفيٰ!

69- ٻيا ڪـُن ڪپر ڪڙڪا سُجهن، دوزخ سندا دڙڪا سُجهن،
تا باهه جا ڀڙڪا سُجهن. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

70- آزيون عرض سڻ آهه ڪوُن، بلڪل بچائج باهه کوُن،
عربي! انهيءَ آڙاهه کوُن. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

71- محشر سندي ميدان ۾، سج تاءُ جي تابان ۾،
شافع! شفا تو شان ۾، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

72- تنهن جاءِ نه مون کي تون ڇڏج، گڏ پاڻ سان مون کي گڏج،
هٽ ٻاجهه جا مون تي اَڏج. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

73- نا ڪو ڪـَيم نيڪو عمل، نا ڪو ڪـَنيم ساري سـَمَلُ،
تون هوءِ حڪايت سان "حمل". ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

---

[65] دز = دزد= چور. بدمعاش يعني شيطان.
[67] لوڙهي لٽي = لوڙهه کي لٽي، جنازي کي پوري.
[73] سمل = ثمر. توشو.

74- هي لڙهہ ”لغاري“ لام تو، سيد سچا! پيو سام تو،
دل نار نيڻين نام تو. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

75- شب روز پنهنجو شوق ڏي، ذاتي ذڪر جو ذوق ڏي،
محبت پنهنجي مافَوق ڏي، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

76- دل نُور ڪئن پُر نُور ڪر، غم درد دل ڪوئن دور ڪر،
مدحي پنهنجو مسرور ڪر، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

تنهنجي رعايت تو گهران، تنهنجي عنايت تو گهُران،
77- تنهنجي شفاعت تو گهُران، ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

فرياد جو ڪو داد تئي، دل درد ڪوئن آزاد تئي،
78- افضل سندم اولاد تئي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

مون تي قريشي! ڪرم ڪر، شان و شرم جو پرم ڪر،
79- دشمن نمائي نرم ڪر. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

تاريخ تو چونڊڙ چوي، تيرهين صديءَ جي تِيانوي،
80- ايمان ۾ رکجو اوي. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

81- تحقيق تون آهين امين، تون رحمة للعالمين،
ڪلمو پڙهيو مون باليقين. ڪر مهر مون تي مصطفيٰ!

لا الٰہ الا الله مُحمد رسول الله.

---

[75] مافرق

مدح (چار يار) *

(2)

1- د م دم هردم حمد هزار، رب سچي جا سَو صد بار،
مير محمد تيو مختار، پنجتن پاڪ پيارا يار.
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

2- چارئي ياور چارئي يار، چارئي نُور تيا نروار،
چارئي عالم جا آڌار، چئني دُرس بَڌي دستار.
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

3- چارئي مير مُصلي صاحب، چارئي نيڪ نبيءَ جا نائب،
روشن تن تي حاضر غائب. مومن سو جو تن جو تائب،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

4- چارئي ياور ساڻ يقين، چارئي عادل عدل اَمين،
چارئي صاحب سَر زمين، چئني دُرست اُجايو دين.
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

5- چارئي يار نبيءَ جا ياور، چارئي دين دنيا جا داور،
چارئي دانا دل دلاور، چارئي جابر جُنگ جَنگاور.
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

* 'ڪليات حمل' مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ تان ورتل.

6- چارئي ديـن اُجـارا دائـم، چارئي منجهہ ڪچهري قـائم،
هئا منجهہ صوم سدائين صائم، نَـوم نہ ڪيائون نا ها نائم.
چارئي يـار نبـيءَ جـا نـُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

7- اول يـار ’صديـق‘ سـچار، جنهـن ڪيـو ديـن اول اختيـار،
گڏ نبيءَ سان هو منجهہ غـار، تنهن تي رحمت رب غـفـار.
چارئي يـار نبـيءَ جـا نـُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

8- ٻيـو تـان يـار اميـر ’عمـر‘، ديـن اُجـاريو تنهـن دلبـر،
جـوان جنـگاور ساڻ جبـر، ڪفر ڪيـائيـن زيـر زبـر.
چارئي يـار نبـيءَ جـا نـُور
چارئي هردم نجهہ حضور.

9- ٽيون تـان يار اميـر ’عثمـان‘، عالــمُ، اَڪمـل، عاليشــان،
ڪامل جنهن ڪيو گـڏ قـرآن، نُـقطو تـنهن ۾ نـا نـقصـان.
چارئي يـار نبـيءَ جـا نـُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

10- چوٿــون يــاور يــار ’علــي‘، تـَـرڪي وارث ويــر وَلــي،
جزو نبيءَ جو، نور جَلـي، تنهن گهر بيبي پـاڪ پلـي.
چارئي يـار نبـيءَ جـا نـُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

11- چارئي پـاڪ نبـيءَ جـا پيـارا، چــارئي دلبــر ديــن منــارا،
بغض رکن جي هَـنيـا هَـچـارا، محشر ڏينهن هوندن منهن ڪارا.
چارئي يـار نبـيءَ جـا نـُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

12- چارئي صاحب سُرت سُجان، چارئي عالم عالي شان،
شڪ رکي سو آهہ شيطان، بيشڪ آهي بي ايمان،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

13- چارئي صاحب پاڪ صَحاب، نيڪ نبيءَ جا نيڪ نواب،
ڪفر ڪنبايو تن جي تاب، سارهہ تن جي ڪرڻ ثواب،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

14- چارئي عارف منجهہ عبادت، هئي عبادت اُن جي عادت،
اول آخر تين سعادت، چارئي رَسيا شير شهادت،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

15- چارئي عالم علم اڪابر، چارئي جوان جنگاور جابر،
سختي گرمي تي ها صابر، رب رضا ۾ نا ها نابر،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

16- چارئي راهہ هدايت هادي، چارئي وينا گوهر گادي،
بغض رکن جي بي بنيادي، قيامت ٿيندي تن سان تعدي،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

17- چارئي منور چارئي ماهہ، چارئي واهر چارئي واهہ،
چارئي پاڪر پشت پناهہ، چئني تئُون ڪر صدقو ساهہ،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهہ حضور.

18- چارئي واهر چارئي وِيرَ، چارئي مالڪ ماهه مُنير،
چارئي سالڪ سُرت سُڌير، چئني جو تيءُ دامنگير،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

19- چارئي يار صحاب سڳورا، چارئي هر هڪ حق جا گهورا،
چئنِي بُت پيچي ڪيا پورا، بُغض رکين چو نَحس نِدورا،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

20- چارئي عارف يار عجيب، چارئي نوري نيڪ نَجيب،
چارئي حضرت وٽ حبيب، چئني کي تيو نيڪ نصيب،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

21- چارئي يار صَحابِ ڪرام، چارئي وارث ويرَ وريام،
چئني ڪافر ڪيا قتلام، بغض رکين چو خارج خام؟
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

22- چارئي هڪ دل چارئي هڪ، چئني جي رک دل ۾ سِڪَ،
وچ وِچهن جي قِڪا قِڪ، ڏينهن قيامت تيندن ڏِڪ،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

23- چارئي عابد چارئي زاهد، چارئي مسجد منجهه مجاهد،
ڪِئي واکاڻ تنهين جي واحد، شان اُتي قرآن آ شاهد،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

24- چارئي هادي راهه هدايت، چئني سان ڪئي رب رعايت،
چئني سان تي عين عنايت، شُوم ڪري تو ڪوهه شڪايت؟
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

25- چارئي خاص خليل خدائي، چئني ۾ نا جَوَ جدائي،
چئني جي رڪ سڪ سدائي، چئني جي رڪ آدب آدائي،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

26- چارئي صاحب سيف سخاوت، چئني دين سندي ڪئي دعوت،
چئني ۾ نا تِر تفاوت، تن سان اَنڌا! ڪرين عداوت،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

27- چارئي هئا ڪنڌ ڪير منائي، هڪڙي ڏنهُ جنهن حب گهٽائي،
جي ڪنه هڪ ڏنه دل مَٽائي، تنهن ڪر پنهنجي پاڙ پٽائي،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.

28- "حمل" هردم حمد هزار، چُست مجياسون چارئي يار،
چارئي يار اڪين جا نار، پڙهه ڪلمو تان پهچن پار،
چارئي يار نبيءَ جا نُور
چارئي هردم منجهه حضور.
لا اِلـه الاالله مُحمد رسول الله.

مناجات (نبي ﷺ)

(فقير غلام حيدر شر جي چيل)

[فقير غلام حيدر ولد قائم خان شر بلوچ 24 - رمضان 1215 هجري/ 1800ع ڳوٺ مينگهو شر تعلقي ميرواهہ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. قرآن شريف پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو ۽ پارسي گلستان تائين هگورن جي ڳوٺ ۾ پڙهيو. اڳتي تعلقي گنبٽ ۾ رهندڙ فقير محمد يوسف (جو سچل سرمست جي خاص خليفن مان هو) جو مريد ٿيو ۽ ان جي صحبت ۾ شعر چوڻ لڳو. صوفي طريقي جو پيرو هو. خير محمد هيسباڻي، عثمان سانگي، چتو فقير سانگي ۽ لونگ فقير مهيسر سندس همعصر هئا، جن سان ڪچهريون ۽ معرڪا ڪندو هو. سندس ڪلام تي "سچل سرمست" جي ڪلام جو رنگ چڙهيل آهي. سندس بہ مشهور مدحون هتي ڏجن ٿيون. فقير غلام حيدر سنہ 1278 هجري/ 1861ع ۾ وفات ڪئي.]

(1)

بهرِ خدا فرياد رس يا مُحمد مصطفيٰ!
ناهہ توريءَ بيو تڪيو رس يا رسولِ رهنما!

1- سڀ نبي مرسل سچا سردار تو پيرين پون،
سو لک صلواتان سرورا ڪامل توتي ڪلمو ڪهن،
سڀ چٽا تنهنجي هٿان سرتاج تون ڪل سرورن،
واهر وسيلو وير مون، فرياد رس يا احمدا!

2- ناهہ ڪو مُوروئن مٿو منهنجي مداين پاند ڪو،
عاجزن ابوجهڙن ۽ بيڪسن جو پرجهلو،
احمدا عربي! سڻي فرياد تن واهر ورو،
دلبرا دامن لڳيءَ جو داد ڪر هردو سرا.

3- دم دم صلواتان سرورا! ماڻهو مَلڪ توتي پڙهن،
ڇا زمين و آسمان لوح و قلم ڪوڙئون ڪهن،
عيبوئن اڇوڪر احمدا! هي ڏک ڏولارا سپ وڃن،
آهون سٽي مون احمدا! سيد سٽي منهنجي صدا.

4- تون خدا جو نور نرمل مختار تئين عالم امير،
هر دو سرا جي حاڪمي شمس الضحيٰ روشن ضمير،
تون اڇهو آن عاصين جو وحده واحد وزير،
غور ڪر غم لاهه تون، فرياد سڻ يا احمدا!

5- توکي سنياريان سيدا! وارث توڏي واجهائيان،
اهنج اوکيءَ ۾ اوهان ري ڪونه ڪو بيو پانئيان،
ڪامل! اکيون توڏي ڏسن بانهون ٻڌيون ٻاڏائيان،
سڻ سگهو سڏ سيدا! رس يا رسولِ رهنما!

6- يا نبي! تون نور نرمل پاڪ سيد مرسلين،
غور ڪر غم لاهه تون اي رحم خواهم راحمين،
تنهنجو عالم ۾ سُڄي جو يا شفيع المذنبين،
مدد خواهم مصطفي! عاصي آهيان مون انورا!

7- عشق وارن کي اوراتو مير تنهنجو تيو مدام،
تون شفاعت ڪارڻي توتي صلواة و لک سلام،
"غلام حيدر" گولڙو تنهنجو مداحي صبح و شام،
ڪلمو پڙهو ڪل مومنو، مير مرسل تي سدا.

لا اِلـه الاّ الله مُحمد رسول الله.

❖

مناجات

(2)

1- اول ڪيان تو ياد الله، مير محمد منور ماهه،
چارئي يار حامي همراهه، ’حسن حسين‘ جي ڏاهن ڏاهه،
معاف ڪندا اچي مون تقصير، مدد ڪندين تون مرشد مير!
عاشق مولئي قطب ڪبير!

2- ’زين العابد‘ سڻ سوال، ’مهدي‘ مقبل قرب ڪمال،
برحق ’باقر‘ نور نهال، ’موسئي‘ منور ماهه مثال،
ڏک ڪٽيو اچي مون دلگير، مدد ڪندين تون مرشد مير!
عاشق مولئي قطب ڪبير!

3- ’جعفر‘ جاني ڪر واهر، ’موسئي ڪاظم‘ لهندم سار،
’عسڪر‘ عاصين جي آڌار، ڏواز ڏهه داور چارئي يار،
اچي حامي ٿيندا هن فقير، مدد ڪندين تون مرشد مير!
عاشق مولئي قطب ڪبير!

4- طلب ’تقي‘ جي اتم تمام، نيڪ ’نقي‘ جو آهيان غلام،
پرين پيارج ڪوثر جام، حامي ٿيندو ڏينهن حشام،
عرض مجيندا قرب ڪثير، مدد ڪندين تون مرشد مير!
عاشق مولئي قطب ڪبير!

5- نانڪ شاهه نگاهون نوري، هردم يوسف يار حضوري،
دم نه دلبر ڪان دوري، آس ڪيو اچي مون من پوري،
مربي ڪامل ماهه منير! مدد ڪندين تون مرشد مير!
عاشق مولئي قطب ڪبير!

6- طالب تـوڙون تـو در آهيـان، پاند ڳچيءَ ڳـل ڳـاري پايـان،
دم دم پيـرن تـي سـر نايـان، درد منجهـارون دانهـن سـڻايان،
كـاهـي كـامـل آءُ اميـر! مدد كنديـن تـون مـرشـد ميـر!
عاشق مولـيٰ قـطـب كبيـر!

7- عاشـق عــارف سـڻ سـوال، هــن زمـــاني هـهـــڙو حـــال،
مدعــي مـارج چـور چنـڊال، ســهڻا! كـر پلايـون پـال،
آهي هـيـٺـو حـال حقيـر، مدد كنديـن تـون مـرشـد ميـر!
عاشق مولـيٰ قـطـب كبيـر!

8- دوسـت دلاور توئـي مكـان، لعـل لاهوتـي سـرت سـُـجان،
جَـنهـَرَ جايون ملک مكـان، آءُ منگـان تـو مــهر امـان،
وهـلـو ور تــون واهــر ويـر، مدد كنديـن تـون مُرشد ميـر!
عاشق مولـيٰ قـطـب كبيـر!

9- وقـت زبـون زمـانو آيـو، سهڻا! ڳُهرجي تـُنهنجو سايو،
رب سـچي تـو سـِـر رايـو، مشكل منهنجو معاف كرايو،
محب ڏيـو كـا مون مـن ڏيـر، مدد كنديـن تـون مـرشـد ميـر!
عاشق مولـيٰ قـطـب كبيـر!

10- ماڙ كيو كـا مـون مسكين، بهـرو بخـش دنيـا ۽ ديـن،
نـائب نبـيءَ جـا مـرد مبيـن، جلـــوو تنهنجـــو روءِ زميـــن،
قطب قـلـندر تـون اكسيـر، مدد كنديـن تـون مـرشـد ميـر!
عاشق مولـيٰ قـطـب كبيـر!

11- تـوڙون تنهنجو سـگ سـڏايان، گولـن جـي آءُ گولـي آهيـان،
هـردم هـادي مرشـد پانيـان، آءُ مـل جَـاني! كـانگ اُڏايـان،
دلبـر تـنـهـنـجـي دامـنگيـر، مدد كنديـن تـون مـرشـد ميـر!
عاشق مولـيٰ قـطـب كبيـر!

12- مدح چوان تو مير مدام، كامل تو سر كل كمام،
حامي هادي منجهه حشام، دامن تنهنجي سهڻا سام،
تار لنگهائين تون تڙپيڙ، مدد كندين تون مرشد مير!
عاشق موليٰ قطب كبير!

13- دلبر دلڙي كر مون شاد، كامل مرشد تون استاد،
مدعي منهنجو كر تون ماد، حرس و هوا كي كر برباد،
وحدت واڇي نينهن نظير، مدد كندين تون مرشد مير!
عاشق موليٰ قطب كبير!

14- مج مداحي سوال سندو، واهر وسيلو ور كجو،
كڍ گمراهي ڏيل ڏچو، معلوم توكي حال سيو،
محب ڏيو اچي مون من ڌير، مدد كندين تون مرشد مير!
عاشق موليٰ قطب كبير!

15- عاشق رس تون اوكيءَ ويل، مير! مريدن سان تي بيلهه،
واهر كر اچي ويل سويل، ترت لنگهائج تار طفيل،
سك اوهان جي منجهه سرير، مدد كندين تون مرشد مير!
عاشق موليٰ قطب كبير!

16- سهوان مون منجهه سهس هزار، ڏوهه گناهن ڏاڍو ڏار،
كافن ۾ اچي رس كوهيار، وير كندين تون ور وهار،
ڏوهن كيڙس زور زهير، مدد كندين تون مرشد مير!
عاشق موليٰ قطب كبير!

17- عـزم اعلـيٰ كـر مــون اولاد، پيـــر پڄـــائج مـــن مـــراد،
دلبـــر دانهيـــنءَ جـــو كـــرداد، عشـــق الله جـــو تئـــي امـــداد،
تون مرشد روشن روءِ ضـمـيـــر، مدد كنديـن تـون مـرشـد مـيـرا!
عاشق مولـيٰ قـطـب كـبـيـرا!

18- "غــلام حيــدر" گــل گــلزار، ميـــر محمـــد جـــو ديـــدار،
پريـــن پســـايو ســـو ســـردار، جنهـن لئـہ جـُـڙيو هـيءُ جنسـار،
كلمو كامل من مصيـــر، مدد كنديـن تـون مـرشـد مـيـرا!
عاشق مولـيٰ قـطـب كـبـيـرا!

لا اِلـه الا مـُحمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ)

(شاهہ محمد ديدڙ جي چيل)

[شاهہ محمد ديدڙ، ميرن جي آخري دور ۾ ڳوٺ ديدڙ تعلقي قنبر، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قنبر - شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. ديدڙن جي خاندان ۾ مشهور شاعر ”حسين فقير ديدڙ“ سندس نانو هو، ان جي صحبت ۽ تربيت ٿي شاهہ محمد ديدڙ کي پختہ ڪلام شاعرن جي صف ۾ بيهاريو. سندس ڪلام تي گهڻو ڪري ”حسين فقير ديدڙ“ جو رنگ چڙهيل نظر ايندو. هُن وقت جي ضرورت مطابق علم پرايو. سمورو عرصو درس تدريس ۾ مصروف رهيو. هن جو ڪلام بي انداز آهي، جنهن ۾ مولود، مداحون، خطبا، معجزا، حڪايتون ۽ جنگ نامو وغيرهہ مشهور آهن. ”سينگار“ تي سندس ڪيترو ئي ڪلام قلمي نسخي جي صورت ۾ هو، جو سندس پوين کان گم ٿي ويو. شاهہ محمد ديدڙ جي مسجد جي پٽ تي ”محمد حسن“ نالي سندس هڪ شاگرد جو ڪتبو لکيل آهي جنهن مان سندس وفات جي تاريخ 16- رمضان المبارڪ 1309 هہ / 1891ع ملي ٿي.]

(1)

سهسين ثنا ستار جي، غالب غني غفار جي،
جامع جليل جبار جي، حنان هزده هزار جي،
جوڙي بَنا جنسار جي،
تنهنجي سدا تعريف ڪر.

رب بيمثل بيچون آهہ، بيشڪ احد بي ڳون آهہ،
جنهن قول ’ڪن فيڪون‘ آهہ، دل جو ڪفر هت ڏُون آهہ،
اونهو عجائب اُونِ آهہ،
ناقص عقل جي هت نظر.

جنهن کيو پرين پيدا پلو، پُلڪار ڪوئن آهه پرجهلو،
واهر پرين ويرينِ ولو، بُوجهل خارج ڪي ڪلو،
نڳ تيو نکر نُولهو نَلهو،
منڪر نہ جنهن سمجهو مگر.

اسلام ۽ عجمي عرب، تيا تُرڪ، طوسي ۽ طرب،
زنگي غزا ڪن منجهه غرب، سڀ زير زانو ڪيا ضرب،
هندي حڪم سان ڪن حرب،
رومن ڪشي قابو ڪمر.

يعني يقيناً تي لَتڙيا، عدني نہ ڪجهه اوري اَڙيا،
ڪفار بصره تي ڪَڙيا، چيني ڏِڳا ڪيون تي ڏڙيا.
هٿا مسقطي چُغدا چِڙيا،
افغان، ايراني اگر.

احد کيو سِر ڪي سٽن، ڪُوپا ڪلهن ڪون ڪنڌ ڪٽن،
ڪنهن دم نہ مانجهي منهن مٽن، جُنگ جَنگ ۾ جانيون قٽن،
سي مر طهورا چش چٽن،
حوران وڳا زربفت زر.

هرجا حڪم حضرت هليو، مرسل منو مربي ملهو،
ويو ڪفر جذبي سان جليو، ديني پڙهو چَلتو چليو،
سڀ ملڪ اسلامن مليو،
هوڪا گهميا تي هر شَهر.

لک معجزا تنهن جا مجان، سرور صغيريءَ هو اجان،
ڪوڙين قطب خالص گجان، محبوب بتخانہ پجيان،
سيد مٺان صدقي وجان،
ڪامل مٿئون ڪئي چانو ڪکر.

كيا نانگ نياز تي، روئي نخل كيا راز تي،
كئي ڳالهه ڳيري باز تي، آهو كيا اعجاز تي،
اُٿ جا ٻڌي آواز تي،
كاهي متس ويو مفتخر.

ختم الرسل جا كُون تيو، آجو جهان با كون تيو،
چنڊ چيرجي قاكون تيو، روشن تنهين لاكُون تيو،
ڏس تاب ۾ تاكُون تيو،
جان كيو شفيع شق القمر.

'آدم' كيا تنهن جا ادب، 'موسيٰ' متس آندا عجب،
لَک 'لوط' لِكيس تي لقب، 'هارون' هو حامل حَطب،
سرور سچي سان تيا سبب،
خالق چيس خير البشر.

'عيسيٰ' فِدا اقدام تي، 'يحيٰ' اُيو احكام تي،
مفتون 'يوسف' مام تي، 'شمعون' شائق نام تي،
خود 'خضر' گاهيو گام تي،
'الياس' تنهنجو آب وَر.

واهر گهُري 'ابليس' تي، رحمت كرايس ريس تي،
خود 'نوح' ۽ 'اِدريس' تي، 'صالح'، 'سليمان'، 'شَيث' تي،
جوڙي جُتي 'جرجيس' تي،
تنهنجي ثَنا كئي سربسر.

حُليو تو جانب جو چوان، چئي پاک پُورن ۾ پوان،
كيان درد دل كوئن سي دوان، دم دم مزا ماڻيان نوان،
چا سرو مَت جي سنوان،
شمشاد تيو شائق شجر.

اسمر بياضي لـَون تن، رنگ محب گندم گون وَن،
خوبي پسي سج تا نِسن، لک کر نشون قَمَرين کن،
عنبر عرق سردار جن،
چا مُشک مَٽ پِرَ جي پکهر!

لک! لَمعةُ الجبهَة لقب، مُنهن محب جو عُلوئي عجب،
چمڪي بدر تيو با ادب، لک شمس شرمايا شَهب،
تيا برق بجلي کَ الحَطب،
کيا خاڪ نرمل جي نظر.

پڙهه ’مجتمع لِية‘ حرف، سُرهي سونهاريءَ جو شرف،
هئي چاپُئِين چهري طرف، سا عمر پنهنجي سڀ صرف،
تو صيف ۾ تم کيان تلف،
پوري نہ ٿئي عِشر العشر.

پرين پويان سورهَن چون، ظاهر اُتان سَتَرهَن سَوَن،
هيءُ راءِ عالم تا رون، سٽندي سُڏيون پوريون پَو،
مون کي انهن ڊايو دَرَن،
بيشڪ ڇُٽي تيس بي خطر.

باعشق آقن الأنف سَل (؟) دندان دلبر دُر مثل،
وَٽِ سان هئا ڪي بلقبل، ڪُنگرن مثل گردون مَحل،
ڪلندي پسائي شاهه شل!
سو دُرج معنيٰ جو دَهر.

معنيٰ مفاتيح السان، ڪامل ڪُشادي هئي زبان،
بيشڪ فصاحت جو بيان، شيرين سُخن فرحت ڪنان،
دائود جو پُوٽيو دهان،
گفتي نہ مٽ شهد و شڪر.

آءٌ بنده ازالحاجبين، جاڙا پرون جانب جَبين،
مڻ ڪهڪشان خنجر همين، ماڇين موهيس ڇين بڇين،
پيرو ڏٺي جيڪر جَنهين،
ڪولي پڇو تنهن ڪون خبر.

وهه! قائم القامت هو قد، سهڻو سئون قد هو بـه حد،
توڙي هجن پيا سَر وَ قد، آڏو عجيبن رُوپ رَد،
شمشاد تيو بيڪار بد،
طوبيٰ پسي شرميو شجر.

وهه أسود العينين ها، گُوڙها ننگيءَ جا نين ها،
ري ڪجل ڪارا عين ها، سي دُرس گڏ دن رين ها،
بي شبه حق قمرين ها،
ڪجلا قريبن جا ڪڪر.

هٿ جون تريون هو تن طويل، جانب سنديون جوڙيون جليل،
مرسل مِنو ڪوجهن ڪفيل، دلدار دلگيرن دليل،
جنهن جي هٿئون آجا عليل،
ياوَر يتيمن واهـَ وَر.

آنورَ آنامل هـُيون رقيق، جي آڱريون رهبر رفيق،
سهٽيون سَنيُون سنهڙيون صديق، نَهرُون بهشتي با طريق،
جن آب تي آندو عميق،
هيءُ معجزو مرسل مَشتَرُ.

سهڻو سخي سردار هو، في بَدنِ لَيس الشعار هو،
وارث نـه جسمي وار هو، خَط ري نـه مون منثار هو،
جو ناف سر نر وار هو،
سِرة اِليه وَ من صدر.

ري پاچوي پر پاڪ هو، جبريل بافتراق هو،
سر شاهه چٽ لولاڪ هو، خادم زمين افلاڪ هو،
خود عرش پيرن خاڪ هو،
شاهد نَبُوت تي شجر.

منهن مُحب جي ويني نه مڪ، ڪنهن سان متي انور نه اڪ،
جوڙن سوين ڪيا جهل جڪ، لاهيا قريبن ڪنهن نه ڪڪ،
توڙي اچن پيا بار لڪ،
تان پي نه ڏاتر ڪيو ڏمر.

اَربع عجيبن يار چَوُ، رحمت متن صد بار چَوُ،
’صديق‘ ڪي سردار چَوُ، شامل پلو باغار چَوُ.
اڪبر لقب دلدار چوُ،
باصدق دل جابوبڪر.

’فاروق‘ فڪرا تون نِيون، جانب پسي دمدم جِيون،
سُورهيه متئون صدقي تيون، پيرن پٽي سرمون ڪيون،
ڏسندي نري منهنجو هنيون،
جيءَ جو سڄڻ جانب جگر.

’عثمان‘ ۾ آسان تئون، لک فيض هن هاديءَ هتئون،
چٽ چانو چورن جي متئون، وسواس خطرو ڪونه تئون،
ورثو سيئي سرسان وَتُون،
گهوريان زمين، زَن، بار زَر.

مولي ’علي‘ جو مان تيو، شيرِ خدا تنهن شان تيو،
قاتل قلعي ڪفران تيو، اڙين سندو درمان تيو،
مانجهي محب مردان تيو،
صِف ۾ هَنيا نيزا تي نَر.

کر تون امامن جي مدح، مون تي کندا مشفق مَره،
چيٺيا جنين جگري جَرح، هادي 'حسن' کئي دل فرح،
شَهِ کربلا چَو شرح،
اِسمش حُسيني خوب تر.

بِنت نبي چَو فاطمَه، شيطان جي حق شاتمه،
کردار قابل کاتمه، هئي منجهه اوامر عاتقه،
اَهِ حِر زحِصن الحاطِمه،
خيرَالنسَاءَ صَائم دهَر.

چاچا چگّا سرور سچي، تن سام پيل بيشک بچي،
رمزان پسي عاشق رَڄي، ميٺيان وَهَمُ حمزه اچي،
عباس کرموئن سر کچي،
کئي ٻاجھ سان نَنگِيَن نظر.

اصحاب عينن سان پسان، شل روبرو تن جي رسان،
کٺ قلب جو کوريو کَسان، ويجهو وجي ساڻن وَسان،
اميد پوري تئي اِسان،
هُئان "شاهه محمد" شرف ور.

پورو همه حُليو نهيو، مون ڏيپ اَڄ ڍَوَ تي ڍَيو،
غم وهم رَتِي نا رهيو، جو مون ارادو تي پَهيو،
تيو سچ جنهن کلمو چيو،
تنهن کي نه ساڙيندي سقر.
لا الـهَ اِلاّ الله مُحمد رسول الله.

❖

مناجات (نبي ﷺ) *

(2)

1- اســـــر اي احمــــد تئـــــي الله جـــــو.
داد ڪـــر بهـــــرِ خـــدا بيواهـــ جـــو،
در ڇــڏي ٻيـــا در ورتـــر درگاهـــ جـــو،
التجـــا ٻـــڌ عـــرض ڏاتـــر! ڏاهـــ جـــو.
يـــا رســـول الله مشـــفق مـــُــستغاث!
الغيـــــاث والغيـــــاث والغيـــــاث!

2- بيڪسـيءَ بدڪـار پـيـَــڙو پيــش جــان،
درد مـــون دانهـــون ڪـــري دلريــش جــان،
جي ڪميني فعل ڪيا ڪـر و بيش جان،
معـاف ڪـر يـــا دلبـــرا! درويــش جــان.
يـــا رســـول الله مشـــفق مـــُــستغاث!
الغيـــــاث والغيـــــاث والغيـــــاث!

3- زنـد ڳـاني صـرف تـي لهـو و لعـب ۾،
ويئـي خجـل تـي واءِ! خـوردن خـواب ۾،
هـَــي! اجـائي عمـر ويئـــي اسـباب ۾،
مـن فـُـتان خيــزان و رنـــج و تـــاب ۾.
يـــا رســـول الله مشـــفق مـــُــستغاث!
الغيـــــاث والغيـــــاث والغيـــــاث!

4- ســُـڏڪيو ســُـڏڪا ڀري پـروش پـــِـني،
لاڳ جـــي لالـــچ ڏري دامـــن ڳـــِـــني،

* أتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئيءَ کان مليل.

تنهنجي نوازش قرب جي ڪوجهي ڪني،
اي عطا امداد تنهنجي چوري چني.
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

5- منگتو مادح، پرين! پرتو اٿئي،
واءِ! وهمن ۾ ولهو ورتو اٿئي،
داد لئه دانهين سڄڻ در تو اٿئي،
منجهه سخا ثاني نه ڪو سَرتو اٿئي.
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

6- گر گُنهه منهنجا گهڻا، ڪُل عدم ڪر،
حال هيڻي جو ڏسي ڪو ڪرم ڪر،
سنگدل کي با نوازش نرم ڪر،
شاهه شاهن جا شفيع تون شرم ڏر.
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

7- عمر عصياني اندر اَفراد وئي،
زندگاني بر غلط برباد وئي،
هي عمارت عمر بي بنياد وئي،
چا چوان فرياد بر فرياد چئي؟
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

8- حال سرگردان يا سردار ڏس،
غم گران، بارِ گران، غمخوار ڏس

مـن يتـيمـَـم، يـا يتيمـن يـار ڏس،
دوســت دلگيــرن ســندا دلــدار ڏس.
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيــاث والغيــاث والغيــاث!

9- ور وســيلا واهــرو ور ويــر تئــي،
ننـگ توتـي يـا شهنشـاهه! شـير تئـي،
عـرض ۾ عـاجز اُيـو پـر پيـر تئـي،
هـر عـدو تحـت حڪـم ڪـر زيـر تئـي.
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيــاث والغيــاث والغيــاث!

10- هـر زمـان هـردم بچـاءِ بـد قـوم ڪـون،
جنهـن ايذايـو آهـ صلوات و صـَوم ڪـون،
وقـت ضـايع ويـا ز غفلـت نـوم ڪـون،
دل ڪنبي ڪڙڪي حشر جـي يـوم ڪـون،
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيــاث والغيــاث والغيــاث!

11- دردَ جـُـرمن دل ڪئـي درمـاندگي،
وئـي تـلاوت ۽ وظـائف خواندگـي،
بدڪمـن ڪئـي منجهـ بـدن نيشـاندگي،
تنهـن سـبب خـاطر زخـُـون افشـاندگي.
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيــاث والغيــاث والغيــاث!

12- درد جـو دارون دوا تـُـنهنجو پـَـسڻ،
مـرض جـو معجـون تيـم تـُـنهنجو هـَـسڻ،

مرهمـون مشـتاق جـون تـُـنهنجو ملـڻ،
لوهہ کـي پـارس کـري تـُـنهنجو گسـڻ.
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيـاث والغيـاث والغيـاث!

13- جـي سـڏين مـادح کـري قدميـن وٽ،
تـا کـري نئـڙي ثنـا نعليـن وٽ،
حضرتـا! مـَـرهجان حسـنين وٽ،
دم پـُـچن منهنجـا هلـي حـَـرمين وٽ.
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيـاث والغيـاث والغيـاث!

14- مون کميني سپ کميون، کيان کـِيرتـُون،
کيـن سـالم سـيدا! ثـم سـِيرتـُـون،
پـاڪ کـر پيغمبـرن جـا پـِـير تـون!
ميـٺ يـا مرسـل محمـد ميـر تـون!
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيـاث والغيـاث والغيـاث!

15- هـنر حيلـو هـيءَ نـہ چـاٽي هـاج کـا،
گنـج پـِـنهان مـون اچـي مـن آجکـا،
سـام پئـي جـي سـار لهـہ سـرتاج کـا،
يـا نبـي! بـانهي مٿـون کـر ٻاجهـہ کـا.
يـا رسـول الله مشـفق مـُـستغاث!
الغيـاث والغيـاث والغيـاث!

16- انـورا! پـڌ التجـا ارشـاد کـر،
احمـدا! عـاصي مٿـون امـداد کـر،

پُشت قائم ۽ قَوي بنياد ڪر،
نيڪ عالم يا نبي! اولاد ڪر.
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

17- شرم ۽ لڄ شاهه شاهن جا رکين،
رزق پنهان پاڪ ڏي ڪامل ڪَکين،
فيض مئون فرزند ڏيکاريو اکين،
تان پلي ڪن عبرتان عالم لکين.
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

18- ڪين عالم نيڪ نحو و صرف ۾،
تان ادا آداب ڪيان هر حرف ۾،
تم تڪاءِ توشو تکيو تو طرف ۾،
"شاهه محمد" شاهه ڪندئي شرف ۾.
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

19- وقت آخر ۾ وسيلا تون ورين،
سائلن تي سيڪهه مان هتڙا ذرين،
گوڙ محشر ۾ سيا تون ئي سرين،
سر زبان جاري متون ڪلمو ڪرين.
يا رسول الله مشفق مُستغاث!
الغياث والغياث والغياث!

لا اِلٰه الا الله مُحمد رسول الله.

❖

مدح (چار يار)*

(3)

بيحد حمد چوان بسيار، جو آهي جَل جليل جبار،
غافر، غالب، غني، غفار، واحد، والي دشت ديار،
فَلڪ زمين فرمانبردار، مَلڪ، خلق جو خلقڻهار،
تحت حڪم جي هزده هزار، اَمَر اُنهيءَ جي ۾ اَشجار،
ساتر سامع آهه ستار، قدرت جو ڇا شرح شمار،
چار چگّي جا چيدا مَج،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پيج.

آهه مُنزه سو مَعبُود، جنهن ڪيو مُرسل ڪي موجود،
مير محمد آهه محمود، جنهن سر دَمَدَم پڙهان درود،
صفت سڄڻ جي چوندي سُود، ڪون و مڪان جو آ مقصود،
عرق عجيبن فرح فزُود، مشڪ نه مٽ ڪيان عَنبر عُود،
خاص ڪٿوري واهه وجود، سَروَ سڄڻ کي ڪن سجُود،
چار چگّي جا چيدا مَج،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پيج.

لِکي لِکي مر لَک چوان، شان شفيع جا نت نَوان،
پڙهي پڙهي منجهه پُورَ پَوان، سبق سڄڻ جا ساهه سَنوان،
حرف هجي جا رمز روان، تن اکيون تين درد دَوان،
لات لبيبن سَندي لَنوان، پلڪ پرينءَ ري هت نه هٽان،
اَٿم اُميدون منجهه اوهان، موٽ محمد! طلب توهان،
چار چگّي جا چيدا مَج،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پيج.

* اُتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئيءَ کان پهتل.

تون آن وارث تون آن ور، تون آن تُرهو، تون آن تَر،
تون آن پيڻي، تون آن پَر، توريءِ دلبر ڪنهن جي در،
وجان وَني هي عجز اُپر، گولي گهاري ساڻن گهر،
قرب ڪمينيءِ سان هي ڪر، ڏيان ڏٿيءِ لڱ تنهن ڏي ڏر،
تورو لائي تيلهه نه ٿر، ڏينهان ڏينهن سڄڻ ڪر بسر،
چار چگي جا چيدا مَج،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پيچ.

چارئي مِهر چارئي ماهه، چار سَتُودا منجهه ساراهه،
چار وسيلا چارئي واهه، چارئي پُشتون چار پناهه،
چار ديانت چار درياهه، چار شفاعت چارئي شاهه،
چارئي هردم هِن همراهه، بَد اَلائي چو بَد خواهه،
رَڪ رُليا هِن روءِ سياهه، غرق گرا سي تيا گمراهه،
چار چگي جا چيدا مَج،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پيچ.

صدق 'صديق' سچي ڏنهن آڻ، مشفق ڪي مج موجان ماڻ،
ڪُوڙا ڪاهل! وجهه نه ڪاڻ، لاهه پَوَڻ جي پورا پاڻ،
تون ته رلئين پر پيا نا راڻ، چڏ ڪبر هي ٽيڪو ٽاڻ،
اَحمق اُبتي وجهه نا آڻ، نڪ پر وجهندئي تڪبر تاڻ،
ڪُهيا ڪسائي زر جي ڪاڻ، چار وسيلا چار وَرياڻ،
چار چگي جا چيدا مَج،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پيچ.

مَج 'عمر' جو عدل اُمور، نيڪ نهايت نُوري نُور،
مير مديني ۾ مشهور، مير معارف مُوڙي مُور،
مُرسل مشفق ڪيو منظور، پَوئي ڪمينا! ڪوپ ڪلور،

ساڻ سچڻ پيئي ڪهڙو سور؟ مرين منافق تي مقهور،
ووءِ ولها وئين ووءِ وهلور، تخم تبه ٿيو تنهنجو تُور،
چار چگّي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

ابر عنايت جو 'عثمان'، باري بخشش جو باران،
ڪامل ڪيو جنهن جمع قرآن، عابد، عالم، علم عيان،
صادق، سالم، صدق لسان، ظاهري ذي النورين ضمان،
تف تف، طائن تي تالان، ساڻ سچي تو گوز گمان،
ڪيو ڪتا تو بد بي شان، حيف حرامي هوئي حيوان!
چار چگّي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

مير 'علي' جو عُلوو اعليٰ، هَٽي ڪفارن ٻڙڇُون پالا،
ٽڪي ٽڪين ڪي ڪري ٽالا، هاديءَ تيغ ڏنيس حق تعاليٰ،
لقب لڏڻ جا نوان نرالا، بلڪ بهادر بلاشڪ بالا،
رهبر ڪيا رد رڪ ريزلا، ساٽي حرب ۾ حيدر حالا،
خارج! تُوءَ تو بس بد چالا، نحس مَنائي چڏ بيتالا،
چار چگّي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

چارئي معنيٰ چار سُلوڪ، چارئي معارف چار ملوڪ،
ملڪ اڳيان سي ٿيا ملوڪ، شمر شڪايت جي چڏ شوڪ،
ينگ پيئن چو يڙوا يوڪ، خوار خجل تي خارج خوڪ،
ڦٽ ڦٽ ڦوڪيا فاسد ڦُوڪ، ڪوڏ ڪتا تو ڪوڙي ڪوڪ،
چغل چندا پيئي چهڙا چوڪ، مئي منافق ٿئين مشروڪ،
چار چگّي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

لُنب هئي لعنت لَڪ لَڪ تو، جاهل ماري جَڪ جَڪ تو،
اَحمق! پوتي اک اک تو، چاتُو ڇهڙا! ڇَڪ ڇَڪ تو،
ٻنگ شريڪ جا ٻڪ ٻڪ تو، راهه ڇوڏاري رڪ رڪ تو،
لتي ڪمينا ڪڪ ڪڪ تو، منهن تي مانند مڪ مڪ تو،
ڪُتڙهه ڪُتڙهه ڪوڙا ڪمبختو! ترڪي تخت ويو تختو،

چار چڳي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

مرد مؤنث ناهين مگر، گڏهه گلا جي چاڙهين گَرُ،
هيءَ حقارت چڏ هر هر، ڪر نه هماون جي چپ! چُر،
ٻُوم ٻرن جي آءُ نه ٻر، لاهه تنيهر هيءَ تر تر،
ٻتي! ٻڌي مر منجهه ٻر پر، ڪَرُ اڳيان نيئي دوستن ڏر،
سڙين سڙيا! چو منجهه سقر، هر هڪ ڏينهن ڪر نيڪ نظر،

چار چڳي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

طرف امامن آڻ اُڪير، صاف سچن ڏنهن ثابت سير،
'حَسن' امانت حسن امير، حَسن بصارت حسن بصير،
حَسن نزاڪت حسن نظير، حَسن ڪرامت حسن ڪبير،
شاهه 'حسين' شجاع شير، شير شهيد مجان منير،
مشفق 'مهدي' پاڪ پذير، دين ديانت دوست دبير،

چار چڳي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

بنت نبيءَ جي اُم اثنين، مادر حضرت 'حسن حسين'،
صائم دائم قائم رَين، شان شرف ڪيس رب عالمين،
سَتي سَتُودي منجهه ثقلين، نه ڪيان نمائون مٿ نعلين،
عارف، عابد، زاهد، زين، حرم 'عليءَ' جي بانو بَين،
نيڪ نبيءَ جي نورالعين، زيب ضياءُ حُسن حرمين،

چار چڳي جا چيدا مَچ،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پچ.

عـــَـمِ نبـيءَ جـا ۽ اصحـــاب، جـــگر جياپـــا جـــان جنـــاب،
نيــڪ ننگـي ۽ نـصرت يـــاب، رڙهـان تنـي جـي سـاڻ رڪـاب،
فـائق، فـاضل، فيــض مــاب، مــوران قبـــلا ســـي مهتـــاب،
بـــاغ بهشـــتي گـــل گـــلاب، عجـــب عجيبـــن جـــا القـــاب،
ڪيان ڪـروڙين قـرب ڪتـاب، پچان نـہ هـڪڙي حـرف حسـاب،
چار چگـي جا چيـدا مـــَـج،
شاهن ڏنهن شڪ پـورا پـج.

تـون مـج تـابع تـن جـو تـيءُ، گهـور متـان تـون جـانب جـيءُ،
ڪـڙم قبيلـو، مـٿ، مـاءُ پـيءُ، "شـاهہ محمـد"، شـاهہ شـفيع،
ولهـن وســيلو واهـــ وصـــي، نيـــٺ نمـــاڻن ننـــگ نبـــي،
قـرب قريشـي ڪـرم قـوي، پـو نـہ بندا ڪـر هـُـل نـہ هـيءُ،
ظـاهـر ضـامـن زور ذڪـــي، ڪو نـہ اُمت ڪي سيانـدو سـيءُ،
چار چگـي جا چيـدا مـــَـج،
شاهن ڏنهن شڪ پورا پـج .

آهــ اجـل جـي مهـل عجيــب، لـوِري لـَـنوُ لـَـنوُ لـڏڻ لبيـب،
تــوريءَ تــاتي ڪونـــ قريـــب، پجـي پـري ٿيـن تـرت طبيـب،
تـون ڪـج حيلـو نيـڪ نصيـب، مـوت مـران تـي محب مجيب!
قبـر حشـــر ۾ هـــوت حبيـــب! تــوريءَ ڪونهـي غـور غريـب،
رهبـــر رج ۾ رس رقـيـب، ڪلمو ڪِـشتـي امـن اَنيـب،
چار چگـي جا چيـدا مـــَـج،
شاهن ڏنهن شڪ پـورا پـج.
لا اِلــہ الا الله مـحمد رسول الله.

مدح (بادشاھ پير جيلاني رحہ)

(مينگهي فقير شر جي چيل)

[مينگهو فقير پٽ غلام حيدر شر بلوچ، ڳوٺ مينگهو شر تعلقي ميرواهہ ضلعي خيرپور، 27- رجب 1233 هجري/ 1817ع ۾ ڄائو. سندس اصل نالو حبيب الله هو، پر پوءِ پٽس هن کي درويش "مينگهي ڏنگراچ" جي نالي سان سڏيو، ۽ پوءِ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو. اڻ پڙهيل هو، قرآن شريف جون فقط ڪي آيتون ياد هئس، جي پيو اُچاريندو هو. شعر چوڻ پيءُ جي صحبت ۾ سکيو. سندس چيل هڪ مدح ۽ هڪ مناجات هتي ڏجن ٿيون. 12- ربيع الاول 1313 هجري/ 1895ع ۾ وفات ڪيائين.]

(1)

اول حمد الله ڪَهان ذوالجلال،
مدد تيءُ ميران! سڻي مون سوال،
سوالي جا سيد ڪيو ڪم بحال،
نوازين تون ناقص توڙي بد افعال،
پيش پيش تنهنجي تون قدرت ڪمال،
ڏيو مون ڏوهاريءَ ڪي آذار امير،
مدد ڪر محي الدين دليوُن دستگير!
رَسي تون رحم ڪر يا پيران پير!

سنڌئي شاھ آتيو ڪُل تي قدم،
سبڌا دين جو تنهنجي هٿ ۾ عَلم،
ڪريو غور غمگين تي ڪو ڪرم،
سخي پير وجائج وهم،
ڪيان ساھ صدقي سندم ماھُ چَم،
اچي منهنجو ميران! ڪريو من سُڌير،
مدد ڪر محي الدين دليوُن دستگير!
رَسي تون رحم ڪر يا پيران پير!

هلــي تــو طبــل تنهنجــو ’تمــان‘ تــي،
زميــن چــا زَمــَـن جـِــن و اِنســان تــي،
ســندئي حكـــم آ كـُـــل حيــوان تــي،
’عــرب‘ ۽ ’عجــم‘ جـُــنگ ’جيــلان‘ تــي،
چــا ’بغــداد‘ ’بــصري‘ ۽ ’كرمــان‘ تــي،
’هندســـتان‘ ’هـــالار‘ ۾ تـــو نظيـــر،
مــدد كــر محــي الديــن دليــؤن دســتگير!
رَســي تــون رحــم كــر يــا پيــران پيــر!

پريــن تنهنجــي ’پنجــاب‘ ۾ تــي پچــار،
’بخــارا‘ ’سمرقنــد‘ ’ســنڌ‘ ’هنــد‘ ســار،
سنيارن تــو ســيد! لـَــكين لـَــك هــزار،
رسيـن روز تــن جـي هكـــل تــي هيكــار،
مگــان مهــر توكــان مــون ســيد! ســتار،
كــرم كــر اســان تــي تــون قربئــون كثيــر،
مــدد كــر محــي الديــن دليــؤن دســتگير!
رَســي تــون رحــم كــر يــا پيــران پيــر!

تيـــو جلـــوو ۽ عـــزم ’ايـــران‘ تـــي،
چــا ’دهلــي‘ ’دكــن‘ قــرب ’كرمــان‘ تــي،
هلــي هكــل هرجــا، عــرش آســمان تــي،
تنهنجــو شــان ’شــام‘ و ’تـُــوران‘ تــي،
ســـندئي بـــاك بحـــر و بيابـــان تـــي،
تــي واهــر وســيلو تــون قطــب الكبيــر!
مــدد كــر محــي الديــن دليــؤن دســتگير!
رَســي تــون رحــم كــر يــا پيــران پيــر!

مجـــن توڪـــي محبـــوب 'مڪـــران' ۾،
چـــا 'گجـــرات' 'گرنـــار' 'چوگـــان' ۾،
تلنـــگ تـــاب ٿيـــو تنهنجـــو 'يونـــان' ۾،
طبـــل تـــاب ٿيـــو تنهنجـــو 'ڪنعـــان' ۾،
چـــا 'اجميـــر' 'نـــانگور' 'ســـريان' ۾،
بـــڏا ٻيـــڙا تـــاريئي بحـــر مـــان بهيـــر،
مـــدد ڪـــر محـــي الديـــن دليـــوُن دســـتگير!
رَســـي تـــون رحـــم ڪـــر يـــا پيـــران پيـــر!

پريـــن تـــو پشـــوري ٿيـــا تـــابع تمـــام،
عجمـــي، عراقـــي ســـنڌئي ڪـــن ســـلام،
'مِـصـرَ' مـاڳ مـاٿهو ڪهـن تـو ڪـلام،
مجـــن منجهـــ 'قنـــڌار' 'ڪاشـــان' مـــدام،
زمـــاني مجيـــو توڪـــي پنهنجـــو امـــام،
تـــون درگاهـــ ايـــزد جـــو واحـــد وزيـــر،
مـــدد ڪـــر محـــي الديـــن دليـــوُن دســـتگير!
رَســـي تـــون رحـــم ڪـــر يـــا پيـــران پيـــر!

❖

مناجات (بادشاهہ پير جيلاني رحہ)

(2)

مـــدح چـــوان تـــو محـــي الديـــن، آءُ وســـــيلا دنيـــــا ديـــــن،
ٻيو در چاڻان ڪنهن جو ڪيـــن، جلوو تنهنجـــو عـــرش زميـــن،
مـدد ڪنديـن تـون محـي الديـن.

اعلـــيٰ تنهنجـــو ٿيـــو اقبـــال، قـــادر ڪيـــو آ قـــرب ڪمـــال،
نـــادر نـــوري نـــور نـــهـــال، مون کي تنهنجو خـــاص خيـــال،
مـاڙ ڪيو اڃي هـن مسـڪين،
مـدد ڪنديـن تـون محـي الديـن.

حسن، حسين جو تون اولاد، خارج تو ڏنهن خام خراب،
ڪُوريءَ ڪانيو هاويءَ هاب، ڪڏهن نہ تيندو سو آزاد،
غور ڪيو اڇي هن غمگين.
مدد ڪندين تون محي الدين.

قطب قلندر تون اقطاب، چوڏهن طبقن تنهنجو تاب،
بيڙا تاريئي شاهہ! شتاب، سر اوليائن تون سرتاج،
توڪي قادر ڏني ڪمي نہ،
مدد ڪندين تون محي الدين.

سيد! سائل سڻ سوال، هن زماني هھڙو حال،
جانب لاهيو جيءَ جنجال، مدعي ماريو چور چنڊال،
نُور نبيءَ جا مرد مبين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

نور نبيءَ جو تون نروار، 'حسن' 'حسين' جو توتي پيار،
ساقي ڪوثر تون سردار، دوازده داور چارئي يار،
طبل توهان جو روءِ زمين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

'زين العابد' 'باقر' وِير، 'جعفر صادق' ساهہ سڌير،
'موسيٰ ڪاظم' ماهہ منير، 'علي رضا' آهہ واهر وير،
داور آهين دنيا دين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

'علي تقي' جو حق حضور، نور 'نقيءَ' جو آهي نُور،
'عسڪري مهدي' ڪي منظور، پيارو پرور جو مشهور،
جانب ڏيو ديدار جبين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

طلب توهان جي آهہ تمام، پرين پيارج ڪوثر جام،
سائل سيد تو در سام، واهر ڪر تون وير وريام،
بهرو بخش دنيا منجهہ دين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

هردم هادي تي همراهہ، پير مغان تو پشت پناهہ،
توري وارث! ڪانهي واهہ، احمد لڳ سڻ عاجز آهہ،
صورت ثاني ’حسن‘ ’حسين‘،
مدد ڪندين تون محي الدين.

’حيدر‘ هادي حرب هوشيار، قادر ڪيو آ قرب قرار،
صاحب دُلدل شهسوار، طلب توهان جي آهہ تڪرار،
مدعي ماريو هن مسڪين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

سيد تون سپ سپہ سالار، ڪل پيرن جو تون پڳدار،
حيدر هادي قرب قرار، نور انهيءَ جو تون نروار،
ساقي ڪوثر آهين قسيم،
مدد ڪندين تون محي الدين.

شاهي تنهنجو آهي شان، نادر نُوري نُور نشان،
عرش زمين تي توئي مڪان، تنهنجي ڪئي تعريف قرآن،
قادر قدرت ساڻ ڪريم،
مدد ڪندين تون محي الدين.

سائل تنهنجي سام سڏايان، آءُ اصل کان تنهنجو آهيان،
ڳڻ لکين آءُ تنهنجا ڳايان، پاند ڳچيءَ سر پيرين نايان،
داور تي منجهہ دنيا دين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

ڏوهن ڪيا آهن ڏاڍا ڏار، ڪچ ڪمايم سڀ ڇمار،
اچي وسيلا ڏي آڌار، سيد! لهجان منهنجي سار،
اگهڻ اچين مون، ڪيان آمين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

عزم اعليٰ ڪر مون اولاد، دنيا دين ۾ ڪر آباد،
علم ادب جو تئي امداد، شوق خدائي شائق شاد،
طالب تنهنجو ڪر تلقين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

قبر، محشر ماڳ رسو، هيٺن ڪي هٿ هوت ڏيو،
ڪڏ گمراهي ڏيل ڏچو، توري مون ڪي ناهه تڪيو،
ساريان توڪي ساڻ يقين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

تو در سيد! سائل آيو، مشڪل منهنجو معاف ڪرايو،
رب سچي جو تو سر رايو، پير پيشاني پاڪ پسايو،
بخش بديون اچي هن مسڪين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

قول ڪريمي تنهنجو آهي، جيڪو تنهنجو سڳ سڏائي،
مير! مريدن تي اچ ڪاهي، ڇڏ حساب حشر جا لاهي،
سيد صاحب عرش زمين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

"مينگهو" مداحي تنهنجو آهي، درد منجهارون دانهن سُٺائي،
واهر وسيلي تنهنجي آهي، قادر لڳ اچ ڪامل ڪاهي،
عشق امانت ڏي امين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

سيد! ويلي منجهه سڪرات، طلب توهان جي هجي تات،
ڪلمو قلبي وائي وات، باري ڏني تو برڪات،
هر دو جهان ۾ حمايت دين،
مدد ڪندين تون محي الدين.

لا اِلٰـه الا لله مُحَمدُ رسُول الله.

مدح (بادشاه پير رحـ) *

(حاجي محمد ڪاتب سمي جي چيل)

للهِ وَ بــــالمـــُصطــــَـــفيٰ، يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!
نـــامِ خدائــي ڪـــِـــبريا، يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!
تــون آهيـــن ســڳورو اوليـــا، يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!
مقبــول تئــي منهنجـــي دعـــا، يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!

آڳـي ڪـَيئـِـي غـوثُ الـوريٰ، هــادي انـــدر هـــر دوســـريٰ،
پـَـرور نـــوازيـئـــي، پـَــرورا! ســردار ڪـِئـين تـون ســروريٰ!
يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!

پوٽـــو پيغمبـــر پيـــر جـــو، مـــُرسل مـــُحمد ميـــر جـــو،
اولاد عـلـــي اَمـيـــر جـــو، شـهـزاد شـَبـر شـبيـر جـــو،
يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!

اَربــاب ڪـــُــل اَربــاب جــو، ۽ محـب ڪـل اَصحــاب جــو،
عـــالـي اُولـُوالالـبــاب جـــو، ســـردار ســـي اَنجــاب جـــو.
يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!

عــالم ســندو آهيــن عــُــلوم، رافـع تـون آهيـن ڪـُــل رسـوم،
نـوري آهـيـو نـرمـل نـجـــوم، هادي اُتـي ڪــارئـا هـُجـــوم.
يـا شـاهـ ميـران محـي الديـن!

---

* مجموعـه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

آهين قُطب اَقطاب جو، مولي ڪٽي مهتاب ڪيو،
پِرتوو سندوَ پُر تاب ٿيو، اعليٰ سريو اَلقاب تو.
يا شاهه ميران محي الدين!

آگي ڪٽئي اڪسير ڪيو، موليٰ ڪٽئي مير ڪيو،
واحد ڪٽئي وِير ڪيو، شَڪر اندر جيئن کير پيو.
يا شاهه ميران محي الدين!

عارف سندو عِلمن عليم، سيد سڀاجهو دل سليم،
هادي ڏنئي حِلم ۾ اِي حليم! مون کي نه ڪر ڪنهن جو مَليم.
يا شاهه ميران محي الدين!

ميران محي الدين مير تون، درماند گان دستگير تون،
واحد وڏو ڪِئين پير تون، اصلئون آهين اڪسير تون.
يا شاهه ميران محي الدين!

تون محبوب رب العالمين، قطبِ زمان زينت زمين،
تو وٽ نه ڪا هر گز ڪمين، ڪر زير منهنجا ظالمين.
يا شاهه ميران محي الدين!

هاديءَ ڪيو آهين حليم، سيد آهين ٿيو دل سَليم،
قادر ڪيو آهين ڪريم، اعليٰ سريئي لطف و عميم.
يا شاهه ميران محي الدين!

قائم ڪيا تو قاعدا، جي دين جا هئا فائدا،
موليٰ وڏايئي مائدا، در جا سندا تو زائدا.
يا شاهه ميران محي الدين!

صاحب تون شرف و شان جو، عالي علُوا امڪان جو،
قامع آهين ڪُفران جو، راضي ڪيل رحمان جو.
يا شاهه ميران محي الدين!

اُستاد تون عرفان جو، حافظ آهين قُرآن جو،
اَرباب تون اتفاق جو، صاحب وڏيري شان جو.
يا شاهه ميران محي الدين!

عالم سونهارو تون اَريب، هادي سندو آهين حبيب،
اعليٰ نسب ۽ تون عجيب، مرشد متو نوري نجيب.
يا شاهه ميران محي الدين!

عنبر عطر ڪان تون مَلِيح، سائين ڪيئي پيدا صبيح،
سڀ ڪي سچائي جو صريح، رحمت وسي تنهنجي ضريح.
يا شاهه ميران محي الدين!

توتي قدم حضرت ذريا، درجا وڏا توکي سريا،
تنهنجا قدم ڪُل تي چڙهيا، تو وٽ اچن ماڻهو پريا.
يا شاهه ميران محي الدين!

آهين علم جو تون عَلام، توکي ڪري سيڪو سلام،
آءٌ سندوءِ اَپرو غلام، بس ٿيو ڪٺم تنهنجو ڪلام.
يا شاهه ميران محي الدين!

موليٰ گهڻو منظر ڪِئين، توکي ڪري سيڪو سلام،
ملڪن اندر مشهور ٿئين، بس ٿيو ڪٺم تنهنجو ڪلام.
يا شاهه ميران محي الدين!

مولــيٰ ڪٽــي منظــور ڪيــو، حــاصل توڪــي حضــور ٿيــو،
سڀ ملڪ تـو معمـور ڪيـو، پرتـوو سنـدو پـُر نـور ٿيـو.
يـا شـاھ ميـران محـي الديـن!

مولــيٰ وڏو ڪيـــو مـــان تـــو، شـــوڪت وڏي ۽ شـــان تـــو،
جـذبـو سـريـو جـولان تـو، راضـي ڪيـو رحمـان تـو.
يـا شـاھ ميـران محـي الديـن!

آڳي ڪيـو تـو عـُلـُـوُ شـان، توڪي سريو بـر تـر مـَـڪان،
تنهن جي وصف آئيـا چـوان، هـردم مـڳان اَمـن و امـان.
يـا شـاھ ميـران محـي الديـن!

آهيـن سـڀني اَتقـيـاء، سـردار سـيني اوليـاء،
ڪامل! ڏيارينـم ڪـِيميـا، سينو سندم ڪـر سِـيمِيـا.
يـا شـاھ ميـران محـي الديـن!

تـون آهيـن ولـي الله جـو، رهبـر خـدا جـو راهـ جـو،
رستي ڪنـدڙ گـمراھ جـو، مـون واھ تـي بيـواھ جـو.
يـا شـاھ ميـران محـي الديـن!

توڪي خدا خـُور سـَند ڪئـو، پـَرور سـندوَ پسـند ٿئـو،
درجـو سنـدو بـُلـنـد ٿئـو، رافض اچي تـو بنـد ڪـئـو.
يـا شـاھ ميـران محـي الديـن!

آهيـن نسـورو تـون نجيـب، آڳـي ڪيـو توڪـي عجيـب،
سڀ نعمتون تـوڪـي نـصيـب، قادر ڪيئي پنهنجو قـريـب.
يـا شـاھ ميـران محـي الديـن!

مولـي سـندو مرغــوب ٽئيــن، مـالڪ پنهنجو محبوب ڪئين،
سڀ ۾ خداتون خـوب ڪـئيــن، سڀ مـلڪ ۾ مـطلوب ٿـئـيــن.
يـا شـاهه ميـران محـي الديــن!

عــزت وڏي ســان ٿئيــن اَميــر، محبــوب حـــق جـــو بينظيـــر،
تــون ڪُــل پيــرن ۾ ڪَبيــر، تـوڪي سندم سـاري سَــريــر.
يـا شـاهه ميـران محـي الديــن!

عـــارف آهيـــن اَســـرار جـــو، صـــادق ســـدا اقـــرار جـــو،
تـــون شـــاهه سـڀ اَبـرار جـــو، ۽ خـيــر تـــون اَخيـــار جــــو.
يـا شـاهه ميـران محـي الديــن!

مولـيٰ ڏنـي تـو مـهِتـَــري، عـــالم انـــدر تـــون اَنـــوري،
بيحـد سـري تـو بـهتـــري، سينـي قـبـوليـئـي قَـنـبـري.
يـا شـاهه ميـران محـي الديــن!

خالق ڪـَٺـئـي خوشتَـر ڪيـو، ڪونهـي بيـو ڪـو تـو جـِـهو،
تو ري نـه بيو سـاريــان سِـهـو، مـطلب مـڙئي مون ڪـي ڏيــو.
يـا شـاهه ميـران محـي الديــن!

اولاد تـــون حـَـــسنين جـــو، مقبـــول تـــون داريـــن جـــو،
تون شـاهه تـِنـه ثـَقليـن جـــو، ڪعبــو آهيـن ڪـونـيـن جـــو.
يـا شـاهه ميـران محـي الديــن!

توڪـــي خـــدا پيـــدا ڪيـــو، عاشـــق مـَـتـئـــي الله ٿيـــو،
هــادي سـنـدءِ هـمـراهه ٿيـــو، دُشـمـن سنـدءِ گـمـراهه ٿـيـــو.
يـا شـاهه ميـران محـي الديــن!

مولـــيٰ وڏايئـــي مرتبـــا، آگـــي کيـــو تـــو اِجتــبا،
ڏاڏو ’علي الـمـــرتـــضـــيٰ‘، نـانـو ’مـحـمـد مـصـطفـــيٰ‘.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديـن!

تـــون خـــاصو خليـــل الله جـــو، ڏهٽـــو نبـــي الله جـــو،
پـــوٽـــو ولـــي الله جـــو، رهبـر ربـانـــي راهہ جـــو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديـن!

تـون عـارف آهيـن عـَلام جـو، صـــاحب وڏي اِڪـــرام جـــو،
فـرزنـد تـنـــه وريـــام جـــو، صالح سچـي خـوش نـام جـــو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديـن!

صاحب تـون شـرف و شـان جـو، عـالي عـُلـــو احســان جـــو،
سارهـ ڪيـل سُـبحـان جـــو، صاحب جَـذب جَـولان جـــو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديـن!

سڀ جڳ ڪـِئو تـو سـوجهرو، عـالم منجهـان ويـو اوجهـرو،
پـــرور ڪيـــو تـــو پيــشِ رو، سردار! سـِر تـنهـنجـي طُـــرو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديـن!

تـــون بادشـــاهہ جيـــلان جـــو، تـــون گـــل آهيـــن گيـــلان جـــو،
محبـوب تـُـون رحـمـــان جـــو، تـــون مـــرد آن ميـدان جـــو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديـن!

خــالق ڪيــو تــو خوشتــَـــري، مشـهور تـون جـٿـن مـُـشتري،
باري گهڻـو ڪئيـن بـهتـــري، ڪـُل جي صاحبي ڪٽـئي سـري.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديـن!

آهين نبيءَ جو آل تون، لاڏلو ۽ لال تون،
درگه خدا جو دال تون، "محمد" سين ڪرڪو پال تون.
يا شاهه ميران محي الدين!

آهين سگورو شاهه تون، اعليٰ ڪئين الله تون،
ولين اندر سپ واهه تون، دودو سندو درگاهه تون،
يا شاهه ميران محي الدين!

سيد سچو سادات تون، عارف سندو افادات تون،
عاشق چڱي عادات تون، آئي ٽارئين آفات تون،
يا شاهه ميران محي الدين!

معشوق تون الله جو، جامع آهين ذي جاهه جو،
مقبول تون درگاهه جو، مُرشد آهين سچ ماهه جو،
يا شاهه ميران محي الدين!

پارس آهين خود پير تون، آڳي ڪئين اڪسير تون،
ميران! سُونهارو مير تون، واليءَ خَلقئين وير تون.
يا شاهه ميران محي الدين!

توتي سدا رَبي رحم، توتي ڌريو ڪامل قدم،
خاوند ڏنئي جاهه و خَدم، ڪافر ڪَيُئي ڪُل مُنعدم.
يا شاهه ميران محي الدين!

تون سين ڪيو قادر ڪرم، دولهه! سدا تون دل نرم،
معلوم اٿئي دل جو مرم، منهنجو پلارا رک پرم.
يا شاهه ميران محي الدين!

عاشق سندءِ تان ذوالجلال، واحد ڏنو ڪٽئي وصال،
ڪامل سريو توکي ڪمال، جلوو ڪرئيم پنهنجو جمال.
يا شاهه ميران محي الدين!

سڀ عارفن جو تون امير، آهين مڙني پيرن جو پير،
سلطان تون سَرِير، تو جڳ نمايو جم غَفِير.
يا شاهه ميران محي الدين!

تون دين جو بنياد تئين، عالم سندو اُستاد تئين،
بيداد جو امداد تئين، اَزمانَ جو اُستاد تئين.
يا شاهه ميران محي الدين!

دين جو تو داد ڪئو، حضرت نبيءَ تو شاد ڪئو،
بي دين تو برباد ڪئو، عالم کي تو ارشاد ڪئو.
يا شاهه ميران محي الدين!

مُئي تو جياريو دين کي، زينت رسائي دين کي،
مدد ڏيئي مسڪين کي، ڪاري ڇڏيئي خود بين کي،
يا شاهه ميران محي الدين!

آڳي ڪَئين اَفضل تون ئي، ظاهر باطن اڪمل تون ئي،
سڀ علم ۾ اجمل تون ئي، اصلوُن آهين اَ مثل تون ئي.
يا شاهه ميران محي الدين!

آڳي گهٽي عظمت ڏنئي، جابر گهٽي جرات ڏنئي،
باري گهٽي برڪت ڏنئي، صاحب گهٽي شوڪت ڏنئي.
يا شاهه ميران محي الدين!

آهيــن وڏيــرو تــون ولــي، ڏاڏو ســنڌئي حضــرت علــي،
جابـر ڪئـو تـوکـي جَـلــي، منهنجي عَدُو جي پيچ نلــي،
يـا شـاهہ ميـران محـي الديــن!

مولــيٰ گهٽئــي معمـور ڪيـو، پـَـلاين منجهـان پرپـور ڪيـو،
حـاصل ڪٽئي حضـور ٿيــو، مـومن آهيـن مشـهـور ٿيــو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديــن!

عاشـــق ســـندو آهـــي الله، والــيءَ ڪئيــن تــون واهواهــہ!
تـون ئـي مـريـدن داد خــواهــہ، منـور تئيـن از مهـر و مــاهــہ.
يـا شـاهہ ميـران محـي الـدي ن!

تئيـن غـوث تـون داريـن جـو، ۽ قطــب تــون بحريــن جــو،
مُـرشـد تئيـن زُمـريـن جـــو، تون شاهہ تئين شهريـن جـــو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديــن!
آهيـن آل تـون يـلـيسن جـو، صاحب عـِـز ۽ تـَـمڪين جو،
داتـا تـون دنـيـا ديـن جـــو، مون ماڙ تـي مسـڪيـن جـــو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديــن!

تــون پيــر تئيــن پيــر ســندو، تــون ميــر تئيــن ميــرن ســندو،
تـون ڏيــر دلگـيــرن ســـــندو، غـمخــوار غمگيـرن ســـــندو.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديــن!

آهيــن نســورو نــُــور تــون، مولــيٰ ســندو منظــور تــون،
مـالڪ ڪـئيـن مسـرور تــون، مذڪور تئيـن مشـهـور تــون.
يـا شـاهہ ميـران محـي الديــن!

مومن آهين مشڪور تون، ملڪن اندر مظهور تون،
موليٰ ڪئين معمور تون، محبت اندر مخمور تون.
يا شاهه ميران محي الدين!

گوهر سدا گلزار تون، هادي ڪئين همـوار تون،
عارف آهين اسرار تون، محمد سندو منـنار تون.
يا شاهه ميران محي الدين!

توسين ڪرم قادر ڪيا، ورهن سندا واريٺي ويا،
پاتار ۾ هٿا جي پيا، هڏ چم ڳري جن جا پيا،
يا شاهه ميران محي الدين!

عزت سندئي درگاهه ۾، رهبر رسين تون راهه ۾،
ساريان ڪٺئي تو ساهه ۾، طامع آهيان تو شاهه ۾.
يا شاهه ميران محي الدين!

سبحان جو سايو اٿئي، رحمان جو رايو اٿئي،
پيغمبر سچو پايو اٿئي، ڪونين ڪي نايو اٿئي.
يا شاهه ميران محي الدين!

تون پير پيران بادشاهه، آهين مريدن داد خواهه،
سوالي آهيان شام و پگاهه، مون ڪي تون ڏي پنهنجي پناهه.
يا شاهه ميران محي الدين!

سائين! سدا سچار تون، مرشد منا موچار تون،
منهنجو سدا منـنار تون، ٻيڙو سندم ڪر پار تون.
يا شاهه ميران محي الدين!

ماڙ تو گهران تو مير جي، پُشتي سدا تون پير جي،
معافي مگان تقصير جي، اَهيم طمع تَوقِير جي.
يا شاهه ميران محي الدين!

توکي سنياريو شه! جنِي، مَطلب تيا پُورا تني،
اي غوث! ڪر مون ڪي غني، پرور ڪنان پنهنجي پنِي.
يا شاهه ميران محي الدين!

هيٺن متي هٿ تون ڌرين، پالوت تو پُر ڪرين،
”مُحمد“ متي مهرون ڪرين، غني! تنهن جو گنج پرين.
يا شاهه ميران محي الدين!

دلبر! سندم تي داد رس، غازي! سُنهائينم نيڪ گس،
جڳ ۾ ڏيارينم پيِرا! جَس، فائق! سندم فرياد رس.
يا شاهه ميران محي الدين!

يا غوث منهنجو غور ڪر، ڪمزور ڪي بازور ڪر،
دشمن سندم پُر هَور ڪر، مون ڪي سدا خوش طور ڪر.
يا شاهه ميران محي الدين!

تون سين عداوت ڪي جَني، ڪارا سدائين منهن تَني،
شيطان جي سيئي مَني، ويئي بُڏي تن جي بَني.
يا شاهه ميران محي الدين!

آءٌ تو ڪريان اهڙو عرض، غازي! سُٺو دل جو غرض،
آجو تيان آءٌ از قرض، سيِ مَحو تين منهنجا مرض.
يا شاهه ميران محي الدين!

يــا پيــر بغــدادي پـــَــلا! بخــرو ڏيــارينم بـــَـر مـــَـــلا.
منهنجــي عـَدُوَ تــي وجهــ بــلا. تــون ســاڙ ســڙيل جــا ســَـــلا.
يــا شــاهه ميــران محــي الديــن!

مـــَـــداح كـــي تـــون مـــان ڏي، ڏهـــرا مگـــي تـــو دان ڏي،
جذبـــي ســـندا جـــولان ڏي، پـــارس ســـندا پـــروان ڏي.
يــا شــاهه ميــران محــي الديــن!

مــون چئــي مــدح تــو پيــر جــي، ميــران ســـڳوري ميــر جـــي،
سڻ دانهن مــون دلگيــر جـــي، مون تئي عطا اكسيـر جـــي.
يــا شــاهه ميــران محــي الديــن!

جو گـُـڏيل كري منهنجي گـلا، كنجوس تنهن كي هــڻ كـَــلا،
كانٽئي مـَتان خـلقون كـِــلاءِ، مــتــيءَ انـــدر مـُــوذي مـــلاءِ.
يــا شــاهه ميــران محــي الديــن!

بغـــداد جـــو تـــون بادشـــاهه، "محمـد" متـان مهـرون مَ لاهــ،
تو در سوا جنهـن بـي نــ واهـــ، دشمن تون كر تنهن جا تبـاهــ.
يــا شــاهه ميــران محــي الديــن!

مــون سـين ركـي جــو دشمنــي، رليـــل كـــري جـــو رهزنـــي،
تنهنجي كـُـتي كـڍ تـون پـنـــي، موذيءَ كـي ڏي تـون مـُردنـــي.
يــا شــاهه ميــران محــي الديــن!

جيكــو مـــدح هـــيءَ ذوق سـين، شـائق پڙهـي تـو شـوق سـين،
محتاج نـ رهي سو لوك سيـــن، مطلب ڏسي سـو مـوك سـيـن.
يــا شــاهه ميــران محــي الديــن!

هيءَ مدح جو مومن پڙهي، مشڪل منجهان پڻ سو ڇڙهي،
هر گز نہ منجهہ اُهڪيءَ اَڙي، دشمن سندس روئي رڙي.
يا شاهہ ميران محي الدين!

منهنجي مدح مقبول ڪر، هر فرد جي مسئول ڪر،
سڀ ملڪ ڏانهن محمول ڪر، مطلب مڙئي محصول ڪر.
يا شاهہ ميران محي الدين!

مقبول ڪر منهنجي دعا، حاصل ٿئي مون ڪي حيا،
دلڙي ٿئي منهنجي ضِيا، مشڪل ٿئي منهنجي ڪُشا.
يا شاهہ ميران محي الدين!

جيڪو ورد ڪلمو ڪري، حاجت سيئي اُن جني سَري،
حضرت مٿس هٿڙا ڌري، ايمان سين مومن مري.
يا شاهہ ميران محي الدين!
لا اِلـہ الا الله مُحمد رسول الله.

مناجات (نبي ﷺ)*

(حاجي احمد بن حاجي محمد سمي جي چيل)

هاءِ! ڇا تقدير ۾ منهنجي ٿيو جاري قلم،
ڏور ٿي، مون کي ڇون تا هاڻ سڀ عرب و عجم،
ڪونہ ٻيو آن ري وسيلو هاڻ يا شاهِ اُمم!
يا شفيعَ المُذنبين! مون تي ڪريو پنهنجو ڪرم،
يا رسول الله! عرض منهنجو اهوئي دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم.

هاءِ هاءِ! ويئي عمر منهنجي سڀني عصيان ۾،
۽ گرفتار آهيان هن نفس جي فرمان ۾،
ڪانہ ڪئي حق جي عبادت مون آهيان حيران ۾،
هاءِ! ڪهڙو حال ٿيندو حشر جي ميدان ۾؟
يا رسول الله! عرض منهنجو اهوئي دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم.

آءٌ عاصِي آهيان گڏيل گناهن ۾ بيشمار،
۽ سڀن مخلوقن کان ناقص گهٽو ۽ نابڪار،
هيءُ جنابِ پاڪ ۾ رويو ڇوي ٿو زار زار،
حشر ۾ مون کي ڇڏايو از طفلِ چار يار،
يا رسول الله! عرض منهنجو اهوئي دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم.

---

* "مجموعه مدحيات" (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

آهيان حيران آءٌ يا شفيع الشافعين!
ڇا قيامت ۾ ڪندو مون ساڻ رب العالمين؟
مون کي اڇي اَنئين ڇڏايو يا شفيع المذنبين!
آءٌ گولو آهيان اَنهنجو گهڻو اَيرو ڪمين.
يا رسول الله! عرض منهنجو اهوئي دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم.

اَي صبا! وڃ تون نبي صاحب کي چئُ منهنجا سلام،
خدمت عاليءَ ۾ چئو حضرت جي هي منهنجا پيام،
قصَد دل ۾ تو رکي هيءَ اَنهنجو اَيرو غلام،
مون کي ڪوٺايو مَديني ۾ شہِ خيرالانام!
يا رسول الله! عرض منهنجو اهوئي دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم.

يا محمد مصطفيٰ يا سيدِ آخر زمان!
آرزو هيءَ مون سندي روضي مُنور کي ڏسان،
آءٌ ڇڏي هن هنڌ کي ساڪن مديني ۾ ٿيان،
۽ مديني ۾ اچي اَنهنجو ڏسان آءٌ بوستان.
يا رسول الله! عرض منهنجو اهوئي دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم.

يا محمد مصطفيٰ! آهيو اوهين بدرِ منير،
آهيان آءٌ عاصي گهڻو نالو سندم "احمد فقير"،
آءٌ فرقت ۾ اوهان جي تو روئان هاڻي ڪثير،
ڪو ڪريو مون تي ڪرم يا شاهه عالم بينظير.
يا رسول الله! عرض منهنجو اهوئي دمبدم،
ٻن جهانن ۾ خدا ڪارڻ رکو منهنجو شرم.

مناجات (غوث اعظم) *

(حافظ حاجي حامد جي چيل)

[حافظ حاجي حامد، ٽکڙ (ملوڪ شاھ جي وسي) تعلقي گوني ضلعي حيدرآباد جو وينل هو. ٽن ورهين جي عمر ۾ ماتا جي بيماريءَ ۾ نابين ٿيو. قرآن شريف جا صرف 8 سيپارا سنڌ ۾ حفظ ڪري باقي 22 سيپارا مديني شريف ۾ صرف 8 مهينن ۾ ياد ڪيائين. اتي رهي ٻه حج پڙهي وطن ڏانهن وريو. عربيءَ جي تعليم 'ملاڪاتيار' ۾ ولي محمد درس وٽان حاصل ڪيائين. آخر شادي ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪپڙي جو واپار شروع ڪيائين. سندس ديوان "ارمغان حامد" مشهور آهي. حافظ حامد 1315 هجري / 1896ع ۾ جوڌپور علائقي جي ڇاريلي مڪان ۾ وفات ڪئي.]

قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

1- اي خدا جا خاص پيغمبر پيارا پاڪ پير!
برگزيده بارگه جا با ڪرامت بينظير،
هر ڪنهين جي لاءِ حاجت تون تئين مختار مير!
دسترس درگاھ ۾ توکي مُيَسر مُقتدا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

2- سڀ ٿيو سبحان کان امداد توکي اي عجيب!
آهه قرب ڪبريا حاصل همه توکي حبيب!
رشد تنهنجي کان رهيا ٿي بغض وارا بدنصيب،
معتقد مومن جو ٿيو مقصود سڀ با مدعا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

* ارمغان حامد (مطبوعه حيدرآباد) تان ورتل.

3- تون ولايت ۾ ولي مسند محي الدين جي،
تو هميشه ڪئي هدايت در داتا دين جي،
تي عنايت سين عجم سڀ تو سندي تلقين جي،
في الحقيقت فيض اِي اُتيو عرب کان اوليا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

4- تو ڪيو جامع جُنيدي فيض حاصل فيض مند،
معنوي معروف کان مليا اتئي بَـهرا بلند،
پيرا! تون پڌرو ٿئين کان 'ترڪ' تائين 'تاشقند'،
آرزو تنهنجي ۾ آهن سڀ سمرقندي سدا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

5- تنهنجي خادم خلق آهي تنهنجا ڏاني ڏيه هزار،
'سنڌ' ساري تي سلامي 'هِند' توڻي هر ديار،
در مٿي تنهنجي تا ڏسجن سَوَ پيادا ۽ سوار،
غوث ڪرين غرض تو مڙني جا موجب مقتضا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

6- سفلوي، علوي سنڌئي ماڻهو، مَلڪ مقبل مريد،
تو نمايا سِين نگه سڀ شوم، سرڪش ۽ شديد،
ٿيو زمانو تنهنجو ظاهر لاءِ عالم ساري عيد،
ٿيو مخالف مدعي جي لاءِ سو محشر نما.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

7- سيف سيني ۾ سٽي منهنجو مخالف مار تون.
کيم پهچائينس ڪشتي پير منهنجا پار تون،
وَهَہ تکي واهڙ ۾ نيئي گاندو جي بيڙي گار تون،
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

8- سو نياڳو، نحس، ناڪس منهنجي نت نقصان ۾،
تو رهان آءُ روز شب اِن اوليا ارمان ۾،
ڪر تَوائي تَنهن جو تُرهو تون تکي طوفان ۾،
مَرلُڏي سو لهرين ۾ ڪج ڪنڌي تنهن جي نہ ڪا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

9- ظالمن ڪيو زهر مون کي اي ونهيان وارث وطن!
ويو اِنهيءَ اَندوهہ ۾ وڃري سندم سپ جان تن،
ڪيا فنا فڪرات مون کي ڏيل ڏاريو سپ ڏکن،
ڪونہ منهنجي غم سندو غمخوار سائين! تو سوا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

10- سڻ خدا جي واسطي هي منهنجون دانهون دَستگير!
منزل مقصود تي سا آهہ تون پهچاءِ پير!
قادري! تون قصد مان هڻ ترت تنهين تڙيل کي تير،
هر گهڙي "حامد" جي اهڙي آهہ توکي التجا.
قطب ڪامل ڪارڻي، سرتاج! سڻ منهنجي صدا،
منهنجي مشڪل ۾ مدد تي تون پلا بهرِ خدا.

مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام) *

(الله بخش لغاريءَ جي چيل)

[الله بخش پٽ غلام علي ڪُرڪلي لغاري، ڳوٺ جعفر لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ جو وينل هو. هو هڪ سگهڙ فقير هو. سندس بيت ۽ ظرافت جا نڪتا مقامي طور مشهور آهن. فقير جي هيءَ مدح ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ جي مسجد ۾ ڪيترائي سال ثنائيه خطبه طور پڙهي ويندي هئي. فقير الله بخش گذريل عيسوي صديءَ جي آخر ڌاري وفات ڪئي.]

1- الله آهي هيڪڙو ٻـي سـڀ جـوڙ جبـار،
قـادر پنهنجـي ڪـم ۾ مولـو آهـي مختيـار،
وٽـي جـا واحـد ڪـي سـا ٿئـي تـرت تيـار،
ڪوڙيـن قومـون ڪيتريـون خلقيـون خلقٹهـار،
اڃـي ڪـيـن امتحـان ۾ ليکـو تـن شمـار،
روز رسـاٹي سـڀ ڪـي ڏيهـاٹي ڏاتـار،
ڪونـہ وسـاري ڪٿهيـن صـاحب رب سـتار،
ڪريـان مـدح محبـوب جـي ڳـوش ڏيـو گفتـار،
نرمل پنهنجي نُـور مـان ڪيـو احمـد ڪي اظهـار،
موٽـائي 'محمـد' ڪيـائين نـانءُ سـندس نـروار،
ڪلمـو راس رسـول تـي ٿيـو توڙائيـن تڪـرار،
ٿيـو ترهـو تـار ۾ عـاصين جـو اُڪـار،
ضـامن ضعيفـن جـو اَ ڪـامل قربـدار،
صفـت تنهـن سـردار، اچـي ڪيـن عقـل ۾.

2- اچـي ڪيـن عقـل ۾ تنهـن شـفيع سـندو شـان،
مدحـون محبـوب جـون ڪيـون قـادر منجهہ قـرآن،

* مرحوم لعل بخش خان لغاري، ڳوٺ جعفر خان لغاري (تعلقي سنجهوري) جي روايت.

ڏاتر ڏيو ٻاريو هڪ جوڙي منجهه جهان،
ٿيو آيين پُونئين سوجهرو ٻيو شمع نه تنهنجو شان،
ڪَري پيو قدم تي قمر تي قربان،
مقابلو محبوب سان نه ڪري شمس شعان،
پَريُون پسڻ پَرَ لئي حورون ٿيون حيران،
بهشت باغ بهاريان سڀ سجڻ لئي سامان،
واديون وَهن ڪير جون ماڪيءَ منڊ مڪان،
سيئي ڪوڏ ڪريم ڪي سينگاريا سبحان،
محل ماڙيون بنگلا ٻيا طرحين طول طومان،
جِنين پاڙو پِرَ سان تنين عيش امان،
جَن چڏي راهه رَسول جي آ دوزخ تن دُخان،
آخر وَئي ان جي ڪونهن جس جهان،
چارئي يار رسول جا سونهارا سلطان،
اُيا هئا ادب ۾ فائق جي فرمان،
داور داڙو دين هوا جنگي جوڌ جوان،
جن ماري مجوسين ڪي ڪنبايا ڪفران.
سچي صِدق ’صديق‘ هو جو غار گهِڙيو غفران،
سرور سُتو ننڊ ۾ رکي سر سبحان،
دانَهه دريون پُوريون مَدا سڀ مڪان،
باقي بچي هيڪڙي اُتي پير ڏنو پهلوان،
سپ سرڪي آئيو منجهان تنهن مروان،
وڏائين وِات وريام ڪي جذب وڏي جولان،
پانَهه پير نه چوريو توڙي ڪِيسَ جناور زيان.
ارڏو ’عمر‘ چام هو جابر زور جوان،
واحد واريو تنهن ڪي جڏهن آيو منجهه ايمان،
چڙهيو مير منبر تي هٽي نغارو نيشان،
ڪافر سڀ ڪنبي ويا تي حيرت ۾ حيران،
سيئي مرد مجائيا جن آندو نا ايمان.

ياور يار نبيءَ جو هو عين ولي ’عثمان‘،
جنهن جوڙي جام جمع ڪيو فهميدو فرقان.
’علي‘ آل رسول جي هو سيفي صاف زبان،
واڳهه وڙهيو تي ويرئين مـَلهه وڏي ميدان،
لـُوهي لـِبيسن ڪي سـَنّي جڻ سيچان،
هڪل حيدرشاهه جي سان ڪوٽ ڪِريا ڪفران،
دانه داپ دماغ هو مرد متاهون مان.
’حسن‘ ’حسين‘ ٻئي گل چمن ۾ هئا عليءَ جا اخوان،
شير شريعت، تن طريقت، حال حقيقت، هون معرفت منجهه مڪان،
ڳڻي ڳڻيا ڪيترا شير تني جا شان؟
امت احمد ڄام جي تنهن جا زور ضمان،
الله بخشين بوڇ ٻـُڇايون مون عاصيءَ جا عصيان،
مون تان ڪوڙ ڪمائيو تون رحم ڪرين رحمان،
وجهي ترازيءَ توريان تان ڪجهي نا ميزان،
ڇـُـٽان توهه تـُراري تنهنجي ساڻ وڏي احسان،
ڪر پاڙو احمد ڄام سان آخر منجهه جهان،
هادي! ويل هلڻ جي زاري ڏيج زبان،
پڙهي ڪلمـُو ڪوڏ موئن اچان ساڻ ايمان.
لا الـه اِلاالله مـُحمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ) *

(حاجي خان محمد چنجڻيءَ جي چيل)

[حاجي خان محمد عرف حاجي خانڻ چنجڻي، ڳوٺ ميانداد چنجڻي تعلقي وارهہ جو وينل هو. سندس وفات کي اٽڪل سٺ سال ٿيندا. وفات وقت سندس عمر اٽڪل 75 ورهيہ هئي، انهيءَ حساب سان سندس ڄمر 1830ع ڌاري ٿيو هوندو. حاجي خان محمد جي ڪلام جو وڏو حصو مدحن، ڪافين، ڏوهيڙن ۽ سهرن تي مشتمل آهي. هتي سندس ٽي مشهور مداحون ڏجن ٿيون. سنہ 1900ع ڌاري ڪنهن ميلي ۾ جهيڙو ٿيو، جنهن ۾ زخمي ٿي پيو ۽ انهيءَ وگهي وفات ڪيائين.]

اسم اول چو ادا حق پاڪ جو، اَبر مُرسل تي اُنو لولاڪ جو،
ٿيو اُجهو ۽ آسرو غمناڪ جو. ور وسيلو واهرو مشتاق جو.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

هڪ سچو 'صديق اڪبر' يار تو، منجهہ ڪچهري مصطفيٰ گلزار تو،
هر صبح در گہ سندو مختار تو، عشق پنهنجي ۾ ڪيو اظهار تو.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

دوست دلبر دلربا 'عمر امير'، منجهہ محبت سو مثل آ شڪر شير،
ڪين داور تي رهيو دم دلگير، مون اصل ڪون آسرو آ دستگير.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

---

* اُتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

عظم عظمت ’حضرت عثمان‘ جو، حفظ تيس حلم و علم سبحان جو،
ڪيئن ڪريان احوال نام وشان جو، راز مخفي ٿيو اتس رحمان جو.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

شه ’علي حيدر‘ همت مشهور ٿيو، ڪل ڪفارن کي ڪٽي مشهور ٿيو،
منجهه شرعيت شه ’علي‘ مغفور ٿيو، مخمور ٿيو، مخمور ٿيو، مخمور ٿيو.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

چئن جي جيڪو مجيندو هيءَ رضا، ڏينهن محشر جي ماڻيندو ڪُل مزا،
رافضي رهزن اتي ڪائن جفا، جاءِ جهنم جي تنين لئہ تي صفا.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

چئن جي جيڪو ڪري تعريف تو، ’جنت البقيه‘ ماڻيندو مدد سو،
هت هُتي آهي انهيءَ کي پوءِ نہ ڪو، مرڪندو مرسل اڳيان ٿيندس نہ پوءِ،
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

چئن جي جيڪو ڪري ساراهہ تو، هر صبح تنهن جا ڪري ڪم شاهہ تو،
مار ويريءَ کي وڃي مان ڏانهہ تو، هاشمي حضرت! هجي آگاهہ تو.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

حُب هردم جو رکي ’حسنين‘ جي، سو حُجاجن سان هلي حرمين جي،
سو نہ چکيندو چاشني ڪونين جي، تي منارن کي ڏسي سِڪ چئن جي.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

ماڻڪي مرسل مديني جي ڏيکار، حرم حضرت پانهنجي پاهر نہ مار،
چائٺ چشمين سان چمان هيڪر جيار، معاف ڪر مديون اسان ۾ لک هزار.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

احمدا سڻ عرض عاصيءَ جو نياز، عشق پنهنجو ڏي سدا دلڙي گداز،
صفت تنهنجي سو ڪري جوڙي بياض، تو وٽان ٿيا فيض وارا فيضياب.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

شه! منارن کي ڏسي جيئري جيان، پاڪ پاڻي پرت مَون زمزم پيان،
آءٌ صَدَق صد بار سيد! تو تيان، عرض مون گوليءَ سندو آهي اوهان.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

منجهہ مديني مير مرسل مون رساءِ، پاڪ پيراندي پيغمبر مون پساءِ،
ڏور مون بيواهہ ڪوئن تون نا ڏساءِ، اَبر رحمت جو اسان تي پيو وساءِ.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

پاڪ پجري مُون وري ديدار تئي، باب رحماني ڏسِي دل بهار تئي،
شعاع قنديلن ڏسي قرار تئي، باب جبرئيل جي جنسار تئي.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

ڪئين قنديلن جا ڪيان ڪوڙين بيان، تي شبا شب روشنائي بي پايان،
گلم گيالن جا ڪليا گل گلستان، لک جواهر لال هيرا ۽ مرجان.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اڪسير آن، اڪسير آن، بصير آن.

آب زمـزم عـاصين احسـان تئـي، اهل يثرب سان اصل گذران تئـي،
مون ڪميٽيءَ جو تڏهن ڪومان تئي، دين تئي، ايمان تئي، قربان تئـي.
تـــون ســـچو ســـردار مدنـــي ميـــر آن،
اڪســـير آن، اڪســـير آن، بصيـــر آن.

نخل نرمل نُـور! نئـڙن حـرم جـــا، مون ڏيڪاريو معجزا شه! شرم جا،
آءُ منگان تو دان دهرا پـرم جـــا، تون وسائين ڪڪر رحمت ڪرم جا.
تـــون ســـچو ســـردار مدنـــي ميـــر آن،
اڪســـير آن، اڪســـير آن، بصيـــر آ ن.

بيت ربي جو ڪيان تو هون طواف، لک مدايون عيب ڪيم ڪرئين معاف،
مديون ميرايون اگهائي ڪر تون صاف، ڏوه واري کهڙي هٽندي لاڦ ڪاڦ؟
تـــون ســـچو ســـردار مدنـــي ميـــر آن،
اڪســـير آن، اڪســـير آن، بصيـــر آن.

سيد! مون ڏوه ڪيا بي ڏوهـ تون، تي پيـادي جـو وسيلو روهـــ تـــون،
ڪَـل لهج ڪمزور جي بي ڏوه تون، معاف ڪر! توڙي لکيا مون توه تـون.
تـــون ســـچو ســـردار مدنـــي ميـــر آن،
اڪســـير آن، اڪســـير آن، بصيـــر آن.

مون پيادي‌ءَ ڪي سجهي پاهڻ پٿر، تون لنگهائين سپ لڪيون پڻ ڏين ثمر،
سير سختي سمنڊ جي باري بحـر، مهر تنهنجي اصل ڪوَن آهي ڪٿر.
تـــون ســـچو ســـردار مدنـــي ميـــر آن،
اڪســـير آن، اڪســـير آن، بصيـــر آن.

مان تري ڄاڻان نہ تو ڪڍ تار مون، سار سگهڙي ڪا لهج سردار مـون،
ڪار منهنجي ڪا ڏسڻ درڪارمون، ڏار در تي سيدا! نـــ وسـار مـون.
تـــون ســـچو ســـردار مدنـــي ميـــر آن،
اڪســـير آن، اڪســـير آن، بصيـــر آن.

لک پلايون پاليون ليکو نہ کو، ساڻ هلندو کونہ کنهن سان کوسکو،
هلي حضرت عاصين ايندو هکو، جن پيغمبر ماڻيو تن پئ نہ کو.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اکسير آن، اکسير آن، بصير آن.

خوف ۽ اُميد ۾ رهہ، جوان تي، تو مٿي تقصير کائي کان تي،
تي سياڻو، نا منجهي نادان تي، بيکسن تي شاهہ جا احسان تي.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اکسير آن، اکسير آن، بصير آن.

سيدا! سردار تنهنجي ٿئي پناهہ، آءُ سوالي تنهنجو آهيان سنجهہ صباح،
ترت اُميدان پڄائين شهنشاهہ، لاهہ مشکل کل اسان جا کرنگاهہ.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اکسير آن، اکسير آن، بصير آن.

"حاجي خانڻ" کي هميشه پال تون، غم و هم وسواس دل جا ٽاهہ تون،
لهہ سکاين جي سگهو سنڀال تون، ساڻ کلمي جي هلون کر پال تون.
تون سچو سردار مدني مير آن،
اکسير آن، اکسير آن، بصير آن.
لا الٰـهَ الاّ الله مُحمد رسول الله.

❖

مناجات (نبي ﷺ) *

(2)

1- ساراهہ کيان سبحان جي جوئي سميع ستار آهہ،
بي مثل بيچون بي نياز جي شرح جو نہ شمار آهہ.

---

* أتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

خلقيائين محمد مصطفيٰ جو گلشن چمن گلزار آهه،
جنهن جي اجهي عالم ڇتو مرسل منو مهندار آهه،
لائق لطف لک وار ٿيا ڇا ليکيان لسان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافي ٿيو آن شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

2- تون مديني جو ٿئين مالڪ منو مهندار پي،
منجهه نبين نور نرمل تون سچو سردار پي،
سَير توئي سپ ڪيو معراج جو مختار پي،
گڏ ويهي گوڏي ڪيئي گوهر ڳجهي گفتار پي،
ڪونه تو جهڙو سائينءَ ساراهيو قرآن ۾.
تون اُچو ڪل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

3- هر ولايت هاشمي حضرت اوهان جو نور آهه،
لاهوت ۽ جبروت ۾ مشهور ۽ منظور آهه،
تنهنجي امر ارض و سما گڏ غار منجهه غفور آهه،
هر جا فتح في الحال ڪئي مالڪ تو ڏنه مسرور آهه،
تنهنجي ثنا ساراهه ٿي جن و مَلَڪَ انسان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

4- والي ولايت جا ڌڻي تنهنجو وڏو اقبال ٿيو،
محبوب جو توکي لقب لکهان نبين ۾ لال ڪيو،
مربي تون محشر ڏينهن جو باري توکي برحال ڪيو،
اوجر اونداهيءَ ۾ اچي روشن ڪري نهال ڪيو،
ڪهڙي ڏجي تمثيل تو بيمثل جي بيان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو ان شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

5- ناهـ ڪا تنهنجي نهايت بينظير اڪسير آن،
'احد' 'احمد' جي وچون وٿ ناهـ ڪابـ بصير آن،
دارون ڏيندڙ دلگير جو اي دلربا دلڏير آن،
جيئن شڪر پئي شير ۾ پيرن ۾ تيئن سو پير آن،
امتين جي ڪاڻ عربي ٿئي ذڪر قرآن ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

6- چار تنهنجا يار چيدا ٿيا نيڻن جا نثار مون،
ڏس نہ ڏوهن ڏي اسان جي سي صحيح ڏيکار مون،
هيءَ ٻُڏي ميهار سان ڪڏ تار مون سردار تون،
ديدار جو اڄ وار آ بيمار ڪڏ آزار مون،
تو لئي سڪان، باسيم سُڪان صُورت ڏٺم سبحان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

7- تو لئي رڙان ريهون ڪريان رهبر رسول الله رس،
بيهوش مان بيڪار مان باري سگهو با الله رس،
ٻين پرين بيو ڪونہ پايان شاهہ تون ناگاهہ رس،
بي واهہ جي نا واهہ ڪا خورشيد مانند ماهہ رس،
ڪڏ ڪنهن طرح ڪنهن پرعيان تونهين چمن چوگان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

8- ڏس نہ افعالن ڏي منهنجي ڏوهہ ڪيم ڪوڙين ڪچا،
تون سخي ثقلين جو تنهنجا سخن آهن سچا،
اوجهڙ پيس ائين نا ڇڏيو بيڪار ڪي ڪنهن پر بچا،

مِچ مون بچايا ٻاجهہ سان ٻلڙيءَ سندا توئي ٻچا،
تنهنجي حمايت سان ترِيو نت نوح هو طوفان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

9- توريءَ ڇوان ڪنهن کي ڳجهيءَ آءٌ ڳجهہ اندر جي ڳالهڙي،
ڪَن مون ڪڏي ڪوري ڇڏيان سرتين سيني جي والڙي،
سينگار سڀ بيڪار ٿيا موتي جواهر لالڙي،
روئندي هسايو حضرتا! نت نت رهي رک آلڙي،
دانهون ٻڌي دلگير جون دم دير نا ڪر دان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

10- سڪ سچا سردار تنهنجي پار جي ڏيڪارجو،
ماڻڪي منبر ڏسڻ ٻن مير اڳ نا مارجو،
باب جنت کي ڏسان سا ڪا گهڙي دم جيارجو،
آب زمزم جي منجهون ڪا سرڪ سيد! پيارجو،
اهڙي ارادي سان اچي يوسف ٿيو ڪنعان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

11- روضو ڏسي رويو ڪرن عاشق پيون احوال ۾،
جايون ڏي تنهنجون جيان جئري نہ ڪر جنجال ۾،
وچڙيل ويڳاڻو آهيان ڪج دير ڪانہ وصال ۾،
فرزند ونـي هٿ سان اچان هادي ڏيو هن سال ۾،
ڏي ڏاڻ تان ڏيکاريان جيڪر وني جهان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين کي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

12- تنهنجي پيغمبر پار جي آهي اُڪيرن ۾ اُڪير،
آيو پنڌ پينار تي ڏيو دان در تي جو فقير،
تنهنجي سخا سيد! سڻي عاصين بلو آهي اڪير،
جن جو اجهو تون آهين سي ڪيئن ٿيندا دلگير،
بي ثمر بيڪار عاصي ڪيئن ڇڏين بيبان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

13- توهَون ڳَهران تنهنجي همت مون تانگهه آهي توڙ ڪون،
ضامن ضعيفن جو ٿئين. مرسل! اڳي جڳ جوڙ ڪون،
تيرهين صدي تَم ٿي وئين اوکيءَ بچايو اوڙ ڪون،
'مهدي' ڏسي شل پوءِ مران، مرسل! رکو ان مان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

14- چئين ماهه ڪون پوءِ چوڏهون آيو چون سن سال پي،
اوکو اڙانگو ٿو بجهي تنهنجو گهُران اُت پال پي،
هادي! هدايت تون ڏئين هيٺو اسان جو حال پي،
عاصي اوهان جي آسري تون ئي ننگي ننگپال پي،
ڏاتار لڳ ڏي دلبريون رويو چوان رمضان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

15- آهيان اوهان جي آسري مون آسري بيا لاهيا،
سهنجي سيد! سڪرات ڪر ويهون وينا ات واهيا،
هَي هَي! عمر ساري سڄي بَيبان مون بُت ڪاهيا،
تنهنجي نظر نيڪ ٿئي تو ري گهمن گس گاهيا،

ٻاجهہ سان سا ٻار تئي دربار جي ميدان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪٺر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

-16 چوڏهن طبق روشن ٿيا تو لئي جڏهن رحمان ڪون،
واقف ولين ڪي ڪيو فائق ڏسي فرقان ڪون،
تنهنجو علم جنهن ڪي نہ آهہ اوکو اهو ارڪان ڪون،
ماٺي جزا مُدعي مُنو اهو سوال آهي سبحان ڪون،
خامي خجل سو خوار تئي غافل گتو غرقان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪٺر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

-17 هي گناهن ۾ گتو تنهن جو ڪيو ڪو غور پي،
حال هيٺو حضرتا! تون آن ضعيفن زور پي،
هر جاءِ ۾ تنهنجي همت اهڙو پايان نا اور پي،
سِر جان تو سيد مٿئون صدبار ڪريان گهور پي،
دارون دوا ديدار تو دلبر! وسين دل جان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪٺر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

-18 هن ڏوهاريءَ ڏوهہ ڏوڙا ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڪيا،
تون بچائين بار توتي پُور مون دل ڪي پيا،
مون جهڙا تنهنجي هٿون سَوَ لک هزارين ٿي جيا،
هن ويچاريءَ جا اوهان ريءَ ٻيا وسيلا سڀ ويا،
هَي هَي! رڙي ريهون ڪري، حضرت! نہ ڇڏ حيران ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪٺر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

19- دربان تي دانهون ڪري دامن لڳيءَ جو داد ڪر،
شاهه! تو ريءَ واهه ناهي تون شفيع! دل شاد ڪر،
هيءَ وئي گناهن ۾ گڇي ڪنهن اذن سان آزاد ڪر،
ويران اڱڻ ورهين ڪان جو تنهن ڪي اچي آباد ڪر،
جياري ٻچو ڳريءَ سندو آٽي ڏنو آشيان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

20- حضرت! هلي هيٺن مٿي هتڙا رکين تو ڪون سري،
تو لئي پَچِي پنڌڙا پُڇي ۽ ڪست مون ڪيهون ڪري،
سيد! ٻُڌي سڏ موٽ تون پنڌ پيش پياري ڪون پري،
ننگ نانءَ جو تي پال تون محبت اوهان جي ۾ مري،
ڪر ڪميٽي سان قرب ڪنهن پر رهي ڪنهن مان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

21- هيڪر 'مديني' ملڪ جون ماڙيون محل ڏيکاريو،
يا مصطفيٰ! نالي ڏٺيءَ جي ٻوءِ مُئيءَ ڪي ماريو،
روضو رسول الله جن جو مون ٿي دم دم ساريو،
جايون جنت جيتر ڏسان تيتر جڏيءَ ڪي جياريو،
ڏي تون الله لڳ آسرو عاصي آهي ارمان ۾.
تون اُچو ڪُل ڪون ڪثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين ڪي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

22- سيد سردار! سڏڙا تون نماڻن جا سُٺي،
آهي قسم حق پاڪ جو توکي ڪنيم چشمين چُٺي،
"انا احمد" جو اشارو تو ڪنيو ڏٺين ڏُٺي،
جو ڪَهي تو خارجي تنهن ڪي وجهو لاهي لُٺي.

ڇا پلا تعريف تنهنجي آءُ كيان امكان ۾.
تون اُڇو كُل كون كثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين كي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.

23- تنهنجا سوالي توڙ كون سهسين لكين ساماڻيا،
جي ڄاڻيا سي آئيا تن جا نہ هٿ خالي ٿيا،
ٻاڏائيان ڳڻ ڳائيان مون پاند ڳل ۾ پائيا،
ساڻ كلمي جي هلائج بار توئي ڄائيا،
كوٺ كلمي جو گهران ٿئي قبر جي ايوان ۾،
تون اُڇو كُل كون كثر شافع ٿيو آن شان ۾،
عاصين كي آهي آسرو عربي تنهنجي احسان ۾.
لا اِلہ الا الله محمد رسول الله.

❖

مدح (چار يار رضہ) *

(3)

1- اول تعريف رباني، صفت ساراهہ سبحاني،
پيغمبر جو نكو ثاني، سيد سرتاج سلطاني،
كندا سجدا ستارا هئا، چارئي رب كي پيارا هئا.
كامل قدرت قرارا هئا.

2- چارئي چيدا اكابر هئا، زوراور زور زابر هئا،
شرعيت تي نشانبر هئا، پيغمبر پيش صابر هئا،
گهڻو بيشك پلارا هئا، چارئي رب كي پيارا هئا.
كامل قدرت قرارا هئا.

---

* اُتر (تعلقي ككڙ) مان احمد خان آصف كان پهتل.

3- چارئي دريـاءُ رحمت جـا، اڪابر عظمـ عظمت جـا،
هئـا وريـامر حشـمت جـا، لڏائـون بهـرا محبـت جـا،
مـدامـي سـي متـارا هئـا، چارئي رب کـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

4- چارئي هئـا نـور مـان ظـاهر، ڪُـٽي ڪافر ڪديئون پاهر،
متـن هـو مصطفـيٰ واهـر، ڪنـدا جنـگ هئـا الله آهـر،
سچا هردمر سـوپـارا هئـا، چارئي رب کـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

5- چارئي برڪت ۾ بـاري چئـو، سـيد جـي سـتاري چئـو،
ڪٽڪ ڪافر جا ماري چئـو، علـم قـادر جـا قـاري چئـو،
نـزاڪـت جـا نـظارا هئـا، چارئي رب کـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

6- چـارئي هئـا نـُـور نورانـي، نبـيءَ جـي پـاڪ پيشـاني،
سـيئي اصحـاب هئـا ڏانـي، نڪـو بيـو تـن جـو ڪـو ثـاني،
صفت تن جي سيپـارا هئـا، چارئي رب کـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

7- خليفـا چـار خـود چيـائين، تنـي کـي قـرب ۾ ڪيـائين،
پلايـون چـو نـه پـانئين، ڪونيـو تـي ڏات ڏنـائين،
امت جا بـخت بـارا هئـا. چارئي رب کـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

8- خليفـا چـار چـوُن خاصـا، تنـي جـي آهـه مـون آسـا،
ڏيـو دل روز دلاسـا، سـچي سـردار پرواسـا،
اصل تـَن مـن اُتـارا هئـا. چارئي رب کـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

9- سچو 'صديق' سويارو، هنيائين نينهن جو نعرو،
هئو منجهه قرب قرارو، كيان قربان سر سارو،
ڏسان جي جيءَ جيارا هئا . چارئي رب كي پيارا هئا .
كامل قدرت قرارا هئا .

10- مڃو حضرت 'عمر' امر، ٻڌن شرعيت اُتي كمر،
ٿيندو تنهن تي نه كو ڏمر، سيد جو آسرو ٿمر،
پسو تن سان پسارا هئا . چارئي رب كي پيارا هئا .
كامل قدرت قرارا هئا .

11- اَجهو 'عثمان' عربي هو، علم جو خاص مربي هو،
ستارن ۾ قمر يي هو، ميون جو پُر شجر يي هو،
ملائك اُت وڻجارا هئا . چارئي رب كي پيارا هئا .
كامل قدرت قرارا هئا .

12- عجب هئي شاهه كي شاهي، هئا هر مُلك تي واهي،
نكو رهبر كٺي راهي، كٽك كفار جو كاهي،
كٽيائون حد نصارا هئا . چارئي رب كي پيارا هئا .
كامل قدرت قرارا هئا .

13- 'ابوبكر' هئو بستان، 'عمر' هو گل گلستان،
هئو حيران مدمستان، هئا شهه نُور ۾ شُستان،
شمع روشن سينگارا هئا . چارئي رب كي پيارا هئا .
كامل قدرت قرارا هئا .

14- عزم 'عثمان' جو اعلي، عجب گل باغ ۾ لالا،
لهي تن شاهه سنيالا، ڏيكاري شال حق تعاليٰ،
نذر جا غمخوارا هئا . چارئي رب كي پيارا هئا .
كامل قدرت قرارا هئا .

15- مدينـــــي ۾ ســــدا آهـــــن، ڏسڻ لئي جوان جي ڪاهن،
لڳاپـا لـــوڪ جـا لاهـــن، سنجهيئـــيِ ثمر ڪي ڻـاهن،
پُـڏو جـي لڪ اشـارا هئـا. چارئي رب ڪـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

16- "حاجي خانڻ" گهٽي سڪ موئن، تـاريندو مصطفـيٰ تـڪ مـوئن،
چاڙهيندو پـاٽهي چـِـڪ مـوئن، آهي واجب وجهـڻ وڪ مـُـون،
ڏهـاڙي گـُـڻ دُبـارا هئـــا. چارئي رب ڪـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

17- "حاجي خانڻ" همت ڪرڪـا، هتـان وينـدي هلـي هرڪـا،
چـڏي سـب مـال ۽ ترڪـا، ڪنـدو مرسـل واهـر ڪـا،
اُمت جـا چـوتـڪـارا هئـا. چارئي رب ڪـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.

18- خـدا جـي راضپـي ۾ هـوَ، پيـو توڪـي سـُـجهي نـا پـوَ،
اٿائـــي لات بـي نـا لـَــنوَ، پيـو ڪلمـو قلب سـين چـوَ،
ڪـاڏي ويـا شاهه دارا هئـا؟ چارئي رب ڪـي پيـارا هئـا.
ڪـامـل قـدرت قـرارا هئـا.
لا اِلـه الاّ الله مـُحـَمـدُ رسـُول الله.

مناجات (بادشاهہ پير رحہ) *

(عنايت الله فقير چوڏي جي چيل)

[عنايت الله فقير ولد ميان پير محمد چوڏو، پير صاحب پاڳاري جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. فقير صاحب جو اڪثر ڪلام شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ساراهہ ۾ آهي، چاڪاڻ تہ "شاهہ ڀٽائي" کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيو هئائين. ڀِٽ جو خاص پانديئڙو هو. هتي سندس ٻہ مدحون ڏجن ٿيون. فقير صاحب سنہ 1318 هجري/ 1900ع ڌاري وفات ڪئي.]

(1)

اول صفـــت ســـبحان جـــي، خـــالق رب رحمـــان جـــي،
بيحـــد حـــمـد حـــنان جـــي، جنهن مُـڪو احمد چام اميـــن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـــن.

صفـــت ٻـــي ســـردار جـــي، احمـــد ميـــر آذار جـــي،
ســيـد سچـي مـهندار جـــي، جو آهي صاحب سندو ثقليـن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـــن.

جـــو آهـــي اڙيـــن جـــو آذار، مڙنـــي مرسـلن جـــو مهنـــدار،
شـفيـع شـــافـع اڙيـــن آذار، داڙو ســـندو دنيـــا و ديـــن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـــن.

* هن مناجات جو مدار اُتر (تعلقي قنبر) مان فتح محمد ۽ (تعلقي ڪڪڙ مان) احمد خان آصف کان پهتل ٻن روايتن تي آهي.

قـادر اُن جـو قـرب وڌايـو، رات معـراج جـي عـرش آڻـايو،
ڳجهـو اُن سـان الله آلايـو، ڪيـائين صـاحب عـرش نشين.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـن.

رات اُنهـيءَ ۾ تـون اُتـي، جـانب ويـو هـو جـاءِ جتـي،
’احمد‘ قدم رکيو تـوتـي، ڪيائـون تـوکـي اُمت اَميـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـن.

پيـرن جـو تـون پاتشـاهه، اُمـت تنهنجـو سـڀ سـپاهه،
تـون ڪُـل وليـن شهنشـاهـه، تـوکـي پَريـون جـن مـجيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـن.

درگـه ڌڻـيءَ جـو دادلـو، بلڪل منهنجو تـون ڪرِ ڀلـو،
هِـئـن نـه ڇـڏ تـون هيڪلـو، جو آهيان مـانـدو ۽ مسـڪيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـن.

درگـه ڌڻـيءَ جـي دلـپسـند، ’حضـرت حسـن‘ جـو فـرزنـد،
آهين ’احمد چام‘ جـو دلبنـد، تون آهين دل گهريو ’حسنين‘.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـن.

آهين ڪُـل پيرن جو پير تـون، ملـڪ و فلـڪ جـو ميـر تـون،
داتـا! آهيـن دستگيـر تـون، چوان باري ڏيندڙ مان تُنهِـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگيـن.

تـو سـان قـادر كيـو كـرم، توكـي ڏنـائين سـڀ حكـم،
قـادر تـنهنجا جـوڙيا كـم، مدد كر سان مون مسكيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غمگيـن.

مـون كـي ويڙهيـو آهـه مرضـن، دل دكـــائي آهـــ دردن،
ڏيـــل ڏكايـــو آهـــ ڏكـــن، وِهان رُجـــن ۾ تـــو دن ريـــن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غمگيـن.

توكـي هـاڻي عـرض چـوان، دل سـندو هـي غـرض چـوان،
لاهه سندم سڀ مرض چـوان، تَـن كي ڏيـوم كـا تسكيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غمگيـن.

تـوريءَ ناهـ وسـيلو بيـو، تـوريءَ كونهـي حيلـو بيـو،
تـوريءَ آهيـان اكيـلو پيـو، اچي ياري ڏيومون مسكيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غمگيـن.

تـون وسـيلو تـون والـي، تنهنجـي در جـو آءٌ سـوالي،
سوالـي كـونهـ وجـي خالـي، در داتـا تـان غـمگيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غمگيـن.

تـون هيـن واهـر تـون هيـن ور، كامل! منهنجي كـا واهـ كـر،
واهـر كـر كـا منهنجـي ور! تنهنجي تـي سـوالـي دن ريـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غمگيـن.

الله لـــگ تــــيءُ اوطـــاقي، محب مانديءَ سان تـي ملاقـي،
جانب ڪـل وصال جـي طاقــي، ور! وسارج مـــون ڪـــي ڪيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگـيــن.

دلبـــر منهنجـــي در اچـــو! حـال هيٺــيءَ جـو سـڀ پسـو،
ويڙهيءَ مٺيءَ جي دوست! وسو، اڱڻ منهنجي اچي لڳ حسنين!
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگـيــن.

آهيـــان عيبـــن ســاڻ پريـــو، ڪوجهو، ڪنو ۽ ڪـُـهه ڳريو،
عـالـم ســارو چـوي چـريـو، اچـي آذري ڏي تـــون امـيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگـيــن.

ڪيـــو گنـــاهن آ گهيـــرو، خطـــرن خيـــالن آ ڪيريـــو،
فضل پنهنجي جو ڪريو قـيـرو، آهيان تنهنجـو مـان مسـڪـيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگـيــن.

آهيـــان گنـــاهن ۾ غرقـــان، ويڙهـي ونتــو نفـس شـيطان،
هـــر بـــاري ڏيـــو ســـلطان، مولـيٰ لڳ اچـــي مسـڪـيـن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگـيــن.

آهيـــان بيحـــد مـــان بدڪـــار، ڏوهـــي ڏهـــاري گنهگـــار،
تـَـن اندر تـم تـنـهـنـجـي تـــار، ساريان تـوڪـي ســاڻ يـقـيــن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگـيــن.

ڪوجها ڪيڙم ڪم ڪچا، سار لهج تون ڪا سچا،
بلڪل منهنجو ڪج بچا، هوت نه ڇڏجان هيٺن هينءَ.
يا ميران شاهه محي الدين!
غم لاهيو مون غمگين.

تون دادلو درگاهه جو، عارف پلو الله جو،
آءٌ پينو تو شاهه جو، آهيان سوالي تو دل چين.
يا ميران شاهه محي الدين!
غم لاهيو مون غمگين.

الله لڳ تون سڻ فرياد، هيءَ جو دانهه ڪري بيداد،
دانهه تنهن جو ڪر تون داد، خطرا لاهيو خيال حزين.
يا ميران شاهه محي الدين!
غم لاهيو مون غمگين.

بلڪل باري لڳ خداءِ، وَرنهه منهنجي دانهه وَرناءِ،
مرض قرض ۽ خطرا لاهه، الله لڳ تون جلد امين!
يا ميران شاهه محي الدين!
غم لاهيو مون غمگين.

آهيان ڏڏ، ڏهاري، جاهل، بندو بيڙائيءَ ڏي مائل،
داتا! تنهنجي در جو سائل، پاڻ سجاڻي ڏي تسڪين.
يا ميران شاهه محي الدين!
غم لاهيو مون غمگين.

عاصي "عنايت الله" عرض ڪري، سر سجدي منجهه ڌري،
دانهون دلبر! روز ڪري، توريءَ واهر سُجهي ٻي ڪين.
يا ميران شاهه محي الدين!
غم لاهيو مون غمگين. تون آن پيرن جو پاتشاهه،

تـــون آن هيٺـــن جـــو همراهـــ، توکي پريـون ديـــوَ مجـيـــن.
تـــوکـــــي ڏات ڏنـــــي الله،
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگـيـــن.

بلکـــل آهيـــان مـــان بنـــدو، وِرهـــ کـان ناهيـان دم وانـدو،
ساهہ انـدر ۾ تـم سيـــانـــدو، عمل چڱو کيـم تـم کيـــن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگـيـــن.

عمـــر وڃـــايم ســـيِ اَجـــائي، کـان کيـم کـا کـار سڃائي،
ويهي سپ مـون عـمـــر وڃـائـــي، صبـــح شـــام ۽ دن رَيـــن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگـيـــن.

بلکـــل کـــان کيـــم بندگـــي، شـــرمندو آهيـــان شـــرمندگي،
کيــم سـدا کـم گـنـدگـــي، عمل موچارو بيـو کـو کيـــن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگـيـــن.

الله در اُميـــــــــــــــــــدوار، ڏينـــدو 'احمـــد چـــام' آذار،
مـرســـل تـيـنــدم مـــددگـار، آس تـو ۾ تـم شـاهہ يقيـــن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگـيـــن.
الله لـــــڳ تــــون آءُ اميـــــر، دليـــؤن دلبـــــر دســـــتگير،
در مانـدي کـــي ڏي دل ڏيـــر، تو ريءَ واهہ سجهي ٻـي کيـن.
يا ميران شاهہ محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمگـيـــن.

جلـــدي آءُ جـــوان جيلانـــي، مولـيٰ جـا محبــوب حقــاني،
دائـم تـوتــي راز ربـانـــي، تـــون آن الله در امـيـــــن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگيــن.

تـون آن خـاصو محـب حقــاني، غـوث الاهــي جـوان جيلانــي،
تـون آن كـامـل قطب ربـانـــي، تـون آن داور دنيـــا و ديـــــن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگيــن.

نـالو نيـك اوهـان جـو جـاني! عبدالقــادر غـــوث جيلانـــي،
تـوتـي هـردم لـطف ربـانـــي، تو تي مهـر ربـانـي دن ريـــن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگيــن.

مـان مسـكين سـوالي تنهنجـو، سوالي ويـو نـہ خـالي تنهنجـو،
عرض اگهايو هي سڀ منهنجـو، هـادي! منهنجو لڳ ’حسنيـن‘.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگيــن.

پـاڪ پســايو پـاڻ پيشـــاني، جلـوو جمـال پنهنجـو جـاني!
ڏيو ديـدار دلـئـون دل جـانـــي، پيـو مـگان ايمـان ۽ ديـــن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگيــن.
مـرض، قـرض سـڀ مـون لاهيـو، خيــال خطـرا حـــرص اجـــايو،
مُـئيءَ جـا مـڙئـي درد وڃـايـــو، شـاد ڪـريو هـي دل غـمـگيـــن.
يا ميران شاهه محي الدين!
غـم لاهيو مـون غـمـگيــن.

سوال سپ جي مون کيا، در ڏٺيءَ جي عرض کيا،
سي سپ اگھايو اي شها! ماندي چڏيو نہ ھي مسکين.
يا ميران شاھ محي الدين!
غم لاھيو مون غمگين.

اتم آس اندر ۾ جيکا، معلوم واحد کي آھ سيکا،
سي اگھائج عرض سپ، آگا! سڏ سوالي پيا تا کرين.
يا ميران شاھ محي الدين!
غم لاھيو مون غمگين.

عرض سپيئي وير اگھايو، خطرا خيال پيا سپ لاھيو!
لک لطف سان سپ لنگھايو، تين مطلب مڙئي دنيا و دين.
يا ميران شاھ محي الدين!
غم لاھيو مون غمگين.

"عنايت الله" جا عرض اگھاءِ، خيال خطرا حرص وڃاءِ،
مرڻ ويلي پاک پڙھاءِ، کلمو مون کي ساڻ تسکين.
يا ميران شاھ محي الدين!
غم لاھيو مون غمگين.

پيا سپ لک اٿانگا لانگھيا. سختيون سور سجھن تا ڏاڍا،
ڏکيا ڏونگر قافن کاڍا، سي سپ لنگھائج تيون امين!
يا ميران شاھ محي الدين!
غم لاھيو مون غمگين.

لا الہ الا الله محمد رسول الله.

❖

مدح (شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه)*

(2)

اول صفـــــت الله جــــــي، ميـــر محمــد شـــاهه جــــي،
هـــادي مـــون همـــراهه جـــي، رهـبـــر رســـول الله جـــــي.
يـــا مـــرشـــد شـــه عبـداللطيف!
جـــانب! پـرتـئـي هيءُ ضعيــف.

آهيـــن هيٺـــن جـــو همراهـــه، ڪـل شـــاهن جـــو شاهنشـــاهه،
ســـڀ اوليـــاءُ ۽ انـبيـــاءُ، آهن ســتـــارا مـــرســـل مـــاهـه.
يـــا مـــرشـــد شـــه عبـداللطيف!
جـــانب! پـرتـئـي هيءُ ضعيــف.

نيــڪ نبــيءَ جـــا چـــارئي يـــار، 'ابوبڪر' 'عمر' 'عثمان' سچار،
'شـاهه علي' دلـدل هســـوار، محب متـــا سچـــا ســـــردار.
يـــا مـــرشـــد شـــه عبـداللطيف!
جـــانب! پـرتـئـي هيءُ ضعيــف.

پنجتـــن آهـــن پـــاڪ پيـــارا، جـــانب منهنجـــا جـــيءَ جيـــارا،
قـــول مِـنـي ۽ سخـــن سچـــارا، دانَـــه دلبـــر مـــون دلـــدار.
يـــا مـــرشـــد شـــه عبـداللطيف!
جـــانب! پـرتـئـي هيءُ ضعيــف.

امـــام 'حســـين' ۽ 'حســـن'، ســـچا ســـرور ســـچي ســـخن،
الله لـــڳ ڏنـــا ســـر اُنهـــن، واهـــر، آذر ســـي وِلـهـــن.
يـــا مـــرشـــد شـــه عبـداللطيف!
جـــانب! پـرتـئـي هيءُ ضعيــف.

---

* هن مدح جو مدار اُتر (تعلقي ڏوڪري) مان غلام نبي ۽ (تعلقي ڪڪڙ مان) احمد خان آهه نه ڪان پهتل ٻن روايتن تي آهي.

آهيــن اُنهــن جــو تــون اولاد، بـــاري شـــان وڏي بنيـــاد،
دانهن سُڻــي كـركـــو داد، منهنجي دل كر شـاهـ! شـــاد.
يــا مـرشـد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءَ ضعيـف.

تـون آن كـــامل مرشــد پيــر، آءٌ "عنـــــايت" فقيـــــــر،
تنهنجــو آهيــان دامنگيـــر، هيـٺـــو بـيحــد آءٌ فـقـيـــر.
يــا مـرشـد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءَ ضعيـف.

تـــون آن مرشـــد شهنشـــاهـ، مـــان مريـــد تـــو بينـــوا،
حال منهنجي جـي تـــو آگاهـ، رســـج رهبـــــر! رڻ ۾ راهـــ.
يــا مـرشـد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءَ ضعيـف.

تـون آن مرشـد پـٺـائي گهـوٽ، آڏر تنهنجـي مـون كـــي اوٽ،
چنچل چـڙهـ تـون ڏئـي چـوٽ، كامل! ڀڄ كفر جـا كـــوٽ.
يــا مـرشـد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءَ ضعيـف.

منهنجـا سـڀ تــون وهـم وجــاءِ! خيــال شـيطاني حــرص هــواءِ،
مٺيءَ جـا مـڙئـي مــــرض اُڏاءِ، صــاحب لـڳ تــون تـــي دواءِ.
يــا مـرشـد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءَ ضعيـف.

مـون كـي تـوريءَ ناهـ وسيلو، هيٺِـــني ڇڏ نــ هـوت! اكيلـو،
راحـــم! جلــدي تـــي وسـيلو، پارس! ڇڏجان كيـن پسيلـو.
يــا مـرشـد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءَ ضعيـف.

آءُ آهيـــان ڏڏ ڏوهـــاري، عصيـان ۾ ويـم عمـر سـاري،
تن انـدر تـم تنهنجـي تـاري، دانَهـ دلبـر! ڏيـن دلـداري.
يــا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءُ ضعيـف.

روز اَزل کـان پـئـي پنـاري، لالـڻ! لڳـڙي تنهنجـي لاري،
شاهـ! منهنجي تـون آءُ اوتـاري، ساهـ گهٽو تـو تـو کـي سـاري.
يــا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءُ ضعيـف.

تـُنهنجي آڌر تنهنجـي تـار، تـُنهنجي مـدد آهـي موچـار،
تُنهنجي تانگهـ انـدر ۾ يـار! تُنهنجي تات پرين آ پچـار.
يــا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءُ ضعيـف.

درگاهـ ۾ تئيـن تـون قبـول، مولـيٰ جـي در تـون مقبـول،
واحـد سـاڻ تـيءُ وصـول، راضي تـو تـي رب رسـول.
يــا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءُ ضعيـف.

تنهنجـي سـڀ قبـول کمـائي، واحـد ڏنهـون آئـي واڌائـي،
گهر جيکي اُميد تئي سا ئـي، تـو اُت گهَـري حـق آشنـائـي.
يــا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءُ ضعيـف.

توکـي حـق جـو عشـق مليـو، سـالڪيءَ جـو سـبق مليـو،
عـاشقـيءَ جـو لقب مليـو، وصال جـو تَـئِـي ورق وريـو.
يــا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءُ ضعيـف.

آهيـــن عاشـــق خـــاص الله، طلـب آ تـو تـي رسـول الله،
حـامـي تـو تـي حبيـب الله، دائـم تـو تـي رحـمـت الله.
يـا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءَ ضعيـف.

حـاصل توکـي هدايـت الله، واصـل توتـي ولايـت الله،
دمـدم تـوتـي لـطـف الله، عاشق تـوتـي "عنـايت الله".
يـا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءَ ضعيـف.

دائـم تـو تـي راز ربـاني، مليـو توکـي حـق حقـاني،
سچ ساراهہ ڪئـي سبحـانـي، عاشق پيـو ڪـو تـہ نـہ ثـانـي،
يـا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءَ ضعيـف.

الله تـو تـي امـداد ڪيـو، عشـق سـندو ارشـاد ڪيـو،
تـو بـرهہ سنـدو بنيـاد ڪيـو، دانهن سُـٹي ڪـو داد ڪيـو.
يـا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءَ ضعيـف.

قبـول تنهنجـو پيـو ڪشـالو، وحـد جـو پيتـئـي پيـالو،
تنهنجو مُلڪين مشهور رسالو، نـوري نيـڪ اوهـان جـو نـالـو.
يـا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءَ ضعيـف.

آءُ اوهـان جـو سـوالي آهيـان، ڇڏي اوهان کي ڪاڏي ڪاهيان؟
آس اُميـد نـہ تـو مَـون لاهيـان، ويني اوهان جي واٽ واجهايان.
يـا مـرشـد شـه عبـداللطيف!
جـانب! پـرتـئي هيءَ ضعيـف.

واٽ وندر جي اَوکي اَهنجي، صاحب لڳ تون ڪجاڻ سهنجي،
ناهہ مجال اُتي ڪا منهنجي، پورهيت نا ڇڏجاڻ تون پنهنجي.
يا مرشد شه عبداللطيف!
جانب! پرتئي هيءُ ضعيف.

پنڌ اَٽانگو بَر جو باري، بر سر بار بدن جو زاري،
واٽ وندر سُجهي ٿي واري، اُت لهجان سيد! سنياري.
يا مرشد شه عبداللطيف!
جانب! پرتئي هيءُ ضعيف.

ڏونگر لڪ آٽانگو لانگهو، ڪونہ سُجهي بيو توريءَ سانگو،
خواريءَ جو آهہ برسر دانگو، گلا جو ڳچيءَ منجهہ گهانگهو
يا مرشد شه عبداللطيف!
جانب! پرتئي هيءُ ضعيف.

عمر عصيان ۾ ويئي اَجائي، بندگي ڪانہ ڪيم ڪائي،
بيحد ڪيڙم ڪم ڪچائي، مَندي ڪيڙي سڀ مدائي.
يا مرشد شه عبداللطيف!
جانب! پرتئي هيءُ ضعيف.

آهيان گناهن ۾ غرقان، ناقص روليو نفس شيطان،
حرص ۾ آهيان مان حيران، الله لڳ تون ڏيج امان.
يا مرشد شه عبداللطيف!
جانب! پرتئي هيءُ ضعيف.

سڪرات ويلي لهجان سار، وقت پڇاڻي ڏج آذار،
پُل صراطؤن ڪج تون پار، محشر سفارش ڏج مهندار!
يا مرشد شه عبداللطيف!
جانب! پرتئي هيءُ ضعيف.

حشــر ۾ تــون تــج همراهـــ، اڳتــون ميــر ’محمـد شــاهہ‘،
کــج ســفــارش لــڳ خـــداءِ، نـصيب نـذر تئــي سپ لقــاءِ.
يَــا مـرشــد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءُ ضعيــف.

”عنـايت الله“ جــا عــرض اگهــاءِ، عــرش حقــاني محــب مــلاءِ،
مـــرڻ ويـلـي پــاک پــڙهــاءِ، کلمـو اُتــي ’احمـد شــاهـ‘.
يــا مـرشـد شــه عبـداللطيف!
جــانب! پـرتـئـي هيءُ ضعيــف.

لا الـٰـه اِلا الله مُــحــمــد رســول الله.

مناجات (نبي ﷺ) *

(حاجي عثمان چاڪيءَ جي چيل)

[حاجي عثمان ولد حاجي محمد سهتل ولد حاجي احمد چاڪي لاڙڪاڻي شهر جو رهاڪو هو. سندس وڏا عربستان کان آيل هئا. حاجي صاحب علم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ويو. آخر لنواري شريف ۾ تحصيل مڪمل ڪري خلافت جو خرقو ڏکيائين، اچ تائين سندس پوين کي "خليفي" جو خطاب ملندو اچي. پيرين پيادا ست حج ڪيائين. هڪڙو پيرو پنهنجي پيڙي ماءُ کي ڪلهن تي کڻي حج ڪرائي آيو. عربي ٻوليءَ جو چاڻو هو. سندس ڪلام ۾ مداحون، مولود، ٽيهه اکريون ۽ ڪافيون گهڻي انداز ۾ آهن. سندس پوين کان گهڻو ڪلام ضايع ٿي ويل آهي. لاڙڪاڻي شهر ۾ لوهرن جي مسجد لڳ اولهه طرف سندس مقبرو آهي.]

1- سيدا سردار خاصا خلق جا،
ملڪ جا مختيار، مولي ملڪ جا،
فرياد سڻ فائق مٺا تون فلڪ جا،
عرش فرشن کي پسنڊڙ پَلڪ جا.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

2- عرض منهنجو سُڻ محمد عاربي!
جي پسٺان جلوو توهان جو يا نبي!
لهه سِڪاين جي سچا ڪا سار بي،
تان نرن نيڻن سندس هي نار بي.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

* أتر (تعلقي ميرو خان) مان غلام قادر کان پهتل.

3- سوال مون کي ڪندي ٿيا سال جو،
ناهه مون مقصود ڪوئي مال جو،
پر ڪمايم ڪسب قيل و قال جو،
حضرتا بخشيم بخرو حال جو.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

4- دانهن آيس آءٌ ڪٺي درگاهه تي،
تنئي شفاعت ڪا ڏوهاري تي،
رب مون کي رک شرع جي راهه تي،
رحم ڪر منهنجي سڪايل ساهه تي.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

5- پار جو تنهنجي پيو، سو پارجو،
جي مدايون مون کيون سي وارجو،
پنهه پنهنجيءَ ڪان ڪڏي نه وسارجو،
پاڻ ڏاتر ناڻ تي ڏيکار جو.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

6- دوست ڏنو دل کي دلاسو دير سان،
سيئي سُرها سات ٿيا ڪنهن سير سان،
مون گذاري عمر ساري غير سان،
خاتمو ڪاريج منهنجو خير سان.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

7- يا نبي! تون غور كر غمگين جو،
ڇا كمايم ڇا ڳٽيان آ كين جو،
بخش كر بخرو تون دولت دين جو،
كر پلو مقصود سان مسكين جو.
يا رسول الله داتا داد كر،
دل غمون آزاد شافع شاد كر.

8- هك ضعيف سي زور آهيان ذات ۾،
پيو كَير پي كين نيكي تات ۾،
سال گذريا ڏينهن توڙي رات ۾،
عمر وئي گذري سڄي هن تات ۾.
يا رسول الله داتا داد كر،
دل غمون آزاد شافع شاد كر.

9- عمر ساري هير خوءِ خلاف سين،
هَي! گذاريم كُوڙ، لاف گزاف سين،
ڏيوم كا سُركي محبت صاف سين،
چيٿ ڦٿ جي مون مداين معاف سين.
يا رسول الله داتا داد كر،
دل غمون آزاد شافع شاد كر.

10- ڏيل جا جي تو سنياليان ڏوهه جي،
كاڻ ۾ تِنهن جي تُرن نا كوهه جي،
وئون وجن مڙئي پيا اندوهه جي،
جيءُ رتي توهئون نيان تو توهه جي.
يا رسول الله داتا داد كر،
دل غمون آزاد شافع شاد كر.

11- تــــون پلــــو، منهجـــن پلايـــن پروســـــو،
اي ڪرامـــاتي ڪڪـــر! مـــون تـــي وســـو،
هــيءَ ســڪي تــي پــوک تــان پيهــي پــَـسو،
ســبز ٿئــي ســائي ســدا، ويلـــي وســـو.
يـــا رســـول الله داتـــا داد ڪـــر،
دل غمـــون آزاد شـــافع شـــاد ڪـــر.

12- عمـــر ويئـــي مـــون گنـــاهن ۾ گـــَسـِـــي،
نفس سر ڪش ساڻ لڳي جونـو جـَسـِـي،
عيـب آنـدم پانهنجـا تـو در پـَسـِـي،
بخـش ڪـر خطـرو اٿـم رحمـوُن رسـِـي.
يـــا رســـول الله داتـــا داد ڪـــر،
دل غمـــون آزاد شـــافع شـــاد ڪـــر.

13- تـــون وڏو ئـــي آســـرو آهيـــن اســـان،
ڪيتريـــون تـــو ڪـــاڻ مـــان ووڙيـــون وســـان،
تـــان ڪنهيـــن مـــَـن راهـــ ۾ توڪـــي رســـان،
شـــال! ڪنهـــن ويلـــي پريـــن توڪـــي پســـان.
يـــا رســـول الله داتـــا داد ڪـــر،
دل غمـــون آزاد شـــافع شـــاد ڪـــر.

14- تـــون ســـين ۾ آهيـــن صـــاحب فـــوق جـــو،
فخـــر تـــم تنهنجـــي مـــدح جـــي طـــوق جـــو،
پيـــار ڪـــو ســـاقي! پيـــالو شـــوق جـــو،
هـــي هميشـــه زيـــر آهـــي ذوق جـــو.
يـــا رســـول الله داتـــا داد ڪـــر،
دل غمـــون آزاد شـــافع شـــاد ڪـــر.

15- عشق تنهنجو ٿي عمر جو ٿيو اجهو،
تو بنا پيو در نہ ڪو سولو سڌو،
ناهہ ڪنهن جو حال ڪو تو کان ڳجهو،
سڀ ڪنهن جو حال ٻاجهون ٿا ٻجهو.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

16- نفس نا فرمان تان جيڪي ڪيو،
جو نہ ڪرڻو هو هٿون سو مون ٿيو،
وقت جوانيءَ جو منجهون ويسر ويو،
پاند عيبن سان پري تو در پيو.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

17- پر وئي اُميد ويڙي هيل پي،
هيل پي ڳٽتي ڪيم نا پيل جي،
نفس ۽ شيطان ٿيا جي بيلهہ پي،
اي وسيلا! پهچ مون هن ويل ئي.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

18- سڀ تي ساگارن ڦوڪا ڦوهہ جي،
ڏئي جهازن تي لسي کي لُوهہ جي،
نانءُ تنهنجو ريجهہ منهنجي روح جي،
بحر ٻوڙيندو نہ ٻيڙي نوح جي.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

19- دهشـــــتي درياهـــــ ۽ مـــــان هيڪلـــــو،
بحـــــر جـــــون پـــَــــسي دهليـــــو دلِـــــو،
يـــا نبـــي! بيـــو تـــو بنـــا ڪونهـــي بـــِـلو،
ڪيئـــن پـــوڙي پـــارِ، مـــون ڪـــي جـــي ملـــو.
يـــــا رســـــول الله داتـــــا داد ڪـــــر،
دل غمـــــون آزاد شـــــافع شـــــاد ڪـــــر.

20- چـــا ڪنـــدو ســـونچو تنهيـــن ســـا گـــار جـــو؟
شـــوق آهـــي مـــون ڪـــي پـــِــريان پـــار جـــو،
يـــــاد نـــــالو آهـــــي يقينـــــو يـــــار جـــــو،
تـــان ڪـــڏهن ڪونهـــي وَســـو مـــون وار جـــو.
يـــــا رســـــول الله داتـــــا داد ڪـــــر،
دل غمـــــون آزاد شـــــافع شـــــاد ڪـــــر.

21- معجـــــزو مشـــــهوز ’نـــــارُو‘ نهـــــر،
ســـُــنهن ڪنيـــو ســـبحان ’ســـرفون‘ شـــهر جـــو،
يـــي قســـر ڪنيـــو دوس تنهنجـــي دهـــر جـــو،
ڪيـــر لهنـــدو انـــت بـــاقي بحـــر جـــو.
يـــــا رســـــول الله داتـــــا داد ڪـــــر،
دل غمـــــون آزاد شـــــافع شـــــاد ڪـــــر.

22- راز توســـــــــان آ وڏو رزاق جـــــــــو،
ســـير ڪيـــو معـــراج ۾ افـــلاڪ جـــو،
ڪيـــر ڇـــاڻي ڳجهـــ ڪنهيـــن وس واڪ جـــو،
راز تيـــو تـــو ســـاڻ پـــرور پـــاڪ جـــو.
يـــــا رســـــول الله داتبـــــا داد ڪـــــر،
دل غمـــــون آزاد شـــــافع شـــــاد ڪـــــر.

23- تون زمن جو زيب، سونهن سماءَ جو،
ماڻ جنهن ۾ پوڻ ناهي پاوَ جو،
ڇا چئي ڇئبو ڪڪر جي ڇانوَ جو؟
سُنهن ڪنيو سبحان تنهنجي ناوَ جو.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

24- سائلا، هن سمنڊ جو ليکو ليکين،
تي ڀڪي اُڏري ڪر پهچين پڪين،
روح ۾ تان ڪي محبت تو رکين،
چئو مدح تان چاشني ڪي چکين.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

25- مدح تنهنجي مير! سائل سارڻي،
نور نيڪين سان ونگائي وارڻي،
اِن ڪري مون سان تي دلبر! تارڻي،
جي ڏئين پاڻي ڪفن ۾ ڪارڻي.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

26- 'احمد' سُڻ عرض هي احسان سان،
ڪَر يلا! آسان مون "عثمان" سان،
جان جيارين شوق سان رک شان سان،
۽ هلي دم آخرين ايمان سان.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمون آزاد شافع شاد ڪر.

27- قلب ويٺو راز تنهنجي ۾ رهي،
ڪر پلا! مون سان هلي ڪا همرهي،
ساھ ويلي موت جي ثابت سهي،
جيئن چوان ڪلمو سچي دل سان سهي.
يا رسول الله داتا داد ڪر،
دل غمن آزاد شافع شاد ڪر.

لا الٰه الا الله مُحمد رسول الله.

مناجات (نبي ﷺ) *

(مصري شاهہ جي چيل)

[مصري شاهہ ولد بلند شاهہ رضوي، نصرپور، تعلقي ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد جو رهاڪو هو. سندس تاريخ ولادت سنہ 1245 هجري/ 1828ع آهي. سندس خاندان کي ”شاهہ پوٽا“ چوندا آهن. عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪئي هئائين. سندس زندگيءَ جو گهڻو حصو درويشن ۽ بزرگن جي صحبت ۾ گذريو، جن مان نہ رڳو فيض پرايائين، پر انهن سان گڏ دور دراز علائقن جو سير و سفر بہ ڪيائين، انهيءَ سلسلي ۾ اجمير ۽ گرنار تائين بہ ويو هو.

مصري شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ حُسين ۽ حقيقت کي گهڻو ڳايو آهي. سندس ڪلام ڪافين، ڏوهيڙن، مدحن ۽ مناجاتن تي مشتمل آهي. ساز و سماع ڪيس پسند هو. 1904ع ۾ وفات ڪيائين.]

مِـــنا ميــر محمــد مــدد مـــاڙ ڪـــر!
مِـــنا ميــر مرســل مــدد مـــاڙ ڪـــر!

1- آڳي عــز اوهـان جـو ڪيـو اعلـيٰ عظيـم،
مــڙن مرســلن منجهـــ مولــيٰ ڪريـــم،
بـــراي رســـولان تـــون رهبـــر رحيـــم.
مِـــنا ميــر مرســل مــدد مـــاڙ ڪـــر!

2- ٽئيــن ڪــل تــي قــادر قســيم النعيــم،
تـــون مختـــار مهـــدي مولـــيٰ مســـتقيم،
مقامـــات مڙنـــي جـــو محـــرم مقيـــم.
مِـــنا ميــر مرســل مــدد مـــاڙ ڪـــر!

* تذڪرہ لطفي جلد 3 تان ورتل.

3- اڳهين آدمئون تون ئي اظهار ٿئين،
تون صورت صفت جوئي سردار ٿئين،
مربي ۽ مختار مهندار ٿئين.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

4- معليٰ مٿي عرش معراج ڪيو ئي،
بسر خلق سبحان سرتاج ڪيوئي،
رسولن مٿي رهنما راڄ ڪيوئي.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

5- شفيع المذنبين تون شق القمر،
خدا جو دُلل خاص خيرالبشر،
ربي راهه جو رهنما راهبر.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

6- لقب خاص لولاڪ لائق لطيف،
تون هادي هدايت سندو حق حريف،
شفاعت شهنشاهه شافع شريف.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

7- آهين نُور نِرمل تون نافع نجيب،
عنايت ابر عين اڪمل عجيب،
بهر حال همدم سندو حق حبيب.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

8- تنهنجي نُور روشن ٿئي جڳ ڪيا،
پڌر پِرتوا تنهنجا پارس پيا،
اندر ٻَهر اظهار عالم ڪيا.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

9- عيسيٰ، نوح، ادريس، آدم اپر،
ڪِ هارون، موسيٰ ۽ يوسف، خضر،
اي مرسل! تنهنجي مهر جا منتظر.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

10- تون سلطان سيني نبين سندو،
سليمان، دائود بردو بندو،
جُتيءَ جاءِ جاروب قيصر ڪندو.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

11- علم اولين تون عالم علم،
شرعيت، طريقت، حقيقت حلم،
معرفت مربي خليلن ختم.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

12- تون آن پيشوا ڪل پيغمبر سندو،
مُهت مِير تيو توڪي محشر سندو،
ڏٺي دين دنيا ۽ داور سندو.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

13- بہ توريت، زبور، انجيل آهہ،
فهم فيض فرقان بفضل فتاح،
ڪيو عز اعليٰ اوهان جو الله.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

14- ڪئي ظاهر تنهنجي نور ذاتي صفات،
قدم تنهنجي قائم ڪئي ڪائنات،
تي وحدت بڪثرت ثبوتي ثبات.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

15- تون اسرار ربي جو عالم عليم،
فياضِ زمان فيض فضل العظيم،
صراط الهدي منبع المستقيم.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

16- تون گلشن گرامي وفا باغ جو،
چراغِ دلِ اهلِ افراغ جو،
الاهي جي احڪام و ابلاغ جو.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

17- تون بهرِ خدا ۽ سميع بصير،
منهنجا ڏوهه بخشين صغير و ڪبير،
تون عاصين جو آهين دو جڳ دستگير.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

18- محابي "علي المرتضيٰ" شاهه جي،
منهنجي واهه ڪر واتِ الله جي،
ڪر سائل سنئون طرف سنئين راهه جي.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

19- گهُري خير خيرالنساء ڪان گدا،
اچن پُر ڪيو پلئه سائل سدا،
منهنجو عرض آهي اهو احمدا!
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

20- بحقِ حسن مجتبيٰ خونِ جگر،
تون مشڪلڪشا تي منهنجي ماڙ ڪر!
رکج سرخرو آبرو سربسر.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

21- بحرمــــت شهنشــــاهہ ’شــبير‘ جـــي،
خزانـــي منجهـــان خيـــر جـــي رزق ڏي،
هي مسـڪين محتاج ڪنهن جـو نـہ ٿئي.
مـِـــنا مير مرسل مــدد مـــاڙ ڪــر!

22- مــون ڪـي محبــت تــو ’عــابد‘ سـندي،
زيادهـــ ذڪــر ذوق منجهـــ زندگـــي،
ڪــدي غيــر غفلــت گنهـــ گندگـــي.
مـِــــنا مير مرسل مــدد مـــاڙ ڪــر!

23- بهـــادر هـــو ’بـــاقر‘ دريـــا ديـــن جـــو،
ســـر و خـــوش خرامـــان مذنبيـــن جـــو،
گـــل بـــاغ بســـتان فرحيـــن جـــو.
مـِــــنا مير مرسل مــدد مـــاڙ ڪــر!

24- هوئـي ’جعفر صادق‘ جـي حب هـر زمـان،
مٿـي پيـروي تـَـنهن جـي پـُـــورو رَهـان،
محمــد مٿـــي ڪلمــو ڪــوڏون ڪـَــهان.
مـِــــنا مير مرسل مــدد مـــاڙ ڪــر!

25- سدا هوئـي ’ڪـاظم‘ جي سڪ ساهہ ڪـي،
اهوئـــِــــي عـــرض آهـــ الله ڪـــــي،
ڏســـيو رهنمـــا راهـــ بيراهـــ ڪـــي.
ـِـــنا مير مرسل مــدد مـــاڙ ڪــر!

26- هـُـئان ’موسيٰ‘ جـو ڪـلا بـن ڪـلاب،
اگهـــائين اهـــو عـــرض عـــالي جنـــاب،
سوالي ڪـي سڌ سـان سگهو رس شـتاب.
مـِــــنا مير مرسل مــدد مـــاڙ ڪــر!

27- ڪيو تقويٰ ’تقيءَ‘ جي تجلي طلوع،
ڪيو روح الامين جنهن مان رنگين روءِ،
تيا ماٺهو ملائڪ مڙئي مشڪ بوءِ.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

28- ’نقي‘ ’عسڪري‘ ڪيو نَمُودار دين،
بحلم و هدايت بحق اليقين،
تون جرم و خطا کان رکين راحمين.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

29- خضر وار ڏيکار ’مهدي‘ امام،
اهو سوال سائل سندو صبح و شام،
چئي سيد تي سپ جڳ صلواتون سلام.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

30- مڱي مانَ ”مصري“ عطا عفو تئي،
ڪيم ڪم ڪچا جرم عصيان ڪي،
تون بخشين بديون ڏوهه بخشائي ڏي.
مِنا مير مرسل مدد ماڙ ڪر!

مدح (نبي ﷺ)*

(مير حسن علي 'حسن' جي چيل)

[هزهائينس مير حسن علي خان "حسن" سنڌ جي آخرين تاجدار مير نصير خان جو وڏو فرزند هو. 1240 هجري/1824ع ۾ ڄائو هو. 1842ع ۾ انگريزن جي فتح بعد پيءُ ۽ ڀين ٽالپرن سان گڏ نظربند ٿي ڪلڪتي ڏانهن ويو. جتان ويهه سال نظربنديءَ ۾ گذارڻ بعد 1863ع تي سنڌ ۾ آيو. مير صاحب عربي ۽ فارسيءَ ۾ يگانو عالم هو. تنهن ڪري حيدرآباد شهر جا سڀ شاعر ۽ علم دوست سندس مجلسي هوندا هئا. مير صاحب نه رڳو بهترين شاعر هو. پر انشاِ پردازي تي به عبور حاصل هئس. سنڌي نظم ۾ سندس تصنيفات "شهنشاهه نامه يا حملهٔ حيدري، مختيار نامه، مناقب، سلام ۽ مرثيه" ڪتابي صورت ۾ موجود آهن. 15- ذوالحج 1324 هجري/1909ع ۾ وفات ڪيائين.]

نــامِ خدائـــي قـــادرِ ســـتار يـــا رســـول!
لهـــ ســار منهنجـــي ســيد ســردار يـــا رســـول!

1- آدم ڪـان پيشـتر ڪيــو سـنڌءِ نـور هـو ظهـور،
معبــوث گــر بـــ ديــر ٿئيـــن نــروار يـــا رســـول!

2- جنهن ۾ رضا تي تنهنجي سا آهي رضا ئي حق،
آهيــن خــدا جــي ملــڪ جــو مختــار يــا رســـول!

3- بيشــڪ تــون آهيـــن بــاعثِ ايجــاد ممڪنـــات،
تــو لئــي خدا ڪيــا هــي ســڀ سنســار يــا رســـول!

4- شــاهن ڪـي تنهنجــي درجــي غلامــيءَ جــو افتخــار،
پيغمبـــرن ســـين جـــو تـــون ســالار يـــا رســـول!

---

* وڃولي (شهر حيدرآباد) مان محترم احسن ڪربلائي کان پهتل.

5- غالب خدا ڪيو ڏين سنڌءِ جڳ جي ڏين تي،
هاڻي تہ ڏس ھي غلبہء ڪفار يا رسول!

6- "بعد از خدا بزرگ توئي قصہء مختصر"،
آھين خدا جو خاصہء ابرار يا رسول!

7- ڪعبي جو حج ڪراءِ، مون کي پنھنجي در سڏاءِ،
حاجي ٿيان ۽ تنھنجو ٿيان زوار يا رسول!

8- معلوم ناھي ڪڏ ٿيان راھي سُوئي عدم،
مون کي سڏاءِ در تي تون يڪبار يا رسول!

9- سڀ شيء جي حد، منھنجي گناھن جي ناھہ حد،
حد کان زيادہ آھيان گنھگار يا رسول!

10- آھيان گھڻوئي عاجز و حيران و مضطرب،
تو کان سوا ڪو ناھي مدد گار يا رسول!

11- منھنجي خطا نہ ڏس ۽ خطائون تون معاف ڪر،
آھيان گھڻو ئي عاجز و لاچار يا رسول!

12- ڪنھن کان نہ ٿيندي منھنجي شفاعت اوھان سوا،
اسين اُمتي تون اُمت جو آڌار يا رسول!

13- سڪرات ۾ ۽ قبر ۾ محشر ۾ ڪج مدد،
اي عاصين جا آسرا آڌار يا رسول!

14- جي تون گھُرين تہ بخشي خدا خلق جا گناھہ،
آھي "حسن" تہ ھڪڙو گنھگار يا رسول!

مدح (بادشاهہ پير رحہ) *

(مرزا دوست محمد 'دوست' جي چيل)

[مرزا دوست محمد "دوست" ولد مرزا علي بخش سنہ 1278 هجري/12- مئي 1862ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. سنڌي تعليم سان گڏ فارسي ۽ عربي پڻ پڙهيائين. 1880ع ۾ سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو. نوڪريءَ جي زماني ۾ ڪيترن انگريز آفيسرن کي سنڌي ۽ فارسي جي تعليم ڏنائين. مرزا دوست محمد جي خاندان ۾ شعر و شاعري جو ذوق عروج تي هو. تنهن ڪري پاڻ بہ شعر چوڻ شروع ڪيائين. سنڌي شعر ۾ "غلام محمد شاهہ گدا" ۽ فارسي شعر ۾ "مولانا ابوالحسن لکنوي" کان اصلاح ورتائين. اردو ۽ سرائڪيءَ ۾ پڻ طبع آزمائي ڪئي اٿس. مير عبدالحسين خان "سانگي" جو خاص مصاحب هو. جيئن سانگيءَ جي هن شعر مان معلوم ٿئي ٿو:

'دوست' ۽ 'حيدري' جي جواني،
'اسان' ۽ 'گدا' سا وساري عزيزو!

10- محرم 1339 هجري/ 24- سيپٽمبر 1920ع ۾ وفات ڪيائين. ٽنڊي آغا (حيدرآباد شهر) ۾ مدفون آهي.]

1- اي نور چشم مصطفيٰ! اي نورِ عينِ مرتضيٰ!
اي ابنِ حسن المجتبيٰ! يا پير پيران بادشاهہ!

2- اي عارف ذاتِ خدا! اي قدوهٔ اهل صفا!
اي قطب ڪامل مقتدا! يا پير پيران بادشاهہ!

3- پيرن سندو تون پيشوا، مرشد مِنو تون مقتدا،
سردار جملي اوليا. يا پير پيران بادشاهہ!

* وچولي (حيدرآباد شهر) مان محترم احسن ڪربلائي کان پهتل.

4- عالم سندو آذار تون، غمگين جو غمخوار تون،
آهين ڏڏن ڏاتار تون. يا پير پيران بادشاھہ!

5- تون بيڪسن جو پرجهلو، تون عاصين جو آسرو،
۽ عاجزن جو تون اجهو. يا پير پيران بادشاھہ!

6- تون ئي ولهين واھر شها! تون ئي ڏڻن جو ڏيپ سدا،
دارُوئي دردِ لا دوا. يا پير پيران بادشاھہ!

7- تون ئي سندم پشت و پناھہ، تون ئي سندم واھر ۽ واھہ،
ڪرڪا نوازش جي نگاھہ. يا پير پيران بادشاھہ!

8- مفلس جو تون مونس معين، ساٿي سقيمن جو يقين،
حامي حمايت مؤمنين. يا پير پيران بادشاھہ!

9- تون منهنجي سڻ هيءَ التجا: عزت سان رک جڳ ۾ سدا،
بهرِ خدا سيد سچا! يا پير پيران بادشاھہ!

10- ڪر پلايون پال تون، لڄ پت رکج لڄ پال تون،
منهنجي 'حسن' جا لال تون. يا پير پيران بادشاھہ!

11- الله لڳ دلگير جو، عاصيءَ پُر تقصير جو،
وٺ دست دامنگير جو. يا پير پيران بادشاھہ!

12- هي "دوست" تنهنجو مدح خوان، تو ڪان گهري امن و امان،
۽ آبروئي دو جهان. يا پير پيران بادشاھہ!

مدح (نبي ﷺ)*

(تورپيو مسڻ جي چيل)

[تور پيو مسڻ، ڳوٺ حاڪم ڏيپر (تعلقي وارهه) جي پرسان ڪنهن ڳوٺڙي جو رهاڪو هو. ننڍي هوندي ٻڪريون چاريندو هو. هڪ ڏينهن وڻ هيٺان ستو پيو هو، تہ خواب ۾ ڪنهن بزرگ چيس: "اٿي بيت چئو!". اهڙيءَ طرح هن جي شاعريءَ جي ابتدا ٿي. سندس ٺيٺ اکريون، ڪافيون، مدحون، مولود ڏوهيڙا مشهور آهن. اندازاً 1927ع ۾ وفات ڪيائين.]

مولـيٰ سـنڌي يـا مصطفـيٰ! صلـوات تـو سـر سـيدا!
سـاعت بسـاعت جابجـا، صلـوات تـو سـر سـيدا!
آدم صفـي الله سـنڌي، صلـوات تـو سـر سـيدا!
پـڻ لـوط ۽ يحـيٰ سـنڌي، صلـوات تـو سـر سـيدا!

1- پـڻ خضـر ۽ خليـل جـي، اليـاس، اسمـاعيل جـي،
اليسـع، اسـرائيل جـي. صلـوات تـو سـر سـيدا!

2- هـارون، يوشـع، هـود، جـي، صـالح نبـي ثمـود جـي،
پـڻ دوسـت رب دائـود جـي. صلـوات تـو سـر سـيدا!

3- يعقوب، يوسـف، شـيث جـي، ايـوب ۽ ادريـس جـي،
ذوالنـون ۽ جـرجيـس جـي. صلـوات تـو سـر سـيدا!

4- ارمياهـ عاليجاهـ جـي، موسـيٰ ڪليـم الله جـي،
اسـحاق حـق آگاهـ جـي. صلـوات تـو سـر سـيدا!

* اُتر (تعلقي وارهه) مان ماستر غلام رسول جتوئيءَ کان پهتل.

5- صاحب سفينهٔ نوح جي، ابنِ مريم روح جي،
دائم سنجهه صبوح جي. صلوات تو سر سيدا!

6- مهتر شعيب منير جي، مهتر سليمان مير جي،
دانيال دلپذير جي. صلوات تو سر سيدا!

7- جِهتان سدا جبرئيل جي، عشقون اسرافيل جي،
ميكائيل، عزرائيل جي. صلوات تو سر سيدا!

8- سڀ انبيا ۽ مرسلين، جملي ملائڪ مقربين،
مڙني دعائون دلنشين. صلوات تو سر سيدا!

9- ملڪن ۽ ملڪوت جي، جبروت ۽ ناسوت جي،
پڻ لا مڪان لاهوت جي. صلوات تو سر سيدا!

10- ڇا ارض ڇا افلاڪ جي، ڇا عرش ايوان پاڪ جي،
ڇا اهل خاڪي خاڪ جي. صلوات تو سر سيدا!

11- هر شهر جي ديهات جي، هر نوع ذاتي ذات جي،
هر چيز باتون بات جي. صلوات تو سر سيدا!

12- هر طور هر طيار جي، هر سير هر سيار جي،
هر دهر هر ديار جي. صلوات تو سر سيدا!

13- حرڪات ۾، سڪنات ۾، ڇا ڏينهن ۾، ڇا رات ۾،
سانجهي، صبح، پرڀات ۾. صلوات تو سر سيدا!

14- هر حين هر هنگام ۾، — هر قدم ۾ هر ڪام ۾،
جنبش اندر آرام ۾. — صلوات تو سر سيدا!

15- هر سال ۾ هر ماهه ۾، — ويني ۾ اٿئي راهه ۾،
ڇا گاهه ڇا بيگاهه ۾. — صلوات تو سر سيدا!

16- ڇا ننڊ ۾ ڇا جاڳ ۾، — هر مهل ۾ هر ماڳ ۾،
هر ڪنهن وراڻ واڳ ۾. — صلوات تو سر سيدا!

17- پاڻيءَ اندر ڪُر ڪيترا، — تنهن ۾ ڪٺا ڪي ڪيترا،
هر پيرا پيرا تيترا. — صلوات تو سر سيدا!

18- بارش قدر باران جي، — هر مُوءِ هر حيوان جي،
ريتيءَ ريگستان جي. — صلوات تو سر سيدا!

19- بوندن برابر بحر جي، — شخصن برابر شهر جي،
دورن برابر دهر جي. — صلوات تو سر سيدا!

20- ڪوڙين ڪتابن جا ٻجا، — تن ۾ حرف جي تن سندا،
هر ڪنهن حرف جا مقابلا. — صلوات تو سر سيدا!

21- پن پن پٽاندر ٽڙ ٻجد، — پڪ وار جي پڻ ٻي عدد،
هر ڳوٺ ۾ پڻ هر بلد. — صلوات تو سر سيدا!

22- تارا اپارا انبرين، — ماهيون ڀهون جنبش جرين،
آهي انهيءَ ڪان اڪثرين. — صلوات تو سر سيدا!

23- خود خاص خرمن صد مڻ، — ڳٽجي نه ڳاٽاٽي جي ڪڻ،
تنهن ڪان گهٽن ڪوڻ پيي گهڻ. — صلوات تو سر سيدا!

24- وڏ وزن ڪوهہ قاف ڪان، روشن گهٽو سج صاف ڪان،
خوشبوءِ ناقہ ناف ڪان. صلوات تو سر سيدا!

25- جنهن سين جفا نابود ٿئي، مقصود دل موجود ٿئي،
سعيو سيوئي سُود ٿئي. صلوات تو سر سيدا!

26- جنهن سين جڏي دلجاءِ ٿئي، پيَڙو جُسو برپاءِ ٿئي،
وٺواند تي ورڪاءِ ٿئي. صلوات تو سر سيدا!

27- جنهن سين ڇڏي ڏک ڏاھ ڪي، جنهن سين صحت ٿئي ساھ ڪي،
جنهن سين رسيو ٿي راھ ڪي. صلوات تو سر سيدا!

28- جنهن سين هدي حاصل ٿئي، وحدت خدا واصل ٿئي،
فاسد سدا فاضل ٿئي. صلوات تو سر سيدا!

29- جنهن سين ڪلام قبول ٿئي، مطلب دلي موصول ٿئي،
من مدعا محصول ٿئي. صلوات تو سر سيدا!

30- جنهن سين وسيلو واھ ٿئي، آگي سين دل آگاھ ٿئي،
اوڪي اندر اوباھ ٿئي. صلوات تو سر سيدا!

31- جيءَ جا وسيلا وارثا، مون جهڙي درمانديءَ سندا،
سڏڙا سٽين تون سرورا. صلوات تو سر سيدا!

32- ٻهرو جني جو بيڪسان، همت جني جي حق رسان،
آهر جو اولو آسان. صلوات تو سر سيدا!

33- الاستغاثــــه يـــا نبــــي!
الاســــتمالت يــــا ولـــــي!
الاستغاثــــه يـــا شـــــفيع!
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

34- اي غـمر تـراش غمگيـن جـا،
آذر اندوهگيـــــن جـــــا.
اي مهربـــان مســــكين جـــا،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

35- محبـوب مدنـي ماهـ مـان،
سک سيخ تي سڌ ساهہ مان.
هــر حــال تــي همراهــ مــان،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

36- تون ڏنهن توجهہ "تور" تئـي،
كـو غــور فــي الفــور تئـي.
غــافل سـندو كـو غـور تئـي،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

37- دوران كـــــاڏو دور جـــــي،
تُـرهان پسو هن "تور" تئـي.
تنهــن دور جهوريــو زور جــي،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

38- بــانهي مثــان باجهـــائجي،
آزار ســـــي اوجهـــــائجي.
وهلــــو وري واجهــــــائجي،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

39- كنهن خاص جي كنهن عام جي،
مـون سـيدا! تـو سـام جـي.
كنهـن كـي همـت حكـام جـي،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

40- سـپ رنـج راحـت سـان مٽيـو،
بدنــي علــت بدنــان پٽيــو.
قلبــي مـــرض قلبـــان كٽيـــو،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

41- آمـن! امـن تـون كـارئين،
تُـــرهو غريبـــان تـــارئين.
آيـــون بلائـــون ٽـــارئين،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

42- ايمـان اكمـل تـو گهُــران،
اعمـال اجمـل تـو گهُــران.
ايمــان افضــل تـــو گهُـــران،
صلـــوات تــــو ســـر ســـيدا!

43- دشمن رکيو جو تاب جي، تنهن تاب کيو بيتاب جي،
ڏي مون امن ان باب جي. صلوات تو سر سيدا!

44- تون ڏي ملت ۽ مال مان، احباب، آل عيال مان،
سرور سڄ سپ سوال مان. صلوات تو سر سيدا!

45- صالح تئي اولاد مان، بهتر تئي بنياد مان،
دل تئي هميشه شاد مان. صلوات تو سر سيدا!

46- خواهم به تو امن و امان، هر غم رَوَد من بي گمان،
کلمهٔ برانم بر زبان. صلوات تو سر سيدا!

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ) *

(عبدالرحمان چاندئي جي چيل)

[عبدالرحمان چانديو، نواب غيبي خان چانڊئي جي جاگير (باغ جاگير، تعلقي قنبر) جو رهاڪو هو. سندس ولادت سنه 74-1272 ھ / 57-1855ع ڌاري ٿي. عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ شاگردن کي پڙهائيندو هو. شعر جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. هنر ۽ سينگار جا بيت، ٿيھ اکريون ۽ ڪانگل جا بيت 'شاهه محمد' جي تتبع تي چيا اٿس. هتي سندس ٻه مدحون ڏجن ٿيون. شعر ۾ پاڻ لاءِ "چانڊيو"، "بروچ" ۽ "فقير" تخلص استعمال ڪيا اٿس. "ڏهس" جا بيت پڻ چيا اٿس. سندس جنم ۽ وفات جا سن معلوم ٿي نه سگھيا آهن، پر مختلف روايتن موجب سندس وفات کي اٽڪل 25-30 سال ٿيندا، انهيءَ حساب سان اٽڪل روءِ 1927ع ڌاري وفات ڪئي هوندائين.]

(1)

اول اندر ۾ نام الله جو صاحب رب سبحان چوان،
محمد ﷺ مير منو مرسل باري بخت بيان چوان،
صفت سچي سردار سندي چوءَ، ناهي زور زبان چوان،
لقب سندس لولاڪ ۾ لائق، ضعيفن زور زمان چوان،
اَلله ڪان پوءِ 'احمد' جيھو شرف نہ ڪنھنجو شان چوان،
خالق خلقيا نبي ڪاڻ، اُپ زمين آسمان چوان،
آدم، شيث، شعيب لاءِ حضرت حيران چوان،
عيسيٰ، موسيٰ، نوح، سيئي پتنگ اُتي پروان چوان،
لوط، سليمان، صالح سارو قدمن توئن قربان چوان،
يحيٰ ياد ڪري پيو يونس، بوند مثل باران چوان،
يعقوب مثل عشاق يوسف جي گھُري احمد کان امان چوان،

* اتر (تعلقي وارھ) مان غلام رسول جتوئيءَ کان پھتل.

ابراهيم فهيم فڪر ۾ ڪونہ ڪَچي ڀيو ڪمان چوان،
دائود دما دم دلبر جي محبت ۾ سو مستان چوان،
ظاهر زور زبير، زڪريا شائق ٿيا شڪران چوان،
هود، سدا هارون، سڪندر لام لڳو لقمان چوان،
شمعون شغل ۾ شائق شافع گهُري دلبر ڪان دان چوان،
محشر مهل منجهي سڀ رهندا 'محمد' هڪ ميدان چوان،
احمد جا تو الله انگل سهي اعليٰ اتس ارڪان چوان،
ميٺي محب مِٺو ڀيو مرسل عاصين جا عصيان چوان،
ساري ساڻ سنيالي ڪڻ تون اتي "عبدالرحمان" چوان،
آهہ هميشہ حُب ۾ تنهنجي دانَهہ سو دربان چوان،
'محمد' پاڪ ملاڪي پارس، ڪلمو راس قران چوان،
پرور پاڪ ثنا ڪئي سارهہ ناهي حد نڌان چوان،
ڪونہ بشر ڀيو ٻٽيو بيشڪ غيرت ڪر نہ گمان چوان،
سندس ڪونہ سخا ۾ ثاني ضعيفن زور ضمان چوان.
لا الـهَ اِلا الله مُحمد رسول الله.

❖

مدح (چار يار) *

(2)

اول اندر ۾ نام الله جو 'محمد' ٻيو مختار چوان،
خاص خليفا خلقيا خالق ياد هميشہ يار چوان،
چارئي چيدا چُست چِتا سي بلڪل باغ بهار چوان،
سچ 'صديق' سدا لاثاني گوهر جي گفتار چوان،
'عمر' عمر انصاف ۾ آندي تنهن عادل جي اخبار چوان،
علم وڏي 'عثمان' الله ڪيو تنهن اڪمل جي آذار چوان،
اَسد الله 'علي' سو اعليٰ جنهن جا حاڪم دست هٿيار چوان،
قتل ڪفارن تي هٿو قائم جنگ سندو جهونجهار چوان،

* اتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئيءَ کان پهتل.

چارئي سرڪش سدا سوپارا محب مِنا منٿار چوان،
چارئي صالح ساھ سيباٽم گوھر سي غمٿار چوان،
چارئي بهشت جا ميوا بيشڪ آهن عجيب أنار چوان،
حضرت سان هر حال ۾ حاضر خوب گهٽي ڪيڪار چوان،
قوت ڪيھر ڪان هئن ڪرڙي هھڙا همتدار چوان،
جلوو زور جمال جني جو سَپڙ سخي سالار چوان،
'محمد' ڪان پوءِ مُصلي مالڪ مڙني جو مهندار چوان،
تَم نہ ٿئي تعريف تني جي ڪهڙو شرف شمار چوان،
ڳاٽو حرف ڳٽيندي ڪهڙا؟ هھڙا لقب هزار چوان،
نُور منجهان تيا نائب نافع سهٽا ساھ سينگار چوان،
قلب مٿئون ڪٿ ميٽي مرسل اڪمل ڪُن آذار چوان،
گردن منجهہ ٻڌي سي گوهر منهنجي دست مهار چوان،
آهيان هميشه هٿ ۾ تني جي ڪندم منجهہ قطار چوان،
اعليٰ أتم عقيدو منهنجو بخت وڏو بسيار چوان،
"عبدالرحمن" لٿئي سي اُلڪا ديک وجي دربار چوان،
ڪونري جو شل ڪم ڏسيندو بيشڪ تيان بردار چوان،
شال! چندي ڏيان شاهن ڪي پيرن جي پيزار چوان،
چُم چم چاھ منجهون ڪيان چشمي لهندم غم غُبار چوان،
اهڙا مطلب حاصل تين مون من اگهي اوچنگار چوان،
قلب ذوئي ڪيان ڪلمو قائم وهم نہ اتم ويچار چوان.

لا اِلٰہ اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات (نبي ﷺ) *

(حاجي عبدالله ڏکڻ جي چيل)

[حاجي عبدالله ولد محمد فقير سومرو ڏکڻ، ڳوٺ الهرڪئي جلباڻي تعلقي نصيرآباد ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قنبر - شهدادڪوٽ) جو رهاڪو هو. سنڌس جنم اٽڪل روءِ سنه 1287 هجري/1870ع ۾ ٿيو. روهڙيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. سنڌي، عربي ۽ پارسيءَ کان واقف هو. راڳ جو به چڱو ڄاڻو هو. سنڌس ڪلام جو گهڻو حصو مدحون ۽ ٽيهه اکريون آهن، هتي سنڌس (7) مدحون ۽ مناجاتون ڏجن ٿيون. حاجي عبدالله اٽڪل سنه 49- 1347 هجري / 30- 1928ع ڌاري وفات ڪئي.]

(1)

1- حمد بيحد رب سائينءَ جو چوان،
مصطفيٰ مهندار آيو عيد ٿي.

2- خلق ۾ ختم الرسل خيرالوريٰ،
سَوَ ڪري سينگار آيو عيد ٿي.

3- رَب پنهنجي مهربانيءَ سان مُڪو،
مُلڪ مختار آيو عيد ٿي.

4- سَيدُ الڪَونَينِ راحت روح جي،
بيشتر اَبرار آيو عيد ٿي.

5- تيو لقب لولاڪ جنهن جي شان ۾،
تاج خلعت دار آيو عيد ٿي.

---

* اتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

6- جنهن متئون نازل ڪلام الله ٿيو،
سو مِٺو مهندار آيو عيد تي.

7- هر طرف اسلام جو وارو وَريو،
دين جو اوجار آيو عيد تي.

8- حمد ٿيا، ويرانيون وسنديون ٿيون،
ڏيهه جو ڏاتار آيو عيد تي.

9- جهر جهنگل وڻ ٽڻ سڀيئي واسيا،
مشڪ عطرن هار آيو عيد تي.

10- ويا ڏُجها ڏک ڏ رت ڏولاوا ڏُڪر،
ور يتيمن يار آيو عيد تي.

11- رب آندو ماهه تارن جي اندر،
گلبدن گلزار آيو عيد تي.

12- ڪوٺ ڪُفارن ڪَٽيلن جا ڪريا،
هِڪل جو هاڪار آيو عيد تي.

13- ٿيا پَٽي، جي دين جا دشمن ديوٺ،
دُرس دهشت دار آيو عيد تي.

14- سڀ گنهگار سندا بارا ڪٽي،
ذوالڪَرم انصار آيو عيد تي.

15- جو اُبوجهن عاجزن جو آسرو،
سو سين سالار آيو عيد تي.

16- ڏي ڏکويـــن بيکســـن جـــو پرجهلـــو،
ســو ســچو ســـردار آيـــو عيـــد تـــي.

17- مـــاڙ محتـــاجن مســـاکينن مـــدام،
مجتبـــيٰ موچـــار آيـــو عيـــد تـــي.

18- واهـــ ويچـــارن جـــي، اڙيـــن جـــو اُجهـــو،
عـــاصين آڌار آيـــو عيـــد تـــي.

19- دَڙ دلاســـــو درد وارن جــــــي دوا،
نـــامور نگـــدار آيـــو عيـــد تـــي.

20- اوٽ اڙيـــن چـــانو چـــورن جـــي چپـــر،
دُر بـــَـــذي دَســـتار آيـــو عيـــد تـــي.

21- شـــير شاهنشـــاهـ شـــفاعت جـــو ڌڻـــي،
نيـــڪ تـــر انـــوار آيـــو عيـــد تـــي.

22- وهـــم ســـپ خطـــرا خـــام خيـــال،
غـــم ويـــا، غمخـــوار آيـــو عيـــد تـــي.

23- "حـــاجي عبـــدالله" تـــون دلشـــاد کـــر،
دلربـــا دلـــدار آيـــو عيـــد تـــي.

24- تـــي خوشـــي آرام کلمـــي ســـان قـــرار،
جـــان جـــو جنســـار آيـــو عيـــد تـــي.

لا اِلـه اِلا الله مُـحمد رسول الله.

❖

مناجات (نبي ﷺ) *

(2)

1- سوال ڪيان سردار سڻ نامِ خدا نرمل نبي!
شاهه شفقت جا ڌڻي، سرور سچا سالار پي،
قرب جي ڪوشش ڪيو عاصين اجها آذار پي،
تو ڪؤن سوا خيرالبشر! ڪنهن کي ڪيان ڪُوڪار پي.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿِئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿِئي.

2- بي وسيلن جا وسيلا بيڪسن جي واهڻ ور،
عجز مؤن آهون ڪيان منهنجي محمد ماڙ ڪر،
دان ڏيو دارين ۾ تان شاد ٿيان شام و سحر،
پينام کي پيغمبر! پهراءِ خلعت خوبتر.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

3- نفس نافرمان سان آهي اڙيل اهنجو اسير،
ڪارجي بيڪار مان ڪرتيون ڪچو ڪاهل ڪثير،
ڇا چئي مان ڇا چوان هر حال ۾ هيٺو حقير،
عصيان برسر بيشتر بدتر بدفعل مون بينظير.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

4- هردم هوائن حرص ۾ ٿي صرف ساري زندگي،
ڪو وقت سستيءَ سان پڙهان بي ڪانه ڪيڙم بندگي،

* اتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئيءَ کان پهتل.

يــا نبــي يــوم الحشــر تينــدي اڳيــون شــرمندگي،
ٻاجهہ ٻانهي سان ڪري ڏيو ڏين سان پيوندگي.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

5- ارمان انديشو آ اهو ضايع عمر تيڙم سڃي،
ڪيئن ڪٺان اڪڙيون متي تنهن جي سبب آهيان لڄي،
ڏوهہ پايو پاند ۾ ڪاهي اچان تو در پڇي،
دست دامنگير ڪي ڏي ڪاهہ ۾ پرور پڄي.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

6- احمدا، احقر سندو هي حال پس سردار تون،
دور دل جا بار ڪر غم ڪٽ اچي غمخوار تون،
پشت پئي جي تي مدد ياور يتيمن يار تون،
هيڻن متي هتڙا رکج مرسل منا منثار تون.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

7- هَي هَنجُون نت هاريان روئي گذاريان رات جو،
جهولي جهلي بخشش سندو بهرو گهُران پريات جو،
دلبرا درگاهہ مؤن حاصل ڪيو ڪمذات جو،
مطلب مداحيءَ جا تين مشڪلڪشا حاجات جو.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

8- هٿ ڪنيون هڪلان ڪري سڏيان توکي صاحب سدا،
يا محمد مصطفيٰ نافع نبي نُور الهديٰ!

ڪر ڪناري پانهنجي ڇڏ ڪين تون تنهن ڪي تون جدا،
مهڙ مڙني تون تئين بيا تو سندا بيشڪ بندا.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

9- لام لائق تو لڳس آهيان اوهان جي آسري،
لهر لوڏا سِير جا طالب توڪل سان تري،
محتاج ڪنهن جو ڪين ڪر پاجي نہ ڪر پاٽوڻ پري،
حاضر وجي حرمين جي مرجان اڳڻ آڏو ڪري.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

10- لاڳ جي لالچ اٿم انعام سان دل شاد ڪر،
شفقت ڪيو ڇوري ڇني اسلام سان آباد ڪر،
غافل گناهن ڪان ڪڍي عيبن منجهان آزاد ڪر،
قلبي نہ ڪر محبت ڳجهي ثابت سچو اعتقاد ڪر.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

11- مير مقصد لئي سدا سوالي آهيان درگاهہ جو،
رات ڏينهان روح ۾ تو ڏي آ ڪاندو ساهہ جو،
دائما تن ڪي توقع دوست تو دلخواهہ جو،
لڳ ڏٺيءَ جي ڪر عدالت غور ڪر بيواهہ جو.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

12- رد ڪر رب پاڪ تن ڪي جي ڪريل ٿا ڪوٺس ڪن،
تڙ تنهين ڪي تيغ سان هاويءَ اندر حاسد هڄن،

ڏي پــَــنهه بدقـوم ڪـوُن جي ديـن ڪـان ٻـاهر گهـُـمن،
رهــ ڇــڏي پيغمبــر جــي گمراهــ غفلــت ۾ رهــن.
يا رسـول الله! منهنجي عـرض جو امـداد ٿئـي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

13- جي قـــِريا اسـلام ڪـان سـي شـومتي شـيطان ٿيـا،
نـت نمـازن ڪــا پڇــي بــد بخـت بـي ايمــان ٿيــا،
جن گڏيو منهن جهل سان بد بي پليـا بـي شـان ٿيـا،
ملحد منافق محض سي وجي غـرق منجهہ گهمسان ٿيا.
يا رسول الله! منهنجي عـرض جو امـداد ٿئـي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

14- تــون نبــي الله جــو ’لـــولاڪ‘ تنهنجــي شـــان ۾،
ڪــامل قــرب قوســين جــو قــادر ڏنئــي قــران ۾،
واڪــاڻ ســان ’ولســوف‘ جــي فــائق ڇيــو فرقــان ۾،
حـوران پريـون جـن و ملـڪ تنهنجـي سـدا فرمـان ۾.
يا رسول الله! منهنجي عـرض جو امـداد ٿئـي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

15- مــاندي ملــڻ لئــي مصطفـيٰ بيحـد بلاشــڪ بيقــرار،
راهـون ڏسـي ريهـون ڪـري نـروار ٿـي تنهـن ڏي نهـار،
آذر اجهــا اڙيـــن ســندا وارث وصــل جــي واڳ وار،
خـام خطـرا خـوف خـارج تـون توجهــ ســان وسـار.
يا رسول الله! منهنجي عـرض جو امـداد ٿئـي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

16- گهوريـا جدائـيءَ ڏينهـڙا نزديـڪ ٿيـان تنهنجـي تـڏي،
قسمت ڪدي هن قيد مؤن ني پاڻ سان گولي گڏي،

سرچاءِ سرور سيدا! سائين سڪايل ڪي سڏي،
در وتم درگاهه جوڪاڏي وڃان، تو در ڇڏي؟
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

17- عشق جي ارشاد لئي ڪُنڊ گلم جي تهدل و تيم،
ورنهه ٻُڌي ورناءِ تون جي وينتيون واڪا ڪيم،
ميٺ مرسل مهر مُون جيڪي ڪُپيرا ڪم ٿيم،
فضل سان في الحال ڪٽ سهوون خطائون جي پيم.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

18- سڏ سُٽي سردار رس اوڪي مهل عربي امام!
ڪڍ قريشي تار مُون مرسل محمد مير ڄام!
هٿ ونـي همراهه تـي خيرالـوريٰ خيرالانام!
مهر مُون منظور ڪر هي عجز آزيون هن غلام.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

19- دمبدم دل کي ڪشش هر وقت حضرت جو خيال،
سال ساعت پانئيان جالڻ جدائي جو جنجال،
ڪر قبولت ۾ قريشي سام سائل جو سوال،
تو پنان پروش پرين ڏي رزق روزينو حلال.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

20- سوز سيني سڪ سچائي تانگهه تن من ۾ تنوار،
جڙ جڙي جند جان ۾ لاشڪ لڳي لوُن لوُن لغار،

تو سواءِ ڪَل ڪير لهندو؟ محب مسڪينن مدار،
توهه تُنهنجي سان ڇُٽن عاصي مڙئي اميدوار.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

21- ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان سر ساڻ ويري تو وڳي،
ڪين موذي تو مُڙي احمق هٿئون اڳرو اڳي،
زود ظالم ڪي ڪدي ڪر دُور دشمن ڪي دِڳي،
صاف ٿيان ڏنهن سون جي جيئن لوهه ڪي پارس لڳي.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

22- جو جِيان دَم دين ۾ سو شه شرعيت محڪم بيهار،
تن طَريقت ساڻ مرسل مصطفيٰ محڪم بيهار،
منجهه حقيقت حضرتا! تون هي جسم فاني هوڪار،
پُر پيالو معرفت ميخاني مؤن پرٿئون پيار.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

23- حرف باقي چار سي سُڻ مصطفيٰ منظور ڪر،
سيدا! سڪرات جوسو دلبرا ڏک دور ڪر،
تو گهُران ايمان ڪامل غم و هم وهلور ڪر،
قبر قيامت ڪارڻي پيغمبرا! پُر نُور ڪر.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امداد ٿئي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد ٿئي.

24- يڪدليءَ سان هيءَ مدح هر ويل جو پڙهندو رهي،
سو سدا خوشنود خالص تنهن سندو مُشڪل لهي،

ڏک بک زماني جا سڄڻ ڪَـڏ ڪين سو هرگز سهي،
مهربـانيءَ سـاڻ تنهـن جـي جـاءِ جنـت ۾ نهـي.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امـداد تئـي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد تئي.

25- هـوت! هـالائي مهـل نزديـڪ تـج نرمـل نديـم،
”حـاجي عبـدالله“ عـاصي پيـر پرتـو بـي فهيـم،
ڪـج تنهـن سـان تـون پلائـي احمـدا عربـي عميـم،
وقت ويل وفات جـي ڪوڏئـون پڙهـان ڪلمـو ڪريـم.
يا رسول الله! منهنجي عرض جو امـداد تئـي،
رهبرا، راحم رسج ڏيان دانهن منهنجو داد تئي.

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله.

❖

مناجات (نبي ﷺ) *

(3)

1- حمـد هـاديءَ جـا چـوان جـان ڪـي جيـان سـاري چمـار،
وڙ جنهيـن جـا ويجهـڙا احسـان لائـق لک هـزار،
نـُور مـان جنهـن نـُور ڪيـو پيـدا پريـن پروردگـار،
تنهـن سـندي بخشـيش ۾ عـاصي سـپيئي اميـدوار.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

2- تـون خليفـو خلـق جـو ’لـولاڪ‘ تنهنجـي شـان ۾،
تيـو بلاشـڪ ذڪـر تنهنجـو بيشـتر قـران ۾،

* أتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

وصف تنهنجي کي نجم، ياسين ۽ رحمان ۾،
"صَلو عليه خير البشر" فائق چيو فرقان ۾.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

3- مير مرسل جي محابي اي سچا سامع ستار!
ڪر رحم راحم! هميشه پرده پوشيءَ ۾ گذار،
ڪين ڪر محتاج ٻئي جو ۽ درون پنهنجي ڏيار،
آسرو احسان جو تم روز شب بيحد اپار.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

4- صرف ساري تي عمر گم گناهن جي اندر،
ڪيم ڪسا ڪم ڪيترا بيسود بچڙايون اپر،
رات ڏينهان آهي تيو منهنجو گناهن سان گذر،
سي ڏنگايون ڏوهه منهنجا معاف مرسل مير ڪر.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

5- تو گذاريان هر هميشه غمن جي انبوهه ۾،
ڪين ڪيم اعمال صالح تنهن سبب رنج روهه ۾،
بار بدعت جا ڏسي دل احمدا! اندوهه ۾،
بخش ڪر بدڪار کي تي آس تنهنجي توهه ۾.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

6- مفت ميڙيون مون ڪنيون سر تي مدايون سر بسر،
بي عدد، بيحد تيون جي مون هٿوئن زير و زبر،

ميٺ مرسل مصطفيٰ! منهنجون مديون ۽ ماڙ ڪر،
تو تڪيو، تو آسرو، تنهنجو وسيلو واهه ور!
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

7- نحس ناقص، غير شرعي، ڪذب ڪاوڙ ڪار مون،
بحر بدعت جي پيس ڪڍ ترت تاري تار مون،
ڪَس قلب ڪارو ڪيو سو احمدا! اوجار مون،
فيض جو بهرو ڏيو پنهنجو لقاءُ ڏيڪار مون.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

8- ڪر اجابت ۾ عرض هن بيڪسي جو لڳ الله،
تو مٿان تنهن جي ٿئي ڪا نيڪ بختي جي نگاهه،
ڳل ڳچيءَ ۾ پاند پائي تو گهُري پردو پناهه،
پانهنجي پروش ڪري سڀ معاف ڪر منهنجا گناهه.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

9- سڏ ڪيان سڪ مان سدا سي سڏ سڻيں رس يا رسول!
يا نبي نُورالهديٰ! هر عجز آزيون ڪر قبول،
من مرادون مون سنديون سي سڀ ڪيو حضرت! حصول،
دلربا! دارين ۾ درڪار مون تنهنجو وصول.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

10- تون توقع عاصين تون رحمة العالمين،
تون بلاشڪ پروسو خاتم نبي المرسلين،

سي يڳا سپ آسري تنهنجي امام المتقين،
تيو اِذن سان الله جي، تون تئين شفيع المذنبين.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

11- مصطفيٰ مختيار مرسل! مُدعي ڪُل ماد ڪر،
جي ڪَهن خناس خارج سي تڙي برباد ڪر،
دور ڪر دک درد دنيوي دائما دل شاد ڪر،
پروش ڪري پيغمبرا! منهنجو اڱڻ آباد ڪر.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

12- دل اندر جو حال ڏيان حضرت حبيب الله کي،
راز پنهنجو روبرو روئي رسول الله کي،
نياز نوڙت ساڻ نرمل نيڪ نُور الله کي،
ننگ پرور نامور نافع نبي الله کي.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

13- هر زمان هر حال ۾ همراهه تي خيرالوريٰ!
دست ڏيو دلگير کي پانه پرين پيغمبرا،
سوڙهه سختي وقت وارث ڏي دلاسو دلبرا،
تو نهاريان تو طرف روئندي پچان پنڌ پيچرا.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

14- تون ڏڌن جو ڏڍ تئين احمدا عاليجناب!
تون سين سرتاج تئين پڻ اُمتين جو آفتاب،

در اوهان جي تي سوالي سرخرو ٿين با ثواب،
هيءَ سوالي تن منجهان تون ڪر تنهين کي فيضياب.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

15- وقت پوئين تاءِ ڪيو وٺي مهر ماٺهن مان لڏي،
ويو شرم سچ ساءِ صحبت ويو مزو محبت ڇڏي،
هت اڙانگي حال ۾ ڪر سرخرو سرور! سڏي،
يا نبي! نيٺي پاڻ سان گولي گداگر کي گڏي.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

16- شبوم شر شيطان کان، نامِ راحم رکيج،
مير مرسل مصطفيٰ! ڏيئي پلوَ ڍوليا ڍڪيج،
ٻي پلئي بدقوم خارج ظالمن جي در مَ نيج،
مير! محتاجي نہ ڏي پنهنجي درون خورم ڪريج.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

17- تون ابوجهن آسرو اڙين سندو آڌار تون،
درد وارن جو دلاسو دلربا دلدار تون،
رس فغان فرياد تي ثقلين جا سردار تون،
دست ڏئي دلگير کي سڀ لاهہ دل جا بار تون.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڌي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

18- احمدا! هي حال سڻ تون راهہ شرعيت جي ڏيکار،
دفتر طريقت جي منجهون ڪو سبق سائل کي سيکار،

حضرت! حقيقت جي بحر مؤن پاڪ پيالو پُر پيار،
قلب ڪارو، معرفت سان مير! تون منهنجو اُجار،
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڏي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.

19- تون يتيمن يار ڪي ڪيم انتظاريون بيشمار،
"حاجي عبدالله" جهڙا لهن لائق لک هزار،
هوت هر ويلي سگهو سردار سائين! لهه سنيار،
دلدار! دنيا مؤن لڏيان چئي ترت ڪلمي جي تنوار.
يا سچا سردار صاحب غور ڪر غمگين جو،
ڪر سڏي مطلب سگهو مون مصطفيٰ! مسڪين جو.
لا الٰـه الا الله مُحمد رسول الله.

❖

مناجات (نبي ﷺ) *

(4)

ڪيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم و هم برباد ڪر.

1- بنامِ خدا خاص خيرالانام!
سڄ سيدا عرض عربي امام!
لتو سر اوهان جي خدائي ڪلام،
پڙهان تو متي لک صلواتون سلام.
ڪيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

* أتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

2- توســـان روز شـــب راز رب پـــاڪ جـــو،
ڪيـــو ســير تـــو آرض آفـــلاڪ جـــو،
لتـــو تـــو متـــي چـــت 'لـــولاڪ' جـــو،
ڪريـــــو درد ڏک دور غمنـــــاڪ جـــــو.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم برباد ڪـر.

3- تـــون ســـردار ثقليـــن جـــو سربســـر،
ســـندو شـــاهه نبيـــن شمـــس و قمـــر،
اَجهـــو عـــاصين اوٽ يـــوم الحشـــر،
بلاشـــــڪ پلـــــو پرجهلـــــو بيشـــــتر.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم برباد ڪـر.

4- تـــون حـــامي حـــِمايت وســـيلو وِلهـــن،
تـــون ننگـــدار نـــافع نچـــاءُ بيڪســـن،
تـــُنهنجي در متـــي دوســـت جيڪـــي اچـــن،
ســـڏي تـــرت تـــن ڪـــي دلاســـا ڏجـــن.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم برباد ڪـر.

5- تنهنجـــو شـــرف وڏ ذڪـــر قـــرآن ۾،
عجيبـــا، عـــِـزت 'آلِ عمـــران' ۾،
'زُمـــِـر' زيـــب 'زخـــرف' تنهنجـــي شـــان ۾،
ڏنئـــي ڏيـــپ ڏاتـــار قـــرآن ۾.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم برباد ڪـر.

6- ز ’طـٰـه‘ و ’يـٰـسين‘ ساراهه تو،
تي ’اِنا فَتَحنا‘ فتح شاهه تو،
وڏي وصف ’والنَجم‘ وهواهه تو،
’مُزمل‘ مدح مصطفيٰ ماهه تو.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

7- اَول ۾ نه ڪجهه ڪي به اظهار هو،
نه ڏونگر، جبل، جهنگ جنسار هو،
رکيل رب جو راز اِسرار هو،
تنين کوئن اڳي نُور نِروار هو.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

8- نه هئا مَلڪ ماڻهو نه هو آسمان،
نه سِج چنڊ تارا نه جملي جهان،
نه وڻ ٽڻ زمينون نه قلزم روان،
نشر نُور تنهنجو اڳي بي بيان.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

9- حڪم رب جي ساڻ اظهار ٿئين،
محمد مِنا مير! موچار ٿئين،
سندو دين اسلام اوجار ٿئين،
ضعيفن، يتيمن مددگار ٿئين.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

10- اڪيــن ڪــي اُڪانــدو تنهنجـــي پــار ڏي،
ڏينهـــان رات ســـڪ ســـوز ســـردار ڏي،
محبـــت منـــي مـــــُــحب منثـــار ڏي،
ڪنــدا نـــِـت نظـــر بيـــش بيڪـــار ڏي.
ڪيـــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

11- پويــون وقــت تنــگ هـــي زمـــانو ٿيـــو،
منجهـــان مـــائٽن ســـاءُ محبـــت ويـــو،
دغـــا ڪـــوڙ رايـــو چگـــن ۾ پيـــو،
ونـــي دســـت دلبـــر دلاســـو ڏيـــو.
ڪيـــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

12- ســـندم قلـــب ســـينو صفـــا ڪـــر ســـليم،
تـــون ارحـــم عنـــايت تـــون عـــالم عليـــم،
تـــون والـــي ولايـــت تـــون ڪـــامل ڪليـــم،
تـــون مهنـــدار مشـــفق تـــون هـــادي حليـــم.
ڪيـــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

13- تـــون آن ملـــڪ ۾ مصطفـــي! معتبـــر،
قريشـــي قـــوي ڪـــوٺ چـــورن چپـــر،
نيڪـــو ڪـــار، ابـــرار، نـــُـوري نشـــر،
توڪـــي رب ڪيـــو خـــاص خيـــر البشـــر.
ڪيـــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

14- آهيان پُر گناهن، خطائن اندر،
كير ڪُل ڪچا ڪم ۽ ڪيرا آپَر،
مديون ميت مرسل ڪريو واهر،
ڪُهين جو ڪٽج بار ننگ نامور.
كيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

15- ڪچو ڪِرت جو مان بندو عيبدار،
هتئون مون تيا ڏوهه ڏِنگ بيشمار،
ڏسي ڏوهه ڏاڍو آهيان شرمسار،
مڱان توهئون تعظيم تنهنجو پيار.
كيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

16- تيو نفس نادان خارج خراب،
ڏٺا مون ڪي جنهن ڪم گندا بي حساب،
بَدوُ بي پليو، بي چيو بي حجاب،
اَمُن احمدا ڏيج ڪر فيضياب.
كيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

17- عرم صرف تي منجهه گناهن گهٽي،
وڏو وهم ويچار، هيبت هٽي،
تيو خوف تنهن سبب ڦرڪي ڦٽي،
سگهو رس مديني مڪي جا ڏٽي!
كيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

18- تيـــا ظـــاهري درد دل ۾ نـــوان،
هيٺـو حـال پنهنجـو ڀيـو ڪنهـن چـوان؟
ڪريـل جـي ڪـَـهن سـپ سـَـٽي سنوان،
ڀـلا چـام! هــيءَ سـام پرتـو اوهـان.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم بربـاد ڪـر.

19- خــِـجل خـوڪ، خنـاس ويـري وڳـن،
بـُـرا، بـي لڄـا جـي خصومـت رڪـن،
سـي هـاويءَ ۾ حاسـد هڇـارا هڃـن،
ڪيـو مـاڙ مـن عـام عـالم ڏسـن.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم بربـاد ڪـر.

20- توڪـي حـال معلـوم سـندو هـن حقيـر،
مـدد ڏي محمـد منـور منيـر،
پـارا پريـن پـاڪ پـرور پذيـر،
ڪريـو داد منهنجـو ٽٽـي دل سـٽير.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم بربـاد ڪـر.

21- سـخي مـرد سـلطان تـون نـامدار،
عظـم احمـدا! تـو سـندا آشـڪار،
آهيـن عـاصين جـو، اوهـان تـي مـدار،
ڪـديو ڏيهـ مـان ڏک ڏولاوا ڏڪـار.
ڪيـان دانهـن دلگيـر جـو داد ڪـر،
ڪـري غـور غـم وهـم بربـاد ڪـر.

22- آهيــن بادشــه ملــڪ جــو بيمثــال،
ســاري ســنڌ ســان پــانهنجو ڪــر خيــال،
دفــع درد ڏکــل مــَـرض ڪــڏ قحــط ڪــال،
الله لــڳ تــون مقبــول ڪــر هــي ســوال.
ڪيــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

23- ورج ويــر ويــران هــيءُ هنــد وســاءِ،
حُــسن پــاڪ پنهنجــو پريــن مــون پســاءِ،
وصــل ســاڻ هيڏــيءَ ڪــي حضــرت هســاءِ،
منــا مصطفــيٰ تــوڙ مطلــب رســاءِ.
ڪيــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

24- گهــران نــامور نيــڪ فرزنــد ڏي،
هجــي خوبتــر خــاص خــاوند! ڏي،
ونــي ڏانهــن ڏاتــار دلبنــد ڏي،
فضــل ســاڻ فــي الحــال فرخنــد ڏي.
ڪيــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

25- تــون بخشــيش ڪــر آل اولاد جــي،
ڪيــو ڪــرم بندوبســت بنيــاد جــي،
نظــر ڪــر نبــي پــاڪ! ارشــاد جــي،
تئــي احمــدا! آچ اِمــداد جــي.
ڪيــان دانهــن دلگيــر جــو داد ڪــر،
ڪــري غــور غــم وهــم بربــاد ڪــر.

26- آهيان سام تنهنجي سچا سرور!
ڏي تون دست دلگير کي دلبرا!
رسايو پنهنجي طرف پيغمبرا!
ملڻ جو ملي مُهت خيرالوريٰ.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

27- شب و روز تر هيج حرمين جو،
سيني ۾ صدق شوق 'حسنين' جو،
پَسان پرتوو عز نعلين جو،
ڏسڻ سان وڌي نُور عَينين جو.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

28- اَتر طلب تهدل توقع تمام،
ڪشش قلب کي رات ڏينهان مدام،
ڪري عرض عاجز اوهان جو غلام،
ڪميني سندو ڪر قبوليت ڪلام.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

29- چوان چار اَلفاظ سڏ هيءَ صدا:
لَڏائينم ايمان سان احمدا،
لهج سڏ سڪرات ۾ سيدا،
قيامت قبر ڪر چگي لگ خدا.
کيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

30- ڳچيءَ پاند پائي پنان تو پناهه،
شرم، شان، شفقت، شفا شهنشاهه.
مرڻ مهل درڪار تنهنجي نگاهه،
ٿين ساڻ ڪلمي جي پورا پساهه.
ڪيان دانهن دلگير جو داد ڪر،
ڪري غور غم وهم برباد ڪر.

لا اِلـٰه اِلا الله مُحمد رسول الله.

❖

مناجات (نبي ﷺ) *

(5)

1- ڇَو سارهه صفت سبحان، جنهن جوڙيو جڳ جهان،
عرش زمينون ۽ آسمان، قدرت ڏس سميع ستار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

2- پهرين پيدا ڪيائين نبي، احمد ڄام اَجهو عربي،
ڪامل قوت ساڻ قوي، ملڪان ملڪ ٿيو نروار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

3- مانجهي مرد منور مير، ورنهه والي وارث وير،
مرسل ساڻ هٿا ڪنڌ ڪير، چارئي مولي ڪيا موچار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

4- اول آهي سچو 'صديق'، علم عمل جو بحر عميق،
گوهر غار ۾ گڏ رفيق، وقت لاڏاڻي جي منجهه غار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

---

* اُتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

5- اعليٰ عادل 'عمر' ڄام، فيض وٺن ٿا تنهن کون عام،
ڪيڙو ڪفر جنهين قتلام، دلبر دُر ٻَڌي دستار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

6- عارف عالم شهه 'عثمان'، جوڙيو فائق جنهن فرقان،
متس راضي رب رحمان، راسخ رهبر جي گفتار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

7- اسدالله 'علي حيدر'، برڪت ساڻ پلو بهتر،
ٻَڌي بيٺو چست ڪمر، آندائين دين اُتي ڪفار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

8- هردم حب هنئين حسنين، ساري ساهه سدا ڏن رين،
اچي لهندا ڪَل ڪَونَين، مشفق مسڪين مدار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

9- آل رسول جو نُوري نُور، هر هنڌ مولي ڪيو مشهور،
تن جو پڙهندو جو مذڪور، ڏک نہ ڏسندو ڄرم ڄمار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

10- هئا پيغمبر جي نت پاس، چاچو 'حمزو' ۽ 'عباس'،
ڪيِ سگورن ڏانهن وسواس، خطرا خام وهم وِيچار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

11- قلب مان جلد ڪدورت ڪور، هيءُ سر سونهارن تؤن گهور،
شڪ شبها پيچي ڪر پور، ڪيِ تون دل مان غير غبار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

12- حال سٽج هي لڳ خداءِ، دست وني ڪر ڪا دلجاءِ،
خلعت پينوءَ ڪي پهراءِ، سيد! سگهڙي لهه سنيار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

13- مون دڙڪا سندي احسان، ڪر ڪچا ڪيم ڪُل عصيان،
ڳاري جان انهيءَ ارمان، مرسل مڙني جا مهندار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

14- عمل چڱا مُون ڪان نه ٿيا، ڪئين قضا تي وقت ويا،
هتئون منهنجي ڏوهه پيا، اڳتؤن پيڙ سُڃي پلڪار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

15- سُڌ ڪيو سرور سڌ ڪري، ماندي محبت لاءِ مري،
پاڇي پاڻئون ڪر نه پري، تو در مانديءَ ڪي دلدار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

16- نفس ندوري ساڻ وروُنهه، مون ڪئي آهي سنجهه صبوح،
تنهن ڪي ڏي ڪا لالڻ لُوهه، بيشڪ بخش بديون بسيار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

17- پارس! پرتئون ڏيج پناهه، توريءَ ناهه وسيلو واهه،
مون تان ڏک ڏمر سڀ لاهه، آسرون دن جا آڌار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

18- واٽ هدايت واري ڏس، پانهه چڏ نه تون پروس،
هي بيڪار بندو بيوس، رستو صاف سڌو ڏيکار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

19- مخفي محبت عشق اکين، پلپل پَهڙا پُور پون،
دل ۾ دونهان روز دکن، تن ۾ طلب تمامي تار.
کر ڪا نظر نبي سردار!

20- نَئِي مج نرمل نافع نعات، ڪَڏِ نہ وسري وائي وات،
پريينر پنان ننگ نجات، پانهيءَ پاجهہ ڪيو پاجهار.
کر ڪا نظر نبي سردار!

21- آهي ابوجهن هيٺو حال، رزق رسايو پاڪ حلال،
لڄ شرم رک يلا پال، مون ڏي آهن حرف هزار.
کر ڪا نظر نبي سردار!

22- لطف مون تي ڪر ليل و نهار، ڪانہ سجهيم ڳلي ٻئي پار،
سيني سڪ زيارت ڪار، والي وارث ڪيم وسار.
کر ڪا نظر نبي سردار!

23- آءُ نہ هرگز هام هٺان، مون ۾ آهن عيب گهڻا،
توريءَ ڪنهن ڪي ڪين وٺان، منهنجو ڪو ناهہ ياور يار.
کر ڪا نظر نبي سردار!

24- مرسل منهنجي ڪر دلشاد، دشمن دانهينءَ جا ڪر ماد،
پَٽُ پِٽيَن جي بيخ بنياد، محب مديني جا مختيار.
کر ڪا نظر نبي سردار!

25- سائين! سڙين ڪي ثابت سَٽ، نانءُ نياڳن وارو لٽ،
ڦهرئون ڪنڌ ڪُتن جو ڪٽ، نيٺين نت وهائن نار.
کر ڪا نظر نبي سردار!

26- ڪاهي رسج شافع شير، ترت رڪيبَن پائج پير،
دير نہ ڪج دلخواهہ دلير، حامي هٺ ونج هيڪار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

27- لذت چکائج مون عرفان، جو دم جياريو ڏيو ايمان،
گهوٽ گهران تو دهرو دان، ڏاتر ڏوڙي ڏات ڏيار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

28- عاصي اوهان ڪي پرتو پير، ”حاجي عبدالله“ حقير،
ڪاٽيو ترت مڙئي تقصير، جام بهشتي پُر پيار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!

29- لاهہ خطرا خوف خلل، حامي تي تون منجهہ هڪل،
منهنجي آزي مج مرسل، ڪلمي سان تئي قلب قرار.
ڪر ڪا نظر نبي سردار!
لا اِلہ الا الله محمد رسول الله.

❖

مدح (چار يار) *

(6)

1- سڪ مان سارا هيان سبحان، جوڙيا جنهن جي جڳ جهان،
اعليٰ عرش زمين آسمان، آهن آڳي جا احسان.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

* اُتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

2- پيدا ڪيائين احمد جام، متس لک درود سلام،
ڏنس ڏاتر ڏيھہ انعام، عاصين اوٽ اجھو آرام.
مج چگي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

3- اڪبر بهتر بيشڪ يار، پهريون پاڪ 'صديق' سچار،
جنهن سر دين سندي دستار، گل گلابي باغ بهار.
مج چگي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

4- عادل عمر عدالت وارو، شاهي شرف شجاعت وارو،
ڪامل قرب ڪرامت وارو، سيني صاف سعادت وارو.
مج چگي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

5- عالم علم وڏي عثمان، ڪيائين جمع سچو قران،
ذي النورين سخي سلطان، پيش پرينءَ جي تيو قربان.
مج چگي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

6- افضل علي حيدر شاھ، هينئڙو تنهن کي ساري ساھ،
هئڙو حضرت سان همراھ، ڪيائين ڪفر تالان تباھ.
مج چگي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

7- چارئي مانجهي مرد متارا، چارئي پرور سندا پيارا،
چارئي دولهہ ۽ دل وارا، چارئي مشفق محب موچارا.
چاڻج خاص خلقيا حق،
لاھہ تنهن ڏنهن شبهو شڪ.

8- چارئي ناد نُوري نور، چارئي مولي ڪيا منظور،
چارئي مُلڪن ۾ مشهور، چئني دين ڪيو معمور.
چاڃ خاص خلقيا حق،
لاهہ تنهن ڏنهن شبهو شڪ.

9- چارئي روشن جان مهتاب، چارئي جيءَ جبار جناب،
چارئي عالم ۾ آفتاب، چارئي مسجد جا محراب.
چاڃ خاص خلقيا حق،
لاهہ تنهن ڏنهن شبهو شڪ.

10- چارئي مرسل سان مرڪن، چارئي مجلس ۾ سونهن،
چارئي ڏٺيا ـيهہ ڏٺين، چارئي واهر واهہ ولهن.
چاڃ خاص خلقيا حق،
لاهہ تنهن ڏنهن شبهو شڪ.

11- چارئي مرد منور مير، چارئي ماهہ مثال منير،
چارئي ورنهہ وير وزير، چارئي دلبند امير.
چاڃ خاص خلقيا حق،
لاهہ تنهن ڏنهن شبهو شڪ.

12- چارئي دين سندا اوجار، چارئي حضرت سان هسوار،
چارئي غمگينن غمخوار، چارئي مدني جا منتار.
چاڃ خاص خلقيا حق،
لاهہ تنهن ڏنهن شبهو شڪ.

13- چارئي افضل عاليشان، چارئي ظاهر منجهہ جهان،
چارئي جابر جنگ جوان، چئني مار ڪيو ڪفران.
چاڃ خاص خلقيا حق،
لاهہ تنهن ڏنهن شبهو شڪ.

14- چارئي دين سندا درياهه، چارئي هيٺن جا همراهه،
چارئي دلبر ۽ دلخواهه، چارئي آهن پشت پناهه.
يار يگانا مـج مدام،
ڇڏي هوڏ هواءِ حرام.

15- چارئي يار عجيب اصل، چارئي نيڪ نجيب امل،
چارئي باغ بهشتي گل، چارئي ڪندا ڪرم فضل.
يار يگانا مـج مدام،
ڇڏي هوڏ هواءِ حرام.

16- چارئي قاتل ڪفارن، چارئي لشڪر ساڻ چڙهن،
چارئي مارا بي دينن، چارئي ويرين ساڻ وڙهن.
يار يگانا مـج مدام،
ڇڏي هوڏ هواءِ حرام.

17- چئني اوجاريو اسلام، چئني تي تي مهر مدام،
چئني جو تيو حڪم حڪام، چئني جي ڪافر ڪيا قتلام.
يار يگانا مـج مدام،
ڇڏي هوڏ هواءِ حرام.

18- چئني چوطرفو چوڏار، چئني دين ڪيو اظهار،
چئني جي سر بيشڪ بار، چئني پيليو ڪل ڪفار.
يار يگانا مـج مدام،
ڇڏي هوڏ هواءِ حرام.

19- چئني ڪل ڪيا مشرڪ ماد، چئني دين ڪيو آباد،
چئني مان هو مرسل شاد، چئني ڪفر ڪيو برباد.
يار يگانا مـج مدام،
ڇڏي هوڏ هواءِ حرام.

20- چئني فتح ڪئي في الحال، چئني سان ڪيو پلي پال،
چئني تي آ رب جو خيال، چئني جو قرب ڪمال.
يار يگانا مچ مدام،
چڏي هوڙ هواءِ حرام.

21- چئني جي آهه صفت دراز، چئني سان ڪر نوڙت نياز،
چئني سان آ الله جو راز، چئني جو جت ڪٿ آواز.
يار يگانا مچ مدام،
چڏي هوڙ هواءِ حرام.

22- سوال ڪيان سڻ لڳ الله، مير مرسل محمد شاهه،
نرمل نُوري ڪر نگاهه، داڙو دلگير دلخواهه.
مچ چگّي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نه ڏار.

23- پرين پير يري اچ گهر، واهر واهه ولهن جو ور،
سار سگهو تون لهه سرور، مطلب دين دنيا جا ڪر.
مچ چگّي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نه ڏار.

24- سرور چام سچا سردار، مون ۾ آهن عيب اپار،
آهيان آءٌ بندو بيڪار، ميٺي چڏ بدين جا بار.
مچ چگّي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نه ڏار.

25- عربي احمد عرض اگهاءِ، دلبر دانهن سٺي ورناءِ،
پنهنجي طرف سگهو پهچاءِ، جانب جنت ۾ ڏي جاءِ.
مچ چگّي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نه ڏار.

26- هيءُ سوال سٽج اظهار، مرسل ڏيکاريو ديدار،
كامل قلبي ڏيج قرار، مار نياڳو نفس نكار.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

27- واهہ وسيلو تي وريام، لالڻ لڳس تنهنجي لڙهہ لام،
عالم جا آذار امام، سوالي پرتڻہ سيد سام.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

28- ڏيئي پارس پشت پناهہ، بار بديون بخشاءِ گناهہ،
نانءِ ڏٺيءَ جي نظر نگاهہ، توكي پرتس گاهہ بگاهہ.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

29- كر پلارا پنهنجو پال، كاهل كي ڏي قرب كمال،
كر تون دشمن زور زوال، كركو پال ڏسي هي حال.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

30- راضي تي كريو رحمت، كامل كاٽيو كل زحمت،
هادي هوتن جي حرمت، ڏي كا عاجز كي عظمت.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

31- تو كان لطف گهُران سبحان، مولي ملڪ سندا منان،
هتئون هلائج سان ايمان، آگا عفو كري عصيان.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ذار.

32- نرمل نُوري نيڪ نجيب، رب رحيم لطيف حبيب،
حاجي عبدالله حبيب، ڪلمي سان لڏاءِ قريب.
مج چڱي جا چيدا چار،
شاهن ڏنهن شڪ شبهو نہ ڏار.
لا الِہ الا الله محمد رسول الله.

❖

مدح (بادشاهہ پير رحہ) *

(7)

1- ڪريان صفت سبحان جي، آڳا تنهنجي احسان جي،
دعوي رکان تو دان جي، تو ڪون مهدي ڏرچارا!

2- پير پيران پير تون، شهہ! ڏي دلاسو ڏير تون،
منهنجو وسيلو وير تون، هر دوجهان هادي هاڪارا!

3- تون ڏٺي بغداد جو، ڪو داد ڪر فرياد جو،
امداد ڏي دلشاد جو، تو ڪون پني پازي پيارا!

4- هادي! رسين هر حال تون، فائدو ڏئين في الحال تون،
سواليءَ جي ڪر سنڀال تون، سڏ تو ڪريان توکي سوارا!

5- جنهن بني تنهنجي ياراني، تنهن ٿئي بيو ڪير ثاني،
تون پساءِ پنهنجي پيشاني، واهہ مليا گڏ چنڊ تارا!

6- جن اسان سين جنگ جوڙي، تو تنين جي بيڙي ٻوڙي،
ڪين پهتا توڙ توڙي، پيا تنين ۾ موت مارا.

* أتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

7- جـن دورنـگـن ڪـئـي دغـائـي، ڪيئـين تڙي تـن ڪـي توائـي،
تــو وجـــاين ويـــر وائـــي، تيـــا اُهـــي انـــڌا اُســـارا.

8- ســرور! سپـــه ســالار تـــون، چـــو طـرف چوڪيـدار تـــون،
پنهنجـا اُڪـارين پـار تـــون، ڪوڙيـن لڪيـن عـاصي آپـار.

9- تـي سـگهو همراهـــ هـــادي! ڏي اسـان ڪـي شـاهه! شـادي،
تيـــا مدعـــي مـــات مـــادي، ويـــا وڄـائين تـــي ويچـــارا.

10- خـَــــر تـــو تڙايـــا ڪودڙيـــا، گـس تـوُن ڪٽـي ويـا گودڙيـا،
مــردود منهــن ڪـــار مودريـــا، منهن تي مـَـلين عربـي اگّارا.

11- دارون دوا در دســـــت تـــــو، دل مست ڪئي منجهه بست تـو،
ويئـــي ورائـــي وســـت تــــو، تنهنجـــا امـــن جـــاري اشـــارا.

12- دل ۾ وســـين دلبنـــد تـــون، هــادي! همـــه هـــر هنـــڌ تـــون،
پـــرور ڪئـــن پســـند تـــون، ڪـــامل! قمـــر قـــوت قـــرارا.

13- داور وڏايـــــو ديـــــن تـــــو، نمـــرا ڪيـــا نـــابين تـــو،
تـــوڙان آهيـــان تـــابعين تـــو، جڳ جـو متـي مهـدي مـدارا.

14- داور وڏايـــــو ديـــــن تـــــو، مقصد گهـُـري مسـڪين تـو،
ســلطان چـــاڪر چيـــن تـــو، بـــردا پريـــن بلـــخ بخـــارا.

15- حـامي! حمـايت تـو گهـُـران، تـو توهـ تنهنجو تـو گهـُـران،
توڪي وٽي سنگ سو گهـُـران، دک دور ڪـــر دارون دبـــارا.

16- تـوڙون اتـم تنهنجـو تکيـو، هـر حـال ۾ گهرجيـن هکيـو،
چورن کـُتـَـن آهيان چکيـو، کـاهي رسين ڏُز ديـو کـارا.

17- تـوڙون اتـم تنهنجـي تـَـڳا، سـگ کي وجهين سوگها سـڳا،
پونکيـو اچـن پيئـوُ پـڳـا، تـن کي چـڱا لـٺ جـي لغـارا.

18- تـوڙون اتـم تـو ۾ طمعـا، ضـامن آهيـن منهنجـو ضمـان،
کوڙيـن نوازيـن نـاکمـا، مشکلکشـا مختيـار کـارا.

19- بـي پيـر کيـا لک پيـر تـو، ڏُز ميـر کيـا شـهـ ميـر تـو،
سـگ سـون کيا اکسير تـو، تـاران اُکاريـا اَتـارا.

20- تـازا نـوان کـر نينهـڙا، محبـت وسـايو مينهـڙا،
کـڍ تـون ڏولائـي ڏينهـڙا، کـر تـون سـُکا ساوا ستارا.

21- تـو کـان گهٽا لک شـاهـ ٿيـا، لک شـاهـ تنهنجا ڏاهـ ٿيـا،
گمراهـ تـو کـان راهـ ٿيـا، فرمـان ۾ مغفـور دارا.

22- تـو کـي نبـي بخشيـو سـدا، تـون دادلـو خلـقِ خـدا،
تـو کـان مڱـان بهـرِ خـدا، قلبوُن پڙهان کلمي تنـوارا.

لا اِلـه الا الله محمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ) *

(يوسف عطار جي چيل)

1- چوان حمد هر دم تنهن غفار کي،
لکين شڪر صاحب تنهن ستار کي،
منجهان عشق جوڙيائين جنسار کي،
مکو مير مرسل جنهن مهندار کي،
چوان لک صلواتن جا سوَ وار جي.

2- مڪئين مير مرسل پلو کان پلن،
پسيو محب معشوق عاشق اچن،
سيئي سوز سک ۾ پتنگ جئن پچن،
پکا وڻ پچي پيا جبل جوش کن،
تيو نُور روشن نروار جي.

3- نيلوفر نماڻي سورج کيو سهي،
جليا جوش ۾ پتنگ شمع شاهه ڪئي،
چڪور بہ چڪي درد مان دانهن ڪئي،
محبت ۾ مشتاق بلبل رهي،
سين کي رهي سک سردار جي.

4- زليخا لئي يوسف بہ حيران ٿيو،
فرهاد شيرين لئي قربان ٿيو،
۽ ليليٰ تي مجنون بہ حيران ٿيو،
'بديعل' تي 'سيفل' بہ بيران ٿيو،
سري سک سين کي سا سردار جي.

---

* مدار ٻن روايتن تي آهي جي. وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپئي ۽ (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان يار محمد مهاڻي کان پهتيون.

5- رنيون تي قرب مان كنيون لئي قريب،
جبل روهه ۾ اٿ رنا لئي عجيب،
اتن عشق جو درد ناهي طبيب،
ملي محبتين کي سا محبت مجيب،
سونهين درد دل پيئي دلدار جي.

6- ملي پاڻ ۾ كئي صحابن صلاح،
تہ: قدر مير مرسل جو چاٽي الله،
سيد آهہ سردار شاهن جو شاهہ،
كرسي هك جوڙيائون اُچي لگ الله،
چڙهي جنهن تي بيهي سو سردار جي.

7- كوني ات ويهاريئون واڍا كئي وينجهار،
سوين ات سونارا نقاشن هزار،
چٽيائون نقش رنگين گلشن بهار،
پسيو بلبليون كن سي نيڻن نهار،
پسيو خوش ٿين ديد دلدار جي.

8- ڏسو كرسيءَ تي زبرند جڙيا،
هيرا لعل موتي ۽ ماڻك مڙهيا،
رپا سون زيور سي چٽجي چڙهيا،
منبر تي منارا بہ جڙجي جڙيا،
جڙي بي جمع جوت جنسار جي.

9- پرين پاڻ پڙهيو سو خطبو خليل،
كيا عشق جنهن جي آهن كئين عليل،

ملــي محبتيــن كــي ســا محبــت جليــل،
مدينــي جـــي مســـجد ۾ آيـــا اصيـــل،
لڳي لـوڻن سـيني كـي سـا لاچـار جـي.

10- چڙهــي بينــا كرسـي تــي كــامل كريــم،
ســـر بخـــت ســـردار احســـن عظيـــم،
پريـــن پڙهيـــو خطبـــو قدركـــن كليـــم،
كــاٿي ڦــاٿي فراقئــون ســكهڙي ســقيم،
رويـو سـا كـري ريهون مثـل ٻـار جـي.

11- پـــري ســـڏكا ڏک مـــان ڏكوئـــي ڏري،
ملـــڻ محـــب اُهـــان جـــو پســـڻ ٿيـــو پـــري،
ســـوا ســـپرين كانـــ ســـاعت ســـري،
مـــِــتا محـــب مـــاريس اوهـــان بـــي اري،
نـ ويجـي پـوي شـال هـك وار جـي.

12- پـري سـڏكا كـي تـي ويجهـي وصـال،
اڳيــان قــرب مــان كيئيــن ســرور ســوال،
ســكيس عمــر ســاري واجهــائي وصــال،
ڏٺــم نــور روشــن ســو جلــوو جمــال،
چمـان خـاك قدمـن جـي پيـزار جـي.

13- پـري سـڏكا ڏک مـان رنـي راز سـان،
آهــون عشــق مــان كيــائين آواز ســان،
پريـنءَ جـي پسـڻ لئـي نمـي نيـاز سـان،
نيئـــي دل نهـــوڙي ســـچڻ نـــاز ســـان،
كئـي بيخبـر برهـ بيمـار جـي.

14- پـري سـڏڪا ڏک مـان برپـر پاڪـار،
آئيـو عشـق مـان تـي روئـي زار زار،
ويئـي وس ڪنـان عشـق تيـڙس اپـار،
رکيـس هـٿ حبيبـن مبـارڪ مهنـدار،
پرين جي پسڻ لئي تي دل بهار جي.

15- ڏنـس دوسـت دلبـر دلاسـو دليـان،
متـي هـوت هيٺـن اچـي سـي مليـا،
مئـيءَ سـاڻ معشـوق خـوش تـي ڪليـا،
ڏيئـي پيـر پنهنجـا اڱـڻ مـون تليـا،
دلاسـي جيـاري سـا دلـدار جـي.

16- الاهـي عفـو ڪـر تـون "يوسـف عطـار"،
ڍڪيـن عيـب منهنجـا تـون صـاحب سـچار،
مـِـني ميـر مرسـل جـي برڪـت اپـار،
لنگهـاءِ لطـف سـان ڪلمـي قطـار،
اتـر حـُـب دوسـتن جي ديـدار جـي.

لا الـٰه الا الله مـحـمـد رسـول الله.

مناجات (بادشاهہ پير) *

(علي بخش شر جي چيل)

[علي بخش ولد غلام رسول شر بلوچ، ڳوٺ جنگو خان شر، خيرپور ميرس جو رهاڪو هو. هن حياتي جو گهڻو عرصو عالمن جي صحبت ۾ گذاريو. سندس ڪلام ۾ مدحون ۽ مولود مشهور آهن. هتي سندس مناجات ڏجي ٿي. ۽ ہ مدح "مسافر پير" جي قبي ۾ اندر پٽ تي اُڪريل آهي.]

1- اول ڪريان تو صفت الله، مير محمد شهنشاهہ،
هيڻن حامي آ همراهہ، واهر وير وسيلو آهہ.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

2- يا مير محي الدين امير! پارس پاڪ پيارا پير!
درماندن کي ڏي دلڏير! واهر ڪر وسيلا وير!
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

3- مير موچارا محي الدين! سونهن سماءَ جي زيب زمين،
پير سڀ تو پينام آهين، سونهن پريا تابان جبين.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

4- تون گوهر گنج حقيقت جو، شمس شعاع شرعيت جو،
تون سرتاج طريقت جو، رهبر راهہ رفيقت جو.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

---

* اُتر (تعلقي خيرپور) مان مير محمد شر کان پهتل.

5- ڏرت ڏولائــو، قــادر پيـــر! ڪڍ تون مُلڪ ساري مان مير!
خير خوشيءَ جي بخش بهيــر، صـاف مصيبت قطب ڪبيـــر.
رس يــا عـبـدالقــادر پيـــر!
سر سبـحـانـي وارث ويـــر!

6- تــو در آيـــس ســَـيد سچار! ماڙ مريـدن ڪـر مـَٽــهيار،
هــر ويـلـي تــي يـــاور يـــار! ڏاڻ ڏيـــو مـــون لڳ ڏاتـــار.
رس يــا عـبـدالقــادر پيـــر!
سر سبـحـانـي وارث ويـــر!

7- همـــام تــي هـراهـــ اچـــي، تنهنجــي اتــر ســڪ ســچي،
رنگ ڪيــو سيِ راس اچـــي، تــو هٽ آهي درگاهـ ڪنجـــي.
رس يــا عـبـدالقــادر پيـــر!
سر سبـحـانـي وارث ويـــر!

8- تـــون آن هـــوت حقـــاني حـــق، دل جا دور ڪيــو سڀ شــڪ،
قرب ڪـرم تــو ميـــر مـــرڪ، ميـــڙ مدايـــن ويـــــر! ورق.
رس يــا عـبـدالقــادر پيـــر!
سر سبـحـانـي وارث ويـــر!

9- تخت نشين! تــون تــاج ڏٺـي، مدعــي ڪـي ڪــر پيــر پٺـي،
زور ضــرب ســا هــوت! هٺـــي، واهر ڪــر تـــون واڳ ڪٺـــي.
رس يــا عـبـدالقــادر پيـــر!
سر سبـحـانـي وارث ويـــر!

10- مـاڻهو مـَـلڪ حـورون حيـران، عــرش ڪـرش ۽ مـاڳ مڪــان،
سـاريــن تـــوڪـــي ديـــو دَران، ايڏو ڪنهن بيـو نـاهي شــان.
رس يــا عـبـدالقــادر پيـــر!
سر سبـحـانـي وارث ويـــر!

11- عـرب عجـم ۾ پيـر پچـار، دِلـي دکـن ۽ زميـن زيـار،
مکـو مدينـو ميـرا! مٺهـار، تنهنجي ساراهہ تنهنجي سار.
رس يـا عبـدالقـادر پيـرا!
سر سبحـاني وارث ويـرا!

12- هر جا تنهنجو حکم حکام، ملکن ۾ تـون مشـهور نـام،
لـڙهہ لڳـس آءٌ تنهنجـي لام، سـرور! تنهنجي آهيـان سـام.
رس يـا عبـدالقـادر پيـرا!
سر سبحـاني وارث ويـرا!

13- اعلـيٰ عــز تــو کيــو الله، معـزز مفخـر کـج کـُــلاهہ،
ميــر محمــد شهنشـــاهہ، حـامي توسـان آهہ هـر گاهہ.
رس يـا عبـدالقـادر پيـرا!
سر سبحـاني وارث ويـرا!

14- بلـخ، بخـارا، حلـب، هـرات، شام، عـراق، مصر، گجـرات،
تـرمـذ، تـوران، تـلينگ تـات، هر جـا تنهنجـي وائــي وات.
رس يـا عبـدالقـادر پيـرا!
سر سبحـاني وارث ويـرا!

15- "انـــا فتحنـــا" جـــي آذار، آذار، 'طٰه' 'يـٰسين' فتح فخار،
شـِرف شرافت تـوتـي شعـار، مـدثـر، مـزمـل، نـُور نـگـار.
رس يـا عبـدالقـادر پيـرا!
سر سبحـاني وارث ويـرا!

16- علـم شـرعيت حـق حضـور، نـُــور اعلـيٰ ذوق ظهـور،
هـر جـا تنهنجو نـام مشهـور، ورد زبـان منجهہ وحش طيـور.
رس يـا عبـدالقـادر پيـرا!
سر سبحـاني وارث ويـرا!

17- سونهن سين جي وير ولي! عين علي اولاد علي،
جلوو جوت جمال جلي، قوي ڪرامت قرب علي.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

18- سيد سچارا سڀ سوال، بلڪل منهنجا بهر حال،
ڪر قبوليت لائق لال، پير! پسو اڄي هيٺو حال.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

19- اَول عشق الله رسول، دعا ديان جي در مقبول،
هادي! هدايت ڪر حصول، نعمت غيبي ٿئي نزول.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

20- امن ايمان ۽ شائق شاد، عالم ڪامل ٿئي اولاد،
عزت حرمت ڪر امداد، سينو صاف ڪيو آباد.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

21- ظالم حاڪر بد بي دين، نفس شيطان شرير لعين،
آهي سدائين عَدو مبين، پير! پناهه ڏي مون مسڪين.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

22- حاسد فاسد آهن هزار، مُلحد مُرتد آهن منهن ڪار،
دشمن دُزد دهيا هچار، تن کي پاڙ پَلج پڳدار!
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

23- رس اچي مون رڻ رج روهه، منجهه سختي سوڙهه ستوهه،
ڪرڙا ڏونگر قاف ۽ ڪوهه، معاف مون تان ڪر ڪُل اندوهه.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

24- ماڙ مريدن حضرت پير! لهه سگهيرو وَرنهه وير!
اوکيءَ ويل رکج مون مير! حرمت حضرت شبر شبير.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

25- وقت زبون ٿيو اظهار، ڪونهي ڪنهن جو ڪو غمخوار،
آءُ وسيلا ياور يار! اهڙي وقت سيد سردار!
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

26- تون ماڙ مريدن ۽ ملجاءِ، پازي ڪي تون پير! پهراءِ،
شوق محبت ۾ مرڪاءِ، عز شرافت وير! وڌاءِ.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

27- اڱتون پيڙ بُجهي پُلڪار، ڏاڍي سختي سوڙهه سچار!
اُتي رهٽو هيڪل هار، سرور! لهجان منهنجي سار.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

-28 تلخي تابش آهه اموات، اتي رسج سردار صفات،
ڏاڍي سوڙهه سجهي سڪرات، ڪلمي وائي واهر وات.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

-29 جيهن ڇتن ڪان پير! پناهه، ڏي تون هردم تيءُ همراهه،
تو بنا ناهي واهر واهه، "علي بخش" جي پارت آهه.
رس يا عبدالقادر پير!
سر سبحاني وارث وير!

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله.

مدح (پير پاڳاري جي) *

(عمر بخش شر جي چيل)

[عمر بخش ولد الهورايو شر بلوچ تاريخ 27- رمضان سنہ 1275 هجري/ 1866ع ۾ ڳوٺ جنگو خان شر (خيرپور ميرس) ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾، ۽ عربي فارسي جي تعليم امروٽ شريف ۾ حاصل ڪيائين. ان بعد نصير محمد جلالاڻي جي ڳوٺ ۾ درس ڏيندو هو. وفات بہ اتي ڪيائين. سندس سمورو ڪلام مدحيہ آهي. سندس هيءَ مدح پير صاحب پاڳاري شاهہ مردان شاهہ عرف ”ڪوٽ ڌڻي“ جي شان ۾ چيل آهي، جنهن تي کيس انعام بہ مليو. 14- رمضان سنہ 1353 هجري/ 1934ع ۾ وفات ڪيائين.]

1- اول ڪر تعريف رب جي پاڪ آ پروردگار،
ملڪ جو مالڪ ڌڻي ستار ملڪن جو مدار،
جنهن ڪيو پيدا محمد مصطفيٰ مختيارڪار،
مهر ڪئي مولا مٿس چيدا مليا هئس چار يار.
شاهہ مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

2- ڪئي ثنا جبرئيل حيدر مرتضيٰ جي بار بار،
شاهہ مردان نام جنهنجو نامور حيدر ڪرار،
جنهنجو ”حزب الله“ بابو بنده پرور با وقار،
منجهہ بهشتن تو ڪري رضوان گويا هي پچار.
شاهہ مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

* اتر (تعلقي خيرپور) مان مير محمد شر کان پهتل.

3- جڏهن جانب پاڻ آيو ڏنهن ولايت واهرو،
اڄڻ سان احسان ٿيو ساري امت تي سرخرو،
جابجا جن و انس سڀ ڪئي سلامي روبرو،
سچ صباحت سونهن سرور پير صاحب پائدار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا.فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

4- مرحبا محبوب رب العالمين مالڪ منير،
تو آئي خوشنود خورم ٿيو سڄو عالم امير،
مالڪ ملڪ ولايت راز دان روشن ضمير،
لاڏلا لاريب جا آءِ مير مرسل مختيار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

5- مرحبا سيد سونهارا گمرهن جا راهبر،
عاصين ۽ بيڪسن جا پرجهلا وارث وَهر،
فيض بخشا بحر رحمت ۽ سخاوت جا ڪکر،
رحمة اللعلمين جي آل آهين آشڪار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

6- مرحبا پيارا پيغمبر جا ولهن وارث ولي،
وڻ ٽڻ ٿيا ساوا سپيئي جو تون آئين هتڙي هلي،
گلن گلزاري ڪئي بلبل ڏنو آهي ڪلي،
تاج تو سر تا قيامت 'هل اتيٰ' جو برقرار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

7- يا امام المسلمين يا هادي هر دو سريٰ،
دان ايمان دين جو مون تي ڪريو دائم عطا،
ساڻ برڪت تو پلي جي راز رحمت جا اثا،
بر زبان دل ذڪر جاري شل هجي ليل و نهار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

8- شان شوڪت عظم حشمت دائما دولت قرار،
شل هجي راضي مٿي تو دائما دلدل سوار،
تون علي جو دادلو آهين دين جو دائم اُجار،
پنجتن پشت و پنهه ۾ مدد تنهنجي چار يار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

9- نامور نالو مبارڪ ملڪ ساري ۾ مشر،
فيض تنهنجو فيض بخشا آهه هر مومن فخر،
ڪرم تنهنجو يا ڪريم نص نيساني ڪڪر،
سو ڪڪر رحمت هجي دائم مٿي مون هر دوار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

10- دائما درگاهه اعظم تي اچن عالم هزار،
نافعا! تنهنجي ننگر ۾ تا وڻن طالع تبار،
گنج خانه مان لهن لائق وثان سنهسين هزار،
خير تنهنجو تو هلي هند سنڌ تائين ستار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

11- عرب، عجمي، اصفهان، ملتان کان ماڻهو اچن،
موزمبيق، بمبئي، اجمير ۽ دلي دکن،
زنگ بربر ۽ حبش قدمن مٿان قربان ٿين،
تو هلي هر حڪم تنهنجو در دهر ۽ ديار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

12- يا الٰهي رحم ڪر تون پير تي پروردگار،
شل هجي آباد مسند جي دائم قرار،
تا قيامت هلي هوڪو تنهنجو نر نامدار،
شان شوڪت دين دولت پير صاحب پائدار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

13- معجزو تنهن مير جو آ خلق ساريءَ ۾ ظهور،
آهي تعجب آدمين کي ۽ ٿيا آهن سرور،
مير صاحب مجلسي هو ساڻ آن شافع شڪور،
طرح تحفي جي آڻايو شينهن وٽ آن شهريار.
شاهه مردان شير يزدا ن قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

14- امتحان لئي ٻڪر کي آندائون ٻـَڌي وٽ شير نر،
مر ڏسي خوشنود خورم ٿئي سدا غازي گوهر،
ٿيو اچي انبوهه عالم جو ڏسڻ لئي منتظر،
تان اجهو ٻڪرو وڃي ٿو شير- زيان خونخوار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

15- تان اتي فرمايو ظاهر زبان صاحب ڪمال،
هيءَ ادب جي جاءِ آهي ناهي تنهن طاقت مجال،
جان ائين فرمايو محبوب مالڪ ذوالجلال،
دم تنهن ۾ شرم کان شري عاجز انڪسار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

16- حملو ڪري بزغالہ بينو شينهن تي سنبري اٿيو،
سست تي لرزان ترسان شينهن يڪدم نيئي لڪو،
وس وڏا ڪيائون تڏهن شينهن نہ اصلي ٿيو،
هٿ ڏئي اکين متي ٿيو شرم کان سو شرمسار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

17- چوڏهين سن ۾ ڪرامت ڪئي آهي تنهن قربدار،
ٿيو ٻڪر غالب متي شيرِ زيان ڪر اعتبار،
مير صاحب کي لڳي حيرت بيحد بيشمار،
ڇا عجائب معجزو ڪيو آهہ مالڪ مختيار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

18- ڇا جرئت جانور کي ٿئي اڳيان اسدالله،
شينهن شينهن شاهه مردان شان شوڪت شهنشاهه،
جو اچن تا شينهن تنهن وٽ زيارتي شام و پڳاهہ،
شان شاهي شرف جو ناهي لکڻ ليکو شمار.
شاهه مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

19- نـر هٺـي نعـرو ٿيـو اظهـار عـالم جـو امـام،
شـل هجـي راضـي مٺـس محبـوب رب خيرالانـام،
پنجتـن پشـت و پنهـہ ۽ مـدد تنهنجـي ذوالڪـرام،
دائمـا ترقـي ۽ حشـمت ديـن دولـت پـائدار.
شـاهہ مـردان شـير يـزدان قـوت پروردگـار،
لا فتـيٰ الا علـي لا سـيف الا ذوالفقـار.

20- فيـض جـي دريـاءُ مـان قطـرو ڏيـاريو يـا ڪريـم،
هر دم رهان همـدم اتي 'اهدنا الصراط المستقيم'،
راز تنهنجـو مـون مٺـان دمـدم هجـي رهبـر رحيـم،
قبـر محشـر ڪـارڻي پيـرو ڪجـائين مـون پتـار.
شـاهہ مـردان شـير يـزدان قـوت پروردگـار،
لا فتـيٰ الا علـي لا سـيف الا ذوالفقـار.

21- مهـر ڪـر مسـند ڏٺـي بنگلـي ڏٺـي بيڪـار تـي،
ڪـر طبـابت تـرت سـائين برهـہ جـي بيمـار تـي،
توهـہ تنهنجـي تـو تڳـان عـالم اَجهـا آذار تـي،
تـون ننگـي نـروار آهيـن نـُـور نرمـل نـامدار.
شـاهہ مـردان شـير يـزدان قـوت پروردگـار،
لا فتـيٰ الا علـي لا سـيف الا ذوالفقـار.

22- ڪـر عنـايت انـورا آهيـن دادلـو ديـان جـو،
تـو مٺـي آهـي پيـار پـارس! راز دل رحمـان جـو،
ڪـر سـتاري سـيدا! احسـان تـيءِ ايمـان جـو،
تـون ننگـي نـروار آهيـن نـُـور نرمـل نـامدار.
شـاهہ مـردان شـير يـزدان قـوت پروردگـار،
لا فتـيٰ الا علـي لا سـيف الا ذوالفقـار.

23- سرڪ جي ساقي سَجي ڪا رمز واري راهہ جي،
ڏيِ ڏسي ڏاتر اوهان جي در مٿي آيس پڄي،
ڪر خدا لڳ ڪارٽي سردار عالم مون سڄي،
رک ستر ستار منهنجو پير صاحب پاڳدار.
شاهہ مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

24- تون خدا جو لاڏلو آهين دادلو درگاهہ جو،
ملڪ جو مشهور آهين معروف منزل گاهہ جو،
آهي اسان کي آسرو تو شير شاهنشاهہ جو،
تو سخي داتا ڏٺي مون "عمر" عاجز عيبدار.
شاهہ مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

25- سڀ سلامي در تنهنجي جا ڪيا خداوند ڪرد گار،
وئي عمر ساري لنگهي حيلا ڪيم هردم هزار،
دل چوي دلبر مدينو اکين سان ڏاتر ڏيکار،
در زبان دل ذڪر ذاتي قلب تي ڪلمو قرار.
شاهہ مردان شير يزدان قوت پروردگار،
لا فتيٰ الا علي لا سيف الا ذوالفقار.

لا الـہ اِلا الله مُحمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام) *

(ڪمال فقير جي چيل)

[ڪمال فقير نوشهري فيروز جو مشهور شاعر ۽ درويش ٿي گذريو آهي. فقير صاحب، صوفياڻو خيال رکندڙ هو، سنڌس ڪيترائي مريد هئا. فقير صاحب 1927ع ڌاري وفات ڪئي.]

'بسم الله با الله' چئي تو صفت سندي سردار چوان،
خالق خلقيو مير 'محمد' نور منجهان نروار چوان،
سونهن سيد ساڻ سرار چڱا چارئي يار چوان،
سيد سان سڀ گڏ صحابي چوڏاري چوڌار چوان،
افضل اعليٰ شان عجيبن داتا جي دربار چوان،
'ابوبڪر' سچو صادق رفيق منجهه سو غار چوان،
حضرت 'عمر' عادل هو سونهارو سو سچار چوان،
'عثمان' جمع ڪيو قرآن آڳي جو اظهار چوان،
حضرت 'علي' شير بهادر دلدل جو هسوار چوان،
پنجتن پاڪ پيارا پڻ موليٰ جا مختار چوان،
'حسن' 'حسين' حمايت هيڻن اڙين جو آڌار چوان،
اعليٰ شان امام ٻيا ٻُڌ ٻارنهن ٻولاچار چوان،
اول امام 'علي بن طالب' صاحب ذوالفقار چوان،
ٻيو امام 'حسن بن حيدر' پيارو تو پروار چوان،
ٽيون امام 'حسين' سونهارو گوهر تو غمخوار چوان،
چوٿون 'زين العابد' ظاهر دين مٿس دستار چوان،
پنجون 'محمد باقر' بيشڪ باريءَ ڪيو تہ ٻلار چوان،
ڇهون 'محمد جعفر صادق' قادر جو ڪمدار چوان،
ستون امام 'موسيٰ ڪاظم' ڪامل ڪلنگيدار چوان،
اٺون امام 'رضا' هو لائق دين سندو ڌهدار چوان،
۹

* اُتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق کان پهتل.

نائون امام 'تقي' تيو طالب حق سندو حقدار چوان،
ڏهون امام 'نقي' تيو نائب ديني دفتردار چوان،
يارهون امام 'حسن عسڪري' ڪامل قربدار چوان،
ٻارهون والي آهه ولايت "مهدي" تو مختار چوان،
ٻارنهن ئي آهن محبوب حقاني سورنهن سڀ سردار چوان،
مدح چوان محبوب مٺي جي سرور جو سينگار چوان،
قد صنوبر ڪان وڌ ڪامل سَرو شرمسار چوان،
زلف سياهه سرار سهڻا پيچي تيو پيچدار چوان،
عطر ڪٿوري ڪان وڌ اعليٰ خاوند خوشبودار چوان،
ناف تاتاري ناهه برابر واس پِرين وڌ وار چوان،
مشڪ ڪٿوري عنبر ڇا هي؟ هوتن وڌ هُٻڪاري چوان،
ابرو سيف ايراني ڪان وڌ خوني تو خمدار چوان،
برق بجلي ڪان وڌ ويتر چشم سندي چمڪار چوان،
ناهي طاقت تيغ جهلڻ جي تيز نينان تلوار چوان،
آهو ڪان وڌ عين عجيبن جانب جلويدار چوان،
لعل بدخشاڻ ڪان وڌ لالي روشن تو رخسار چوان،
گل گلابي گلڙا گونتا گلشن تو گلزار چوان،
لعل سي مرجان ڪان اعليٰ لب تو رونقدار چوان،
دُر دندان جي داور دلبر موتيءَ ڪان موچار چوان،
چاهه زنخدان عشاقن قيدي لک هزار چوان،
شمس قمر ٻئي شامل ناهن جلوي ۾ جهلڪار چوان،
حور پري غلمان ملائڪ پرور جا پينار چوان،
شيرين گوئي ڪلام قريبن گهوٽ سندي گفتار چوان.
مور نہ ايندي مَٽ عجيبن ڇا ڪبڪ جي رفتار چوان،
هنج تيو حيران هلڻ ۾ دوستن جي ديدار چوان،
مير مدني مرسل موهيا گهايا هزار چوان،
رستم، گستم، بهمڻ برزو بيشڪ تيا بيزار چوان،
ڪيڪباد، ڪائوس ڪنعاني لاشڪ تيا لاچار چوان،

سام، نريمان، خاور، نسرو سيف لڳن سٽڪار چوان،
توس ۽ تهپال پنهي ڪي هيانوَ لڳو هٿيار چوان،
’زليخا‘ کي ذوق عطا ٿيو ’احمد‘ جو اسرار چوان،
’منصور‘ حُسن ۾ محو ٿيو ۽ برھ چاڙهيو بردار چوان،
’مجنون‘ ٿيو مشتاق ملڻ لئي هوتن لئي هڪوار چوان،
برھ ٻٽايس بند بدن کي وليس جا ولهار چوان،
ملڪ سڄي جو مالڪ ڏنو ’احمد‘ کي اختيار چوان،
حُسن هوتن جو هو حقيقي علام ۾ آشڪار چوان،
”حريص عليڪم باالمؤمنين الرؤف الرحيم“ تهدل ٿيو تڪرار چوان،
’لولاڪ لما خلقتُ الافلاڪ“ ڏاج ڏنس ڏاتار چوان،
”نَحن الاخرون و سابقون“ احمد جو اعتبار چوان،
مٿ نہ ڪو مخلوق پرينءَ جو مڙني مهندار چوان،
سيد آهہ سمونڊ سراسر لهرن لک هزار چوان،
مٿو محمد ڪونہ لٿو ڪنهن پار سندس پاتار چوان،
وارث والي آ دوجڳ جو محب مٿو منٺار چوان،
ڪل نبيءَ جو ڪلنگي ڪامل جانب ڄا جنسار چوان،
قِريو جو فرمان عجيبن بُرو سو بدڪار چوان،
راھ ڇڏي جو رافضي رليو موذي سو منهن ڪار چوان،
هڄي ويندو هاويءَ اندر ٿيندو خر خوار چوان،
منافق جي آمَتِ موڙهي موذي سو مردار چوان،
داخل ٿيندو دوزخ اَندر لعنت تنهن لک وار چوان،
قهري ايندو ڪوپ تنهين تي قادر رُب قَهار چوان،
ايندو آتش هيٺ عذابي باري جي پُلڪار چوان،
توبهہ سان جي ٿيندا تائب سي طالب تابعدار چوان،
جنت ٿيندي جاءِ تِنهين جي بهشتي باغ بهار چوان،
حضرت حامي هيٺن حاضر هر ويلي هموار چوان،
’احمد‘ آهي اوٽ اڙين جي گوهر ٿو غمخوار چوان،
ڪين ڇڏيندو اُمت پنهنجي سيد ڏينهن شمار چوان،

سـامر سـنيالي ڏينـدو سـيد اڳ ۾ تـي اڳـوار ڇـوان،
اڳ ۾ مير محمـد عربـي دوسـت مـِـٺو دلـدار ڇوان،
پنـيءَ لائـي پنهنجـي هلنـدو سـيني کـي سـالار ڇـوان،
رب رکنـدو رايـو رهبـر جـانب جـو تـہ جبـار ڇـوان،
بخشـائيندو بـاريءَ کـان گوهـر گنهگـار ڇـوان،
آگـي ڏنـو اذنُ شـفاعت ’احمـد‘ کـي اقـرار ڇـوان،
پڙهان صلواتون سيد مٿان صدق منجهان صد بار ڇوان،
”کمال“ کري قربان پرين تان سر صدقي سو وار ڇوان،
روشن کيو مون کلب نبي يا، کلمي ساڻ قرار ڇوان.

لا اِلـہ اِلا الله مُحمد رسول الله.

مناجات*

نبي ﷺ جي بارگاهہ ۾
(منٺار فقير راڄڙ جي چيل)

[منٺار فقير ولد قبول محمد راڄڙ، وينل ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ تعلقو ڪپرو ضلع ٿرپارڪر. ولادت جو سال 1865ع ننڍي هوندي کان فقيريءَ ڏانهن لاڙو هئس، سندس وڏا حضرت مخدوم نوح رحہ جا مريد هئا ۽ پاڻ بہ مرحوم مخدوم محمد امين "امين" جي هٿ تي بيعت ڪيائين. مرشد جي وفات جي صدمي کان سندس شاعريءَ جو دور شروع ٿيو. سندس ڪلام جو مجموعه چيپل آهي، جنهن ۾ ڪافيون، مولود، مناقب وغيره آهن. فقير صاحب 1938ع ۾ وفات ڪئي.]

1- ساراهيان سبحان کي، رب سچي رحمان کي،
عالم ڏٺي علام کي، مالڪ ملڪ منان کي.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

2- سوالي آهيان تنهن شاهہ جو، عربي نبيءَ انبياءُ جو،
رهبر رسول الله جو، وارث امت ورناهہ جو.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

3- سڻ عرض محمد مصطفيٰ! لاهہ مون شيطاني خفا،
ڪي ڏيار نعمت جا نفعا، تون ڪندين شافع شفا.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

* منٺار فقير جي چيپل ڪلام تان ورتل.

4- توتي امت جو بار هي، 'ابابڪر' تو يار هي،
دلبر سچو دلدار هي، ويچي وچان نا وار هي.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

5- سڻ مِير 'عمر' هي عرض، ميٽي ڇڏج منهنجو مرض،
ڪاٽي ڇڏج منهنجو قرض، ڪنهن نہ ڏج گيديءَ غرض.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

6- منهنجو عرض 'عثمان' کي، سائين سچي سلطان کي،
خاصي خدا جي خان کي، مون ڏانَ ڏج پِيَٽ پان کي.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

7- حضرت 'علي' شير خدا، وڻ تَڻ نوازي جنهن رَتا،
قربان تنهن ڪامل مٿان، سٹندو سيد منهنجي صدا.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

8- يا پاڪ دامن 'فاطمت'، صاحب ڪئي اَوهان جي صفت،
آجي ڪندا اَوهين امت، عاصيءَ ڪپي اوهان جي همت.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

9- اَلئون 'علي' امام تيو، وارث ولي وريام تيو،
نُوري نرمل نام تيو، اوجر گهٽو اسلام تيو.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

10- حضرت ’حسن‘ همراهہ تون، منجهہ شهادت شاهہ تون،
دل جو پرين داناهہ تون، اصلوئن ڏُريئون درياهہ تون.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

11- حضرت ’حسين‘ والي سندم، ڪر غرض برحالي سندم،
پاندمَ ڇڏج خالي سندم، ڏاتار تون عالي سندم.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

12- ’زين العابد‘ سهڻا سَتر، ڪامل ڪرين مون تي نظر،
معافي تين مون تان مڱر، ساڻي تجان ڏاران سمر.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

13- ’باقر‘ آهين منهنجو ٻلو، قائم رهي تنهنجو قلعو،
توڙي رسي تو وٽ وِلهو، تون پروسو منهنجو پلو.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

14- ’جعفر‘ جڏهن جن ياد ڪيو، ساڻي تڏهن تن سان ٿيو،
ڪُل غم لهي اُن جو ويو، سُتر تڏهن وڃي سو پيو.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

15- ’موسيٰ‘ ڪاظم سلطان هي، عالم لئي ايمان هي،
راضي مٿس رحمان هي، جلوو ڏٺي جل شانہ.
سارهہ مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

16- صاحب ’تقي‘ سڻ سوال تون، معلوم اٿيئي ڪُل حال مون،
پرمي! ڪرين ڪو پال تون، لهريون لنگهائج لال مون.
سارهه مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

17- نرمل ’نقي‘ تون ڪر نظر، هن حال جي توکي خبر،
مينج مديون منهنجي اندر، ساٿي سدائين تيءَ سدر.
سارهه مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

18- ’عسڪر‘ اَجهو تون آهئين، سوالي سندءِ پهرايئين،
حضرت مَ هٿ شل لاهئين، محشر مون کي مرڪايئين.
سارهه مڙئي سرور سند ي،
جو نُور جي نرمل ندي.

19- سڻ عرض مون ’مهدي‘ ميان، تو بادشاهيءَ سينءَ جيان،
پاٿي سندءِ مَٿَ جو پيان، اُمتي ’محمدﷺ‘ جو ٿيان.
سارهه مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

20- هٿ رک حضرت پير تون، وارث وسيلا وير تون،
مرشد مڪمل مير تون، ڏي دلبرا دلڏير تون.
سارهه مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

21- ’شهاب الدين‘ سهروردي سچا، ڪمڙا مينج منهنجا ڪچا،
تون ڪج پلا! منهنجو بچا، رک امن ۾ منهنجا بچا.
سارهه مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

22- سڻ نيـاز نرمـل ’نـوح‘ تـون، سرور جماعت سُـونهن تـون،
مون تـان ورهـ ورونهـ تـون، سڻ سوال سنجھ صبوح تـون.
سـارهہ مڙئـي سـرور سـندي،
جـو نـُـور جـي نرمـل نـدي.

23- هـالن ڏٺـي هـن حـال سـين، پـُـڌ عـرض هـن احـوال سـين،
سڏڙا سڄ سپ سـوال سيـن، بخـرا ڏيـارج پـال سيـن.
سـارهہ مڙئـي سـرور سـندي،
جـو نـُـور جـي نرمـل نـدي.

24- ’اميـن محمـد‘ پيـر تـون، پـُـڌ عرض هي اڪسير تـون،
مـرشد مڪمل ميـر تـون، ڏي فيض مون ڪي فقير تـون.
سـارهہ مڙئـي سـرور سـندي،
جـو نـُـور جـي نرمـل نـدي.

25- صـاحب اوهيـن سردار ڪيـا، واحـد ولـي وينجهـار ڪيـا،
مـوليٰ پلـي موچـار ڪيـا، اڙيـن جي لئـي آڌار ڪيـا.
سـارهہ مڙئـي سـرور سـندي،
جـو نـُـور جـي نرمـل نـدي.

26- پـرور پلـي ڪيـا پيـر سـي، واحـد پلـي ڪيـا ويرسـي،
سو ڪي لنگهائيندم سِيرسي، دل ڪي ڏينـدم دلڏيـر سـي.
سـارهہ مڙئـي سـرور سـندي،
جـو نـُـور جـي نرمـل نـدي.

27- ڪـري عـرض هـي نـادار تـو، مهندار توهـان مگڻهـار تـو،
پـايـو پلئـو پينـار تـو، ڏاتيـون گهُـري ڏاتـار تـو.
سـارهہ مڙئـي سـرور سـندي،
جـو نـُـور جـي نرمـل نـدي.

28- هت هُت فضل مون سان ٿين، ڏاتار سڀ ڏاتيون ڏين،
۽ جيءَ گهُريا منهنجا جيئن، خوش ڪير شادين جا پين.
ساره مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

29- من عرض مون منظور ڪن، دک درد دل جا دور ڪن،
ڏکندا اسان تان ڏور ڪن، برڪت منجهان پَرپور ڪن.
ساره مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

30- اينءَ ڪجان مالڪ ميان، هت هُت سدا سرهو ٿيان،
صحبت ثمر ساٺر نيان، ڪلمو چئي شل دم ڏيان،
ساره مڙئي سرور سندي،
جو نُور جي نرمل ندي.

لا اِلـه الا الله مُحَمد رسُول الله.

مدح (نبي ﷺ)*

(محمد مداحي جي چيل)

صفتـــون صـــاحب رب ســـليم، اعلـــيٰ عظمـــت ســـاڻ عليـــم،
پـڙهـون صلـواتـون دل مـلـيـــم، آيـــو محمـــد ســـر زميـــــن،
ســـــين اصحـــــابن وارو وار،
چرخـو چـوري كـــر كـــا كـــار.

رهبـر جـو رک سـدا تـون رايـو، غفلـت توكـي آهـي گـُــمايو،
يـــار حقـي تـــو آهـي وجـايـــو، قلب پنهنجي جو كر تـون سعيـو،
هــوش ركـي تـون تــي هوشـيار،
چرخـو چـوري كـــر كـــا كـــار.

تـــو جـــڏهن تـــي ارث وجـــايو، هنـن كيـو تـي لـڏڻ جـو سـعيو،
بـــار بـرابـر بـغديـــن چـــايـو، تـــو تـڏهـن تـي كپهہ پـُچـــايـو،
ڏينهـن رهيـــا تئـي بـــاقي چـــار،
چرخـو چـوري كـــر كـــا كـــار.

ويـون وتـــان تـــو ســـي جيـــڏيون، منهـن مقـابل تـــو ســـي جيـــڏيون،
لاٿئن پـريـــون وجـــن تـہ لـڏيـــون، گوهـر ســـاڻ وجـــي ســـي گڏيـــون،
بـــاقي رهيــــئـــن تـــون بيكـــار،
چرخـو چـوري كـــر كـــا كـــار.

---

* هن مدح جو مدار ٽن روايتن تي آهي، جي وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپئي ۽ (تعلقي ٽنڊي الهيار مان) يار محمد منهائي کان ۽ لاڙ (تعلقي ٺٽي) مان عبدالله گندري کان پهتل آهن. وچولي روايتن مطابق هيءَ مدح "محمد مداحي" جي چيل آهي ۽ لاڙ جي روايت موجب "جمن ملاح" جي چيل آهي.

تــو ڪتڻــو هــُيـــــَـڙو ڪالهـــ، چــوڙي چــڏيئي ارٽ جــي مالهـــ،
پــوري گهمئيــن تــون بيخيـــال، تنهـــن ڪـان مـري چـــوري شـــال!
لهـــي اســـان تـــان هـــي آزار،
چرخـــو چـــوري ڪـــر ڪـــا ڪـــار.

گهـَـر گهـَـر جهوتـــون ڏنئـي جـال، اهـــڙا تنهنجـــا ٿيـــا افعـــال،
گهمنـدي وجـايئـي ڪيئـي سـال، مُلڪ سـاري ۾ تنهنجـي مـقـال،
ڪـوڙي تنهنجـــي هرڪـــا ڪـــار،
چرخـــو چـــوري ڪـــر ڪـــا ڪـــار.

تون سُتئين ٿنگ ٿنگ تي چاڙهي، اوبِـــــي چـــــڏيئي ارٽ اُلاڙي،
گهٽيون گهمين ٿي گهر گهر پاڙي، تنهن ڪـان ڇڏ تـون ڪپـهـ سـاڙي،
پـوءِ پلـــِـي تـــُـون گهـر بـازار،
چرخـــو چـــوري ڪـــر ڪـــا ڪـــا ر.

مهـــل ويئـــي توڪـــان مـــــُـوڙي، ارٽ سـان آهيـن تـون جـا ڪـوڙي،
جيڏانهـن تيڏانهـن تـون سنيـوڙي، ور ڇڏي تون گهمين ٿـي وســـوڙي،
هـــٿ هٽنديـــنءَ تـــون هيڪـــار،
چرخـــو چـــوري ڪـــر ڪـــا ڪـــار.

سمـــر ڪتيوئـــي هڪـــڙي نـــاڙي، تـــو جـــڏهانڪر تـــاجي چـــاڙهي،
هٽندي گهمين ٿي گهر گهر چـاڙي، جيڪـــا ســِـٽيـَـئِـي اونـڌي انـــاڙي،
نـــڪ ودايئـــي پنهنجـــو نـــار،
چرخـــو چـــوري ڪـــر ڪـــا ڪـــار.

بخت ڇڏيو جڏهن تـو ڪـي پـوري، تـڏهن ڪـَـتڻ ڪي ڇڏيئي چـوري،
حـق ڏي محبت تـوڪـــي مـــوڙي، بي تـہ سيڪـا ور جـــي گهـــوري،
هـــٿ ڪيـــا پاتـــا هـــار،
چرخـــو چـــوري ڪـــر ڪـــا ڪـــار.

تــو تــان ڪتيــو بلڪــل ڪيــن، اڇــي پڇنــدءِ جــِــت اميــن،
تن جي اڳيـان ڪُـڇنديــن ڪيــن، رڙنديـن روئنديـن منجهــ زميــن،
جــت حــاڪم گــڏبئي هيبتــدار،
چرخــو چــوري ڪــر ڪــا ڪــار.

ويجهــو وقــت ڏس تــان آيــو، سـچ ڪيــو آهــ اُلهــڻ سـعيو،
ملڪ المــوت مٿــي تــي آيـــو، هــاديءَ پنهنجــو حڪـم هلايـــو،
ڏاڍو تنهــن جــو ســچي ڏهڪــار،
چرخــو چــوري ڪــر ڪــا ڪــار.

مهنــدان محشــر ٿينــدو ميــڙو، ذڪــر قيــامت ڪريــان ڪهــڙو؟
نبــي مـــرسل هـــرڪو پيـــڙو، سيڪنهن پنهنجي جيءَ سان جيهڙو،
نفســي نفســي پڙهنــدا نـــروار،
چرخــو چــوري ڪــر ڪــا ڪــار.

هيبــت سـُـيَـــر جن جــي هــاڪ، اينــدا منجهــ انــدئيءَ اوطــاق،
اتـــي رسيـــر رســول پـــاڪ، ســيد منهنجــي رکجــان ســاک،
جـــت زور لاهينـــدا ضبطيـــدار،
چرخــو چــوري ڪــر ڪــا ڪــار.

سـَـرڻ پياســون جــن جــي ســام، سي ڪيئن ڇڏيندا ڏينهن قيـام؟
تــوڙي خـــاص تـــوڙي عـــام، ســيئي اُڪــارينـــدو ’احمـــد‘
جـــام،
اچــي ســڏيندو ســون ســردار،
چرخــو چــوري ڪــر ڪــا ڪــار.

ٿينــدا ســانوڻ لهنــدي ســوڙ، ڪيــر ڪٿــي جــا ٿينــدا ڪــوڙ،
پٽيــن پٽيــن جــا پُــو نقــوڙ، مــرڪي ’محمــد‘ ٻڌنــدو مــوڙ،
غـــافل ڇٽنـــدا گنهگـــار،
چرخــو چــوري ڪــر ڪــا ڪــار.

اَول مجيوسون پهريون يار، دوست منو هو پيو دلدار،
ذوالنورين تيو منثار، سيني صحابن علي سينگار،
پنجتن جو آءٌ پينار،
چرخو چوري کر کا کار.

مير ’محمد‘ شاهن شاهہ، نرمل مون تي کج نگاهہ،
”محمد“ مداحي اوهان جو آهہ، يا رب! ميلئين مون دلخواهہ،
کلمي سان لڏيان کلتار،
چرخو چوري کر کا کار.

لا اِلٰہ اِلا الله مُحمد رسول الله.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهه ۾.

(محمد يوسف ميمڻ جي چيل)

صبا واءِ صبوح جا ڏي پارانيا پرين،
سڻ سوال ستار لڳ ڪج ڪما حقه ڪن،
آءُ اوير ڏهون ادا! وڃ اولهه سين ادبن،
سنير سڻ صدا تون هل هينئر ڏي هوتن،
رهج راتيون ڏينهڙا مانند مزورن،
۽ ويلو ڪج مَ وچ ۾ پُرج ڏنه پيڪن،
اڳيون ڏيندءِ انعام اخروي قادر سين ڪرمن،
باڪا 'بڳن' جو هليو وڃ رسي ۾ 'راهُن'،
ري راهن جوهليو وڃ ڪَهي ۾ 'ڪاڪن'،
کهي 'ڪاڪن' جو هليو وڃ ڀهڳڻ منجهه 'ٻڳن'،
لڙهي لنگهي 'لاڪات' ڪون وڃ جلدي 'جوٽيجن'،
سنئون 'سڪرنڊ' جو هليو وڃ پُري 'پيچن'،
هيجان 'هالن' جو هليو وڃ منجهه تون 'متيارين'،
'نيرڻ' 'ننگر' ڪون هلي وڃ ڪنان ڪيچيئڙن،
لحظي منجهه لنگهي وڃ وٽ تون واڍوڙين،
بار ڪنيو بندرن تي تو لئي تا ترسن،
حاجي هر هر هتڙا ڪنيون مناجات منگن،
ساتي ستاٽا مڙئي پاجهه پريا بيڙن،
سگهو گهڙج سمونڊ ۾ گهلي ريءُ گهمرن،
هلائج همراهه تي هيجان حجازين،
'مسقط' ۽ 'مڪران' مون وچ تڪو جيئن تيرن،
هيجان 'حدي' ڪوئن لنگهي وڃ 'مڪي' جا ماڳن،

* اُتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

باڪا 'بيت الله' جي تي داخل دروازن،
هيجان 'حجر' کي چمي چُم موتي مينارن،
ميزج پنبڻين سان پٽي نمي سان نيڻن،
سگهو ميڙي صاف ڪر صحن سندو سپرين،
پاڻي 'زمزم' جي پي بچج ڪان بَدُن،
موتي 'مديني' وڃي ڏوڙج در دوستن،
بانَهن جان ٻانهون ٻڌي ڪري پئو قَدمن،
منهنجي مناجات ڪج تيان پاڙيچو پرين،
هيءَ منهنجي مُعذرت وڃي سٽائج سڄڻ،
عرض 'احمد چام' ڪي ڪر بيهر جان بانَهن،
هَي هَي چئج حال هي روئي رفيقن،
تہ: "يوسف پٽ يتيم" جو آهي منجهان عاصين،
پوٽو "غلام محمد" جو سو منجهان ملوڪن،
سنڌي ساڪن 'سنڌ' جو آهي عاشق عجيبن،
هوئي هوت حضور ۾ حاضر حبيبن،
وني فيض فرحتون پسڻ سان پرين،
ڪڙي قسمت قيد ڪيو آهي ٻاندي منجهہ 'بگن'،
تو لچي ليلائي گهڻو ماند مريضن،
احمد! اوهان ڏنہ اچڻ جي اتس محبت من،
سگهہ نڪا سمر جي پُري جيئن پيرن،
عاصي اوهان ڏنہ اچي هيڪر سان حيلن،
حضرت! هندورو ڏسي اچي ساڻ اکين،
هن پوچاري جا پنڌ ۾ پچي پير پون،
هلي حضرت هاشمي موتي پير مُونن،
هن تي حق تو رهي مرسل! سندو مڻن،
هڪ ايرو ڪيو عيال پيو عاجز اولاد ڪن،
ڪينهي خرچ ڪيئن چڏي سرور سقيمن؟
تنهن توهان ڏي موڪليا سَو سَو سلامن،

چئـي تسـليمؤن چاهہ مـون ســَـو ســَـو صلواتـن،
هـن ٻـانهي تـي ٻاجهہ ڪيـو اي ڏئـا ڏيهہ ڏڻيـن!
خـوش ڪـري وچ خـواب ۾ اي سـرور! سـڪاين،
مـدح چئـي محبـوب جـي تـا مداحـي مرڪـن،
ميـڙي ’محمد ڪريـم‘ جـي وجـي لکيـن لاڳ لهـن،
وينـدا سـي ايمـان سـان جـي ڪلمـو پـاڪ ڪـَـهن.

لا اِلــه اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهہ ۾.

(صوفي آسو رام جي چيل)

[آسو رام پٽ ڏاندو مل وينل هالا پراڻا (ضلعو حيدرآباد) سنہ 1271 هجري/1854ع ۾ ڄائو. سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٿوري گهڻي فارسي ۽ عربي بہ پڙهيو. سڄي عمر تعليم کاتي جي ملازمت (ماستري) ۾ گذاريائين. ننڍي هوندي کان وڻي فقيرن جي صحبت ۾ رهندو هو ۽ آخرڪار صوفي طريقو اختيار ڪيائين. سندس ڪلام ۾ نبي ﷺ جي بارگاهہ ۾ مناجات ۽ انهيءَ قسم جو ٻيو صوفياڻي رنگ جو مواد شامل آهي. فقير صاحب ڪيترا سلوڪ ۽ بيت چيا آهن. رسالو آس و، پريم غنچہ ۽ ديوان آسو سندس مشهور ڪتاب آهن. ازانسواءِ هڪ قلمي نسخو سندس ٻوين وٽ موجود آهي. فقير آسورام سنہ 1360 هجري/15- فيبروري 1941ع ۾ هالن پراڻن ۾ لاڏاڻو ڪيو.]

بچائج ڪفر ظلمت کان،
مدد ڪر يا رسول الله!

1- تون آهين نُور نُوراني، مِٺو محبوب سبحاني،
نہ ڪيو ٻيو تنهجو ٿيو ثاني. ڪرم ڪر يا رسول الله!

2- خدا فرقان نازل ڪيو، مٿي مرسل موچاري تو،
اُڪارج ڏڏ پلئہ جو پيو. لطف ڪر يا رسول الله!

3- امت ساري سندو شافع، ڏکن مرضن سندو دافع،
سچو جڳ ٿيو تو کان نافع. رحم ڪر يا رسول الله!

* حيدرآباد شهر مان محترم مرزا گل حسن "احسن" ڪربلائيءَ کان پهتل.

4- سوا لک تي متي مَـرکين، تـارن ۾ چنـڊ جئـن چمکيـن،
سـدا ڀِھڳــڻ پيــو ڀھکيــن. مھــر کـــر يـــا رســـول الله!

5- جيکي تنھنجي پنيان پـيـَـڙا، کـري قربـان جــــنـد جيئـڙا،
انھــن جــا وھــم ســپ ويــڙا. فضــل کـــر يــا رســـول الله!

6- اصـل تنھنجـي گولـي آھيــان، جـُـتيءَ جي جـوڙ پـڻ ناھيـان،
سچائيءَ سـان تـو در دانھيــان. پـلــِــي کــر يـــا رســـول الله!

7- عـرض سـڻ ھـن کميـٽيءَ جـو، پنھنجــي در وھيـٽــيءَ جـــو،
ڏســي ھـيءَ حـال ھيـٽـيءَ جـو. ســتر کـــر يــا رســـول الله!

8- مدايـــن ۾ ”آســـو“ ورتـــو، وھـــائي آب تـــو اُرتـــو،
اُوھـان کـي ھـِـت ھـُـتي پرتـو. پــرم کـــر يــا رســـول الله!

مناجات

نبي ﷺ جي بارگاهه ۾

(مراد علي فقير شر جي چيل)

[مراد علي فقير پٽ مينگهو فقير شر بلوچ ويٺل ڳوٺ مينگهو شر، تعلقو ميرواهه ضلعو خيرپور ميرس. 26- شعبان 1303 هجري/1885ع ۾ ڄائو. شاعري ورثي ۾ پيءُ کان مليس. سندس ڪلام تمام ٿورو آهي، جو پڻ ٻين شاعرن جي پيران چيو اٿس. هتي سندس مناجات ڏجي ٿي، جا ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي جي مشهور مناجات جو تتبع آهي.]

1- ڪيم گناهن سنجهه صباح بديون يار بخشايان،
آهيان بد سٽي سڏ اچو نيٽن وچايان،
ڪيو نفس گهٽو نحس گهُران بخش پلايان،
سڻ سوال ڪيو پال هيٽن هوت حمايتان،
ٻڌي سڏ گولي گڏ ڏيو برهه براتان.

2- وئي عمر سر بسر گناهن گڏياسي،
سوا توهه ناهي واهه پرين پيش پياسي،
ڪيم ڏوهه گهٽا ڊوهه چوڻ چور چلياسي،
اچي بچاءِ ڪريان واءِ سهٽا سام پياسي،
سچا سردار ڏي آڌار ڳچيءَ پاند ڪياسي.

3- ڏيو سمر منجهه قبر واهر وير وسيلا،
تر ميزان ڏينهن ميدان اچو يار البيلا،
پائي پوشاڪ آئين 'لولاڪ' منجهان ڳُجهه ڳجهيلا،
منجهان احد تئين عبد هئين اصل اڪيلا،
ڏيو حال منجهان خيال تئي پرت پئيلا.

4- ڏيو مدت منجهه عزت تئي عمر سجائي،
ڪيان تات سچي رات نه ڪيان مات منائي،
قالو قول ٻڌم ٻول ڪيان وعده وفائي،
هجي سرت سچي پرت سچڻ سور سچائي،
سندم سوال تئي بحال پلا! ڪر پلائي.

5- ڪيان حال ڏيو خيال اتم طلب تنوارا،
ساعت سال آهي محال پرتئون روز پچارا،
جيئن جنجال ٻن وصال آهن عشق اشارا.
يانئيان بنبال هي وبال جدا محب مٽيارا،
منجهان رحم ڪر ڪرم پرين پاڪ پيارا.

6- وڄن مرض لهن قرض ڪونتل عشق ڪڏايان،
هجي راز برهه باز چستئون چوٽ چلايان،
تنهن جو خيال هجي بحال نوبت نينهن وڄايان،
پرين پاڪ تو اشتياق وهم غير وڃايان،
ساڻ ديدار ڏي آذار ديدان درس اڙايان.

7- "مراد علي" پرين هلي اچي ڪندو پلي مون،
منجهئون صفات اثبات وحدت وير چڙهي مون،
محڪم موج ڪري اوج ذاتي ذڪر جلي مون،
گهران فڪر ساڻ اثر تن من تونهين چوي مون،
پڙهان ڪلمو سچو دل مؤن روحي رمز رلي مون.

لا الٰـه الا الله محمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ) *

(ڄام خان چانڊئي جي چيل)

[ڄام خان ولد محمد رحيم خان چانڊيو بلوچ، تعلقي بدين ۾ ڪڏڻ لڳ ڳوٺ ٻيڙي خان چانڊئي ۾ سنہ 1309 هجري/ 9-جون 1891ع ۾ ڄائو. اُت سهوليت نہ هئڻ سبب پڙهي نہ سگهيو. جوانيءَ ۾ سلهہ جي موذي مرض مٿس حملو ڪيو. جنهن ڪري سدائين اڪيلو گذاريندو هو. ۽ سڄي عمر شادي بہ ڪانہ ڪيائين. شيعہ فرقي سان تعلق رکندو هو. تاهم سيني اصحابن سڳورن لاءِ ڪيس عزت هوندي هئي ۽ انهن جي حب ۽ شان ۾ ڪيترو ئي مدحيہ ڪلام چيو اٿس. هتي سندس ٽي مدحون ڏجن ٿيون. ڄام خان سنہ 1374 هجري / 23-سيپٽمبر 1954ع ۾ وفات ڪئي.]

(1)

1- سيد تو ساماٽي سيئي سور ويا،
ڏوهارين جا ڏکڙا ڏٺي ڏور ويا،
ولهن واٽ ويئي سي وهلور ويا،
ذبح ٿيا سي ظالم چُڪي چور ويا،
مِنو مير معراج مرسل ٿئي،
تيو گل گلزار گلشن متي.

2- عمر وئي اجائي اچا تون نندو،
لڳن جو لحم ويو اچا تون نندو،
اچا تو کي آيا اچا تون نندو،
نيڻن جو نظر ويو اچا تون نندو،
ڏکن ڏاند ڏاڙهيون اچا منهن متي،
مِنو مير معراج مرسل ٿئي.

* لاڙ (تعلقي بدين) مان مقبول احمد بلوچ کان پهتل.

3- گدائـــي ۾ گـــولا تـــون غفلـــت كريـــن،
لكـــن منجهـــ ليـــڙا تـــون غفلـــت كريـــن،
متـــي مـــوت ميـــڙا تـــون غفلـــت كريـــن،
جهكـــن منجهـــ جهيـــڙا تـــون غفلـــت كريـــن،
بغـــاوت چـــڏي تـــيءَ برســـر متـــي،
مـــِنو ميـــر معـــراج مرســـل تئـــي.

4- ادا! كـــر نـــ ارمـــان عربـــي اَجهـــو،
ســـجن جـــي لهـــي ســـار عربـــي اَجهـــو،
بـــانهن تـــي كـــري پاجهـــ عربـــي اَجهـــو،
امـــت جـــو ســـو آذار عربـــي اَجهـــو،
سيئي چئو صلواتون سـَو سرور متي،
مـــِنو ميـــر معـــراج مرســـل تئـــي.

5- هـــو مـــالك ســـارو ســـو كفـــران جـــو،
ڏكيـــو ڏيـــل ســـاروتنهن كفـــران جـــو،
كريـــو كـــوٽ كـــارو تنهـــن كفـــران جـــو،
جهكيـــو كنـــڌ ســـارو تنهـــن كفـــران جـــو،
وارث تي وعظ كيو تنهن منبر متي،
مـــِنو ميـــر معـــراج مرســـل تئـــي.

6- صحـــابي تيـــا ســـرها هـــُـين حـــُـبَ گهٽـــي،
امـــت جـــو هـــيءَ آذار آنـــدو ڏٽـــي،
ابوجـــهـــَـــل نـــ ڳالهـــ جـــيءَ ۾ وٽـــي،
ككـــي خـــارجيءَ كـــي كلـــو هـــڻ كٽـــي،
كدي پيـــر پـــادر مـــاڳهين هڻ متي،
مـــِنو ميـــر معـــراج مرســـل تئـــي.

7- سچائي جو سندرو پـَڌو هو صديق،
سدائين سوپارو سچو هو صديق،
ننگاوت جو نعرو سچو هو صديق،
سخاوت ۾ سارو سچو هو صديق،
تنهن جو هو توڪل سو مالڪ متي،
مـِنو مير معراج مرسل تئي.

8- وهـ وهـ! يار تنهنجي سا ياري وڻي،
سچڻ سوپ تنهنجي سا ساري وڻي،
اچي بهشت بوءِ سا بهاري وڻي،
تيان خاڪ پيرن جي واري وڻي،
ڏاڍا تنهن جا ڏهڪاءَ ڏيهن متي،
مـِنو مير معراج مرسل تئي.

9- صحابن ۾ سهڻو علي شير هو،
ڪفارن جو قاتل علي شير هو،
عدون تي پالو علي شير هو،
مددگار مرسل علي شير هو،
ڪيهر ڪات واهيا ڪفارن متي،
مـِنو مير معراج مرسل تئي.

10- حقاحق آهين يا حضرت حسين!
ويندل دين وار يئي يا حضرت حسين!
ڪـَلـَها تو ڪـُهايا يا حضرت حسين!
وڇوڙئين وڳر ڪان يا حضرت حسين!
انهيءَ ڏينهن اوراجا هئا اُپ متي،
مـِنو مير معراج مرسل تئي.

11- ڪري عرض عاصي بندو "چام" هيءُ،
گنهگار گولو گندو "چام" هيءُ،
طمع جو تي تاڻيو تندو "چام" هيءُ،
سبب ڪر تون سائين! سندو "چام" هيءُ،
مرڻ مهل ڪلمو چئي مرسل متي،
مِنو مير معراج مرسل تئي.

لا اِلٰه اِلا الله محمد رسول الله.

❖

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهہ ۾

(2)

پاڪ ڌڻي پروردگار، مالڪ ملڪن جو مختار،
قادر قدرت جو ڪلتار، جوڙون جوڙي رب جبار،
محمد گهوٽ ڪيو مهندار، ساري عالم جو آڌار،
واحد واڳ ولهي جي وار.
آل رسول الله ڏيڪار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

1- واجهائيندي تير ورهيي، قادر قسمت شال ڪري،
پرينءَ ڏي وجان پير پري، من جو ويري شال مري،
دل تان لاهي ايءَ درڪار.
آل رسول الله ڏيڪار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

* لاڙ (تعلقي بدين) مان مقبول احمد بلوچ ڪان پهتل.

2- درياءُ ڏومر وهي نت نانگو، ساجن ڪرڪو منهنجو سانگو،
ڪپي خزانو نُول مهانگو، تارتڪي ڪي ڪرئين تانگهو،
پرور پتڻ اُڪارئين پار.
آل رسول الله ڏيڪار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

3- هاٽي ينيور ڪي ڏيان باهہ، پرينءَ پڇاڻا هت ڇا آهہ؟
ڪندس ڪامل ڏي پڻ ڪاهہ، عيب اسان جا لالڻ لاهہ،
سبق سفر جو ڪو سيڪار.
آل رسول الله ڏيڪار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

4- راهہ مديني ٿيان رواني، وڃي بدن مان بي ايماني،
جلد پسان وڃي سو جاني، ڏيهہ سارو تنهن جو ڏاني،
تن ۾ آهيم تنهن جي تار.
آل رسول الله ڏيڪار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

5- وارث! تولئي وڏيم واهون، ڪامل! ڪيم ٿي ڪيڏيون ڪاهون،
پير نہ پريندس پوئتي پاهون، دانهن سڻ تون دل جون دانهون،
مان ڏي محمد مون ڪي وار.
آل رسول الله ڏيڪار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

6- ڪافر ڪوڙا هٿا جي ڪامي، احمد ڪي ڪيئون بي آرامي،
سفر سُڪئي سين ٿيڙا سامي، خوڪ وياسي خاڪ ۾ ڪامي،
ڏاتر تن جا ڪوهيا ڏار.
آل رسول الله ڏيڪار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

-7 سرور چام جڏهن ساماڻو، ڪوٽ ڪفر جو ڀڳو پايو،
موت منافقن اُن دم آيو، وري نہ تن کو بت بنايو،
ڪيڏي ڪُتن سان تي جاڪار.
آل رسول الله ڏيکار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

-8 تانگهہ سيد جي رک تون توڙا، ٻيون سڀ وسار ٻاجهون ٻوڙا،
گهر گهر گهوٽ وڏا تي گهوڙا، جويون رنون ڦٽائين جوڙا،
مردودن تي وڏائين مار.
آل رسول الله ڏيکار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

-9 هاديءَ حڪم هلايو هيڏو، ڪوٽ ڪفر جو ڀڳو ڪيڏو!
ڪونہ ڏسان تنهن جانب جيڏو، آب ڏنئين اسلام کي ايڏو،
وير وڙهڻ ۾ ڪئي نہ وار.
آل رسول الله ڏيکار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

-10 شاهہ نجف جو آيو شير، پاڪ ڪوڙيو اڇي پڙ ۾ پير،
ڪامل اوڏو ايندو ڪير؟ ڊول ڪيا تي دشمن ڊير،
ٻر ٻر ڪن انهن جا ٻار.
آل رسول الله ڏيکار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

-11 هادي اسان جو هيبتناڪ، سين پرين ۾ پرمل پاڪ،
حسن حسين جي ڏُر ڪان ڏاڪ، چانڻ چمان تن جي تيان چاق،
ناز پريا پئي نيڻن نار.
آل رسول الله ڏيکار،
حرم حبيبن جو هيڪار.

12- ويــرن پنهنجــي واٽ وجــائي، چڏيئون وساري وحدت وائـي،
حق حسين جو خَـر ويا کـائـي، هـونـدا منجهہ هميشه هـائـي،
لهندو ڪونـہ سـجن جـي سـار.
آل رســـــول الله ڏيڪـــــــار،
حــرم حبيبــن جـــو هيڪـــار.

13- حضرت حسين ويو ڪنهن ويرا، ڪنيـان پليتـــن پنيـــان پيـــرا،
مڙي مـجـوسـي سـي تـيـا پيـڙا، وڍيئون زهـريءَ[1] جا پـڻ زيــرا،
وري نـہ مليـا پيـٽـن پـارَ[2]،
آل رســـــول الله ڏيڪـــــــار،
حــرم حبيبــن جـــو هيڪـــار.

14- ”چـام“ عمـــر وجــائي چـاٽي، انـور تنهـن کي عـرب ۾ آٽـي،
پــرور پـــاڪ پيــارين پــاٽـــي، سيد! سگهو تي سج ۾ ساٽي،
پڙهـان ڪلمـــو وجـــي ڪفـــار.
آل رســـــول الله ڏيڪـــــــار،
حــرم حبيبــن جـــو هيڪـــار.

لا اِلـــہ الا الله محـمـــد رســول الله.

❖

مناجات *

(3)

منـت مـــانـدي تـــي مـــران مـــاڙين انـــدر مجبـــور تيـــو،
سـڪ تـہ نـاهـي سـاهہ سِــڪـي تـــو ديـسـڙو جڏ دور تيـو،
ڏک ڏوتيــاٽي ڪـــي ڏيئـــي ويـــا قيـــد ۾ ڪلـــور تيـــو،

---

[1] زيرا = جيرا، جگر.
[2] پار = پائر.
* لاڙ (تعلقي بدين) مان مقبول احمد بلوچ کان پهتل.

آسري آهيان انهيءَ نرمل نبيءَ جو نُور ٿيو،
اڄ تہ مارُن ڏي ميان! پرزو لکيم ڪنهن پار جو،
سي تہ سانگي سڏ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

1- خوش نہ ٿي ويندين ڪپي ڪئين سي ڪپي هٿ خان ويا،
آبرو عزتون الاهي سات سر سامان ويا،
تن تراڙون تيز تويون تن جا ڦهري ڪان ويا،
ڪي ويا پورا پُري هٿ ڪئين تہ جوڌا جوان ويا.
هن حياتيءَ تي هر گز نا رهيو اعتبار ڪو،
سي تہ سانگي سڏ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

2- پَٽ پوشاڪون پوءِ نہ هلندئي مُنهن مٿو جو ملين،
تنگ مٿي تنگڙي رکيو ڪٽ چڙهيو وينو ڪلين،
ڇيڙا ڇُڪڙا ڇڏيو آڪڙ اڄائي ٿو هلين،
حرص ۾ حيران آهين نہ پاڻ پنهنجو ٿو پلين.
سومرا! توکي سپاٽي سڏ ٿيندو سرڪار جو،
سي تہ سانگي سڏ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

3- سُڌ ساري توکي پوندي، ويندي جڏهن وير ولوٽي،
سومرا! ساهہ تان پرائو سو نيند ئي جهٽ ۾ جهٽي،
مڙهہ تنهنجو موت ماريو سڄ اندر وينداسٽي،
گور ۾ ٿيندين غيباٽو ڪونہ ڪو وهندءِ وٽ،
ڏکن تان ڏڪڙا ڏيندئي بوجهو پيو پڙ بار جو،
سي تہ سانگي سڏ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

4- ڪا بندي ڪي ناهي طاقت راز تو چاٽي ربي،
ڪئين ويا وارو وڃائي ڪونہ ڪو رهندو ڪبي،
راهہ ان تي ٿيا روانا نائي ڪنڌڙا ويا نبي،
قلب مان ڪڍ ڪوڙ بازيون چوريون ڪر ناچبي.

ڪوٺ تنهنجو ڪيئن قبوليان؟ بند هيءَ بيڪار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

5- ماڙين تان منهن نہ پايان وس نهاريان واٽڙيون،
ڪينجهر پڪا ڪلفت بہ ڪانهي پار آٽين پاٽڙيون،
جهٽون وجي جهانگين سان گڏ پيان گهر گهاٽڙيون،
عرض عربي ڄام اڳيان لک ڪندس ليلاٽڙيون.
اي امت آذار سائين ننگ پويئي ڪو نار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

6- جنهن سفر سانگي سڌاريا سو سفر هوئي سالڙو،
تن ڇا سانگين ڪان سواءِ ٿيندو حشر ۾ حالڙو؟
مون ڏکيءَ کي رب ڏيکارين من پريان جو مالڙو،
جن مالوند مارن بنا نيٺان وهي جر جالڙو.
جهونگار جهانگين جو جهوري لهرو وٺي تو لار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

7- ماشاءالله مينهن وٺي جو وجي ملندس ماڳ تي،
مرڻ تائين مون نہ وسري سَڌا اهائي ساڳ تي،
اعتبار آهيم ٿيندا عيش پرينءَ جي پاڳ تي،
مون پُڌو منهنجو مامرو سو نہ ريڌو راڳ تي.
رونشو نہ هي راحت پانيان لوڪ ۾ لک وار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

7- يا ڏٽي! مون کي ڪٽي قسمت آندو آهي ڪٽي؟
وڏ وڙو والي تون آهيس سوال سڻ منهنجا سُتي،
درخواست دردن جي مُڪير پوندي پنهوارن جي پتي،
سا لفافي ۾ لڪائي جوان پڙهندا اُو جتي.
هيٺن متي حملا ڪرين ڏس تون تماشو تار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

9- جهاد جو جاري ٿيو رستو رباني راهہ جو،
شوق شهادت ۾ اچي سَونڪو ڇڏيائون ساهہ جو،
سر صغيرن جا سفر ۾ آسرو الله جو،
ظاهر زماني جا زخم باطون بسم الله جو.
ڪفران تي ڪيڏو ڪيائون تاب اي؛ تلوار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

10- ڏس! جا پلن ڪٿي پلي صبر ڪيئون ساريءَ متي،
ڇــَنا پنهنجا او ڇڏي وينا وڃي واريءَ متي،
سُرت ڪر سامهون نہ ٿيءُ! ڏُم ٿو ڪرين ڏاريءَ متي،
ڪيئن ڪَٽيندين ڪوٽ ۾؟ ٿئي موت جو ماري متي.
ڏينڻ تان ٿيندئي ڏکيو ونندئي پلئو وهنوار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

11- ڪئين لڏي ويا قافلا ڪئين تياري ۾ تيار،
هرڪو ويندو هڪ نپيءَ ۾ مور نا ڪنهن تي ميار،
سوڙهہ ۾ سيڪنهن ٿيندو عربي! تنهنجو انتظار،
تون موچارو مصطفيٰ تو تي آ مڙين جو مدار.
هلڻ ويلي هڪ نہ آهہ پروسو ڪنهن پار[1] جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

12- ”ڄامن“ ڄوي ڄمار منهنجي سورن ۾ ويئي سڄي،
ارمان آهيم اي؛ اندر ۾ ڪوهہ تان آيس ڪڄي،
پاڪ پرور پـَت رکج لوڪ ۾ آهيان لڄي،
رات منهنجي روح ۾ پيا وڄڻ جا واڄٽ وڄي.
قربُ مان ڪلمو پڙهي منهن تان ڏسان مهندار جو،
سي تہ سانگي سڌ سٽي بدلو ڪندا بيمار جو.

لا الٰہ الا الله محمد رسول الله.

---

[1] پار = پائر، پاءُ.

مدح (بادشاھ پير رحہ) *

(آخوند لطف الله "لطف" جي چيل)

[آخوند لطف الله "لطف"، ڳوٺ هالا پراڻا ضلعي حيدرآباد جي مشهور "سانوٽي آخوندن" جي گهراڻي مان هو. عربي، فارسي ۽ سنڌي علمن تي چڱي دسترس هئس. هي صاحب اٽڪل 70 ورهين جي ڄمار ۾ رحلت ڪري ويو. ڪيس وفات ڪئي اٽڪل 60- 70 سال ٿيندا. جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ 1900ع ڌاري وفات ڪئي هوندائين. هن ڪيترين مدحون ۽ مولود چيا آهن، جن مان هڪ مدح هتي ڏجي ٿي.]

-1 خدا ڪيو تنهنجو عز اعليٰ امير!
محمد ڏنئي مان مشفق منير!
يلا پرجهلا بي بدل بينظير!
تون سيني جو سينگار خوشدل پذير.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

-2 ڏٺيءَ جي تون دربار جو دادلو،
تون حسني حسيني پليرا پلو،
تون چوڏس چڱو چوطرف چاڱلو،
گيلاني! تنهنجو جابجا غلغلو.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

-3 رکيون رب تنهنجون رضائون ۽ راز،
ڏنا حڪم توهٽ ڪئين ڪار ساز،

* وڄولي (تعلقي هالا) مان حبيب الله آخوند سانوٽي کان پهتل.

نظـر تنهنجـي کيـا پيـر کئيـن پاڪبـاز،
وڏي توڪـي وسـعت ڏنـي بـي نيـاز.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

4- تـون سـرتاج سـر پيـر سـر اوليـاء،
تـون قطبـن ۾ سـر قطـب ڪـل پيشـوا،
تنهنجـو سـڏ سـخاوت جـو ارض و سمـاء،
تنهنجـي گنـج پرپـور ڪيـا بينـوا.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

5- سـرس تنهنجـو آهـي سـتارو سـين،
قـدم تنهنجـو ڪـامل! مٿـي ڪـاملن،
مريـدي مجـي تنهنجـي ملڪـن مـڙن،
پڪيـن ديـو پريـن ۽ مـاڻهن مـرن.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

6- سـيئي جـڳ سـلامي تنهنجـو پيـر تيـو،
تنهنجـا ڏيهـ ڏانـي چـوان ڇـا پيـو؟
جيڪـو جـانور توڻـي بيجـان هـو،
مـڙن آن ڪـي محبـت منجهـان تـي مجيـو.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

7- حڪـم اَنهنجـو هـر جـاءِ هلـي هـر مڪـان،
اثـر اَنهنجـو تيـو عـالمن ۾ عيـان،

نشانبـَـــر تنهنجــو نــام نــُــوري نشـــان،
صفـــت تنهنجـــي ســـارهہ مـــون ورد زبـــان.
منهنجي دانهن جو داد كـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

8- عـــرب ۽ـــا عجـــم تنهنجـــا غزنـــي غـــلام،
لكيـــن لكپتـــي منجهـــ خراســـان خـــدام،
پشـــوري، پنجـــابي ســـِكن صبـــح و شـــام،
ســنڌي، ســرهندي تنهنجـــي ســايي ۾ ســام:
منهنجي دانهن جو داد كـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

9- ’فريـــدون‘ ’فغفـــور‘ ’دارا‘ عجـــم،
’ارســـطو‘ ’فلاطـــون‘ عقـــل جـــا اتـــم،
جـي ’جامي‘ ’نظـامي‘ هـو ’خسرو‘ ختـم،
اڳيـــان تنهنجـــي آهيـــن اُو ســـڀ عـــدم.
منهنجي دانهن جو داد كـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

10- كريـــن مدعـــي مـــات ويلـــي وڏي،
پنـج پيـر! تـن پـاڙ تـُـڙ كـان تـَـڏي،
نظـر كـج نبـيءَ لـڳ متـي جـيءَ جـَـڏي،
ننگـي! ننــگ ســجاڻج پيــس تــو تــڏي.
منهنجي دانهن جو داد كـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

11- مريـدن سـين ميـران! جـي ويـري وڳـي،
دغـــا بـــاز دشمـــن دورنگـــو ڏڳـــي،

تنهـن کـي ڏکـو تنهنجـي در کـان لڳـي،
پيـس پيـر! تـو پيـش تنهنجـي تڳـي.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

12- زبردسـت ظـالم زدو کـر زوال،
مـدو مدعـي بـسـي وڙو بـد خصـال،
پـوي پيـش مـون پيـر! تئـي پائمـال،
ڏنـي توکـي قـادر ڪرامـت ڪمـال.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

13- حفـاظت ڪريـن مـون حسـد هـوَس کـان،
دغـا بـاز دز دوز ديـوث کـان،
ڏجهـڻ، ڏيـڻ مـردود منحـوس کـان،
رکيـن ريـب چـُـر چغـل جاسـوس کـان.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

14- رکـو شـاهه! مـون کـي شـرف شـانَ سـان،
سـدا سـرخرو مـنزلت مـانَ سـان،
سـعادت سـندي سـاز سـامان سـان،
عطـا کـر اهـو عـز احسـان سـان.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

15- سـواليءَ جـو سـيد! سـڻو أئيـن سـوال،
تئـي آن کـان آسـان مـون مشـکل محـال،

نظر ڪان نبر ڪي ڪريو نئون نهال،
توکي پيرا! پرتس ۽ منهنجو عيال.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

16- تون دانا! منهنجي دانهن جو داد ڪر،
منهنجو خانو ويران آباد ڪر،
سنگت سان سرفراز دلشاد ڪر،
سدا سُک صالح مون اولاد ڪر.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

17- سدائين سخي پيرا! سرتاج تون،
مون محتاج جو رک شرم لاج تون،
روان ڪر منهنجا روز ڪل ڪاج تون.
ڏيارج پنهنجي ڏات مان ڏاج تون.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

18- منهنجو بخت بالا ۽ بيدار ڪر،
مون عاجز جو اقبال اظهار ڪر،
منهنجو ترت طالع تون تيار ڪر،
منهنجو نام ناموس نروار ڪر.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

19- رکي آس آيس اوهان ڏي اپر،
ڪرين پيرا! پسماند ڪي بيشتر،

سهولت تئي سک سدا بي خطر،
رهان خوب خوشحال خوشنود تر.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

20- منهنجو حال معلوم آهي اوهان،
کري عرض احوال جو ڇا چوان!
منهنجي رزق جي راهه کر تون روان،
توانا کرين ترت هي ۽ ناتوان.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

21- تون قُلزم کرامات بخشش بحر،
تون ابرِ عنايات معنيٰ مطر،
وِلها تيا وَنهيان جن جهليو تنهنجو در،
مون گمنام جو نام کر نامور.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

22- اچي عاصي أنهنجي لڳو لام کي،
پَکر پنهنجي پهراءِ پينام کي،
نُوري نَر سجاڻي پنهنجي نام کي،
نوازش تنهنجي خاص ۽ عام کي.
منهنجي دانهن جو داد کر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

23- بچائج مون کي نفس اماره کان،
شقي شر شيطان شرار کان،

رکـــج ديـــو جـــن پـــوت آزار کـــان.
پـَـري کـرمَ مـون پنهنجـي پيـزار کـان.
منهنجي دانهن جو داد کـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

24- سـوين سـُرجٿا ڪئيـن بلائـون ڪـَـهن،
ڪي ڪـارا ڪـي ڪمـرا، وچـون وهـ ورن،
پرنـــدا پريـــون پيـــا وحشـــي وڙهـــن،
پـَـنهه ڪـج مـون پـاڻئون سـدا ڪـان سـين.
منهنجي دانهن جو داد کـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

25- مـرض مـون ميٿـاءِ تـون سـيد سـڌير!
بـلا ڪـڍ بـدن مـان جـا تـي جـائگير،
اکيـن عيـن اوجـر صحـت ٿئـي سـرير،
پلئـي تـو لڳـس پيـر قطبـن ڪبيـر.
منهنجي دانهن جو داد کـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

26- دفـع ڪـر منهنجـا ڏک انـدر جـا اَميـر،
وڏا پيـر! وَر مـون تـي مشـڪل جـي ويـر،
ونهيـان! وڙ سـجاڻي پنهنجـا پـاءَ پيـر،
شباشـب شـتابي رسـو مـون ڪـي شـير!
منهنجي دانهن جو داد کـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

27- مـون ڪـي حـب اوهـان ڏي هميشـه مـدام،
آهيـان اَنهنجـو بـانهو غلامـن غـلام،

سوالي اَنهنجو در جو سائل دوام،
مداحي ميراثي پينارو پينام.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

28- عطا ڪر عيان علم مون کي ميان،
شريعت طريقت سان جاني جيان،
حقيقت معرفت منجهان پُر پيان،
وٺي واٽ وحدت جي واصل ٿيان.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

29- بنامِ خدا عز عالي نبي،
سچي يار صدق صاحب سخي،
عمر مير عثمان اشجع علي،
ورج مون تي وارث وسيلا ولي.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

30- بحقِ محمد علي مرتضيٰ،
بعزِ حسين و حسن مجتبيٰ،
بہ برڪات خاتون خيرالنساءِ،
بہ شانِ شهيدان دشتِ بلا.
منهنجي دانهن جو داد ڪر دستگير!
مدد تي محي الدين پيران پير!

31- پلائيءَ پلن جي منهنجو پار تيءُ،
بحر مشڪلن ۾ مددگار تيءُ،

منهنجـــي بـــدن جـــو بـــار بـــردار تـــيءُ،
مـــون غمنـــاڪ جـــو غـــوث غمخـــوار تـــيءُ.
منهنجي دانهن جو داد ڪـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

32- مـدح منهنجـي محبـوب ڪـر مسـتجاب،
رهـي ديـن ايمـان مـون بـر صـواب،
رسـائڻو مـون کـي تنهيـن جـو جـواب،
اُنهنجـا ڪئيـن مناقب عجـائب عجـاب.
منهنجي دانهن جو داد ڪـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

33- منهنجـــو آ، اســـتاذ، مـــادر پـــدر،
يگانـــا منهنجـــا يـــار اقـــرب دگـــر،
تيـــن شـــال آزاد روز حشـــر،
محـــابي محمـــد منهنجـــي مـــاڙ ڪـــر.
منهنجي دانهن جو داد ڪـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!

34- ”لطف“ چئي منهنجي سوکي سڪرات تئـي،
قبـــر ۾ حشـــر ۾ حمايـــات تئـــي،
هتـــي هـــت اوهـــان جـــي عنايـــات تئـــي،
مـــرڻ ويـــل ڪلمـــو مـــون کـــي وات تئـــي.
منهنجي دانهن جو داد ڪـر دستگير!
مـدد تـي محـي الديـن پيـران پيـر!
لا اِلـهَ اِلا الله مـُحمد رسول الله.

مناجات *

بادشاهہ پير رحہ جي درگاهہ ۾

(حافظ علي اڪبر "مجروح" جي چيل)

[حافظ علي اڪبر "مجروح" ولد آخوند محمد قاسم وينل هالا پراڻا ضلعو حيدرآباد. "سانوڻي آخوندن" جي گهراڻي مان هو. عربي فارسي ڄاڻندو هو. اٽڪل 55 ورهين جي عمر ۾ 18- جمادي الثاني 4- سيپٽمبر 1936ع ۾ وفات ڪيائين. هن مدحون ۽ مولود چيا آهن. سنڌس چيل هڪ مناجات هيٺ ڏجي ٿي.]

خـــدا ســـاڻ خلـــوت ۾ منهنجـــي مقـــال،
ڪتـــابت ڪتـــابت ڪتـــابت ڪريـــو.

اي ڪـــل پيـــر ڪـــان پيـــر اڳـــرا اُتـــم!
لطـــافت لطـــافت لطـــافت ڪريـــو،

سـيئي سـوال سـاري ڪرائيـن قبـول،
عنـــايت عنـــايت عنـــايت ڪريـــو.

رهـــي يـــاد قـــرآن ســـاري عـُــمر،
حفـــاظت حفـــاظت حفـــاظت ڪريـــو.

علـــم ڪـــر عطـــا مـــون ڪـــي پيغمبـــري،
شـــرافت شـــرافت شـــرافت ڪريـــو.

ونـــي وَٽ ونهيـــان! ڏينـــم ڏاتـــر ڪـــان ڏات،
هدايـــت هدايـــت هدايـــت ڪريـــو.

* وچولي (تعلقي هالا) حبيب الله آخوند سانوڻي ڪان پهتل.

رڳــن روح ۽ جســـم ورنهـــــ وجـــود،
ولايـــــت ولايـــــت ولايـــــت ڪريـــو.

قلـــب ڪـــي ڏي قـــوت اي ڪـــامل قطـــب!
دوراڪـــت دوراڪـــت دوراڪـــت ڪريـــو.

منهنجـــو خـــوب آبـــاد خـــانو خليــــل!
نهـــايت نهـــايت نهـــايت ڪريـــو.

سـُـــواتو ۽ صـــالح پســـر پيـــر! ڏي،
ولادت ولادت ولادت ڪريـــــــــــو.

ڪريـــو پيڙهـــ پختـــي ۽ پيڙهـــي پـــڌر،
جمـــاعت جمـــاعت جمـــاعت ڪريـــو.

گهـُــري گهورڙيـــو تـــو گهٽـــي ۾ گهٽـــو،
شـــڪايت شـــڪايت شـــڪايت ڪريـــو.

رهـــي رزق منهنجـــو ڪشـــادو ڪثيـــر،
تفـــاوت تفـــاوت تفـــاوت ڪريـــو.

گهـُــران بيـــڪ بيٺـــو تـــو داتـــا دَران،
ورهاســـت ورهاســـت ورهاســـت ڪريـــو.

گنـــاهن ۾ گـــڏجي عمـــر تـــي اُجـــڙ،
ڪفـــايت ڪفـــايت ڪفـــايت ڪريـــو.

امـــن ۾ رکـــج شـــوم شـــيطان کـــان،
ســـلامت ســـلامت ســـلامت کريـــو.

گنـــاهن کـــان گوشـــي ۾ جـــانب! جهـَــلي،
امـــانت امـــانت امـــانت کريـــو.

عـدم کـر عـَـدو هـاڻ هـک بئـي پنيـان،
کرامـــت کرامـــت کرامـــت کريـــو.

تڙيـن تنـگ طـالب کئـو تنهنجـو تمـام،
هلاڪـــت هلاڪـــت هلاڪـــت کريـــو.

کـِــنا کوڙهيـا کـر مڙئـي مدعـي،
جلالـــت جلالـــت جلالـــت کريـــو.

بـَــچي بيـخ بـاقي نـــ ان جـو اصـل،
خيـــانت خيـــانت خيـــانت کريـــو.

ســوا تــو نـــ بيــو طرفــداري کــري،
ســـعادت ســـعادت ســـعادت کريـــو.

کيـــو عشـــق آگـــار جـــاني! جســـم،
عدالـــت عدالـــت عدالـــت کريـــو.

ورهيـــ ويـا انـدر سـِـک گـذري گهڻـا،
دريـــافت دريـــافت دريـــافت کريـــو.

بيمــاريءَ ۾ پيڻــي نــ چــڏجوم يــَــر،
اِقـــامت اِقـــامت اِقـــامت كريـــو.

رکـــج هـــٿ ســـيني تـــي ســـکرات ۾،
رعـــايت رعـــايت رعـــايت كريـــو.

قبـــر ۾ رســـج پيـــر! كـــاهي كٺـــر،
حمـــايت حمـــايت حمـــايت كريـــو.

پـُــچا وقـت مـَـلكن جـي دل كــي دليــر،
شـــجاعت شـــجاعت شـــجاعت كريـــو.

رهــج روبـــرو مـــون ســـان حـــاضر حبيـــب!
شـــفاعت شـــفاعت شـــفاعت كريـــو.

ســَـــڏاير ســـڃي عـــُـــمر ســـگبان تـــو،
مرحمـــت مرحمـــت مرحمـــت كريـــو.

اي ماهــِ جبيـــن! عـــرض "مجـــروح" جـــا،
اجـــابت اجـــابت اجـــابت كريـــو.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاھہ ۾
(خليفي غلام الله جي چيل)

[خليفو غلام الله ڪلهوڙو، تعلقي وارهہ جي ڳوٺ چودريءَ ۾ اٽڪل 73-1272ھہ / 56-1855ع ڄائو. سموري تعليم فارسيءَ ۾ ورتائين. سنڌي ڪلام جا ٽي مجموعا: نقش سليماني، يوسف زليخا ۽ اخوان يوسف شايع ٿيل آهن، جي مثنوي جي طرز تي آهن. ازانسواءِ مولود، غزل، ڪافيون ۽ بيت پڻ بي انداز چيا اٿس. 1376 ھہ /1956ع ۾ وفات ڪيائين.]

1- سچ ساراهيان اول تو سچي سبحان کي،
خلقيو جنهن مير مرسل مصطفيٰ جي مان کي،
چئن يارن ۽ امامن جي عجب امڪان کي،
روز شب جن مون اچي راحت سدا جند جان کي.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

2- سَو لکين تو ۾ اسان جا چام عربي! آسرا،
ڪيئن ڇڏيندين ڪارڻي؟ حامي! هيڻن هر دوسريٰ،
ڪوڙ جن کي پيو وسيلو، دوس! آ تنهن جي دران،
سام هي نيندين سڏي تون خاص اي خيرالوريٰ!
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وينر آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

3- روءِ زمين ساري گهميس تان نا لڌم بي واھہ ڪا،
رس! رَسي ڪر ماڙ منهنجي شير شافع شاھہ ڪا،

* اتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئيءَ کان پهتل.

گوش لائي، گوش ڪر، عربي! سندم هيءَ آهه ڪا،
قريشي! ڪارڻي قربئون ڪَهي ڪن ڪاهه ڪا.
ميــر مرســـل مصطفـــيٰ وارث وســـيلا ويـــر آ!
ڪــر اســان جي درد جــي ديــدار ســان دلبــر! دوا.

4- هَي! ڪيا ڪم ڪار مان سيئي ڪڌا چوريءَ چري،
خــون خيــانت ۽ گــلا غيبــت ٿيــا آهــن هــر گهــڙي،
ٻــي زنــا ظــاهر سندي پِــيڙي ٻــڌم بلڪــل پــري،
رســم رشــوت ۽ ريــا جــي ڳالهــ تــان ڳهــلا ڳــري.
ميـــر مرســـل مصطفـــيٰ وارث وســـيلا آ!
ڪــر اســان جي درد جــي ديــدار ســان دلبــر! دوا.

5- مــون مَــنو هرڪــو چــوي آهيــان مَــنايــن ســان پريــو،
هــر همــه مخلــوق مولـــيٰ جــا چــون چــوڌر چريــو،
ابــن آدم جنــس جنــن شــوم شــيطان ٻــي وريــو،
ڏوهه منهنجي ڪي ڏسي هرڪــو وجي ڏورئون ڏريو.
ميــر مرســـل مصطفـــيٰ وارث وســـيلا ويـــر آ!
ڪــر اســان جي درد جــي ديــدار ســان دلبــر! دوا.

6- هنــد، سنڌ ساري ۾ ســيد! تــو ڪٿــان جــاڏي قــدم،
روم، يــورپ، آفريقــا، شــام ڪــي عــرب و عجــم،
يمن ۾ يــاري نــه ڏٺي، دلبــر! وري هــڪ ديــر دم،
آمريڪــا، روس تــان ريٺــي ڪــديو هيهــات هــم.
ميــر مرســـل مصطفـــيٰ وارث وســـيلا ويـــر آ!
ڪــر اســان جي درد جــي ديــدار ســان دلبــر! دوا.

7- بغــداد تــان بيــزار ٿيــو ايــران تــان اصلــي نــاراض،
چيــن تــا مــاچين تــائين ســاز منهنجــي ڪــي نــه ســاز،

ڪابول ۽ قنڌار، غزني جو ٻڌم اهڙو آواز،
خود خراساني تہ نرمل سا سَهنِ نرتئون نياز.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

8- تُرڪ تان تڪرار ڪيو عاصي ڏسي مون ڪيئن ترڪ،
حَبَ ۾ هيراس پيو فائق! نہ ان ۾ ڪو فرق،
دهلي ٻہ دَهلي دور ڪان واڇي سندم والي ورق،
فارس، فندي مان ڪي چوي: هي تيو گناهن ۾ غرق.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

9- اُمت سندس عالي اَجها، آسمان تان اصلي پري،
عرش، ڪرسي ۽ زمينون تيون ڪرن زاري، ذري،
مَلڪ ۽ ملوڪ ڏوهن ڪي ڏسي منهنجي ڏري،
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان جو ڪونہ تو پنهنجو ڪري.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

10- واڳ توڪي وارثي تي ملڪ ساري جي سدا،
ڪئين ڪيا تو بادشاهہ جيڪي هئا گولا گدا،
هت حڪم تنهنجو هلي اي سونهن سيني سيدا!
مُلڪ آ محتاج تنهنجو حامي تئين هر دو سريٰ،
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

11- مان نہ مَٽ تنهنجي ڏسان، هڪ ذات سا رب جي پلي،
تو سندي تهدل پٽي ڪو نا سگهي هر گز ڳلي،

سڀ ڏسان محتاج تنهنجا غوث کي توڙي ولي،
اچ ٻُڌي فرياد منهنجو، هوت! تون هيڪر هلي.
ميـر مرسـل مصطفـيٰ وارث وسـيلا ويـر آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

12- باھ بَديُن جي اچي مون تان اُجها عربي اصل،
دين دنيا جي اچي ڪولح دري رهبر رسل،
قبر قيامت ۾ رسج، وهلو وري واري وصل،
آءِ اَجها عالم سندا نرمل نبي نُوري نسل.
ميـر مرسـل مصطفـيٰ وارث وسـيلا ويـر آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

13- ٿو ڊِجان پنهنجي حياتيءَ جي تہ شامت ڪان اچا،
خبر ناهي ڇا ڪندي مون سان ڪميٽي هيءَ دنيا،
نفس و شيطان روز پيا مون کي ستائن، اي سچا!
جن هتي ولين سان هئا هاجا هنيا.
ميـر مرسـل مصطفـيٰ وارث وسـيلا ويـر آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

14- مان اڳيون تن جي ٿيس مغلوب، ور ڪامل ڪجا!
تون پلي تن ويرين کي اچي سرور! سجا،
مون منجهان ظاهر نہ ڪر عاصي سندا هي ڳجھ ڳجها،
تو بنا واٽون وسيلا، محب! مٽيوئي مون مُنجهيا.
ميـر مرسـل مصطفـيٰ وارث وسـيلا ويـر آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

15- پرچي پرين ڪر پانهنجو سردار عالم جا سچا!
منهن نہ مَٽ مرسل منا! هي ڪم ڏسي ڪوجها ڪچا،

اپر عيبن جا اندر ۾ ميرا مون کي مچ مچا،
کيئن کيان اي کارڻي! هئي هئي تيم حضرت هچا.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
کر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

16- سي اتم تو ۾ اميدون سيدا! لک لک هزار،
تڏهن آندا مون وسيلا پاک شهداءِ نيڻ نار،
مانَ تنهن کَر مون مٿان لاهين مـِنا مرسل! ميار،
جي ٻجهي ويا تم گناهن جا بلاشک بار بار.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
کر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

17- شان تنهنجي شرف سان کر کا نظر نُوري،
پاک پرور ڏي ڏسي کر پانهنجو تون تابعي،
جانبا! جبريل، اسرافيل، ميکائيل پي،
آٺيان عزرائيل کي مَلـَکَ تان سهيس سيي.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
کر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

18- 'آدم' اَبو سي جو پلو ۽ 'نوح' نرمل نيکنام،
حُب ابراهيم ڏاڍي تو سندي تنهن کي تمام،
يعقوب، يوسف ياد کن عيسيٰ ۽ موسيٰ کي تا عام،
کل نبي ايندو وني جيکي هئا منجهہ روم، شام.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
کر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

19- سرور صديق ۽ عادل عمر، عثمان تان،
حضرت علي، حسنين ۽ اصحاب سيني عام تان،

هئي يلي جا فاطمہ تنهنجي پيس سچ سام تان،
تورات ۽ انجيل ۽ زبور ۽ فرقان تان.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

20- غوث، قطبن ۽ ولين ڪي وٺي آيس وري،
دوس! در تنهنجي بِنا ڳهلي سُجهي بي نا ڳَري،
ڪنهن ڪي وسيلا ڪي هجن مان ڪي تہ هيءَ دلبر دري،
دادلا! تو در بنا ٻئي در تي منهنجي ناسري.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

21- شامتون شيطان جون تنهن کؤن اچي رک ترت تون،
حضرت هراسن هول کؤن موٺي بچاءِ مير! مون،
دشمن، ديوث دس، ڏي فيض فائق! فرحتون،
موت منهنجو مرسلا! ٿئي حُب تنهنجيءَ ۾ هٿئون.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

22- بيهر ٻڌج ٻانهي سندو هي عرض عربي ڄام ني،
جو پيو سردار سيد! آهي تنهنجي سام ني،
تنهن پَسائي پاڻ ڪر پورو اچي هي ڪام ني،
تان ٻُڌي سيڪو نوازش نور نرمل نام ني.
مير مرسل مصطفيٰ وارث وسيلا وير آ!
ڪر اسان جي درد جي ديدار سان دلبر! دوا.

23- شان تنهنجو شرف جيڪو تو اچي مون ڪي نظر،
سو ڪيان ظاهر تہ ٿيندو آسمان ٺي عيب ور،

پـر زبـان تـي مـُـهر آ حيـرت تئـي حضـرت حـذر،
شال سو گهـو سو هجـي ۽ مـون اندر ۾ مـاڻ مـر.
ميـــر مرســـل مصطفـــيٰ وارث وســـيلا ويـــر آ!
كـر اسـان جـي درد جـي ديـدار سـان دلبـر! دوا.

24- بڻ "غلام الله" جو هـي عـرض تـو عـاصي كـري،
مير! محبت جو تنهين كي چام ڏي جـُـودئون پري،
شل مديني پاڪ ۾ روضي جي چانئٺ تـي مـري،
عين اكيون دل تنهن جـِـي دوس! تـڏهن ئـي ٺـري.
ميـــر مرســـل مصطفـــيٰ وارث وســـيلا ويـــر آ!
كـر اسـان جـي درد جـي ديـدار سـان دلبـر! دوا.

25- الغـرض كـڍ غيـر دل مـان ڏي روشـني رهبر! رسـي،
دادلا! ڏهـرو كريـــن وارث وســـيلا مـــون وصـــي،
غم وهم كل گم تئي شل پاڪ تيـان توكـي پسـي!
قلبئـون كهـي كلمـو هـلان هـن دنيـا مـا هسـي.
ميـــر مرســـل مصطفـــيٰ وارث وســـيلا ويـــر آ!
كـر اسـان جـي درد جـي ديـدار سـان دلبـر! دوا.

لا الـٰه الا الله مـُحمد رسول الله.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهه ۾

(اشرف جي چيل)

1- اول چئـي الله سـاراهيم سـچو سـبحان تـي،
جنهن سچي سبحان خلقيو خاص عالم ڄام ٿي،
تـان ڦريـو سـاري جهـان ۾ فضـل جـو فرمـان تـي،
تـان ٻڌو مـون مصطفيٰ جي شرف جـو سـامان تـي،
سـَـوَ شـكرانا سـبب تيـا مـون نمـاڻي كـاڻ تـي،
مـدد كيـائون مهربـانيون مـاڙ مـون مسـكين تـي.
يـا سـچا سـردار سـرور ڄـام منهنجـي سـار لهـ!
يـا منـا مهنـدار مرسـل سـاڻ اُمـت سـار لهـ!

2- طلـب تـن تعريـف تنهنجـي آ صفـائي سـاهه كـي،
مـدح مـون مقبـول مـن تئـي آسـرو ارواح كـي،
صفـت سـارهه سـوجهرو سـو راهـ ۽ گمراهـ كـي،
محض محبت پانهنجي جو ڏس ڏيو هن ڏاهـ كي،
جو پنڌ پري پانڌيءَ ٻجهي تني وسڻ ويجهو واهـ كي،
سام پنهنجي سا نـ ڇڏجو سگهـ وڏي تو شاهـ كي:
يـا سـچا سـردار سـرور ڄـام منهنجـي سـار لهـ!
يـا منـا مهنـدار مرسـل سـاڻ اُمـت سـار لهـ!

3- مـَـرك مڙني كـان متـي تنهنجو قـرب قـادر كيـو،
لڙهـ لڳس لائق اوهـان جـي پيـش هـي پينـو پيـو،
پـوءِ ڏسـي آن ڏنهـن پڳـو لـوك جـي لاهـي لـِـيو،

---

* اتر (تعلقي قنبر) مان فتح محمد كان پهتل.

ميرا! ماندي کي ملڻ جو ڏس کو لڳ ڏاتر ڏيو،
هَي! کمايم کين کي جو وقت ويساهي ويو،
محب معلوم آ اوهان کي حال تان منهنجو اهو.
يا سچا سردار سرور ڄام منهنجي سار لهه!
يا منا مهندار مرسل ساڻ اُمت سار لهه!

4- تون منو محبوب موليٰ جو اسان کي آسرو،
سوڙهه جا سختي سجهي واهر ويچاريءَ تي ورو،
شوق پنهنجي ذوق جو، ڍوليا! مکج ڍاري ڍرو،
هوئي هميشه حب اوهان جي، ٻَن دنيا جو مامرو،
بيکسن کي بخش کر کو ذوق پنهنجي جو ذرو،
صاحب سچا سڪ مان سڄڻ کو پرت پرچايو پرو.
يا سچا سردار سرور ڄام منهنجي سار لهه!
يا منا مهندار مرسل ساڻ اُمت سار لهه!

5- شرف موجب شان تنهنجو قرب تيو قرآن ۾،
’طٰهٰ‘ ۽ ’يٰسين‘ ’يوسف‘ فضل تيو فرقان ۾،
۽ ’مزمل‘ ’حٰم‘ ’حج‘ تيو عهد ’الرحمـٰن‘ ۾،
”هل اَتيٰ“ ۾ عزتون تو باب ۽ بيان ۾،
مَلڪ، حورون منتظر تنهنجي ادب امڪان ۾،
اوليا ۽ سڀ انبياء فائق تنهنجي فرمان ۾.
يا سچا سردار سرور ڄام منهنجي سار لهه!
يا منا مهندار مرسل ساڻ اُمت سار لهه!

6- ڏاتر ڏنا سڀ ڏيهه توکي مُلڪ جي مالڪ مدار،
رحم تو سان رب وڏا کيا پاڪ تان پروردگار،
مون کي سکندي سال تيا سارينديِ مون سڀ ڄمار،
تان ڪريو تورو تڪيءَ تي محب منهنجا من قرار!

آهون سڻي آسروندن جون آءُ جياپا جيءَ جيار!
تي ڪم ڪارون ڪشالا، هَي! هتي حيلا هزار.
يا سچا سردار سرور ڄام منهنجي سار لهه!
يا مٺا مهندار مرسل ساڻ اُمت سار لهه!

7- تون نبين ۾ نبي سرتاج ۽ سالار تي،
تون ونڊيندڙ وحدتن جو تان مڙن مختار تي،
تون سين سرتاج سرور مرسلن مهندار تي،
تون بدل برڪت جو برحق سرزمين سينگار تي،
تون همت همراهه حامي ۽ اَڙين آڌار تي،
تون سمر ساٿي سُڄن جو تان دلاسي دار تي.
يا سچا سردار سرور ڄام منهنجي سار لهه!
ور ميان وارث وسيلا، سڄڻ منهنجي سار لهه!

8- ترس ڪج ڪو توهه پنهنجو فضل تون في الحال جو،
رهنما! ڪو رحم ڪر پنهنجي پلائي پال جو،
خوف خطرو لاهه لائق جيءَ جُسي جنجال جو،
وَهه وجاءِ سو وجودان مڪر ميڙڻ مال جو،
تو بنا ڪنهن کي چوان هي حال تان احوال جو؟
ڏنهن نمائي نظر ڪر ڪو ورق وارو وصال جو.
يا سچا سردار سرور ڄام منهنجي سار لهه!
ور ميان وارث وسيلا، سڄڻ منهنجي سار لهه!

9- يا رسول رسجان اچي پلڪار جي پوءِ ڪان بچاءِ،
سير جا سختي سجهي سا لهر لحظي ۾ لنگهاءِ،
وَڏوَڙا! ڪوڙ ڪري پنهنجي وڙئون واڳون وراءِ،
ٻاجهن ڀريا! ڪا ٻاجهه ڪر ويران هي وارث وساءِ،
ساهه تولئي تو سکي تون ڪين سڪندن کي سڪاءِ،

حال منهنجي تي هلي اچي پال برڪت جو پلاءِ.
يا سچا سردار سرور ڇام منهنجي سار لهه!
ور ميان وارث وسيلا، سڄڻ منهنجي سار لهه!

10- رڪ دنيا جي دام ڪان جا ڪين حرڪت ڪان هٽي،
ڪم ڪُل ڪرڙيءَ ڪَچا واٽان ولهي راهان رتي،
شرم وندي شرم ڪيو، موڳي محابي ڪوڻ مَتي،
ڪلنگيون جنهن ڪاپار ۾ سا ڪيئن رسي ڦورن ڦتي.
يا سچا سردار سرور ڇام منهنجي سار لهه!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

11- ماندو ڏسي مون کي نه ڇڏ نالي خدا آهيان نڌر،
مون تڪيءَ تنهن جو تڪيو دلبر لاءِ دوست در،
وهلو چوان ور ڪري تو ڏنهن گهڻو آءٌ منتظر،
هَي! عمر حيلي منجهه وڃائي تي ڪيم غم ۾ گذر،
تو شو توڪل تار ۾ بي سگهه نه ساريان ڪو سمر،
هر ويل هردم ساڻ هج نالي مِنا مون سان ثمر.
يا سچا سردار سرور ڇام منهنجي سار لهه!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

12- تنهنجي بچائي هي بچي ڪنهن تان پلاٽي پروسي،
وَرُ ڏيو ويري وڙهي لٽو ڏور ڏنگايون ڏسي،
آءٌ ڊڃان تو ڊپ انهيءَ هي خر متان ڪٽيو ڪسي،
موذي مداين تي متو ڪوڙو ڪم ڏس ڪئن ڪشي،
نِچ ناز تي نرجو نِوي هي نورنيڪي ڪوڻ نسي،
ڇَٽ ڪريو تنهن چور کي درنگو وجهو دشمن دسي.
يا سچا سردار سرور ڇام منهنجي سار لهه!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

13- جيءُ جسي ۾ جار تنهنجو اندر ۾ اشتياق آهي،
سوز سيني ۾ شهيدن جو چڪي تو چاڪ آهي،
دوست لئي ديدار تنهنجي مَن گهڻو مشتاق آهي،
شمع دل جو سوجهرو سو عشق جو اطلاق آهي،
ذڪر تنهنجو برهه جي بيمار لئي ترياق آهي،
جو سندم دلڙي هجر ۾ چاڪ ۽ غمناڪ آهي.
يا سچا سردار سرور چام منهنجي سار لهه!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

14- يا محمد چام! تنهنجي پيش پيس پاند پُڪي،
حُب هٿي هردم هميشه جانبن جِيئڙو جُڪي،
محب! تو من مست ڪيو دل ۾ درد دائم دڪي،
وٺ پاڪ مون وٽ ڪاونديو ڏس ڪو ڏيو ڏاتر ڏڪئي،
مسڪين کي محفوظ ڪريو ۽ ڏيو برڪت بڪئي،
جو پيو تو سام مرسل! ڪيم تنهن جي دل ڏکي.
يا سچا سردار سرور چام منهنجي سار لهه!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

15- هٿ وني همراهه تي هن وقت ۾ ويلي وري،
اثر اظهاري ڪيا تان هن زماني ظاهري،
لوڪن وڪي لَڄ لوپ تي حرام تي پِيڙا هِري،
ننگ سجاڻ جو شرم ويو ۽ ويا ماڻهو قري،
ڳوليا لين نتا ڳوٺ ۾ ڪي سچ سخن جا صابري،
چور، چاوت، چُوچڙو گهر گهر پيو بارڻ بَري.
يا سچا سردار سرور چام منهنجي سار لهه!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

16- تون نيت تي رک نگهه، نيتن سندا آهن نفعا،
نيت بيڙي توڙ نيند ئي توڙ لنگهائي پار سا،

جـن سـجاتو مرتضـيٰ کـي تـن سـجاتو مصطفـيٰ،
جـن سـجاتو مصطفـيٰ کـي تـن سـجاتو جـڳ خـدا،
جن سجاتو خود خدا سي کيئن خدا کان ٿيا جدا،
اِذن اَلله جـو مليـو تـي هـاشمي هـٿ ۾ شـفا.
يـا سـچا سـردار سـرور چـام منهنجـي سـار لهـ!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

17- آل سـان جـو بـي ادب سـو مصطفـيٰ جـو مدعـي،
جو مصطفيٰ جو مدعي تنهنجي چوان ڪيئن پيـروي،
ويـون نمـازون ناهـ ٿي ۽ ڪل ڪمـائي ٻـَن پئـي،
ڏس مصيبـت مـاريو تـن مـاجرا ڪيـڏي پئـي،
ڪـافر ٿيـو ڪلمـو نـ پڙهيـو ثـابت صحيـح،
سو ڪئن چوان اُمتـي تـول ويـا جنهـن کـون ٿئـي.
يـا سـچا سـردار سـرور چـام منهنجـي سـار لهـ!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

18- 'صديق' صاحب سر زمين شامل شريعت سربسر،
'فـاروق' فيـاضِ زمـان 'عمـر' طريقـت تـر بتـر،
'عثمـان' اعظـم اوليـاء بحـرِ حقيقـت بحـر و بـر،
'مرتضـيٰ!' مـانجهي مشـرف معرفـت مـِـهرِ نظـر،
مالڪ ملڪيـن 'سـليمان' ڪعبـي قربئـون ڪثـر،
حاضر رهـن سي حضور ۾ هـُـئا حڪم لاءِ منتظـر.
يـا سـچا سـردار سـرور چـام منهنجـي سـار لهـ!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

19- حُـبَ هِنئين 'حسنين' جي تحقيقت آ تلقيـن تـَن،
جـي رسـول الله جـا هئـا جـگر گوشـا جـانِ مـن،
سـي پسـان پرتئـون پيـارا وهـ تـن جـا ويـس وَن،

اصحاب احمد ڄام جا مَرڪن ميان مانجهي مَــگهن،
چارئي ڪندا واهر منهنجي شل چمان چانئڻ سندن،
مهــر ســان مــون تــي ڪنــدا پــردو پڪــر پنجتــن.
يــا ســچا ســردار ســرور ڄــام منهنجــي ســار لهــ!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

20- قبر ويلي ڪَر لهج اوندهہ جا گهُٽ سختي سُــجهي،
پُلڪار جت پتيون پڙيون بوڙاٽ بُس بهڳڻ ٻجهي،
گــارو نــہ ڳپ گردان گَــس اوراٽ اُپ اُلڪو اُجهي،
اوت پيءُ نہ پُٽ پانهنجو تان اور تنهن سان اورجــي،
منهنجي حمايت تون ڪندين توري نہ ڪو سرور سُجهي،
مسڪين سان يا مصطفيٰ! همراهہ تــو جهڙو هجــي.
يــا ســچا ســردار ســرور ڄــام منهنجــي ســار لهــ!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

21- ختم الرسل، خيرالوريٰ! مــل موٽ تون مشتاق تــي،
مــوت ويلــي ور ڪريو ڪا مهــر مــون محتــاج تــي،
سڪرات سهنجي ساڪيو سواليءَ جِي رب جي واسطي،
"اشرف" چوي آسان ڪر اڳهــَــ ڪريــان آراستي،
پرتئون پڙهي اُن دم ڏيان ڪلمو محمد شاهہ تــي.
يــا ســچا ســردار ســرور ڄــام منهنجــي ســار لهــ!
قربئون اچي پنهنجي ڪرم سين پاڪ پيشاني پساءِ!

لا الِــہ الا الله محمد رسول الله.

مناجات *

حضرت بادشاه پير رح جي بارگاهه ۾

(پير اشرف شاهه ڪامارائيءَ جي چيل)

سچا محبوب سبحاني! منا محبوب حقاني!
تو هي تي راز رحماني، تون هي شهه شير يزداني.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

بنامِ پاڪ رب پرور، بحق حضرتِ سرور،
طفيلِ ساقي ڪوثر، برائي آل پيغمبر.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

خدا جا دادلا دلبر! پيارا! تون سدا پرور،
يگانا، حقَ سان ياور! منهنجو ڪر داد تون داور!
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

تنهنجو اعليٰ نسب اطهر، نبيءَ جو آل تون اظهر،
محمد شاهه جو مظهر، مريدن جاءِ ڏي جوهر.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

تنهنجو شهه شان آ اعليٰ، قدر ڄاڻي تو حق تعاليٰ،
توکي بارِيءَ ڪيو بالا، سڄاتو رب جل و اعليٰ.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

---

* وچولي (تعلقي هالا) مان محمد اعظم آخوند سانوٽيءَ کان پهتل.

وليءَ ڪُل تي قدم تنهنجو، شرف ايڏو نہ ٻيو ڪنهن جو،
ٿيو مقبول در انهنجو، مڙئي مقصود ڪر منهنجو.
مدد يا شاهہ جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

ولي! تون مُلڪ جو والي، جيڪو ٿئي تو سندو سوالي،
رسي تنهن فيض في الحالي، نہ هڏ سو خير کان خالي.
مدد يا شاهہ جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

توڻي جن، ڀوت، پري ۽ دِءُ[1]، بري، بحري سڀئي تابع،
توڻي ارض و سماءُ راجع، مَلڪ ماڻهو تو ۾ طامع.
مدد يا شاهہ جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

تون منهنجي ماڙ ڪر ميران! تون هي سرتاج سر پيران،
سگهو ڪر داد دلگيران، مريدن ڏي خوشيون ڪيران.
مدد يا شاهہ جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

اَچهو ساريان ڪريان آهون، منجهان دل درد جون دانهون،
ويون ٻيون وير! سڀ واهون، اچي ٻهڳڻ! جهلج ٻانهون.
مدد يا شاهہ جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

---

[1] دِءُ = ديو.

تنهنجـــي آذر تنهنجـــو اولـــو، لاهيـــن دل تـــان پـــَـــئي پولـــو،
تنهنجي گـولـن جـو آءُ گـولـــو، لٺو مـون تـان جهٽـو جهـولـــو.
مـدد يــا شــاهہ جيلانـــي!
سگهو رس غوث صمدانـي!

اوهان جي سگ سندو آءُ سگ، جهليو مون پير! تنهنجو پڳ،
آهيـان پـازي سنـدو پـِچـلـڳ، سُنهائـي دل کـي دينـي دڳ.
مـدد يــا شــاهہ جيلانـــي!
سگهو رس غوث صمدانـي!

پـلا! منهنجـو پـرم رک تـــون، سدائين شــَـهہ! شـرم رک تـون،
نظـر مـون تـي نـرم رک تـــون، دِڳـو منهـنجـو گـرم رک تـون.
مـدد يــا شــاهہ جيلانـــي!
سگهو رس غوث صمدانـي!

سڻو مـون ضعيـف جـي زاري، ڏيـو دل کـي شــاهہ! دلـداري،
اچـي کـر پيــر! پـوئـــواري، منهنجي پـَرتئي سنگت ســاري.
مـدد يــا شــاهہ جيلانـــي!
سگهو رس غوث صمدانـي!

رَسـي کــر ويـــر! واهـــر ور، آهيــان سـائل اوهــان جـــي در،
پـلا مـون پـانـد پيـــري پـــر، ٿيان خـــوشنــــود ۽ خـــوشتـــر.
مـدد يــا شــاهہ جيلانـــي!
سگهو رس غوث صمدانـي!

تنهنجـــو پينـــار آءُ پـــازي، اُيـــو انـــدر کريـــان آزي،
مـــگان تـــوکـان سـرفـــرازي، جي تـون راضي تہ رب راضـي.
مـدد يــا شــاهہ جيلانـــي!
سگهو رس غوث صمدانـي!

تون دهرا دان ڏي مون کي، شرف لڄ شان ڏي مون کي،
امن ايمان ڏي مون کي، سيئي سامان ڏي مون کي.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

ڏياريو دان مون ڏهرا، پنان پُٽ کير جُت جوڙا،
تُرنگ تازي پيلا گهوڙا، طلب تو شاهه کان توڙا.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

ماکيون مصريون مکڻ مربا، ڏيارين دان مون دهرا،
سدائين گنج تنهنجا پريا، گذر سهکو کرين داتا.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

کُلي مقصود منهنجا کر، مدح مقبول تئُبي تو در،
سڃڻ پرتئي پيلا بهتر، کيراءِ مرڌود سڀ کنڌ پر.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

پُليو بدنام بي دينو، رکي دل ۾ تو ڏنه کينو،
سڙيو سوئر سندو سينو، تڙيو سو نِنڌ نابينو.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

کَهي جو مون مُريد سان خَر، وسيلا! لاهه تِنهن جو وَر،
بُڇو بيشرم جو آهي آر، مٿانهون کر تون منهنجو کر.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

ڏيساندڙ ڏيهه ريس ڏوري، اَجهو ناهي ڪو بيو توري،
دسي دشمن وجهو جهوري، ڪپي تنهن کي ڪيو ڪوري.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

ڪرم بيواهه تي ڪر ڪو، رحم بي راهه تي ڪر ڪو،
نظر مون ڏاهه تي ڪر ڪو، زبر بدخواهه تي ڪر ڪو.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

ڏٺيءَ لڳ داد ڪر منهنجو، سينو دلشاد ڪر منهنجو،
خانو آباد ڪر منهنجو، مدعي ڪُل ماد ڪر منهنجو.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

هدايت ڪر مون سان هادي! ڏسان وحدت سندي اودي،
مُيسر ڏي خوشي شادي، وني دل غم ڪان آزادي.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

رکين شيطان جي شر ڪان، اَماري نفس آذر ڪان،
جهنم جي ڏاڍي ڏر ڪان، بچائج تاءَ محشر ڪان.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

ڪرامت پڌري ڪج پنهنجي، مون تي سڪرات، تئي سَنهنجي،
سُجي تي جا اپر اَهنجي، پنان سَهڪائي ٿو تنهن جي.
مدد يا شاهه جيلاني!
سگهو رس غوث صمداني!

قبـر ۾ تـون اچـج كـاهي، تنهنجـو ڏي آسـرو آهـي،
متـان چڏين دل كنـان لاهـي، مُنـور جـاءِ ڏج نـاهـي.
مـدد يـا شـاهه جيلانـي!
سگهو رس غوث صمداني!

پلـؤ ورتـم اچـي انهنجـو، مون كي كر پير! تون پنهنجو،
مَر تيان محتاج آءٌ كنهن جـو، صـراطئون لنگهيـان سهنجـو.
مـدد يـا شـاهه جيلانـي!
سگهو رس غوث صمداني!

حسـابِ حشـر كـان حضـرت! بچـائج پيـر! تـان بركـت،
جنت جـا عيـش ڏي عشـرت، پيـارج كـوثـرِ شـربـت.
مـدد يـا شـاهه جيلانـي!
سگهو رس غوث صمداني!

"اشـرف" كـي امـانت سـين، كـري هـل حـق هدايـت سـين،
گڏي پنهنجيءَ جمـاعـت سيـن، لـڏاءِ كـلمي شهـادت سيـن.
مـدد يـا شـاهه جيلانـي!
سگهو رس غوث صمداني!

لا الـه الا الله مُحمد رسول الله.

مناجات *

(ميان محمد اشرف جي چيل)

”لَو لا الفراقُ لَكَ الوَصلُ بِلاَ قَدَر،
حُيرت عَلَيَ الدَوَامِ آثارُه“،
هڏ نہ هئو فراق جي تہ وصل کان ورچن،
ساءُ اچي مون سِک جو مَنن مشتاقن،
ڏکن ڏاران سُکن جو پَرو ڪيئن پرجهن؟
اُج ڏاران آب جو ڪيهو قدر ڪٿن،
قدر تڏهن طعام جو جڏهن بيحد تا بُکجن،
ڏاران مرض ماڻهين ڪيهو قدر طبيبن؟
ڏاران قت فراق جي هيجُ نہ حَبيبن،
مون ڪي سِکڻ سيڪاريو پاسي لڳي پرين،
هڏ نہ هو هيڪاند ۾ هھڙو ساءُ سيڻن،
جيئن وڇوڙي جي وصال کان پرو پيڙم تن،
هڪ اندر آتي عشق ۾، ٻي نند نہ آهي نيڻن،
ساءُ چکايم سِک جو، وِجهُل واڻڙين،
پَلپل پوي تو پور ۾، منهنجو هنيون لاءِ هوتن،
ساريو ڏينهن سُکن جا، تا قوڙايا قاتن،
تون جو وڃين پَهيَڙا وتان واڍوڙين،
ساريو ڏيج سنيهڙو منهنجن مَنن محبوبن،
آٿي آب اکين مان چئج ونهين ويڙهيچن:
تہ چيلو چچي چانگ مان ڪنهنجو رهي پٺي چرڻ،
تہ واهري ويرَ وتاڻ ۾ تنهنجي پڻ سار لهن،
پَتَ نهارينس پَتيون ۽ پُڇَن تي پہ تَڙن،
تہ مَيچَڻ گوهر گڏيو ڪنهن جي ساڻ قَرڻ،

---

* مجموعه مدحيات (بمبئي ڇاپو) تان ورتل.

تہ جڏهن پيدا نہ ٿئي تان پي منجهان تن،
تہ اچيو اُوءِ افسوس ۾ تا هَي هي هٽ هٽن،
تہ هيءُ اڄ رهيو هيڪلو جيڪس منجهہ جهنگن،
ڪِ ور پِئو ڪنهن ويريءَ جي ڪِ مارئو سو مِرن،
ڦر سندي فراق ۾، تا ايڏا اندوهہ اچن،
اَڏَر نِندر اَيري آءُ جيڪس ڪان پہ ڦرن،
جن ووءِ ووءِ ويس وسري، تن سڀاجهن سانگين،
ڪَرَ نہ لڌي ڪڏهم منهنجي موٺي ماروئڙن،
هينءَ ٻِگَرهيو حال ڪي تي رُئان رت وَرن،
جئن آءُ بندياٺي بند ۾ هوءِ پنهور منجهہ پٽن،
هو ڪليو پين ڪير تا، آءُ ڪُسان ۾ قيدن،
هو واڳيون سي وَرَن سين آءُ جَڙيس زنجيرن،
هو سرتيون سي سکن ۾، آءُ ڏکي منجهہ ڏکن،
ڪرم آنديس ڪوٽ ۾، نہ تہ هت ڪير اچن،
”جَفَ القَلَمُ بِمَا هُوَ ڪائِن“ تا لِکيا انگ پَرنِ.
لِکيا هُيم لوح ۾، نہ تہ هي ڪي سُور سُنهن،
جهڙو قيد قسمت جو تهڙا ڪين سُڄن.
”قَيدُ الماءِ اَشَدُ مِن قَيدِ الحَدِيد“ ائين ڪتاب لِکن،
گونَدر ڏينهن گذاريان سَاريون ساتيئڙن،
ڏاڍا! چڏ ڏاڍائيون هيڏيُون تان نہ ڪَجن،
گهٽو اُکندي آهيان تَنِ عمر اباڻن،
سيئي ساريم سومرا! جي مارو منجهہ ترن،
سيئي ساريم سومرا! جي پنهور منجهہ پکن،
وِجهُل اُن وطن جي مارو مِشتاقن،
محل ماڙيون بنگلا تا ڪَشِ مون ڪين اچن،
آءُ نپني آهيان ائين، جيئن پنهور منجهہ پٽن،
سي وانڙيون ڪيئن وساريان؟ تن سڀاجهن سانگين،
گهڙي گهاري نہ سگهان، ميان! ۾ محلن،

لوئــي ڪيئــن لڄائيــان ڪــي پهــري هــِـت پٽــن،
هينئــون منهنجــو هــُـتِ تيــو، هــت بــدن منجهــ بنــدن،
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟ تــا پــل پــل پــور پــون،
هــُـت وسريس هــُـنن ڪــي، هــِـت جــَـڙيس زنجيــرن،
هــَـي هــَـي منهنجــي حــال ڪــي ووءِ ووءِ هــِـن ويــرن،
ميــان! ڪــر ڪــا مهــر تــون، ســپاجها! پــ ســَـين،
بـــاجهيندڙ پاجهــائيين تــون متــي مريضـــن،
پاجهــ، ســپاجها ســپرين ميــان! ڪــر مــاندن،
جــي ملائيــن تــ مــلان، نــ تــ رهيــس منجهــ رُڃــن،
وِيــر! وســيلو آهييــن پـــاجهيندڙ پــُـڏن،
جــن وســيلا ســپ ويــا تــون واهــر وســيلو تــن.
عــاصي هــن ”اشــرف“ ڪــي ميڙيــن ســان محبــن،
جــو ســڪي ســاري ســڪ ۾ ســدا ســانبيئڙن،
مولــي! ميڙائــو تنهــن ڪريــن مــاندي جــا محبــن،
حــاضر هــوءِ حضــور ۾، تئــي پاڙيچــِـي پريــن،
پســيو درســن دوســت جــو اکڙيــون عيــدون ڪــَـن،
وينــدا ســي ايمــان ســان جــي ڪلمــو پــاڪ ڪــَـهن.

لا الــه اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

بادشاهه پير جيلاني جي بارگاهه ۾
(اميد علي شاهه جي چيل)

1- بغـــداد وارا داد ڪــــر، ويـــران دل آبـــاد ڪــــر،
اولاد نـــــر امـــداد ڪـــر، يـــا غــــوث اعظـــم اوليـــاءَ!

2- توڪـوئن گھـران تـو مـان پسر، اهـڙي ڪرامـت ڪـرم ڪـر،
بغـــداد وارا رحـــم ڪــــر، يـــا غــــوث اعظـــم اوليـــاءَ!

3- تنهنجـو ڇڏي در ڪٿ وڃـان؟ ٻئي در وڃي ڪنهن کي چوان؟
تـو ۾ اميــدون اتــم اڄـان، يـــا غــــوث اعظـــم اوليـــاءَ!

4- فرزنــد عينــن ســان ڏســان، اهـو ڏينهـن جيئري شل پسـان!
اهڙي ڪرامت ڪـر مـون سان، يـــا غــــوث اعظـــم اوليـــاءَ!

5- مـون کي تڪيـو تـو پيـر جـو، آهيـن اَجهــو ڪـل پيـر جـو،
ڪـڍ غـم دلئـون دلگيـر جـو، يـــا غــــوث اعظـــم اوليـــاءَ!

6- آءٌ پيـــر تـــون شـــيرِ خـــدا! تـون سـوال سڻ منهنجـو سـدا،
مـون کـان نـه ٿـي يڪـدم جـدا، يـــا غــــوث اعظـــم اوليـــاءَ!

7- سـوالي نـه خـالي ٿـئي ڪـڏهن، ٻهـرو پـائي اڪثـر جـڏهن،
اميـد اتـم تـو ڏنهـن تـڏهن، يـــا غــــوث اعظـــم !اوليـــاءَ!

8- ننـگ پـال پـاليندڙ آهيـــن، رب کي گهڻـو پسـندڙ آهيـن،
زيـــر و زبـــر ڏسـندڙ آهيـــن، يـــا غــــوث اعظـــم اوليـــاءَ!

* اتر (تعلقي وارهه) مان غلام قادر کان پهتل. جا اميد علي شاهه ڏانهن منسوب آهي.

9- ٻيا سڀ تڪيم تو ريءَ تڪيو، تنهنجو نہ مٽ ٻيو آهہ ڪو،
ثاني نہ تنهنجو شاهہ ڪو، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

10- رک امن ۾ بد ذات ڪون، شعلي حشر آفات ڪون،
ڪج رحم پنهنجي ڏات ڪون، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

11- رس وقت تون سڪرات جي، جيڪڏهن پڇين اڌ رات جي،
صدقي تون پنهنجي ذات جي، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

12- غمناڪ جو غم ڪاٽ تون، موڙهن جي ڪرڪا واٽ تون،
دشمن ڪي هڻ ڪا چماٽ تون، يا غوث اعظم اوليا ءُ.

13- جيڪو مريدن سان ڪَهي، سو جان پنهنجيءَ ۾ لهي،
سو خوش سمهي سک نا ويهي، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

14- تقدير ڪي دستگير تون، ڪر غور منهنجو ميرا! تون،
ڏي درماندن ڪي ڏير تون، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

15- ايڏو شرف وارو لقب، واليءَ ڪيو اعليٰ لقب،
ڪوڙين ڪمايو مان ڪسب، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

16- هڪ شوق زيارت جو جڄهو، جلدي عنايت ڪا ڪجو،
ياڳو هدايت جو ڏجو، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

17- زيارت ڪيان مان جي هيڪر، لهي سڀ وجن دل مان خطر،
تنهنجي ڏني سيڪا ڪثر، يا غوث اعظم اوليا ءُ!

18- هـادي هدايـت جـو آهيـن، والـي ولايـت جـو آهيـن،
رب جـي عنـايت جـو آهيـن، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

19- حضـرت گهڻـو آهيـان ڏکيـو، پيـو ديـد تنهنجي جـو بکيـو،
کر جان جيءَ منهنجو سکيو، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

20- بيهـوش کـي کـو هـوش ڏي، لـڄ پـاند پـردو پـوش ڏي،
منهنجي سـوال تـي گـوش ڏي، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

21- اهڙو راحـم فـي الحـق آهيـن، رب کي وڏيـو بيشـڪ آهيـن،
تـون تـاج اوليـا حـق آهيـن، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

22- سڀ عرض منهنجا کـر قبول، توتـي خـدا راضـي رسـول،
رحمـت تئـي يـاڱو وصـول، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

23- محبـوب تـون الله جـو، فرزنـد صـالح شـاهـ جـو،
سڻ سـوال مـون بيواهـ جـو، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

24- حسـنين جـو اولاد تـون، حـامي هدايـت داد تـون،
کـل کنـون فـولاد تـون، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

25- 'ياسـين' آن جـي شـان ۾، سـڀ جـڳ تـو فرمـان ۾،
کر کـم منهنجا هـڪ آن ۾. يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

26- واجاڻيءَ جو بر ۾ داد ڪِيوَ، موڙهن سندو ارشـاد ڪِيوَ،
مدعي کي ماري ماد ڪِيوَ، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

27- 'ڪـابول' ۽ 'قنـدار' ۾، 'ڪشـمير' ڇـا 'تاتـار' ۾،
غوغـاءُ تـيِـو 'بلغـار' ۾، يـا غـوث اعظـم اوليـاءُ!

28- منجهہ 'يمن' 'يونان' ۾، چا 'بلخ' ۽ 'ڪرمان' ۾،
خادم سندو 'لقمان' ۾، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

29- 'دلي' 'دکن' پوري 'عجم'، اوڙڪ زمين تنهنجو عَلم،
ڪيڏ دل منهنجي مان غم وهم، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

30- هرڪو تنهنجي اوصاف ۾، خوش ٿو گهمي انصاف ۾،
بلبل ٻہ ڪوهہ- قاف ۾، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

31- رَب جا پيارا داد ڪر، غم لاهہ دل کي شاد ڪر،
ڪل قيد کؤن آزاد ڪر، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

32- اهڙو سخي دستگير تون، نت روز پيارين کير تون،
ڪل پير کؤن اڪسير تون، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

33- تون اوليا ءُ الله جو، اولاد تو حسن شاهہ جو،
آءُ سگ تنهنجي درگاهہ جو، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

34- آهيان توتي، بد، آرسي، گهرجي تنهنجي هڪ وهرتي،
عربي نہ ڄاڻان پارسي، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

35- "اميد علي سيد" چوي، توکي ٻاجهہ ٻاجهارا پوي،
هردم اچو راضي رهي، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

36- آءُ! شير بغدادي هلي، تو کؤن سوا ناهي ڳلي،
سوالي تنهنجو "اُميد علي"، يا غوث اعظم اوليا ءِ!

مناجات *

حضرت نبي ﷺ جي بارگاهه ۾

(”ڪرم“ جي چيل)

ساراهيان سچو ڏڻي صاحب رب ستار،
رب پنهنجي نُور مان نبي ڪيو نروار،
مير محمد ڪارڻي عالم جو آڌار،
مير محمد ڪارڻي آهي سين جو سردار،
مير محمد ڪارڻي آهي مانجهي مٺيادار،
ڪڏهن وسارج ڪين ڪي تنهن پرينءَ جي پچار،
جانب ڌاران جيڏيون سُتي ڪهڙي سار؟
جانب ڌاران جيڏيون جيئڻ آهي جَنجار،
موليٰ مون ڪي ميلئين چوڪا چارئي يار،
آءٌ بندياڻي بند ۾، عمر! تو اختيار،
آءٌ قبولينديس ڪين ڪي تان ڪرين تڪرار،
تون سڄاڻي سو نتو، نرميءَ ساڻ نهار،
مُلڪ محمد مير جو ڏاتر مون ڏيڪار،
قسمت آنديس قيد ڪري لڪئي جي لغار،
”جفَّ القلم بما هو ڪائن“ آگَي جي اختيار،
”اهدنَا الصراط المستقيم“ اهو پنڌ پنهوار،
”فَاذ ڪروني اذڪرڪم“ ساريان روز سنگهار،
رات ساريم سومرا! پيلي هوءِ پڪرار،
رات ساريم سومرا! پَهون اُت پنهوار،
رات ساريم سومرا! تر سندا ٿڌڪار،
رات ساريم سومرا! ويڙها سندا وَلهار،

* يار محمد مهاڻي (وينئل ڳوٺ ڪوڪر تعلقو ٽنڊو الهيار) جي قلمي نسخي تان ورتل.

تـن اباڻن جـي آسـري آءُ نکريـو کريـان نهـار،
مـانَ ملائـي کـارڻي کنهـن سـبب سـاڻ سـتار،
تـہ متـان لهـن مـارئي کـي ارمـانن انبـار،
مجـان تـورا رب جـا لکيـن لک هـزار،
مـاريو تـو مجـائي سـياڻا سـنگهار،
ڪڏهن سُـئي سُـون ڪانڪا مسـڪينن تـي مـار،
سُجهي ڪورٽ قادر جي جا سرڪار، نہ ٻي سرڪار،
بـاري بـي پرواهـ جـو خـوف هنئيـن تـي ڌار،
ميـان منهنجـي مـُلڪ جـي ڏي خـاصي خبرچـار،
وُنـا مـينهن 'مليـر' تـي سـَرها ٿيـا سـنگهار،
چـاچر پئـي چـَنـُـن ۾ ٻـي گـاهن جـي گـلزار،
چـڙا وَڄـن چاهـ مـان جئـن لوهـ وڄـن لار،
پيڙيـُون پـِتـُـون پـتـُـن تـي ڏونڪـن اُت ڏرار،
'نـارو' گهمـن نـاز مـان چوڙيليـون چـوڏار،
ڪـُونجن جئـن ڪـَرَ ڪنيوسهسـين ڪـن سـينگار،
سـاريون ملـڪ 'مليـر' جـو تـي روئـان زار و زار،
قـادر هـن "ڪـرم" ڪـي نئـي مدينـي مـار،
جـو سـدا سـِڪـي سـڪ ۾ سـاري سـڀ جمـار،
غسـل ڏيـنِ هـن غريـبَ کـي سـڳـا سـيڻ سـنگهار،
روضـي پـاڪ رسـول جـي تـاڙا ڪـن تنـوار،
چئو صلواتـون نبـي ڪريـم تـي هـردم لک هـزار،
ويندا سـي ايمـان سـان جـن ڪلمـي جـي پچـار.

لا الـہ الا الله مُحمد رسولُ الله.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهه ۾

(خان محمد شيخ جي چيل)

[خان محمد شيخ ڳوٺ ٻنڊو تعلقو ميهڙ. زميندار هوندي بہ فقيريءَ ڏانهن لاڙو هئس. سنڌيءَ سان گڏ قدري عربي ۽ فارسي تعليم پڻ ورتي هئائين. حياتيءَ جو پويون وقت سکر ۾ سکونت اختيار ڪيائين، ۽ وفات بہ اتي ئي ڪيائين. هتي سندس مناجات ڏجي ٿي.]

الف اول آهہ منهنجو سوالي هيءُ تو شاهہ کي:
ڏي سُڌيري سيدا! هن بي ثمر، بي واهہ کي،
ڏي سچائي صدق دل جو پروسو بي ساهہ کي،
وِير ورنهہ ور، منهنجي آگا! اگهايو آهہ کي،
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

بي بديون بخشاءِ مون 'ولسوف' واري لفظ سان،
تو ڪريان زاري اوهان در، احمدا! مون عجز سان،
پسر ريءَ پانهنجي، شامل رهوُن جيئن فرض سان،
تئي عنايت جو اشارو عاجزن جي عرض سان،
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

تي توهان جي طلب مون کي، رات ڏينهان آگهٽي،
شل پَسان روضو اوهان جو پاڪ لايان مون پٽي،

* أتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان پهتل.

ڪيئن جدائي ڪرڻ سائين، وئي اوهان ڪي آ وٺي؟
حرم هوتن جي رسايو پاڪ پيارا مون ڏٺي.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

ثي ثنا تنهنجي سدا هر وقت آهي وات ۾،
ڪيئن ڪندا نند نيڻ پيارا، برهه تنهنجي بات ۾؟
ريءَ ذڪر تسبيح تنهنجي ڪجهه صبر نا رات ۾،
آسرو عربي اوهان جي آ سدائين ذات ۾.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

جيم جاني! ڪر نه فاني، يار پنهنجي پار ڪان،
ڪيئن ڇڏايان جند، جانب! عشق جي آزار ڪان،
ڪيئن صبر ايندو اوهان جي طلب واريءَ تار ڪان؟
يا نبي! مون ڪي ڇڏايو برهه واري بار ڪان.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

حي حُب تنهنجي طلب مون ڪي احمدا! آهي اڪير،
پرم سان ڪر تون پلي عاجز ڇڏايو هي اسير،
ويا قري سڀ مون ڪنا، شاهه و غني توڙي فقير،
مرض ماريو مير مرسل، سيدا! ڏيو ڪا سڌير.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

خي خطائن ۾ عمر تي آ گذر ساري، نبي!
حال هيٺو منهنجو آهي ڪر ڪا پوئواري، نبي!

مون کي تون زيارت ڪرائج پنهنجي هڪواري، نبي!
ڏج دکِي دلگير کي دلجاءِ دلداري، نبي!
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

دال دلبر منجهہ قبر اوکيءَ اچي همراهہ تي،
تنهنجي رحمت آهہ جاري مون ڪيو نڳيءَ جو ناهہ تي،
نفس جي چوڻ طرف سائين! اچ اسان تي ڪاهہ تي،
رس رسول الله! اوکي آهہ منور ماهہ تي.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

ذال ذائقي موت ويلي رس اچي تون رهبرا!
سڪرات سختي سڀ ڇڏائج آسان ڪر تون انورا!
ياد ڪلمو ڏينم تهدل، مير مرسل منورا!
ڪين اهنجي پئيم اوکي سام تو در سرورا!
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

ري رسول الله رهبر! ڪر نہ اوکيءَ ۾ عليل،
تون رسول الله رهبر، تون خدا جو آن خليل،
مار مدعي مون سندو ظالم ڪيو مون کي ذليل،
قائم ڪريو اسلام تي دائم منهنجي دل جو دليل.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

زي زنجيرن نفس وارن آ ڪيو هن حال سان،
ڪر لطف، لائق يلا! پنهنجي پلاڻي پال سان،

جيئن ڪريون منهن موڙ ماٺي هن خودي جي خيال سان،
۽ رڪون محبت گهٽجي پڙ، احمدا! تو آل سان.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

سين ساري چڏ وساري ڏوهه جي ڏاڍا ڪيم،
بدين جي بخشش گهران تو جيڪي خطائون خام پيم،
ساري عمر سجدو اُتي هڪ خوف کان مون نا ڏنم،
ڪانه ڪيڙم ڪا چڱائي وقت سڀ ويئي ويم.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

شين شافي ڪر معافي، ڏوهه منهنجا ڪين ڏس،
جو قلم وِيَڙو وهي، سردار! سا تون ميٽ مَسُ،
حال هيٺو سخت ٿيو، مختيار مرسل مير پَس،
وقت ويلي هُل حشر ۾ سرورا سردار رس!
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

صاد صالح ڪر عمل اڳيان فريق في الجنت،
ڏي دنيا ۾ دين ايمان ۽ سچائي با صحت،
منجهه محبت مؤمنن جي، مير ڏي مون کي عزت،
نام تنهنجو ياد آهي، ڇا ڪندي ظاهر ذلت.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان کي بار بار.

ضاد ضامن مير مُرسل! آهه اڙين جو اَجهو،
قرب آهي ڪل قريشي جو ڇوان ظاهر ڳجهو،

آهن سندس جي اُمتي هرگز نہ ڏسندا ڪو ڏجهو،
جي پڙهن صلوات سٺي جام ڪوثر پين جهجهو.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڌ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

طوئي طلب تنهنجي رڪان، سردار سرور سر بسر،
ڪل نبي نفسي پڪارن ات ڪريو نرمل! نظر،
ڏوهہ منهنجا شل نہ ٿيندا پاڪ پرور وٽ پڌر،
يا نبي نُورالهديٰ جڳ جو ڪيو سولو سفر.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڌ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

ظوئي ظلم ظاهر مَ ڪر، اڄ وير دنيا، جو ويجهي،
چوگرد ۽ چو طرف ڪان آ ويو اسان ڪي ويڙهجي،
پُل هُل ۾ ڏي مدد آ ويو جُسو هي پيڙجِي،
ڪانہ مون ڪيَڙي عبادت منجهہ زماني سيڙجي.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڌ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

عين علميت ڏي سعادت، يا نبي سرتاج! تون،
پوري ڪر منهنجي تمنا سرور سچا! هر هاج تون،
قيام وقتي مهل سختي، مرسل! نہ ڪر محتاج تون،
ڪر ڪمينيءَ جو قريشي! ڏيهہ سؤن اُت ڏاج تون.
رس رسول الله! تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڌ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

غين غفلت غير ڪان مون ڪي ڇڏايو محمدا!
عاجزن تي ڪيو عنايت سونهن سرور سيدا!

آءُ پوري ڪـر اسـان جـي آس عربـي احمـدا!
ڪـر سـفارش سـيدا! قـاضي تينـدو جـاتي خـدا.
رس رسـول الله! تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان ڪي بار بار.

فـي فضل تنهنجو اصل آهي اسان تي خاص و عـام،
ڪونہ توريءَ ڏينهن قيامت تئن ڪريون ڪنهن جو سلام؟
مرشـدا! تنهنجـي اڳيـان خـادم رهـي هـردم خـدام،
ڪيـن ڇڏ ڇـوري ڇـنـي سرتاج وٺ، تـو هـيءَ سـام.
رس رسـول الله! تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان ڪي بار بار.

قـاف قـادر ڏوهـہ صـادر جـي متـان منهنجـي هجـن،
سي محابي مصطفيٰ جي معـاف مـون تـان سـپ تيـن،
جي لڳا لاري اوهان جي ڪيـن سي مُـورڙن منجهـن،
گـپ گنـاهن جـي گپـايو سـر متـان، سـيدا! سـجهن.
رس رسـول الله! تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان ڪي بار بار.

ڪاف ڪوڙي درس دنيا، حرص پيو جنهن جي هڏي،
لَـنءُ لَـنءُ اندر وِيـَڙو ونـي سو ڪيـن تـو هرگز ڇڏي،
آهـہ مشـڪل پيـش بلڪـل مـوت تـو بينـو سـڏي،
ڦنـد سـان ڦـاهي وجهـي تـو منڪـري مـاڙي اڏي.
رس رسـول الله! تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان ڪي بار بار.

لام لائـق پنهنجـو مـالڪ ڪـر اسـان تـي ڪردگـار،
تـون اَجهـو عـاصين سندو، تـون آن اسان جو پـڙ سـتار،

نـام تنهنجـي كـي ونـي دلڙي ٿئـي بلكـل بهـار،
كـر رحـم راحـم! اتـي، جـاتي ٿئـي قـادر قهـار،
رس رسـول الله! تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ كريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان كي بار بار.

ميـم محبت لطـف ليـاقت تـو ڏسـي ورنهـ پناهـ،
كـر عفـو عصيـان، مـالك! ملـك سـاري جـا گناهـ،
تـو سـندي تـاريءَ تڳـون آ تـو سـندي نرمـل نگاهـ،
يـاد كلمـو يـا نبـي! ڏيـاري كريـو پـورا پسـاهـ.
رس رسـول الله! تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ كريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان كي بار بار.

نـون نرمـل آءُ اكمـل! وقـت اوكـي ۾ عجيـب،
كونـ تـو ري بيـو هـتي آ هوت منهنجو كـو حبيـب،
ويـو ونـي واقـف دنيـا جـو خلـم جنهـن كيـو آ خريـب،
ميـر مدنـي محـب جـاني! پـاك زيـارت كـر نصيـب.
رس رسـول تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ كريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان كي بار بار.

واؤ والـي پسـج حـالي، سـور جنهـن كيـو آ سـخت،
كونـ مـالك تـو مگـان مـون كـي ملـي شـاهي تخت،
نـا ٿئـي سـاري عمـر منهنجـي گنـاهن ۾ مفـت،
رات ڏينهـان ورد قـرآن آ عجـب اعلـيٰ بخـت.
رس رسـول تـو لئـي مـان روئـان تـو زار زار،
سڏ كريان سُڏڪا پري، مُـرسل! اوهان كي بار بار.

هـي هدايت بخش، "هادي بخـش" منهنجي يـاءَ كـي،
محبـت سـندءِ مرسـل منـا وارث! ورايـو واءَ كـي،

تان عمر ساري ڇڏيون، يڪدل رهون سڪ ساءَ ڪي،
ٿيون ٻڏي خوش خيال سان پياري پرينءَ جي ناءَ ڪي.
رس رسول تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

لام لاري تو سندي، ڪُل اُمتي تو آسري،
عشق عربي! تو سندي، محبت وڌو ڪنهن ماري،
ڏرت ڏولاون منجهارئون ڪر وسيلو واهري،
ڪم ڳندا منهنجا ڳجها شامل شريعت ظاهري.
رس رسول تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

(ع) الف "أنتم اشد خلقاً ام السماء بناها" بينظير،
تون محمد مصطفيٰ ۽ تون ئي موليٰ جو وزير،
"خان محمد شيخ" تو در آهه عاجز ۽ حقير،
تو ٻاڏايان پيو 'ٻنديءَ' ۾ ڏينم صاحب! ڪا سڌير.
رس رسول تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.

يي يار تو ڪان ذار مون ڪي ڪيئن گذارڻ ٿئي گهڙي،
دم ڏيان دلبر اوهان تي پاڪ ڪلمو مان پڙهي،
ڪيئن رهان احمد اڪيلي، مير مرسل مان ڇَڙي؟
ڏس نماڻيءَ هيءَ نڌر ڏي آءَ لالڻ تون لڙي.
رس رسول تو لئي مان روئان تو زار زار،
سڏ ڪريان سُڏڪا پري، مُرسل! اوهان ڪي بار بار.
لا الٰه الا الله محمد رسول الله.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهه ۾

1- بنامِ ربهم رازق، ثنا خواني ڪُنم خالق،
بود بر فضل خود خالق، محمد يا رسول الله!

2- سونهان سرتاجَ سونهارا، پڇائين ڪاڄ سڀ سارا،
خدا جا پاڪ تون پيارا، محمد يا رسول الله!

3- محمد! ماڙ ڪر منهنجي، سجهي ڪاوڙ نه ٻي ڪنهنجي،
مون ڪي امداد آ انهنجي، محمد يا رسول الله!

4- آهيان ماندو گهڻو من ۾، توانائي ڏيو تن ۾،
سوائِي عمر جي سَن ۾، محمد يا رسول الله!

5- آهيان من ۾ گهڻو ماندو، ڏياريو ڏنهن شفا چاندو،
اُتي در عرض مان آندو، محمد يا رسول الله!

6- عاصي جو در اُتي آيو، ڪرين تون سيدا! سعيو،
عاصي ڇُٽايو، فضل فرمايو، محمد يا رسول الله!

7- ڪرين آزار ڪان آجو، توانو تن ٿئي تازو،
پُڇايو دل سندو ڪاڄو، محمد يا رسول الله!

8- تون ٿي مهندار محشر جو، پيارو پاڪ پرور جو،
ساقي سالار ڪوثر جو، محمد يا رسول الله!

* هن مناجات جون ٻه روايتون اُتر (تعلقي ٺنبر) مان فتح محمد ۽ (تعلقي ڪڪڙ مان) احمد خان آصف کان پهتل آهن، جي "محمد عالم" ڏانهن منسوب آهن.

اندر ۾ اهنج اُجهايو، | تنهين سڀ قلب ڪنبايو،
9- صحت جو پوش پهرايو، | محمد يا رسول الله!

جڏهن آدم نه خلقيو هو، | تڏهن تنهنجو تجلو هو،
10- ڏوهارين ڪي تسلو هو، | محمد يا رسول الله!

جئن تنهنجي لڳا تاري، | تيو ياور ڏيو ياري،
11- ضعيفن جي سٽو زاري، | محمد يا رسول الله!

ندوري نفس بدلايو، | ڪمايو پيش سو آيو،
12- سٽو ٻانهي جو ٻاڏايو، | محمد يا رسول الله!

گذاري عمر مون ساري، | گناهن سان ڪيم ياري،
13- ڏيو دلگير دلداري، | محمد يا رسول الله!

حشر جا هُل هنگاما جي، | ڪريو آسان سڀ مان تي،
14- ڏياريو ڏات ڏانهن ڏاتي، | محمد يا رسول الله!

15- ڪريو ڪو غُور غمناڪان، | ورايو رزق جون واڳان،
جاڪي تو مان جيان جاڳان، | محمد يا رسول الله!

16- ٻجهي تي قبر جي تنگي، | محمد! مِهر مان تنگي،
اُتي تيو سيدا! سنگي، | محمد يا رسول الله!

17- سٽي سڪرات جي سختي، | سياندي دل اتي ورتي،
ٻانهي جي ٻانهن تو پرتي، | محمد يا رسول الله!

18- جتي نفسي نبي ڪَهندا، اڳيون عاجز آڳي رهندا،
عطا تو ڏنهن سيئي لهندا، محمد يا رسول الله!

19- اَڙين جو آسرو آهين، سدا لڳ ڪارڻي ڪاهين،
لڪين ڏک لحظي ۾ لاهين، محمد يا رسول الله!

20- صالح اولاد ڪر منهنجو، نہ ٿئي محتاج ٻئي ڪنهن جو،
هميشه سک ۾ پنهنجو، محمد يا رسول الله!

21- اوهان ڏنهن فضل جو ايندو، نمايان درد ڪي نيندو،
صحيح بيشڪ ڪرم ٿيندو، محمد يا رسول الله!

22- ڏياريو عمر جي برڪت، وجي زحمت ٿئي رحمت،
خدا لڳ ڪر شفيع شفقت، محمد يا رسول الله!

23- مداحي در سندو "عالم"، ڪيائين عرض اٿو معلوم،
ٿئي هر حزن ڪوئن سالم، محمد يا رسول الله!

24- هلاڻي وقت همت ڏي، چوان ڪلمو امانت ڏي،
شهادت ۽ شفاعت ڏي، محمد يا رسول الله!

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

1- فضل ڪر يا رب! محمد مصطفيٰ جي واسطي،
سيد الڪونين شاهِ انبيا جي واسطي.

2- يا الٰهُ العالمين! ڪر عرض منهنجو هي قبول،
"اِستَجِب هذا" دعائي مجتبيٰ جي واسطي.

3- دور ڪر رنج و الم، سختي سيئي آسان ڪر،
تنهن سچي صديق اڪبر با صفا جي واسطي.

4- فضل جي هٿ سان، مون کي مقصود جو ڪو سُود ڏي،
حضرتِ فاروق عادل بي ريا جي واسطي.

5- ٻن جهانن ۾ طفيلِ حضرتِ عثمان غني،
ڪين شرمندو ڪجان، صاحب حيا جي واسطي.

6- بارگاهه اعليٰ ۾ تنهنجي، منهنجي هيءَ آ التجا،
حل ٿئي مشڪل سندم، مشڪلڪشا جي واسطي.

7- بُلبلِ باغِ مدينه، قرةِ عينِ رسول،
يعني بيبي فاطمه خيرالنساءَ جي واسطي.

8- ڏي خوشي دل کي منهنجي سرسبز ڪر نخلِ مراد،
تن جگر، خسته حسن، صاحب لوا جي واسطي.

* اتر (تعلقي روهڙي) مان محترم عبدالرزاق کان پهتل، جا مخدوم پير محمد "عاصي" ڏانهن منسوب آهي.

9- هر طرف کان فوج غم جي آئي سيني تي چڙهي،
ڏي پــنــه اي رب! شــهيدِ ڪربــلا جـــي واســـطي.

10- ڪيــر تــو ريءَ، اي خــدا! ڏي داد هــن دلگيــر کــي،
زود تــر فريـــاد رس زيـــن العبـــا جـــي واســـطي.

11- سـخت حيـران آهيـان ڪـر رحـم جـي مـون تـي نظـر،
بــاقر و جعفــر، علـــي، موســـيٰ رضـــا جـــي واســـطي.

12- موســيٰ ڪــاظم ۽ تقــي ۽ هــم نقــي ۽ عســـڪري،
۽ امـــام مهـــدي صـــاحب ســـخا جـــي واســـطي.

13- يــا الـــــهي دور ڪــر اندوهــ دل جــا درد و غـــم،
غــوث اعظــم، پيــر و مرشــد، رهنمــا جــي واســطي.

14- ڪـر شـفاعت هـاڻ مـون تـي اي نبـي! بهـرِ خـدا،
اي خـدا! ڏي فيـض مـون کـي، مصطفـيٰ جـي واسـطي.

15- آهيـان عـاصي تـو ڪنبـي هـن خـوف ۾ سـارو بـدن،
هـٿ ڪٽـڻ آهـي شـرم، مـون کـي دعـا جـي واسـطي.

مدح (نبي ﷺ) *

اول عشق عربي ڄام جو لِکيو آهي ڏُريان،
آڳي احمد ڄام لئي ڪيو جلوو جمالا،
ڪارڻ پيدائش پرين جو هستيءَ ڪيو هڳاءُ،
منجهان آهه عشق جي تيا عالم آبادا،
علم عقل سين تيو ظاهر ظهورا
سمي سر جهڪايو لئي مارڻ ملوڪا،
سر جني جا ست ۾ پيتي تن پڪا،
سُرڪ انهيءَ هيڪڙيءَ ڳهائي گهوٽ وڏا،
ڪئين ڪڙي ڪيف ڪڪوريا پي موالي مَيا،
ڪئين ڪڙي خماريا پي صوفي سر تيا،
سندي ميٺ محبت مَدِ جي ماريا متارا،
وٺيون ويران وات ۾ صدقو ساهه ڏنا،
"ڪُنتَ ڪَنزاً مخفياً" پڌر پير ڏريا،
آهن انهيءَ رمز ۾ ڪاپڙي ڪڙيا،
ڳالهه نہ ڳالهين جهڙي ڪرڻ تو جُڳاءِ،
عقل وڃي اوڄون تيو اتي انديشا،
ريت انهيءَ راز جي لکي ڪنهن نہ لکيا،
ڪوڙين منجهان "ڪُن" تئي هُئي حقيقتا،
عقل جُزوي ڪُل جو لهي ڪونہ ڪرا،
حُسن منجهہ نبي ڪريم جي تيا همہ حيرانا،
ڪنهن نہ پروڙيو پرينءَ ڪي موران مخلوقا،
پاڻ ڄاڻي پاڻ ڏٺي ماهيت محمدا،
چئو صلواتون نبي ڪريم تي دائم درودا،
ويندا سي ايمان سان ڪلمو جي پڙهندا.

لا الہ الا الله محمد رسول الله.

---

* وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپئي کان پهتل.

مدح (نبي ﷺ) *

ساراهيان سچو ڏٺي آگو عليما،
آهي ڪتابن ۾ هن پر بيانا:
تہ مڙني نبين ۾ 'محمد' معشوقا،
عرشان تي فرش سين تائين تحت ثريٰ،
سيني سڪ نبي ڪريم جي محبت مجازا،
پکين پرت پرين سان وايون وٽنا،
حجرن ڳالهايو حبيب سان ڪوڙئون ڪلاما،
ڏيندا پيغمبر اتي صحيحون سلاما،
"الصلواة والسلام عليڪ يا رسول الله" هن پر آواز،
دانهون درختن تي ڪيون لهي مَ لطفا،
آهُو عشق اُڪندئا اداس ۾ وايون وٽن آ،
حضرت جن پڙهندا هئا خطبو خليلا،
هئي ڪاني وڻ تار جي مسجد مدينا،
مشرف هئي محبوب سان قربت قياما،
"اذا و الله شرف تعظيما تڪريماً"،
نخل تي نبي ڪريم سو جاڳيو هو جونشا،
سي ڪنهن جمعي سپرين سان سڪ مان پيٺيون ساهہ،
پئي صلاح اصحابن م پهہ پرياڻا،
گهُرجي ڪُرسي گهوٽ لئي منبر محمدا،
جڙي آئي اُن جاءِ تي ڪُرسي لاءِ ڪريما،
چڙهي بينا اُن متي پرين بيپرواهہ،
ڪاني قاتي فراق مان چڏي تولهہ تنيا،
ڪري ٻاڪارون ٻار جيئن گريہ گدازا،
ستون ڪيون سپرين ري دانهون درد منجهان،

* وڃولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان پهتل.

پيئي مهـر محمـد كريـم كـي رحمـت رحيمـا،
حضـرت هلـي آئيـو چلـي ڏنهـن چويـا،
اچـي رکيـائونس راض سـان ٻئـي مبـارک هٿڙا،
غمخـوار غريـب جـي لـڌي سـنيالا،
سـڏکا يـري ڏکـن مـان تـي ويجهـي وصـالا،
کنهـن راز سـان راضـي تـي مـلي محمـدا،
اهـڙو آهـي كـارڻي ڏئـل دوسـت خـدا،
ذکـر جنهـن جـي ذات جـو اوچـو ۽ اعلـيٰ،
اُونهـي عـزت احمـد جـام کـي ڏنـي ڏاتـار،
چئـو صلواتـون نبـي كريـم تـي لکيـن درودا،
ويندا سـي ايمـان سـان كلمـو جـي پڙهنـدا.

لا الـٰه الا الله محمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ و صحابه ڪرام)*

1- جڏهن مير محمد ڇائو، بڪيو اگهاڙو هرڪو ڊائو،
اُين پُونين تيو سهائو، ٽُٽو ڪل ڪفر جو پائو،
ابوجهل مرداريءَ جو.

2- شمس قمر ڪان اصلئون اعليٰ، سرس سيد جي جوت جمالا،
پيدا ڪيو تبارڪ تعاليٰ، منجهان پنهنجي نور نهالا،
گنج سخا ڏاتاريءَ جو.

3- جسد مبارڪ نُوراني، چمڪي چند جئن پيشاني،
لب لعلون ياقوت يماني، سِپ مثال ڏند درباني،
لالڻ گُل هزاريءَ جو.

4- شوق شهانا صوف سناسي، ڪيتڪ ڪرنو عين عباسي،
نرگس خار ۾ خوب خلاصي، بخمل تيو پائمال اُداسي،
رمز پسي رخساريءَ جو.

5- زرني، زنبق، زرگونو، تڪمو، رابيل، چنبيل چگونو،
ڪنڌار بلند بابونو، هيءُ تنهنجو نانءُ نمونو،
گل قل سپ گلزاريءَ جو.

6- توڙي جعفر، چندن، چويون، لڪين گل سي معطريون،
تازيون تلسيون نازبويون، گل گلاب پگهر مان ڇايون،
زور زينت داريءَ جو.

* محمد رحيم مگڻهار (ويڙل تنبو الهيار شهر) جي قلمي نسخي تان اُتاريل.

7- ڇڏيا زلف محبوبن ڇوڙي، همچُون مار سِيَهه جئن ڊوڙي،
پيچ وجهيو مشتاق نهوڙي، لکين مشڪ ڪتوري گهوري،
وجهان عطر عطاريءَ جو.

8- وحي واحد هت هلايو، منجهان بهشت براق آڻايو:
ڪريو مير محمد سعيو، آن ڪي انهنجي رب گهرايو،
جنهن جو نانءُ جباريءَ جو.

9- مرسل ڪي معراج آڻايو، هلي منجهه حضور ۾ آيو،
محب ۽ محبوب اَلايو، هيچ ڪس ڪنهن انت نہ پايو،
گفتگو گفتاريءَ جو.

10- جيڪي ان وير پاڻ چيائون، سي سڀ پُنيون من مُدعائون،
رازق رکُين سڀ رضائون، لهريون لوڪن تان لاٿائون،
حرف پڇئون بدڪاريءَ جو.

11- جڏهن ڏينهن قيامت ٿيندو، اتي واهر ميران ٿيندو،
دوست دلاسا عاصين ڏيندو، سات سلامت نيائي نيندو،
شافع اُمت ساريءَ جو.

12- جيڪو خلقيو خاوند وسندو، توڙي پير پيغمبر بندو،
سيڪو نفسي نفسي ڪندو، مگر مير محمد ملهندو،
بار ڪڻڻ ڪم باريءَ جو.

13- مرسل ميران مُنهن موچارا، ڏک ڏکوين ڍڪڻ وارا،
هم غم ڪل وڃائڻ وارا، رس مير محمد سوپارا!
دوست مون ڪي درڪاريءَ جو.

14- حرمت حضرت صديق سچار، جنهن جي منجهه قرآن پچار،
"ثاني اِثنَين از همافي الغار"، اچج اڙين ڏي تون آڌار،
وارث تيءَ ويچاريءَ جو.

15- حرمت حضرت عمر شاهه، پرينيَم ڪر تون پاڪ پناهه،
ري تو ناهي منهنجي واهه، دوست دلاسو تنهنجو آهه،
مون ڪي لڳڻ تاريءَ جو.

16- حرمت حضرت شاهه عثمان، جنهن جوڙي جمع ڪيو قرآن،
مصطفيٰ متس مهربان، منهنجو مشڪل ڪر آسان،
اچي هت انتظاريءَ جو.

17- حرمت حضرت علي شاهه، صفت جنهن جي "هل اتيٰ"
حرمت تنهن پلي جي لاءِ، وارث وير ولهن جو آهه،
ابوجهل مرداريءَ جو.

18- حرمت حضرت شاهه حسن، دين دنيا جو آهي رڪن،
دوست خدا جي جو تن من، مون کي بخش امان امن،
روز حشر ڇٽڪاريءَ جو.

19- حرمت حضرت شاهه حسين، دوست خدا جو نورالعين،
اعليٰ شرف اشرفين، ڪم ڪرڻ ثاني اِثنين،
پرين ڪيو پوئواريءَ جو.

20- اهلبيت جو عز اعليٰ، پنجتن آهن پاڪ پلا،
حد حساب جو مُور نه آ، پڙهه صلواتون صلِ عليٰ،
ڇاڻي سڀ ڇماريءَ جو.

21- داور منهنجـــو داد كريـــو، ايمـان ڏيئـي امـداد كريـو،
هـر دو جهـــان آزاد كـريـــو، "خير شاهه" جي دلشاد كريو،
هٿ ركـي غمخـواريءَ جـو.

22- مـدح نــ ٿئـي تــر تمــام، توڙـــي تـــائين تـــا قيـــام،
پـڙهـون پيـا صبـح و شـــام، كلمـــو متـــي محمـد چـــام،
تهـدل پڙهــ تكـراريءَ جـو.

لا الـهَ الا الله محمد رسول الله.

مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام)*

1- رب رزاق، جنهن افلاڪ، بي ستون بيهاريو،
افلاڪ، تنهن لولاڪ، سيد لاءِ سينگاريو،
لولاڪ، تنهن ڪي پاڪ، جلوو رب ڏيکاريو،
سردار، سندا يار، چارئي وير، وزيرا،
نبي پاڪ، جا خوشناڪ، سڀ اصحاب خبيرا.

2- مختار، سي مهندار، محبتي موچارا،
موچار، دل قرار، سونهنِ وچ سينگارا،
سينگار، سي انوار، اڱيان چنڊ ستارا،
سينگار، سي چوڏار، در آن نور نظيرا.

3- مقبول، وٽ رسول، ۽ صحبت عجيبا،
صحبت، سين محبت، ڪَيُن رب نصيبا،
محبت، سين حضرت، تيا قرب تيا قريبا،
حضرت، جي حرمت، هئي هُت بشيرا.

4- نڪٽ نور، منجهه حضورا، اڱيان چنڊ ادب سان،
ساڻ چنڊ، نو ڪنڊ، سونهن روشن عجب سان،
روشنائي، اصل سُهائي، سندين نينهن نسب سان،
نمن نيهن، ازل ڏينهن، ڪيو ڪرم قديرا.

5- هاٺي ماڳ، ڪيان سهاڳ، از جمال محمد،
سو سهاڳ، پلو پاڳ، از جمال محمد،
پلو پاڳ، لذئون لاڳ، از جمال محمد،
لذئون، لاڳ، ڪيئون اجهاڳ، ديدهه دوست بصيرا.

* محمد رحيم مڱڻهار (ويڙل تعلقو ٽنڊو الهيار شهر) جي ڪلمي نسخي تان اُتاريل.

6- همراهہ، سي دلخواهہ، سندا نبيءَ سدائين،
دلخواهہ، متي راهہ، بينا قوي سدائين،
متي راهہ، لڳ الله، تيا سخي سدائين،
لڳ الله، ڪيئون ساهہ، فدا سِر سَريرا.

7- ٻٽي ڪُل، ڪري هڪل، چڙهي چوٽ ڪيائون،
چڙهي چوٽ، رسيا گهوٽ، نبيءَ اوٽ مڱيائون،
نبيءَ اوٽ، ڪيئون اَموٽ، ڪفر ڪوٽ پڳائون،
پڳي ڪوٽ، ڪيئون ڪوٽ، ڪيا ضد ظفيرا.

8- صديق، آهي عتيق، اول يار سو اڪبر،
اڪبر، دل سَندر، ٻيو يار، ٽيو عمر،
عمر، نافع نور، ٽيون عثمان ٽيو انور،
انور، ٽيو حيدر، چوٿون يار اَميرا.

9- اول دين، ۾ متين، ٽيو اظهار وڏو يار،
هر سُوءِ، شفيع رُوءِ، سو اظهار وڏو يار،
خلافت، امامت، ۽ مهندار وڏو يار،
ازيقول، ٽيو مقبول، وڏو يار پذيرا.

10- روشنائي، دل ڪنان ٿي، دوئم يار ٽيو دلخواهہ.
جنهن لاءِ پنيءَ وحيُ مُڪو ملڪ جي الله،
سٺي سلام. تنهن خوش نام. وهيو نيل جو درياهہ.
لَوڪان. جنهن جو شان، وڏو قرب ڪبيرا.

11- حليم، دل سليم، ٽيو يار علاما،
جنگ تبوڪ، منجهہ ملوڪ. ڏنا خرچ خزانا،

جمع قرآن، جي شڪران، ڪيائين آجو غلاما،
انت ولي، چيو نبي، سچي دوست سڏيرا.

12- تونگر، سخا در، ٽيون عثمان ابن عفان،
عثمان، ابن عفان، نورين جنهن جو شان،
عثمان، ابن عفان، جنهن ڪي فهم ٿيو فرقان،
عثمان، ابن عفان، سخن صاف صريرا.

13- جاني يار، هنئين هار، چوٿون حيدرِ قرار،
عم نبي علي بن طالب اکين ٺار،
خيبر، پٽي در، ٿيو غازي غلبي دار،
وليُ الله، ڪرم الله، مثل ماهه منيرا.

14- حيدر، قداور، چوٿون يار مرتضيٰ،
مرتضيٰ، ڪي مصطفيٰ، جي وڏي آهي ٿي عطا،
مرتضيٰ، ڪي مصطفيٰ، جي فتح رخصتا،
مرتضيٰ، جو مصطفيٰ، ٿيو سهرو سهيرا.

15- صادق صاد، ٿيو امداد، في فاروق فَهيما،
ذال ذوالنُورين مرتضيٰ ٿيو ميما،
چارئي حرف، وڏي شرف، تنهين نام نعيما،
پڙهه پرور، تون وچور ڪري ضاد ضميرا.

16- اَصحاب، سي ماهتاب سونهن ست سدائين،
منجهه سَت، متن هت، وڏي راز رکيائين،
وڏي راز، سان اعزاز، پنهنجا دوست ڏٺائين،
ڏُٺي دوستن ڏنائين منجهه جنت جاگيرا.

17- چارئي يار، تيا وهار، پنيءَ ساڻ پيناري،
تنهن پينار، تي نهار، ڪندا صحيح سنواري،
ڪيئون سنڀار، سين هوشيار، مُئي دل جياري،
دل جيار، اکين ٺار، مون ڪي ميڙ مجيرا.

18- "همه أخي والذي" مرهه مرشد مون أستاد،
أستاد، تئي آزاد، همه يار مون اولاد،
اولاد، سين ارشاد، اچي شاهه! ڪريو شاد،
ڪريو شاد، مون امداد، ڪلمو وقت اخيرا.

لا الٰه الا الله محمد رسول الله.

مناجات

نبي ﷺ جي بارگاهہ ۾

(ميان عيسيٰ جي چيل)

ســاراهيان ســچو ڌڻــي، خــالق مخلوقــن،
جنهــن پيــدا كيــو پـرت مــان، وســيلو ولهــن،
جن كي حب نبي كريم جي، سي راتو ڏينهن روئن،
پيريــن پيــادو پنــڌ كـري، هوتــن ڏانهــن هلــن،
ميمئــون مــوڙ مــلاح تــون، رســو رفيقــن،
ٻــَـهون ٻيــڙا مــون پــِـرين، جــودون جهــازن،
ملــڻ لاءِ محبــوب جــي، ويڳــاڻيون وتــن،
پهلــوان جــي پـرواز جــا، رک دورائــون دُنگيــن،
لهــر مَ لڳــي تــن كــي، اوري كيــم اٽكــن،
پهچــون پريــن رسـول كــي، هلــي هيجئــون حبيبــن،
سمهــ نــ هــڏ ســک تــي، لاڙ مَ كــي لاڇــن،
جئيــن! مَ جهــل واءُ كــو، مــَـڏڙيون شــل موٽــن،
هلــي رســون هيــج مــان، تيــون اوڏا كــي عربــن،
پــر چــڏي نمــاڻي ننــڊ ۾، چڙهــي ويــا ٻيــڙن،
مدينــي منــور ۾ تــا ســچڻ ســكونت كــن،
آســري لڳــو آهيــان، ترســان متــي تــڙن،
وهلــو وريــام چــام كــي، پرديســي پهچــن،
چـُمان چانئٺ نبي كريم جي، نمي سان نيٽن،
ڏسي روضو رسول جو، منهنجا نــِت نــت نيڻ ٺرن،
”اَغثني اَغثني!“ رسج رسول رب جا، ڏٺيا ڏيهہ ڏٺيـن،
نــاهي هــلاوت هلــڻ جــي، نــہ پهچــڻ منجهــہ پيــرن،
نــہ ســاريان ثمــر ســبيل جــو، نــہ اُجــورو اُنــن،
ان پــر عــاجز آهيــان، چــڏيس عزيــزن،

رڻ واهيرو مون ڪري، ويا چڙهي بيڙن،
هتي پت نہ ڪو پروسو، تو تڳان تو ڪرمن،
آهيم آسرو اوهان جو، وسيلا! ولهن،
تُرهو موڪل تڪڙو، مچڻ وڃان ويرن،
تنهنجي تُرهي توهہ سان، بچان ڪان بحرن،
آهيان مفلس نڪٽو، پالهو ثوابن،
مون جهڙا مسڪين ڪئين تا تاريءَ توهہ تڳن،
جهڙو لائق جن جو، سو وڙ لائق ڪن،
”عيسيٰ“ ڪي احسان سان، بچاءِ ڪان بحرن،
جيڪي يار عزيز مون، تنهين ساڻ سين،
هوتاڻي حضور ۾، هيڪاندا هجن،
چئون صلواتون رسول ڪريم تي، لکين دائم درودن،
ويندا سي ايمان سان، جي ڪلمو پاڪ پڙهن.

لا الِـہ اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

(محمد صديق "مسافر" جي چيل)

[محمد صديق ولد گلاب خان "مسافر"، سنہ 1236 ھہ /اپريل 1879ع ۾ ٽنڊي باگي ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.1896ع ۾ سنڌي فائينل امتحان ڏنائين. ان بعد پرائمري ماستر مقرر ٿيو. جتان پنهنجي هوشياريءَ ڪري آخر ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ استاد مقرر ٿيو. نوڪريءَ واري عرصي ۾ عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ مان واقفيت حاصل ڪيائين. سنڌي گرلس ۽ انگريزي اسڪول قائم ڪرڻ ۾ مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپر جو ٻانهن ٻيلي رهيو. 'مسافر' ڪجهہ عرصو گرلس اسڪول ۾ پڙهايو.

شاعريءَ ۾ سنڌس استاد مولوي محمد سليمان نظاماڻي ۽ ميان عبدالرحيم حيدرآبادي هئا. بعد ۾ مرحوم فاضل شاهہ ۽ غلام محمد شاهہ "گدا" جي اصلاح ۽ تربيت هن کي پختہ مشق شاعرن جي فهرست ۾ آڻي ڇڏيو. نہ فقط نظم پر نثر تي ڪافي دسترس هئس. "حياتيءَ جو ڏوڙ" ناول سندس طرز انشاء جو بهترين مثال آهي. مسافر صاحب جي چوڻ موجب سندس ڪيترو ئي ڪلام ضايع ٿي ويو، باقي ڪلام "ڪليات مسافر" ۾ ڇپيل آهي. هتي هڪ مناجات ڏجي ٿي. 24- سيپٽمبر 1961ع تي لاڏاڻو ڪيائين.]

خداوندا، سڀني خلقت جا سائين! ڪرم ۽ فضل تنهنجو توڙ تائين،
عنايت عفو تو سڀ تي سدائين، ذاتي! بي مثل، بي چون حق آهين،
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب،
رهائج لڄ پرم سان رب وهاب!

گناهن ۾ ٿيس گم مان سڄوئي، شرم کان تنهنجي در دانهيان ٿوروئي،
وسيلو تو سوا سارين نہ ڪوئي، سنڌءِ رحم ۽ عنايت مون اُجهوئي،
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب،
رهائج لڄ پرم سان رب وهاب!

* "ڪليات مسافر" مطبوعہ حيدرآباد سنڌ (1954) تان ورتل.

سچو احوال، سائين! توکي روشن، هجي تـوڙي لڪـل تـوڙي مبرهـن،
رتيءَ ناهي ريا منجهہ تنهنجي رحمن، رکيم "لا تقنطو" آذار منجهہ مـن،
محابي مصطفـيٰ ۽ آل و اصحـاب،
رهائج لـــڄ پـرم سـان رب وهـاب!

رکيم غفلت ڪان در تنهنجي ڪان دوري، قبوليم پنهنجي پـُل، سائين! سموري،
اکڻ تنهنجا ڪـرم پنـدار نـُـوري، ڪٿم ڪر مهر سان حاصل حضوري،
محابي مصطفـيٰ ۽ آل و اصحـاب،
رهائج لـــڄ پـرم سـان رب وهـاب!

ڏسـي دنيـا جـا هــي دورا نظـارا، ڏکـي تـو ڏيــل اي پروردگـــارا،
امن ۾ پنهنجي رک سـائين ستـارا، هجن شل دور سڀ دشمن هچـارا.
محابي مصطفـيٰ ۽ آل و اصحـاب،
رهائج لـــڄ پـرم سـان رب وهـاب!

عنايت تنهنجي بس مون لاءِ طاقت، عطا ڪر صبر جي سائين! ليـاقت،
نظـارا فضل جـا منهنجي حمـايت، سدا ڏي شڪر جي سائين! تـلاوت،
محابي مصطفـيٰ ۽ آل و اصحـاب،
رهائج لـــڄ پـرم سـان رب وهـاب!

رضا تنهنجي جو رستو مون عطا ڪر، ڪـرم ۽ فضـل تنهنجو تـوڙ تـائين،
ڪرم سان معاف سڀ سائين! خطا ڪر، ڏٽي! بي مثل، بي چون حق آهيـن،
محابي مصطفـيٰ ۽ آل و اصحـاب،
رهائج لـــڄ پـرم سـان رب وهـاب!

نراسن کي ڏنيون آسون تـو لاکـون، عجب ٿيون ذڪر ۽ سارهہ جون ساکون،
ڪرم تنهنجي مان لاهيان آس ڇا کون؟ تڙيو اُدبـار، نڪتيون بخت بـاکون،
محابي مصطفـيٰ ۽ آل و اصحـاب،
رهائج لـــڄ پـرم سـان رب وهـاب!

نہ اي سائين! سنڌ کو آھہ ثاني، ڏسون جيڪي تا تنهين سڀ جوتون باني،
گھُران مولا! سنڌ ھيءَ مھرباني، چڙيان ھن جڳ ۾ ڪا لائق نشاني،
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب،
رھائج لڄ پرم سان رب وھاب!

ڏٺي جڳ ۾ تون عزت سان جيارين، ڪرم سان شامتِ اعمال ٽارين،
”مسافر“ با ڪرم برزخ اُڪارين، اتي عربيءَ جي اُمت مان اُتارين،
محابي مصطفيٰ ۽ آل و اصحاب،
رھائج لڄ پرم سان رب وھاب!

لا اِلہ اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

(مولوي احمد ملاح جي چيل)

[مولوي احمد ملاح 12- 1311 هه /94-1893ع ڄاري، ڪنڊي (لڳ روپاماڙي) تعلقي بدين ۾ ڄائو. ننڍي هوندي ئي پيءُ مري ويس ۽ پاڻ مال چاريندو هو. پڙهڻ ڏانهن گهڻو چاهه هئس، تنهن ڪري مال چارڻ کي ڇڏي ڀڄي ويو. پهريائين 'پڳڙا ميمڻ' ۽ پوءِ پيرولشاريءَ پرسان 'اونن' ۾ پڙهيو. ان بعد سنڌ جي ٻين مدرسن ۾ پڙهي، دستار بندي ڪرائي اچي بدين ۾ رهيو، جتي مدرسو کوليائين، ۽ ان سان گڏ توحيد جي تبليغ ۽ قبر پرستيءَ خلاف جهاد شروع ڪيائين. شعر ننڍي هوندي ڪان وٺي چوڻ لڳو. سندس شعر جا هي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن: فتح لنواري، هيڪڙائي حق، گلشن احمد، گلزار احمد ۽ معرفت الاهي. پاڻ بيتن ۾ قرآن شريف جو ترجمو به ڪيائين. جنهن پهريون پاره (عمّ) اسلاميه دارالاشاعت حيدرآباد مان شايع ٿيو. (19- جولاءِ 1969ع ۾ وفات ڪيائين.]

(1)

1- دانهن تو در، تون ڏٺي، درگاهه تون، دربار تون،
تون سدا، تنهنجي سدائين صاحبي، سرڪار تون،
تون هئين، آهين به، هوندين، هوند جو حقدار تون،
تون اول، آخر به تون اسرار تون، اظهار تون،
جوڙ ۾ جوڙو نه تنهنجو، جوڙ جوڙڻ هار تون،
تون نه ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

2- تون هئين، آهين به، هوندين، اوجهه پيا چا ۾ اُجهي،
ساهه، واءُ، وڄ، ڳوڙ، گرمي، ڳالهه ڪيئن ڳوڻ ڳجهي،
سي مڙئي مچيا وجن! تنهنجي مچڻ ۾ پيا منجهي!
صبح ناهي سچ سوا، ايءَ ثابتي سيڪنهن سُجهي،

* گلشن احمد مطبوعه "احمديه دار الاشاعت بدين" (1959) تان ورتل.

تون نشانين سان نشانبر، نُور تون، نروار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

3- تون هئين، آهين بہ، هوندين، پيو سچو عالم عدم،
تون خدا، تنهنجي خدائي، ڪن خودي ڇا تي خدم؟
ڇا ڪُڏن ڪلنگين قلعن تي منجهہ جن جا قدم؟
دل وڃي دهشت ڪان دهليو، جي تئين تون دور دم،
تون نہ گهارين، ڪير گهاري؟ هر گهڙي گڏ گهار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

4- تون خدا، تنهنجي خدائي، بيون خوديون خالي خمار،
لاڏلا ڇڏيئين، ڇاڙهي ڇڏيئين ڇُهڙا، ڇمار،
ڏينهن راتيون ڏوهہ ۾، ڇاٽي وڄائي مون ڇمار،
سِر بندي بدين تي بديون، بخش بديون بيشمار،
تون نہ بخشين، ڪير بخشي؟ بخش بخشٽهار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

5- سٺ ستر ڪان اڳ نہ منهنجي، ڪنهن ڪي منجهہ ڪاروان،
ڪين مان تو ڪئين بنايو پوءِ نطفو ناتوان؟
پوءِ ٻڄهو ٻپ، پوءِ ٻيرو ٻرٺ، پوءِ ٻوڙهو جوان،
قوت، قوت ڏيئي ڪيس تو، پاڻ پالي پهلوان،
تون نہ پالين، ڪير پالي؟ پال پالڻهار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

6- آفرينون توکي آهن ڪيئن اُپايو تو اُپن؟
ڪيئن بهاريئي خال خالي ۾ بنا توٽي تنين؟
خال خالي جنهن ڇون، خالق! نہ هو لامون لين،
لک لقائون لوڪ جنهن ۾ ڪير ساريندو سين؟

ٻيا سنيالي ڇا سگهن؟ سڀ جو سنڀاليدار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

7- تون سنڀالين تن سڀن کي، آءُ بہ ٻانهو تو سندو،
جهڙو تهڙو آهيان تو در سندو گولو گندو،
توتي ٻاري ٻار کهڙو، لڪ بندن مان هڪ بندو؟
تنهنجي ٻانهي ساڻ ٻاجهون ڪير پيو قادر! ڪندو؟
پاڻ پنهنجا تون نہ پارين، ڪير پاري؟ پار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

8- شام منهنجو شام سئين مس صبح تنهنجو شام تو،
سٺ ستر گذري، پنيان رهندو وجي رب! نام تو،
جام جامان تو ڍڪايا، جام پيتم جام تو،
صبح توٽي شام آءُ، شامتن کان شام تو،
سام تون جهل، شامتون پل، شاهہ شاهوڪار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

9- پير پٽرن جا پوڄاري وير وحدت تان رکن،
مدعي، منڪر، مداري، وير وحدت تان رکن،
شڪر، شهوت جا پوڄاري وير وحدت تان رکن،
مفت مون سان کي مڪاري وير وحدت تان رکن،
تون نہ مارين ڪير ماري؟ مارئن کي مار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

10- منهنجو ٻاجهارو ڏٺي تون، آءُ ٻانهو تو سندو،
عمر ساري آسري ۾، آستانو تو سندو،
آبرو تو کان عطا ٿيو، آب دانو تو سندو،
ڪنهن ڪٿل ڏيندي نہ کُٽندو ڪو خزانو تو سندو،

لاڳ گهُـــرندي ٻيا لـــکن، لايـو اڇيـن للکار تـون،
تـون نـہ ڏينديـن کيـر ڏينـدو؟ ڏيـــہ جـو ڏاتـار تـون.

11- تــو ڏٺــي داتــا! ڏنـــو مـــون آب داڻـــو، ديـــن دان،
خـــاک مـــان خاقـــان ڇايـــان، خـــان ڇايـــان خـــاندان،
تـــو نـــوازي کيـــو نـــذر نـــادان کـــي نـــادر نـــذان،
ٻاجھہ سڀ تنهنجي ٻجهان، ٻيا کير؟ تان ڀانهون ٻـَذان،
جن، مَـلَـڪ ڪُـل مِـلڪ تنهنجي، مُـلڪ جو مختار تـون،
تـون نـہ ڏينديـن کيـر ڏينـدو؟ ڏيـــہ جـو ڏاتـار تـون.

12- هيڪ تون حاڪم هميشه هڪ ٻہ ڏينهن حاڪم هشام،
هيـڪ ٻئي پنيـان هزارين شـاھ ٿيـا منجهـہ روم شـام،
سبق مـون "سـبحانک اللهم و بحمـدک" صبـح شـام،
شام جن جو شام هڪ، ڪي شرم پوندا تن جي شام،
آءٌ تـــابعدار تنهنجـــو، منهنجـــو تلهيـــدار تـــون،
تـون نـہ ڏينديـن کيـر ڏينـدو؟ ڏيـــہ جـو ڏاتـار تـون.

13- آسري تنهنجي ٿو آڏيان، توکي ٿـو سـڏيان، سـڏ سـٽيج،
تـوڙ تـائين تـو نـہ ڇڏيان، توکي ٿـو سـڏيان، سـڏ سـٽيج،
غير گندم تو سان نہ گڏيان، توکي ٿو سڏيان، سڏ سـٽيج،
لڏ جتي لاهيان ڪِ لڏيان، توکي ٿـو سـڏيان، سـڏ سـٽيج،
تـون نــہ سـٽنديـن کيـر سـٽندو؟ سـڏ سـٽج سـتار تـون،
تـون نـہ ڏينديـن کيـر ڏينـدو؟ ڏيـــہ جـو ڏاتـار تـون.

14- کيـن مـان تـو کـئيـن کيـا، قربـان قـدرت تـان تيـان،
ڪنهـن اُپـايو، ڪنهـن نپـايو؟ تنهنجـو نـالو تـو نـــيان،
ڏيــہ جــو ڏاتـار تـون، جيڪـو ٻچـي ڏس تنهـن ڏيـان،
قهر تنهنجي ير ڪنبـان ٿـو، مهـر تـي مرڪـان ميـان،

تون نہ لاهين ڪير لاهي؟ لوهہ لاهہ سڀ لاچار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

15- قهر تنهنجي ڪنبان ٿو، قبر ڪارونيار ڪُن،
مون گنو مونو تو مهندان، مون گٺي مهنداڻ مَن،
پنهنجي بندي جي بدن مان ڪڍ بدين جي بيخ بن،
تَن سڄو تنڪن سان تُن تُن، نہ تنها هڪ ٻہ تُن،
مهر جو مرهم ڏيين، مرهينم مرهٽهار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

16- ڏينهن جو جيڏانهن ڏسان ٿو باغ، بازاريون، بهار،
اُپ مٿان اُپ، پون پران پون، ڳوٺ ڳٺٽان ٿي ٻهار،
"ڪل يوم في شانِ" اهو بس اشتهار،
نت نرالا نقش چٽيين، نت نهاريان، ڪجهہ نهار،
تون نہ ڪندين ڪير ڪندو؟ ڪر سندم ڪم ڪار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

17- رات ۾ روشن ستارا ڪر قنديلن جي قطار،
چنڊ چقمق تي هلي، تارا مڙئي منجهہ هيڪ تار،
برج ٻارنهن برج ۾، ٻارئين ٻتيون پتئين پتار،
ساريان، ساراهيان سبحان سگهہ تنهنجي ستار،
ساڻ پڻ تو ساهہ ڏيندڙ، ساهہ جو سينگار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

18- لک ڏين ساهہ ڏيهہ نہ سارو، رات ٿيرڻ ۾ ٿٻي،
تون سڄڻ هڪ سج ڪڍين، ساهو سَڄي ٿهڙو ڪٻي،
دونهن ديهان ڏيہ ڪن، تہ بہ رات ڪاري ڪم نہ ٻي،
جيئن گهُرين تون تئن ٿئي، مرڪو چڙي چيو چپ چَٻي،

جِن، مَلڪ سڀ مِلڪ تنهنجي، مُلڪ جو مختار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

19- تون سچو سائين، وٺئي تنهن کي سُجو سائو ڪرين،
ڪي پچڻ جهڙا پرندي، ڪن کي پڇ ڍائو ڪرين،
ڪن کي لڙ لائين تہ ڪن لئي، لڙا اندر لائو ڪرين،
ڏک وهارين، ڏک بہ تارين، ڏور ڏولائو ڪرين،
وس بيٺن جي وار نہ آهي، وس مٿم هروار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

20- تو سوا ڏاتار! ٻيا ڏاتار تنهنجي ڏات تي،
لات تنهنجي لطف جي نت، لت لڳايم لات تي،
ناهي زاري رتي ذرو ڪو زور تنهنجي ذات تي،
ڪر ڪميني جا ڪِنا، ڪر ڪرم تون ڪمذات تي،
تون نہ ڪندين ڪير ڪندو؟ ڪر ڪرم ڪلتار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

21- ذڪر ذاتي ذوق وارو، فڪر فيض اندوز ڏي،
شڪر وارو ساز سائينم! صبر وارو سوز ڏي،
در لنگهي آيو لنگهو، هن لعل ڏي فيروز ڏي،
تنهنجي روزي ڏار، روز و روز نئون نئون روز ڏي،
ڏينهن سُکيو ڏينهن کان، ڏکيو نہ ڏينهن ڏيکار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

22- سر مٿي سارنگ، مارگ ۾ مرون ڪيئن ماگ ماگ،
بر بلائون پولڙا، چيتا، بگهڙ ڪن چاڳ چاڳ،
ڪيئن وران پانهون؟ اچن آواز بينا آگ آگ،
دل دليلن ۾ دکي دوزخ ڪري تو ذاگ ذاگ،

تون نہ ٿانڀو ٿارئين ٻيو ڪير ٿاري؟ ٿار تون،
تون نہ ڏينڊين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

23- ڪُن منجهان ”ڪن“ سان ڪيڏي توڪي بنايو ڪين ڪي،
معتبر ماڻهو بنائيئي مُٺ مٽيءَ مسڪين ڪي،
ڳائي چاتم ڳڻ نہ تنهنجا غم اهو غمگين ڪي،
قلب ۾ قابو رکج، تنهنجي طلب تلقين ڪي،
ٻُرو وڏو ۽ بار برسر، لاهي باري! بار تون،
تون نہ ڏينڊين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

24- دل دليلن ۾، دلو دريا ۾، دهشت دُور دُور،
پار هڪ ڪان پار پئي، پل پل پئي تو پُور پُور،
ڪنهن بہ سختي سير جا سامهان سراسر سُور سُور،
هر مهل مهراڻ جون موجون منجهائن مور مور،
تون نہ تارين ڪير تاري؟ تار تڪ مان تار تون،
تون نہ ڏينڊين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

25- يا رب! هيڪ تون، ٻيا سڀ زباني يار يار،
بار باري! ٻيا نہ ڪٽندا آزمايم بار بار،
دوست ڇا؟ هٿ، پير، سرڏڙ، ڌوڙ ۾ سڀ ڌار ڌار،
قبر ڪارونيار پر منهنجو ڪنبي تو وار وار،
تون نہ سارين ڪير ساري؟ سير ۾ لهہ سار تون،
تون نہ ڏينڊين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

26- صبح سانجهي سبق مون ”سبحان ربي العظيم“،
ڇا ڪهان؟ تنهنجون ڪروڙين قدرتون قائم قديم،
عرض ”احمد“ جو ”اهدنا الصراط المستقيم“،
جيءُ سُکيو جيسين جيارين، پوءِ ڪلمي سان ڪريم،

ڪڏ قبر منهنجي منجهان، ڪا هيِر جي هپڪار تون،
تون نہ ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيہ جو ڏاتار تون.

❖

مدح (نبي ﷺ) *

(2)

1- آيو امام امت، ارشاد ٿيو الاهي،
عالم تي اپريو سج، آخر لٿي اونداهي،
سيد ڪيو سهائو، سڀ تان ويئي سياهي،
جنهن نُور سان نوازيا نوڪنڊ ۽ نواحي،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمدﷺ.

2- جملي جهان ۾ هئا، جنهن وقت جنگ جهيڙا،
پاڙو نہ ساڻ پاڙي، پائر نہ پاءُ پيڙا،
مدت مديد تن جا موتي ٿيا نہ ميڙا،
پائر سي بنايا، جنهن بند ڪري بکيڙا،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمدﷺ.

3- اڳ ڳالهہ اَوسُ، خَزرَج ڇاٽي خدا تہ هيءَ هئي،
هڪ خون تان خصومت، تن پاڻ ۾ پهي هئي،
ٽي سؤ ورهيہ سٺو تا رت ڇاڻ تي رهي هئي،
سر ڇائي پوءِ سندين، جنهن صلح ڪئي صحي هئي،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمدﷺ.

---

* "گلشن احمد" مطبوعہ احمديہ دارالاشاعت بدين (سال 1959ع) تان اُتاريل.

4- هـو شـرڪ روءِ زمـيـن تـي ظـاهر زمـان ڪنهـن ۾،
ڪنهن جو گمان ڪنهن ۾، ڪنهن جو گمان ڪنهن ۾،
مـاڻهو مخـالفت ۾ محبـت نـہ مـان ڪنهـن ۾،
اُتـري تـڏهن امـانت ڪـؤن آسمـان ڪنهـن ۾،
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

5- تـَوريت تـرڪ ويـو تـي انجيـل ويـو سـو آخـر،
ڪـابل، قنـوج منجهـہ ڪفـر قيـد آخـر،
گهـر گهـر بتـن جـو بـاتيون، بنـد ٿيـو پيـد آخـر،
تـان آفتـاب ايريـو، تـئـي اميـد آخـر،
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

6- هڪ ڏينهن حِرا جبل جي چوٽيءَ ڪان نُـور چڙهيـو،
ڪل علم ٿيا عطا تنهـن، جـو "الف بـي" نـہ پڙهيـو،
جيڪـي جنـاب چيـو سـو جوهـر مثـال جـَـڙيو،
پولـي ڪتـاب ڪنهـن ۾ جـو اڻ پڙهيـو نـہ اڙيـو،
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

7- حاڪم رسيا حڪومت، حڪمت ڏنئين حڪيمـن،
لاتـائين غـم غريبـن، يـاري ٿـئـي يتيمـن،
سـڀ سـان سـلوڪ سـهڻو سـارون لڌيـون سـقيمن،
ڪنهن سان ڪڙو نہ ڪيـا، هو قرب ڪم ڪريمـن،
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

8- سـرور، ثـواب حـاڪم سـاري صحـي سـيڪاريا،
هـٿ حـاڪمن جي مـن مـان ارشـاد سـان اُتاريـا،
پانهـا، رئيـس پـاجهون ورنهـہ گـڏي وهاريـا،
صدقـي وجـان! صديـن جـا اڻ سـڌريل سـڌاريا،
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

9- منصف مزاج موتي ظالم جنهين بنايا،
اوٺار ڏيهہ عرب جا عالم جنهين بنايا،
بدوي ٻرن پٽن جا بالم جنهين بنايا،
سرڪش سوين سڌاري سالم جنهين بنايا،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمدﷺ.

10- ويرين جون ورهيہ تيرنهن سختيون سٺيون تي صابر،
بلڪل نہ بد دعا ڪئي، ڪنهن عدو کي اڪابر،
رب! بخش هن ٻندن کي، آهن ٻليا برابر،
اهڙو رسول رهبر، نرمي ڪري نشانبر،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمدﷺ.

11- منجهہ هند، ويد هوندي مورت تي مست مهتا،
اسلام تانڪ آيو پيغام دين پهتا،
نازڪ هنيو نقارو توحيد طرف تهتا،
ڀُهتا پٽر پوڄارين، ايءُ فيض جنهن جي جهتا،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمدﷺ.

12- اڄ سين هلن هندن ۾، ذاتين تي ضد اَجايا،
اسلام ڏانهن ان مان جيڪي اڇن کي آيا،
بيشڪ برابريءَ جا تن حق حقوق پايا،
ناٽي نسب تي نخرا جنهن قوم مان ڪڍايا،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمدﷺ.

13- ٻانها چڙي ٻين، ٿيا پنهنجي خدا سين پُورا،
سڀ ملڪ ۾ سڏارا سيد ڪيا سمورا،
جنهن ڪان اڳي نہ جڳ ۾ نالو نشان 'شُوريٰ' [1]،

---

[1] شوريٰ = جماعت جي صلاح سان ڪيل فيصلو يا حڪم.

اي حق، هدايـَـتون تيـا حـاصل جنهيـن حضـورا،
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

14- ڪٿين سين ’عمر‘ عرب مان پيدا ڪيا پيغمبر،
روشـن رهيـا جنهيـن سـان محـراب، مهـت، منبـر،
منجهـہ لسـٽ عـارفن جـي اول نبـي جـو نمبـر،
گوهـر جتـي گذاريـو سـي مـاڳ مشـڪ عنبـر.
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

15- اسـلام آهـي برحـق، الله ڏي سـڏي تـو،
شـاهہ و گـدا ڪـي سـرڪو پنهنجـو پناهـہ ڏي تـو،
ورهيـن جـا ويـر وانـدا وهلـو وڃي چـڏي تـو،
اُيـرن جـا ويـر اونـدا وهلـو وڃي چـڏي تـو،
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

16- رسـتو رسـول جـو وٺ اي مـرد! ويهـہ نـہ منجهـي،
فيضـان جنهيـن جـي هليـو جملـي جهـان گـُـنجي،
تـي خاص هڪ خدا جو، ڏٺي راءِ ٻيءَ ڪي ٻـُنجي،
تيـو ڪل ڪماليت جـو ڪلمـو ڪريـم ڪـُـنجي.
آهـي نبـي اسـان جـو سـو مصطفـيٰ محمـدﷺ.

لا اِلـہ اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهه ۾

(لالڻ خان لغاري جي چيل)

[لالڻ ولد علي بخش ولد جيئندو خان، پاڙو سنجراڻي لغاري، وينل ڳوٺ گل محمد لغاري (لڳ اسٽيشن سرهاري) تعلقو شهدادپور. هڪ سگهڙ شاعر هو. لالڻ جي شعر جو وڏو حصو سرائڪيءَ ۾ آهي، جو حمل فقير جي تتبع تي پر نهايت سهڻي رنگ ۾ چيو اٿس. "يوسف زليخا" ۽ "هير" جا قصا پڻ ناهيا اٿس. هنر، ڏور ۽ ڳجهارتن جي فن جو بہ وڏو چاڻو ۽ ڳوٺاڻين ڪچهرين جو مور هو.]

ساراهيان صاحب سچو قدرت جنهين ڪُل ۾ ڌري،
ڪل نبين ۾ ڪثر مرسل زمان تيو محشري.
موٺ مرسل ميرا! تون، سائينءَ ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

1- آهي عرض توکي علي! دامن دليان تنهنجي جهلي،
واهر ويچارن تي ولي! مشڪل منهنجي کي هڻ تري،
موٺ مرسل ميرا! تون، سائينءَ ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

2- عاجز آهيان عيبن پريو، دل سان مٿو تو در ڌريو،
پيس پلئي پنهنجو ڪريو، دردن سندي لاهيو دري.
موٺ مرسل ميرا! تون، سائينءَ ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

* وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ظفر بلوچ کان پهتل.

3- دردي بيٺو دانهون ڪري، پانهون ٻڌي آهون ڪري،
تنهن کان نہ ٿي پارس! پري، هڻ ڪو نعرو حيدري.
موٽ مرسل ميرا! تون، سائينءَ ڌني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو ٿي وري.

4- حسنين ٻئي حامي ٿيو، پاڙي اوهان جي هيءُ پيو،
ڪو ڏيُ ڏکويل کي ڏيو، نپٽڙا وجن تنهن دم نري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڌني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو ٿي وري.

5- آهن اميدون شاهہ ۾، رويو ڏسان رند راهہ ۾،
بيوس آهيان بند راهہ ۾، آ لاهہ گوندر گوهري!
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڌني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر ولهن ٿي وري.

6- سائل بيٺو تو لئي سڪي، هي چاڪ پيو جگري چڪي،
تنهن کي ڪيو چوهون چڪي، مونجهون وجن دل جون مري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڌني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو ٿي وري.

7- آهين نسورو نُور تون، ڏکڙا ڪيدي ڪر دور تون،
معافي ڪرائي تون، جئن فتح ڪيئي خيبري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڌني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو ٿي وري.

8- ڪوڙي آهيان قولين ڪچي، سڌ پئي ڪريان دلڙي سچي،
تنهن کي اشارو ڏيو اچي، تنهن دم وڃي طالب تري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڌني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو ٿي وري.

9- سختي اتر سُورن سٺي، ميري آهيان توڙي مَٺي،
معافي ڏيو منڍ کان وٺي، ڳڻتيون وڃن دل جون ڳري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

10- آزي کريان عيبن پريو، ڪامل نظر پنهنجي ڪريو،
هيٺي متي هتڙا ڌريو، پارس! وجي پِنڙي ڳري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

11- آهيون دادلا دربار جا، صادق سچا سرڪار جا،
غمڙا لاهيو غمخوار جا، ڪريو اندر ڪي آهري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

12- لک ڏوهہ جا ليکا ڇڏيو، گولي ڪٺي پاڻهي گڏيو،
لالڻ! ويندو هرڪو لڏيو، توڙي هجي ڪو تونگري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

13- سؤ صغيرا ڪئي ڪبيرا، ڪن اوهيرا نرڳ نيرا،
تا اڇن اڳيان اوهيرا، جرم جي ڳنڍڙي ڌري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

14- ڏاج ڏوهن جا ڏسي، قارون تيو هينئَڙو ڦسي،
ڪانتل وڃان ڪيڏانهن کسي، احمد! اچي ڏيو آڌري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

15- ظاهر ظالم ڪئي مون زنا، تن جي فڪر ڪيڙو فضا،
ناهي ڪنڏي ٻي تو ڪنا، معافي وٺي ڏيو محشري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

16- پنجتن مون پارس آهيو، هر جا ولهن وارث آهيو،
بر ۾ بندو بيوس رهيو، قيدئون ڪڍي ڇڏڪانهري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

17- گوندر پيا گڏجي گهڻا، ڪانهي ڪنڏي ڪهڙا ڳڻيان؟
مالڪ وڏي تو ۾ مڻيا، عاصي ڇڏائج انوري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

18- سائل سندا سڏڙا سُڻي، ڪڍ مرض کي چونڊي چُڻي،
بس ڪڻ ڏڪاريل، تون ڏٺي، هيءَ ڳالهه نا تو وٽ ڳري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

19- آءُ هام آيس جي هٽي، خالي اڳيان هتڙا ڪٽي،
پرتان ڏيارج پنج ڪَٽي، تنهن دان مان ڪولي دري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

20- هن سُور کي سيد سَٽي، ڪڍ پاڙ تون تنهن جي پٽي،
”لالڻ“ سندا ڏڪڙا لٽي، اجلاءِ اندي کي ٻاهري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

21- مون سان ڪميڻن ڪئي مدعا، ڪر جان مان تن ڪي جدا،
خالق تڙيو تن ڪي خدا، تيو چور ويس چانگو چري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

22- رسجان مدح ڪان تون اڳي، جو توهه تنهنجي ۾ تڳي،
جئن ڪٿ پارس سان لڳي، صاخب! تو ڪان سيڪا سري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

23- وحدت نغارو سو وڳو، هٿ حيدري جنهن کي لڳو،
پاڙي اُتان سيڪو پڳو، نعرو لڳي ويو نادري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

24- مشڪل منهنجي کي ماد ڪر، خالي نہ مون فرياد ڪر،
دلگير جي دل شاد ڪر، طالب وجي هڪدم تري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

25- جيڪو اچي تنهنجي تڏي، سوپون ڏئين تنهن کي سڏي،
گوندر ويا غمڙا لڏي، اڄ عيد تي وئي اڪبري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

26- ڪيڙم دوائون دربدر، ڪامل! نہ پئي ڪاتون ڪٺر،
نرمل ڪري پنهنجي نظر، ويَڙو پلو لاهي پري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

27- سنگ سُور کي ساڙي چڏيو، هن چاڙهه مان چاڙهي هي چڏيو،
پِرين سندي پاڙي چڏيو، کوڻي کندا هٿ سان کَري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

28- سائل جيکو سوالي اچي، کڏهن نہ سو خالي اچي،
وڙ کندو والي اچي، آهن اُميدون از گري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

29- آهيان اصل هکڙي ڇٽي، کر دفع دشمن کي کٽي،
پيرن سندي سو تئي پٽي، مطلب مدعي جو پئي مري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

30- ميريون مديون کل معاف کر، سينو جگر پئي صاف کر،
ٻاهر کڍي هيءَ ٻاڦ کر، نہ ڦهه وجي هينئڙو نري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

31- دردن اچي ديرو کيو، کائي پتر کيرو کيو،
قاتل متي قيرو کيو، ڏکڙا وجن تنهن دم ڏِري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

32- لائق ناهيان ليکو کندو، بچڙو آهيان بيحد بندو،
تنهن سان نہ تاڻي شل تندو، کامل! پيس قدمن کري.
موٽ مرسل ميرا! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

33- بيوس آهيان بر ۾ بندي، آءُ گڏ گناهن سان گندي،
تہ بہ سام سيد! تو سندي، چنبڙي آهيان توکي چري.
موٽ مرسل مير! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

34- کوجهي آهيان توڙي کني، چوڙي نہ چڏ تنهن کي چني،
پناهہ پرور کان پني، احمد! اچي ڏي آڏري.
موٽ مرسل مير! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

35- سيد! سگهو تي سرچ تون، پيار سان مل پرچ تون،
خالي وڃاءِ نہ خرچ تون، ذوالجلالي زر وري.
موٽ مرسل مير! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

36- مولي! مداح کي مان ڏي، دلگير آ دو کي وڏي،
شافع ڏيو تنهن کي سڏي، گولي آهيان گندري گري.
موٽ مرسل مير! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

37- تون تونگر تون طبيب، هر جا حکم تنهنجو حبيب،
عاصي سنديون تون اي عجيب، "لالڻ" سنيالون لهہ وري.
موٽ مرسل مير! تون، صاحب ڏني تو سروري،
رس، رسول هاشمي! واهر وسيلو تي وري.

مدح (نبي ﷺ ۽ صحابه ڪرام) *

(پانڌي آريسر جي چيل)

[پانڌي ولد مانجهي ذات آريسر، ڳوٺ چارڪي تعلقي ٽنڊي الهيار جو رهاڪو هو. سنڌس علمي لياقت پارسيءَ ۾ ’ڪريما‘ ۽ ’ما مقيما‘ تائين هئي. درس تدريس ۽ حڪمت سنڌس خاص شغل هئا. ميانجي پانڌيءَ جون گهڻيون مدحون آهن، جن مان هتي ٻه نموني طور ڏجن ٿيون.]

جبار، رب ستار، ڪيو نروار نبيءَ کي،
پنهنجي نُور مان ظهور، ڪيئين سردار شفيع کي،
سڄي ملڪ ۾ مشهور ڪيائين مهندار مڪيءَ کي،
شرف شان، مليس مان، ڪليا باغ بهارا،
مرسل ٿيو مهندار وڳا ڏين نغارا.

1- جنهن رات ۾ رسول نبي چام هو جائو،
عربيءَ لاٿي اوندهه ٿيو صاف سهائو،
محڪم تي محبوب، دلبر ڏين وڌايو،
واحد مُڪو جنهن ڏي وحي سو جيءُ جيارا.

2- احمد چام ڪي انعام، مليا مُلڪ مدامي،
جبرئيل آيو جلدي ونئي راهه رباني،
معراج چڙهيو مرسل آيو حڪم حقاني،
اقصيٰ ۾ پڙهيا نفل، نبيءَ منجهه حضورا.

3- جڏهن بهشت ڏانهن براق تي هاشمي هليو،
ات مرحبا مَلڪن قريشيءَ کي چيو،

* يار محمد مهاڻي (ڳوٺ ڪوڪر تعلقي ٽنڊي الهيار) جي قلمي نسخي تان اُتاريل.

رف رف تـي چڙهـي رهبـر، محبـوب کـي مليـو،
ايـڏا شـرف تنهـن شـافع کـي، ڏنـا ڏيـج ڏاتـارا.

4- مليو محب کي محبوب، جنهن جي پاڪ پيشاني،
رکـي رحمتـيءَ تـي راض، کيـائين عـالم انعـامي،
مُـهر هٽي مرسل کـي، کيـائين نبـوت نيشـاني،
رب رســول جـا قبــول کيــا عَــرض اشـــارا.

5- جنهـن جـو يـار، اکيـن ثـار، پهريـون پـاڪ پيـارو،
منجهـہ غـار هـو رفيـق، سـو 'صديـق' سـونهارو،
هــر وقــت همراهـہ، تنهــن جــي پـر ۾ پـــلارو،
تنهـن سين قـرب کيا کيـڏا! کـامل ٿيـو قـرارا.

6- ورنهـہ ويـر، وٽ وزيـر، 'عمـر' ميـر هـو اعلـيٰ،
تــي همراهـہ رهبـر سـين پگٿيـن کـافرن قلعـا،
نگهوسـار ۾ ٿيـا غـار، لڳـا خـارجين کـَـلا،
تـڙي تـن کـي کـدي تـرت کيئـن لحظـي لچـارا.

7- 'عثمــان بــن عفــان' هــو قــرآن جــو قــوي،
ســو علـم جــو اتاهـہ، هـو سـردار وٽ صحـي
تنهـن فـائق کيـو فرقـان جمع، پيغمبـر سـان پهـي،
"والضحيٰ" ۾ وصف، جنهن ۾ رکيئين "طـه" ۾ تبارا.

8- اسـرار 'علـي شـاهہ' هـو سـورهيہ سـو سـلطان،
سـڳو سـوٽ سـيد جـو هـو نـافع سـو نيشـان،
مـردودن کــي مـاري، کيئيــن کـافر قتــلام،
دلـدل تــي چڙهـي دلبـر، ٿيــو صحيــح سـوارا.

9- حسن ۽ حسين تي تيو حڪم شهادت،
سهڻي اندر صاف ڏٺو خواب خديجة،
ٿيندا شير مون شهيد، سي فرزند فاطمة،
امر مجي عارف ٿيا منجهه حاصل حضورا.

10- "لمنِ المُلڪِ اَليَومُ" الله واحد القهار،
فائق ڪِيا فرقان ۾، سي نرمل نروار،
محشر جي ميدان ۾ ايندو ڏمرجي ڏاتار،
اتي پُٽَ نه پيءُ ڪي ٿيندا يارَ بيزارا.

11- اوليـاءُ انبياءُ ڏسي قهر ڪي ڪنبندا،
نه ياد هوندو يار، نه اولاد استادا،
حاجي، عالم، حافظ ات حيراني ۾ هوندا،
ڪج مريض تي مهر تون محبوب موچارا.

12- مڙئي الله جي درگاهه ۾ داڙون دڙيندو،
سجدو هلي سردار اُتي، ڪلتار ڪي ڪندو،
احمد چام ڪي عزت، اُت ڏاتار ڏيندو،
بخشيندو بَدين بار، ڇٽندا ڏڏ ڏوهارا.

13- "پانڌي" پينار، گنهگار، تو سائل سڏائي،
هن عاصيءَ کي احمد چام، منجهان چوهه چڏائي،
منجهان لوڪ، سو لطيف لطف ساڻ سڏائي،
پڙهي اشهد ڪلمو پاڪ ڪيان پرت پچارا.

لا اِلـه الا الله محمد رسول الله.

مدح (بادشاهه پير رحه) *

(غلام فقير ماڇيءَ جي چيل)

[غلام فقير ماڇي، ڳوٺ جعفر خان لغاري (تعلقي سنجهوري) جو وينڌل هو. فقير هيءَ مدح ڀهراڙيءَ واري رنگ جي سنڌي بيتن ۾ چئي آهي.]

1- ساراهيان سچو ڌڻي، جو صاحب رب ستار،
قادر پنهنجي قدرت سان، دنيا خلقي ديدار،
نرمل سندي نُور مان 'علي' كيو اظهار،
تنهن مان پونيَر پيدا ٿيو، يارهينءَ وارو يار،
سو بادشاهه شهر بغداد ۾، نيريءَ جو هسوار،
آءٌ سام انهيءَ سيد جي، پرتو آهيان پينار،
"غلام" گنهگار، دامن لڳو دستگير جي.

2- دامن لڳو دستگير جي، كيون يلي پلايون،
رڻون اسان جي روح جون، كيون سائينءَ سجايون،
صاب وجهندو سائل جون قادر كمايون،
وڏي واڌيون، رب ڏنيون اڄ رات ۾.

3- رب اڄوكي رات ۾ خيري ڏيكاريو خواب،
سوالي! تو سوال پورو ٿيو، جوڙي بڌ جواب،
توسان حامي حضرت پير جيلاني جناب،
اتي كر آجهاپ، تنهنجا مڙئي مطلب ٿيا.

4- تنهنجا مڙئي مطلب ٿيا كنان قادر پير،
هكل ۾ همت كئي محي الدين مير،

* وڄولي (تعلقي سنجهوري) مان علي اكبر كان پهتل.

جنهن ٻُڌا تاريا تار مان دلئون دستگير،
صدق ڪنديئي سير، جيلانيءَ جي جاءِ تان.

5- جيلانيءَ جي جاءِ تان دهرو مليو دان،
مَلڪن ڪان متي ڪيائين محي الدين جو مان،
سو سڏ سان ساٿي ٿيو، سوپارو سلطان،
پَت ڳائيندڙ پان، تج داتا جي دَرَ جو.

6- داتا جي در تي حيران ٿيون حورون،
هي بيت نہ ڪري پانئجو آهن صلواتي سُورون،
جيڪو سٽي صدق سان تنهن جون پرور ڪندو پوريون،
مشڪل ان تان مورون، معاف ٿيندو محشر ۾.

7- معاف ٿيندا محشر ۾ مڙئي الله جا حق،
تنهن تي راضي رب ڪريم پنجن تن جي پڪ
جيڪو مجيندو محي الدين کي تنهن تي قادر ڏيندو ڪڪ،
پاڻهي ٿيندي پرک، جو آزمائي انهيءَ اولياءُ کي.

8- جو آزمائي انهيءَ اولياءُ کي هو پڌرو آهي پير،
سو بادشاهہ بغداد ۾ مرد محي الدين مير،
اُڙيا اُجاري ٻُڌا تاري دليئون دستگير،
جيڪو يقين پانئي پارهينءَ واريءَ ۾ تنهن جي فتح ڪندو فقير،
بخشيندو گناهہ "غلام" چئي توڪل سان توقير،
جو سچا رکي سير، تنهن قادر ڪندو ڪمڙا.

9- قادر ڪندو ڪمڙا بديون سڀ بشڪ (بخش)،
هو معشوق آهي مولىٰ جو جنهن تي الله عاشق،
ڏنائينس روءِ زمين جي بادشاهي بيشڪ،
اهو لاهوتي لاشڪ، ڏوهن ڏي ڪين ڪي.

10- ڏوھن ڏي ڏسي ڪين ڪي بادشاھ بھادر،
ھر ڪنھن جا حضرت پير، ڪر ڪري قادر،
بہ سُنت ڏيان سيد ڪي سُوڏو وڏي سر،
ڪسڻ جو قدر، سڄاڻي سڀ ڪنھن جو.

11- سڄاڻي سڀ ڪنھن جي اندر جو ايمان،
جي دامن جھلي دستگير جي ڪوسي پسندو ڪانہ،
سو بادشاھ شھر بغداد جو استنبول، ايران،
سو سڏ ڏئي سوالين ڪي توڙي بر بيابان،
پوٽو پير مولىٰ عليءَ جو جُنگ جيلاني جوان،
جي سڄاڻين سلطان، تو ڪان دور تين دڪڙا.

12- دور تين دڪڙا وجن پـَـئي پڇي،
ڏسي دھشت دستگير جي لرزي تين لڄي،
سور سختيون گوندر غمن جا وڃن ڪِيمان ڪڇي،
ھاويءَ منجھ ھڃيءَ جاءِ ملين جھنم ۾.

13- جاءِ ملندين جھنم ۾ جتي دوفاني دگرانَ،
جن بيحد بي شراعون ڪيون اتي گيدين جو گذران،
جنھن ڪي ساجھ ناھي سيد جي منڪر سو مروان،
دوزخ جو دربان، تي بـَئيمان اھو بيھندو.

14- بئيمان اھو بيھندو ناسودي ناسارو،
ايندو آڙھ وچ ۾ پوندس پـَسارو،
اھو رسالو رسول وٽ آھي سچو سارو،
جيڪو مجي محي الدين ڪي ورندو انھيءَ وارو،
آھي پاڻ ڏٽي پيارو، جو ھڏا تاري تار مان.

15- ٻــڏا تــاري تــار مــان قــادر پيــر قــرار،
معجــزا محــي الديــن جــا عــالم ڏٺــا اظهــار،
پــٽ مئو هــو مــائيءَ جــو ٻاجهــاريءَ جــو ٻــار،
هوس دين دنيا ۾ هڪڙو جنهن سان موت کيو هو مار،
اچــي مــتــو آزار، ولهــيءَ ســان وڃــوڙي جــو.

16- ولهــيءَ تنهــن وڃــوڙي ۾ کيــون رنــدن تــي ريهــون،
آهــي مــرد مــلک ۾ ســٽي ڪــٽيءَ جــون کيهــون،
ڏاتــر واري ڏينهــون، لهــن اولاکــا اکيــن جــا.

17- اولاکــا اکيــن جــا قــادر کٽينــدو،
ســڙي! تنهنجــا ســڏڙا محــي الديــن مجينــدو،
کــڻ ڇوکــر ڇوهــ مــان رک انــدر عقيــدو،
ڏکــي توکــي ڏينــدو، مئــل جيــاري محــي الديــن.

18- مئــل جيــاري محــي الديــن نــر هنيــو نعــرو،
بادشــاهه شــهر بغــداد ۾ ســچو ســويارو،
قــدم ڏئــي کــل ولــيءَ تــي تيــو قــادر قــرارو،
هــن جــا مــاٺهو مريــد تيــا ديــوَ پــَريون سنســارو،
گهنــدي لڳــي گهڙيــال وڳــو پــڌرو تيــو پاگــارو،
چڙهيــو شــاهه شــکار تــي لــڳ نوبــت نقــارو،
وينــدي تنهــن واٽ ســان پيــس پــڙلاءُ پــُــڪارو،
ٻــديءَ تنهــن ٻاجهــ ســان کيــو کــُـنيءَ کوکــارو،
تــہ هــيءُ تکــو تــو تــار وهــي خونــي سمنــڊ کــارو،
جنهــن غــوراب غــرق کيــو نپــٽ نگهوســارو،
آهين محي الدين موچارو، تون ساٽ کڍي ڏي سمنڊ مان.

19- ســاٽ تنهنجــو سمنــڊ مــان کــڍندو خــالق پــاڻ خــدا،
جن تــي راضــي رســول ســي اســان ٻــُـڏا کيــن ٻــُڏا،

مـائي! ويهـ مـاٽ ڪـري تـو ڪـان جـاني ناهــ جـدا،
موڳا اُهي مرندا، جي مجين ڪيـن محـي الديـن ڪـي.

20- محبـوب جـي مجـڻ جـي مـون ڪـي لڳـي آهـي لـوري،
سـاٽ لــُــڙهي ويــر ســير ۾ چــڏي مــون چــوري،
صدقـو وجـان سـڄڻ تـان آهيـان گهـوٽ انهـيءَ گهـوري،
هــِـيئين انــدر هـوري، ميٺــي چــڏج محــي الديــن!

21- ميٺـي محــي الديــن ڪئــي ڪـســت منجهــان ڪاهـــ،
هڪـــل ڪئـــي حڪـــم ســـان ســنيري شهنشـــاهـ،
بيـــڙو ڪـــدي ڏي بـــديڙيءَ ڪـــي اچـــي پـــاڻ الله،
سربســـتا ســـاهـ، ڪـــامل ڪيـيـــا ڪــُــن مـــان.

22- قـــادر ڪيـيـــا ڪــُـــن مـــان رازق جوڙيـــو رنـــگ،
جنهـــن اهـــو پــِـير پيـــدا ڪيـــو آڏوتـــي اڙبنـــگ،
آءُ بـــ ســام تنهـن سيد تـي اتـم نــُـوراني تـي ننـگ،
جيڪو نہ مجي محي الدين کي تنهن سان زياده منهنجو زنگ،
اهـــو دســـتگير دنـــگ، اُتـــم ســـڀ اوليـــاءَ کـــان.

23- اُتــم ڪـــل اوليـــاءَ کـــان ڪيـــو خـــالق خلقٽهـــار،
مـــانُ ڏنـــو محـــي الديـــن کـــي ڏيهـــ ڌڻـــي ڏاتـــار،
مرسل ڏينهـن معـراج جـي هـن کـي سمجهـايو سـردار،
تـون مختيـار آهيـن مــُـلڪ جـو دسـتگير دلـدار،
تنهـن دامـن دادلـي جـي جهلـي "غـلام" گنهگـار،
يقيـن سـان يـار، پڙهـو ڪلمـو، تنهـن ڪريـم تـي.

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

حضرت بادشاهه پير رحه جي بارگاهه ۾

(محمد اعظم سراجيءَ جي چيل)

[مولوي محمد اعظم، مشهور عالم مرحوم بهاؤالدين "بهائي" جو پٽ هو. هيءُ پتافي قبيلي جي پاوناٽي پاڙي مان آهي. علمي طور تي مرحوم بهائي (وفات: 1352 هه) ۽ ان جو اولاد سنڌ توڙي بهاولپور ۾ ڪافي مشهور ۽ معزز آهي. سندن تصنيفات بہ مشهور ۽ قابل قدر آهن. مولوي محمد اعظم، فارسيءَ جو عالم ۽ شاعر آهي، تخلص "سراجي" اٿس. سنڌيءَ ۾ بہ شعر چيو اٿس. هتي سندس مناجات ڏجي ٿي.]

1- حمد حق جا هر گهڙي ساراهه سيد جي سدا،
مدح محي الدين جي "اعظم" ڪري از جان ادا،
عمر ساري جنهن گذاري شاهه جي در تي گدا،
پرت سان پوري ڪندو هو نامور نُوري صدا.
سڏ سوالين جا سڻي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير[1].

2- مون سواليءَ کي نہ ڇڏ خالي عطا ايمان ڪر،
شوق ڏي اي شاهه! پنهنجو روز شب شادان ڪر،
بخش بهرو برهه وارو بي ريا احسان ڪر،
صبح توڙي شام پنهنجو نام حرزِ جان ڪر.
سڏ سوالين جا سڻي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

* ڪتابڙي "مدح" مطبوعه اردو سنڌ پريس، صرافہ بازار سکر سنہ 1368هه) تان ورتل.

[1] اسان جي لاءِ مشڪل آسان ڪر.

3- تون پيغمبر جو پيارو دادلو درگاهہ جو،
تون 'خليل الله' جـان عاشق سچو الله جو،
تون هدايت جو ڏٽي، تون راهبر آن راهہ جو،
واهہ واهہ! چا جاهہ تيو الله وٽ تو شاهہ جو.
سڏ سوالين جا سٽي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسير.

4- تون سٽين جي راز پنهنجو سامُندن(1) تي سربسر،
تان سُکي خالي تين پاڻيءَ کنان لحظي اندر،
تون سٽين جي راز پٿرن تي تہ پرزا تين پٿر،
واهہ! تنهنجو جاهہ، اي والي! تيو عالي قدر.
سڏ سوالين جا سٽي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسير.

5- تون چوين جي باهہ کي نر، تان پوي يکدم نري،
تون چوين جي زندهہ کي مر، تان پوي يکدم مري،
جي جيارين مرده کي جيئرو ٿئي بيشک وري،
کير آهي؟ جو کري تو ساڻ هتڙي همسري.
سڏ سوالين جا سٽي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسير.

6- تيا برابر کل ولين جي مٿئون تنهنجا قدم،
تون نبي پاک قدمن تي رهين خوش دمبدم،
حيدري نعرو هٽي حاسد کرين هکدم هدم،
چا ڏنو 'صنعان' جنهن تو ساڻ ماريو دوست دم؟

(1) سمندن.

سڌ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

7- تو چيو آهي چٽو خود " يا مُريدي! لا تَخَف" [1]،
جو ڪرين ڪر، جو وڏو آ نانءُ منهنجو منجهہ شرف،
تو وٽي منهنجو نقارو زير بالا چوطرف،
آسمانن تي مَلَڪَ مون لاءِ استادَه بَصَف.
سڌ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

8- "تَحت حُڪم ڪُل بِلادُ الله" [2] فرمايو اوان،
حڪم تنهنجو "نافذ في ڪُل حال" [3] هر زمان،
تير رَفته باز گردانی تو از ره بيگمان [4]،
حادثات هَردو عالم کان همه دم ڏي امان.
سڌ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

9- خواب ۾ ڪئين ڪَٽيون تو خارجن جون خود مُڇان،
جي ٻٽيا تنهنجا عَدُو، مون تن ڪتن سان ڇا ڪڇان،
توڙ کان تن بيوقوفن ساڻ مون بيحد بُڇان،
ڪر بچاءُ اي بادشہ! مون لطف تنهنجي کي لڇان.
سڌ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

---

[1] اي منهنجا مريد ڊڄ نہ.
[2] سڀ ملڪ ڌڻي جا منهنجي اذن هيٺ آهن.
[3] هر حال ۾ جاري آهي.
[4] تون ڇٽل تير کي رستي تان موٽائي سگهين ٿو.

-10 کير آهي شير تنهنجو سو ڪتن سان ڇا لڙي؟
جو عَدُو تنهنجو اُهو مرجان جهنم ۾ سڙي،
عشق ڪان "اعظم" اوهان لئي روز شب روئي رڙي،
ڪيئن ڪري ڪاڏي وڃي؟ ويو قلب ڪي قابو ڪڙي.
سڌ سوالين جا سٽي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

-11 تون بڏا ٻيڙا تَرَحم سان ڻ تارين دمبدم،
تون نبي جي دين مُردَه کي جيارين دمبدم،
تون هڏين کي هڪ هڪل سان تو اُتارين دمبدم،
تون سَوَن سالن جا غم لحظي ۾ ٽارين دمبدم.
سڌ سوالين جا سٽي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

-12 تون نوازيل نامور الله جي تو تي عطا،
ڪر معافي مهر سان مون خاص خاطيءَ جي خطا،
عرش توڙي فرش تي تو لاءِ ماندا مجتبيٰ!
چوڌ طرف توکي چون ٿا، مرحبا صد مرحبا!
سڌ سوالين جا سٽي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

-13 ڪر دعا تان درد اک جو دور ٿئي، يا دستگير!
نُور سان پرپور ڪر منهنجون اکيون تون، يا امير!
تون ڪرين جيڪي گهرين، ٻيو ناهه ڪو تنهنجو نظير،
تون مريدن ۽ نامريدن لئي بشير ۽ تون نذير.
سڌ سوالين جا سٽي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

14- درد کان دانهون ڪيان تو دمبدم، يا غوث پاڪ!
خير جو خواهان آهيان ڪر ڪرم يا غوث پاڪ!
دور اَز من دار[1]، اَزجان در بَرم يا غوث پاڪ!
ڪر پلائي اي پلارا! رک پَرم يا غوث پاڪ!
سڏ سوالين جا سڻي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

15- تنهنجي عالي در کان خالي ڪونہ ويندو ڪڪو فقير،
شاد گردد گردِ هي قُوتش لبِ نانِ فطير[2]،
بادشاهن جو تون آهين بادشه، ميرن جو مير،
تون ولين جو والي، تون آنهِن ڪُل پيرن جو پير.
سڏ سوالين جا سڻي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

16- قطب قطبن جو تون آهين، تون ولين جو ولي،
ڪرد اسرارِ دو عالم بسر تو موليٰ مُنجَلي[3]،
بلبلِ باغِ رَسُول الله اَولادِ علي،
ڪا پلائيءَ جي پلارا! پال ڪر تان تئي پلي:
سڏ سوالين جا سڻي ڪو غور ڪر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

17- ماڙ ڪر ماندن مُريدن تي مِنا منٺار! تون،
لاهہ دل جا درد، دک، اندوهہ ۽ آزار تون،
غور ڪر، غمخوار تي، غفار لڳ غم ٺار تون،
ڪر 'خليل الله' جان ڪُل نارِ غم گلزار تون.

---

[1] مون کي ان کان پريءَ رک.
[2] جيڪڏهن تون قوت لاءِ ماني جو ڀڳيو ڏين تہ بہ هو خوش ٿئي.
[3] موليٰ توتي پنهي جهانن جو اسرار ظاهر ڪيو.

سڏ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

18- بود کي نابود کر اي نازنين ناسوت جا،
منجهہ محبت مَست رک، اي ماهِرُ و ملکوت جا،
سود ڏي، ناسود ني، اي جوش و جبروت جا،
سَير حق ڏي، غَير ني، اي لاڏلا لاهوت جا.
سڏ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

19- نفس ناکس جي فريبن کان بچا اي بادلا!
۽ شقي شيطان جي شر کان ڇڏا اي دادلا!
هڪ تئي اثبات "الا" جي کري امداد "لا"،
دور تي دارين کان آخر کري آزاد "لا".
سڏ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

20- نفس ناکس تو کرائي ظلم مون کي زور سان،
منجهہ شرارت جي وجهي تو شقي سو شور سان،
ڇا کيان؟ ڇئو اي مـنا! چالاک اهڙي چور سان،
رس وسيلو تو ونان، اي پاک! مون تو مور سان.
سڏ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

21- کيميا آهي نظر تنهنجي کري خود خاک زَر،
شل پَسان مون، اي پرين! جلدي اوهان جو پاک در،
شوق هِن ۾ شاد آهيان ڇو رهان غمناک تر،
ٺار اي دلدار! دل جا بار بيباک کر.

سڏ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

22- أحمدي تعليم جو تابع رهان مون روز شب،
منهن مُسَبَبُ ڏي هجي توڙي هجن صدها سبب،
ڏي شرعيت شوق سان حالِ حقيقت با ادب،
معرفت جو ڏي مزو، تن ۾ طَريقت جي طلب.
سڏ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

23- قلب جي پنهنجي ڪرم سان لاهه تون اي شاهه ڪسُ،
لطف مان پنهنجي ملڻ جو اي مِنا! کو ڏاهه ڏس،
يار تي غفار لڳ بيواهه جي تون آهه رس،
صدق سان ڪلمو پڙهي رب ُجي وثائج راهه بس.
سڏ سوالين جا سڻي کو غور کر يا دستگير!
بادلا بغداد جا اِجعَل لَنا عُسراً يَسِير.

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات

نبي ﷺ جي باگاهه ۾

(فقير دريا خان جي چيل)

[دريا خان فقير، سنڌ جي مشهور صوفي شاعر روحل فقير جي خاندان مان هو ۽ ڪنڊڙيءَ جي فقيرن ۾ بلند پايي جودرويش ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. پنهنجي خاندان جي ٻين شاعرن وانگر هن بہ سنڌي، هندي ۽ سرائڪي ۾ شعر چيو آهي. سندس ڪافيون تمام گهڻيون ۽ عام مشهور آهن. هتي فقير دريا خان جي هڪ مناجات ڏجي ٿي.]

1- ساراهه ڪريان سبحان جي، تنهن توڻ محمد شان جي،
سولي ڪريو ايمان جي، يا مير مرسل مصطفيٰ!

2- جنهن دين جو پهريو دلق، فرمان ۾ تيو سڀ فلڪ،
ديو پريون، آدم، مَلَڪَ، يا مير مرسل مصطفيٰ!

3- دائم رسو دارالبقاءُ، آ لوڪ ۾ تنهنجو لقاءُ،
تو در ڪمي آ ڪانہ ڪا، يا مير مرسل مصطفيٰ!

4- تون در آهين دارين جو، صاحب آهين ثقلين جو،
ڪعبو آهين ڪونين جو، يا مير مرسل مصطفيٰ!

5- آن طالبن مطلوب تون، آن ڪاشف القلوب تون،
عاشق خدا محبوب تون، يا مير مرسل مصطفيٰ!

6- تنهنجي صفت جو ڪر ڪِران، بيحد آهي باري بيان،
جيڪي چوان ڪِهه تو چوان، يا مير مرسل مصطفيٰ!

7- صاحب آهين سرتاج تون، مالڪ آهين معراج تون،
ٻانهي اُتي ڪر ٻاجهه تون، يا مير مرسل مصطفيٰ!

8- هيءَ آرزو آهي اسان، تو پاڪ پيشاني پسان،
ويران ويڙهي تئي وسان، يا مير مرسل مصطفيٰ!

9- پنجن تنن جي پاس مون، هردم حسينڻ آس مون،
ڪر دل خانو خاص مون، يا مير مرسل مصطفيٰ!

10- يار تون چارئي ميخان، ٻئي در ڪنهن جي نا وڃان،
منجهه سڪ جي سينو سجان، يا مير مرسل مصطفيٰ!

11- تو ڪان منافق جي مُڙيا، ابليس سان اُهي اڙيا،
سي رافضي توڙئون تڙيا، يا مير مرسل مصطفيٰ!

12- مرسل مديني جا ڌڻي! تون ٻار ڪُهين جا ڪٽي،
ڪر دور دشمن ڪي هٽي، يا مير مرسل مصطفيٰ!

13- جئن نفس ناقص تي چيو، سو مون سيوئي تي ڪيو،
تو در اچي پينار پيو، يا مير مرسل مصطفيٰ!

14- حاصل ڪرين سڀ حاجتون، ڪوڙئين پڄائين ڪاج تون،
نه ڪر ڪنهين محتاج تون، يا مير مرسل مصطفيٰ!

15- ڪوڙن سندو مون ۾ وڪر، ڪوڙئين ڪيم ڪيئي هڪر،
تون ميٽ عيبن جا اکر، يا مير مرسل مصطفيٰ!

16- سڪرات دم سهنجو ڪرين، سو وقت نا اهنجو ڪرين،
تون ئي پرين پنهنجو ڪرين، يا مير مرسل مصطفيٰ!

17- بيشڪ بدعتي هيءُ بندو، آهيان گناهن ۾ گندو،
هيءُ سگ سوالي تو سندو، يا مير مرسل مصطفيٰ!

18- دل ديد جي ڪوليو دري، تئي حج حاصل اڪبري،
ساري عيان تئي سروري، يا مير مرسل مصطفيٰ!

19- آيو آهيان اڙ اوٽ ۾، ڪر نا ڪچي هن ڪوٽ ۾،
ڪر تون گهيرو هن گهوٽ ۾، يا مير مرسل مصطفيٰ!

20- ڏي دل صفائي دين تون، هڪ طاقت ٻي تلقين تون،
ڏي محبت پنهنجي مسڪين تون، يا مير مرسل مصطفيٰ!

21- هيءَ ڪر نہ دل عيبن پري، واهر ڪريو وارث وري،
ڪڏ ڪوٺ مان ڪر تون ڪري، يا مير مرسل مصطفيٰ!

22- ڪر تون سواليءَ ڪي سچو، توڙي آهيان ڪرتئون ڪچو،
ڏي ٻاجهہ پنهنجيءَ سان ٻچو، يا مير مرسل مصطفيٰ!

23- 'دريا خان' جي دل شاد ڪر، تون عشق سان آباد ڪر،
مدعي مؤئي ماد ڪر، يا مير مرسل مصطفيٰ!

24- ڏاتر سچا! تو ذات ڏي، ڏينهن رات پنهنجي تات ڏي،
ڪلمي جي وائي وات ڏي، يا مير مرسل مصطفيٰ!

لا اِلـه الا الله محمد رسول الله.

مدح (بادشاهه پير رحه) *

(چيل نواب جان محمد لغاري جي)

[نواب جان محمد (اول) بن نواب غلام الله لغاري تاجپوري، سنڌ تي انگريزن جي قبضي بعد نئين حڪومت ۾ مختيارڪار ٿيو. تاريخ 27- محرم 1278 هه/1861ع ۾ وفات ڪيائين. سندس اولاد مان پٽس فقير الله (ثاني) توڙي سندس پوٽو فقير جان محمد (ثاني) وڏا درويش ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. بادشاهه پير رحه جي شان ۾ نواب جان محمد جي چيل مدح هيٺ ڏجي ٿي.]

1- نامِ خدا بهرِ خدا، مون سين وسين هر دم سدا،
توهئن مڱان هر مدعا، مون ڪي ڇون تنهنجو گدا.
يا پير پيران بادشاهه!

2- منهنجي مڙوئي حال جو، واقف آهين احوال جو،
ڪر ڪو ڪرم ڪمال جو، واريو ڪو ورق وصال جو.
يا پير پيران بادشاهه!

3- بيحد ڪيم بڇڙيون بديون، ميڙي ٻڌم موڙيون مديون،
سر بار غفلت جون ڳنڍيون، ليڪن لکين باري بديون.
يا پير پيران بادشاهه!

4- هن نفس ناقص سان ملي، ويهي وڃان ڏينهن ولهي،
ڪر ڪا ٻلاين سان ٻلي، تو ريءَ نه تڪيو آ ڳلي.
يا پير پيران بادشاهه!

5- مون اصل کان تو پير جي، دامن جهلي دستگير جي،
مدد تيءِ حقير جي، قادر قطب ڪبير جي.
يا پير پيران بادشاهه!

---

* تاجپوري نوابن جي قلمي نسخي تان ورتل.

6- ايامِ طفلي کان عمر، نافع ٿيو تنهنجو نظر،
کيو بيڪسن کي بهرور، جڳ ۾ رهي ٿي جلوه گر،
يا پير پيران بادشاهہ!

7- معلوم مشڪل مون سندا، ظاهر ڪريان ڪولي ڪندا،
آهن اجا راهوئن رندا، ڇا دين دنيائي ڏندا،
يا پير پيران بادشاهہ!

8- رک معاف مون کي مرض ڪوئن، اولاد سوڙو قرض ڪوئن،
فائض رکو هر فرض ڪوئن، مقبول پنهنجي غرض ڪوئن،
يا پير پيران بادشاهہ!

9- ميران مدد مون سان ڪريو، سڏڙا سٽي وَهلا وَرو،
تنهنجي سڏئي سيڪي سريو، هادي! هدايت هٿ ڏريو،
يا پير پيران بادشاهہ!

10- احسان جو امداد ڪر، احتياج کان آزاد ڪر،
فرياد جو تون داد ڪر، غمناڪ دل کي شاد ڪر،
يا پير پيران بادشاهہ!

11- اولاد جو امداد ڪيو، خانو سندم آباد ڪيو،
غمناڪ سعي دلشاد ڪيو، يا دين داور داد ڪيو،
يا پير پيران بادشاهہ!

12- محتاج ڪنهن جو ڪيم ڪر، ڏي رزق غيبوئن سر بسر،
تنهنجي نظر سان سيم زر، اي شاهہِ شاهان بهرور،
يا پير پيران بادشاهہ!

13- هي سوال منهنجا صالحا، هر وقت هر احوال ها،
معلوم منهنجا حال ها، مقبول تيا سڀ سوال ها،
يا پير پيران بادشاهہ!

14- طامع نہ آهيان طمع جو، جامع نہ آهيان جمع جو،
نافع نظر هن نفع جو، درد و بلا هر دفع جو،
يا پير پيران بادشاهہ!

15- حامي تيو هر حال ۾، خامي نہ پئي ڪنهن خيال ۾،
سرور رکو سنيال ۾، ثابت رهون هر سال ۾،
يا پير پيران بادشاهہ!

16- انسان و جناني ملڪ، ديو و پريون خادم خلق،
تحت الثري عرش و فلڪ، ارض و سما تيرنهن طبق،
يا پير پيران بادشاهہ!

17- نَوَ ڪندبہ توکي تا نمن، ديهہ ديس ڪيرت ۾ رهن،
سڀ امر ۾ ثابت رهن، ڏاتيون ڏهاڙي لک لهن،
يا پير پيران بادشاهہ!

18- هردم وسين تو موج ۾، درِ سخاوت اوج ۾،
حاتر گداگر فوج ۾، عارف امامت اوج ۾،
يا پير پيران بادشاهہ!

19- اي قبلہء ڪون و مڪان، تون تڪيہ گاهہ عارفان،
حاجت روائي عاصيان، مقبول قول مُقبلان،
يا پير پيران بادشاهہ!

20- ٻانهي ٻڌي تي ٻار ۾، اولي اچي تي آر ۾،
توريءَ نہ تڪيو تار ۾، سوالي سنڌُ سرڪار ۾،
يا پير پيران بادشاهہ!

21- ثابت لنگهائين سير تون، مرشد محي الدي مير تون،
داتا دلئون ڏي ڏير تون، آجا ڪرين هي اسير تون،
يا پير پيران بادشاهہ!

22- هر حال ۾ همراهہ تئيءُ، واهر ولهن جي واهہ تئيءُ،
هيٺن حمايت شاهہ تئيءُ، هر ڪار ۾ آگاهہ تئيءُ،
يا پير پيران بادشاهہ!

23- منهنجا جي مطلب معنوي، معلوم مقصد دينوي،
در راهہ حق با بندگي، ڏي قوتون قادر قوي،
يا پير پيران بادشاهہ!

24- مون ڪي ڏسي ميرو مندو، غافل گناهن ۾ گندو،
تنهنجي ڪرم ريءَ ڪيئن ڪندو، اورڳ آهي تو در سندو،
يا پير پيران بادشاهہ!

25- ڪيڏهن پڇي تو در ڇڏي، بيڪس پڳو تو ڏي پڇي،
هتڙا ڪنيون آن ڏي اچي، تنهنجي رحم سان هي رچي،
يا پير پيران بادشاهہ!

26- سائل سوالي تو سندو، ڪر غور جلدي تنهن سندو،
سوالي نہ خالي تو سندو، ٿئي ڀرور بيڪس بندو،
يا پير پيران بادشاهہ!

27- تـن کـي تقاضـا قــرض کــان، رک معاف مون کي مرض کان،
کر غور پنهنجي غـرض ســان، مقبــول سڀ هـن عــرض کــان،
يــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

28- معلـيٰ کيئـي مختـار تــون، هـر امــر ۾ هــر بــار تـــون،
دائـــم رهيـن دربــار تـــون، هردم مون کي درڪـار تـــون،
يــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

29- محبــوب حقــاني تــون هيــن، معشــوق سبحاني تــون هيــن،
اســرار ربــانـي تــون هيــن، کر مشکل آساني تون هين،
يــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

30- تنهنجي کلهـي عــالي قـدم، قــادر کيــو تــو ســان کــرم،
سختيون دليون کر تون نـرم، رک شاهه منهنجو تـو شــرم،
يــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

31- تنهنجــو قــدم هــر اوليــاءُ، ســر بــر مجيــو از انبيــاءُ،
يــا نـورِ چشـمِ مصطفــيٰ، تـون وارث ديـن مـرتـضــيٰ،
يــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

32- تـــون آلِ اولادِ علـــــي، تـــون راحـــتِ عيـــنِ نبـــي،
توهئون قـريــا ســي ويــا رلـي، جَـڙيون تني جون ويون جلـي،
يــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

33- غمنــاڪ جـو غمخـوار تــيءُ، مشــکل کٽـي مهنـدار تـيءُ،
حــامي همه هــرڪــار تــيءُ، تنهنجـي مـدد درڪـار تـــي،
يــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

34- شب روز تو توکان گهران، راهہ رندي تنهنجي سُران،
توپير جي هٿ نت پُران، ڏي ڏات ڏاتر مون ڏران،
يا پير پيران بادشاهہ!

35- تو در وٺي وينو گدا، سوالي نہ خالي هوءِ سدا،
منهنجي صدا آهي سدا، ڏي ڏات مون با مُدعا،
يا پير پيران بادشاهہ!

36- سر پير پيران پير تون، عالي نسب امير تون،
ڪامل قطب ڪبير تون، درماندگان دلڏير تون،
يا پير پيران بادشاهہ!

37- حضرت رکيو تو تي قدم، قادر ڪيو تو سام ڪرم،
هر ديس ۾ تنهنجو حڪم، تنهنجا عدو ٿيا سڀ عدم،
يا پير پيران بادشاهہ!

38- مون بارها تڪرار ڪيو، گستاخ تي اظهار ڪيو،
اظهار جو اقرار ڪيو، ناقص عرض نروار ڪيو،
يا پير پيران بادشاهہ!

39- مون سان مدد تو ماهہ جي، توفيق تقويٰ تاهہ جي،
مون ناهہ قوت ڪاهہ جي، هيڻن حمايت شاهہ جي،
يا پير پيران بادشاهہ!

40- بغداد ۾ تون تو وسين، هيءُ حال منهنجو تون پسين،
هر حال ۾ ڏورئون ڏسين، لک ڪوٽ لحظي ۾ رسين،
يا پير پيران بادشاهہ!

41- آءُ پير منهنجي پاس ڪر، نامِ خدا ڪم راس ڪر،
مقصود عام و خاص ڪر، دشمن قوي ڪل ناس ڪر،
يا پير پيران بادشاهہ!

42- تون پير منهنجي پت رکين، ثابت سچو هي ست رکين،
مرشد ميران مت رکين، پنهنجي مڪرمي نت رکين،
يا پير پيران بادشاهہ!

43- لڄ پال لائق لاڏلا، درگاهہ حق جا دادلا،
بر صف بهادر بادلا، هادي هدايت حاصلا،
يا پير پيران بادشاهہ!

44- تون موج سانوڻ مينهن جي، هردم وسين شب ڏينهن جي،
تون شهسواري شينهن جي، تون بحر بوندي نينهن جي،
يا پير پيران بادشاهہ!

45- تو معرفت مشهور ڪئي، خلقِ خدا مشڪور ڪئي،
طاعت طلب منظور ڪئي، تو مخلصي پر نور ڪئي،
يا پير پيران بادشاهہ!

46- هادي هدايت جو ڌڻي، والي ولايت جو ڌڻي،
ساقي سخاوت جو ڌڻي، ڪامل قناعت جو ڌڻي،
يا پير پيران بادشاهہ!

47- حاتم م همه حيران ٿيا، ڪُرنش ڪري قربان ٿيا،
بنده زاد در فرمان ٿيا، دربار جا دربان ٿيا،
يا پير پيران بادشاهہ!

48- چارڻ چئي جيڪو چيو، ان عرض جو تون غرض ڪيو،
ايڏو ڪرم ان سان ڪيو، مشهور ملڪن ۾ رهيو،
يا پير پيران بادشاهہ!

49- مون ناهہ طاقت تا ڪريان، تو شاهہ شير جو بيان،
ايڏا لطف تو سان ڪيان، قربان تئي جڳ ۾ جيان،
يا پير پيران بادشاهہ!

50- جيڪر زبانن لک هيم، تنهنجي ثنا ۾ صرف ڪيم،
پوري نہ هئي بل ڪر ڪيم، توڙي لکين ليکا لکيم،
يا پير پيران بادشاهہ!

51- ڪشتي مردم مالها، غرق آب بود در سالها،
پيدا شده في الحالها، مشهور اين احوالها،
يا پير پيران بادشاهہ!

52- ايڏي ڪرامت تو ڪئي، فوقي جيئا ثابت سيئي،
جڳ ۾ چيو چارڻ چئي، مشهور ملڪن ۾ رهي،
يا پير پيران بادشاهہ!

53- توڪان قطب ڪامل تيا، ڪي غوث ڪي عامل تيا،
ڪي فتح ۾ فاضل تيا، ڪي شوق سان شامل تيا،
يا پير پيران بادشاهہ!

54- ڪي اولياءُ اسرار ۾، ڪي ڪيميا جي ڪار ۾،
ڪي دائمي ديدار ۾، هر دم رهن دربار ۾،
يا پير پيران بادشاهہ!

55- تو هوُن پنان صحت و شفا، رک امن ۾ از هر جفا،
تنهنجي نظر سان ٿيا نفعا، تون عارف اهلِ صفا،
يا پير پيران بادشاه '

56- توشو تسليٰ تو سندو، توفيق تقويٰ تو سندو،
فائض مون فيض آ تو سندو، مقصود مدعا تو سندو،
يا پير پيران بادشاهه!

57- عالي شرف جو شان ڪو، هر درد جو درمان ڪو،
آغا! ڪريو احسان ڪو، داتا! دليون ڏي مان ڪو،
يا پير پيران بادشاهه!

58- سڪرات ويلي موت جي، تلخي نه هوئي فوت جي،
ڪلمو ڪرين مون ڪوٺ جي، اطهر! اڙين جي واٽ تي،
يا پير پيران بادشاهه!

59- قادر! قبر جي باب جو، ناهي مون طاقت تاب جو،
ڪڙڪي ڪپر گرداب جو، ضامن تنهين جي جواب جو،
يا پير پيران بادشاهه!

60- منڪر نڪير پڇندا خبر، سر هيڪلي اندر قبر،
سر بار دوزانو سفر، ڪلمون ٿئي مون سان ثمر،
يا پير پيران بادشاهه!

61- مون ڪي خدا خلقيو جڏهن، منهنجو نينهن ٿيو توسان تڏهن،
روزِ ازل جان ڪي ڪڏهن، مون تان م لاهج هٿ ڪڏهن،
يا پير پيران بادشاهه!

62- هرگز نہ هوءِ مون کان پري، تنهنجي لطف سان تو پري،
صاحب! نہ توري مون سري، توهان امن ايمان گهري،
يا پير پيران بادشاھہ!

63- مون کي نہ مٿ يا پيرا! تون، دلگير جي دلدير تون،
عالي نصب امير تون، سردار سرور پير تون،
يا پير پيران بادشاھہ!

64- هر وقت هردم ياد تون، فرياد جو کر داد تون،
غمناڪ کي رک شاد تون، ڏي عرض جو امداد تون،
يا پير پيران بادشاھہ!

65- گوهر علي دلشاد سان، رک امن ۾ اولاد سان،
هردم هوئي نت ياد سان، تنهنجي ڪرم امداد سان،
يا پير پيران بادشاھہ!

66- گوهر علي تنهنجو غلام، پرتو اٿئي اي نيڪ نام!
فرزند ان کي ٿئي انعام، تنهنجي غلامن جو غلام،
يا پير پيران بادشاھہ!

67- فرزند نر امداد ڪر، غمناڪ جي دلشاد ڪر،
خانو سندس آباد ڪر، هن عرض جو تون داد ڪر،
يا پير پيران بادشاھہ!

68- گوهر علي کي شاد رک، خانو سندس آباد رک،
ڪل مرض کان آزاد رک، ڪل فرض کان آزاد رک،
يا پير پيران بادشاھہ!

69- پرتــو آهـــي توکـــي پريـــل، رک امــن ۾ تــون نــت مگّيــل،
دلشـــاد از خــوف و خـــلـــل، تــو در ســـنـدو آهــي اصــل،
يـــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

70- اولاد ۽ اطفـــــال ســــــان، اَهـــل و عيـــال و آل ســــان،
هردم رهون خوش حـال ســان، تنهنجي کـرم کمــال ســان،
يـــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

71- هـــي وقـــت آخـــر آهـــي اڄ، لائــق رکــو ســيکائي لـــڄ،
منهنجي مدي کامل تون کڄ، نـــامِ خـدا هـــي عــرض مــڄ،
يـــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

72- آخـــر زمـــانو پيـــو اچـــي، تنهن ۾ نہ هوئي کنهن جي کچي،
رک ساعت مون ثابت سچـــي، لحظي بچون تنهـن ۾ بـچـــي،
يـــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

73- هـــي وقـــت آخـــر آهـــ تيـــو، تيرهيــن صـدي جـو پهـر پيـو،
شرم و حيـا بـاقـي رهيـو، صدقوئن صفـا بـرکت تـريـو،
يـــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

74- جـان سـين جـِيان جهـان ۾، رُخنــو نـــ پئـــي ايمـــان ۾،
وجهہ ديـر نـہ منهنجـي دان ۾، اهو شرف تنهنجـي شـان ۾،
يـــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

75- منهنجـو عــرض پريـات جـو، پريـــات بـــل دن رات جـــو،
پـردو رکيـن مسـتـورات جــو، آهيـــان حقيـقـي ذات جـــو،
يـــا پيــر پيــران بــادشــاهـ!

76- بـنـگر بـحالِ زار مـا،		لطـف بـود دركـا مـا،
دركـار در اقـرار مـا،		اقـرار مـان اظهـار مـا،
يـا پيـر پيـران بـادشـاهہ!

77- اي صـاحبِ مهـر و وفـا!		اي دُر دريـائي سـخا!
حـاجـت روانِ هـركـہ را،		اي گمـرهـان را رهنمـا!
يـا پيـر پيـران بـادشـاهہ!

78- ”جـان محمـد“ در جهـان،		هـردم ثنـا خـوانِ شمـا،
خواهـد ز تـو امـن و امـان،		مقصـود حـاصل بيگمـان،
يـا پيـر پيـران بـادشـاهہ!

79- مقصـود مطلـب مـُـدعا،		توهـؤن پنـي هـردم دعـا،
تنهنجو جو ركين شرم و حيا،		تنهنجي مريـدن سـان وفـا،
يـا پيـر پيـران بـادشـاهہ!

لا الـہ الا الله محمد رسول الله.

١

مناجات*

(نواب الهداد خان لغاري "صوفي" جي چيل)

[الهداد خان، نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو فرزند هو. نواب صاحب جي ڪري مير صاحبن وٽ الهدد خان جي بہ وڏي عزت هئي ۽ ڪيس جاگير عطا ٿي. الهداد خان خود بہ علم وارو هو ۽ وڏو سخندان ۽ شاعر هو، ان سان گڏ هو وڏو درويش صفت انسان بہ هو. سندس تخلص "صوفي" هو. فارسيءَ ۾ سندس "ديوان صوفي" موجود آهي. فارسيءَ کان سواءِ اردو ۾ بہ شعر چيائين ۽ سنڌي ۾ پڻ مناجاتون، مولود توڙي ڪافيون ۽ ڪلام چيائين. هن تاجپور جي بدران ڪوٽ لاشاري تعلقي سيوهڻ ۾ سڪونت اختيار ڪئي جتي، سنہ 1300هہ / 29- نومبر 1882ع ۾ وفات ڪيائين. سندس چيل مناجات ۽ مدح هيٺ ڏجن ٿيون.]

(1)

1- يا خدا! آءٌ آهيان عاجز، مون تي ڪر مهرئون نگاهہ،
لطف لائق تو سندو، تون آهين عالم بادشاهہ،
ڪو سوالي ڪنہ سندو آ ڪنہ جي در تي داد خواهہ،
آءٌ سوالي تنهنجو، تنهنجي در، نہ ڪاپي مون ڪي واهہ،
واهہ هن بيواهہ جي ڪر، پاڪ پرور! تي پناهہ،
تنهنجي هٿ سڀ درد جو درمان نہ تنهن ۾ اشتباهہ.

2- ڪو چوي: "منهنجي پچائج پير! آءٌ تنهنجو مريد،
نذر ڏيندس، ڏن پريندس، منهنجي سولي ڪج سعيد"،
پر پُليا پانئن نٿا تا ڪنهن جي هٿ امرِ مزيد،
تنهنجي هٿ سڀ حاج تون حاجت روا رب الرشيد،
واهہ هن بيواهہ جي ڪر، پاڪ پرور! تي پناهہ،
تنهنجي هٿ سڀ درد جو درمان نہ تنهن ۾ اشتباهہ.

* تاجپوري نوابن جي قلمي مواد تان اُتاريل.

3- ڪير ڪونائي سخي، هت دم زني جي جاءِ ناهه!
ڪيئن تہ دعويٰ بادشاهي جي ڪري ڪو بادشاهہ!
ڪير بخشي فيض ڪنهن کي سيڪوئي محتاج آهہ!
تون سخي، تون بادشاهہ، تون فيض بخشيندڙ اَللّٰہ،
واهہ هن بيواهہ جي ڪر، پاڪ پرور! تي پناهہ،
تنهنجي هٿ سڀ درد جو درمان نہ تنهن ۾ اشتباهہ.

4- اَنتَ مولي، اَنت ربي، اَنتَ غَفار الذُنُوب،
اَنتَ فاتح بابَ خير، اَنتَ ڪَشافُ القُلوب،
اَنت غافِر ڪُل ذَنب، اَنتَ سَتار العيوب،
اَنت سامع ڪُل صوت، اَنتَ عَلاَم الغيوب،
واهہ هن بيواهہ جي ڪر، پاڪ پرور! تي پناهہ،
تنهنجي هٿ سڀ درد جو درمان نہ تنهن ۾ اشتباهہ.

5- ڇا سمند، ڇا بحر، ڇا ڪجهہ بارش باران آهہ!
تنهنجي فطري فضل جي دريا سندو پايان نہ آهہ،
بَر رُخِ انبار فيضت چرخ دانہ درنگاهہ،
ڇا چوي ساري صفت هِت ڪنہ بشر جي بات ناهہ،
واهہ هن بيواهہ جي ڪر، پاڪ پرور! تي پناهہ،
تنهنجي هٿ سڀ درد جو درمان نہ تنهن ۾ اشتباهہ.

6- مون تہ پنهنجي عمر ۾ ڪي حاج سيڪا نا صواب،
تنهنجو ڇا تفصيل، روشن توکي مثلِ آفتاب،
مون تہ عصيانن ۽ عيبن ڪئُن ڪيو ڪارو ڪتاب،
لطف تنهنجو بي حساب آهي نہ ڪج مون سين حساب،
واهہ هن بيواهہ جي ڪر، پاڪ پرور! تي پناهہ،
تنهنجي هٿ سڀ درد جو درمان نہ تنهن ۾ اشتباهہ.

7- ”نَـحنُ اَقـرَبُ“ آهيـن نيـڙي، ڏور آءُ ڪيـڏي وڃـان؟
سيڪو تنهنجي در سوالي سِـر ڪٽي، ڪيـڏي سَـجان؟
عـافيت منهنجـي بـدن ڪـي عـاقبت نـاهي اجـان،
تندرسـتي بخـش تـا پرهيـز بيمـاري پڄـان،
واهـ هـن بيواهـ جـي ڪـر، پـاڪ پـرور! تـي پناهـ،
تنهنجـي هٿ سڀ درد جـو درمـان نـ تنهـن ۾ اشـتباهـ.

8- جنـہ دوا ڪـي ناهـ تنهنجـي در ڪنـان حڪـمِ شـفا؟
تـن ۾ ڪنـہ جي ڪيئـن ڪـري تـاثير حڪمـت سـا دوا؟
تـوڙي افلاطـون، جـالينوس، لقمـان تـوڙي پيـا،
عقـل سڀ برعڪـس تـن جـو تنهنجـي رحمـت جـي بنـا،
واهـ هـن بيواهـ جـي ڪـر، پـاڪ پـرور! تـي پناهـ،
تنهنجـي هٿ سڀ درد جـو درمـان نـ تنهـن ۾ اشـتباهـ.

9- فضـل تنهنجـو نيـم سـاعت ۾ ڪٽـي سـالن جـو مـرض،
ڏوهـ ڏاتر بخش، سڻ سائين! تـو هـن عـاجز جـو عـرض،
مرض مون ڪي محبتي ڪيو جئن ڪري مفلس ڪي قـرض،
مرض ڪئون مون ڪي شفا ڏي منهنجو هي مقصود غرض،
واهـ هـن بيواهـ جـي ڪـر، پـاڪ پـرور! تـي پناهـ،
تنهنجـي هٿ سڀ درد جـو درمـان نـ تنهـن ۾ اشـتباهـ.

10- جـي گهڻـو چونـدس تـہ پـڻ محتـاج مقبولـي سـندو،
هـي چـوڻ تـورو قبولـج منهنجـو، آءُ تنهنجـو بنـدو،
حرف هڪڙي تي نـہ تي بخشش، تـہ دفتر ڇـا ڪنـدو؟
تـو پنـي خيـرات سـائين ڪـئون، بنـدو سـائين سـندو،
واهـ هـن بيواهـ جـي ڪـر، پـاڪ پـرور! تـي پناهـ،
تنهنجـي هٿ سڀ درد جـو درمـان نـ تنهـن ۾ اشـتباهـ.

11- ديـــن ۽ ايمـــان عـــزت عمـــر اعلـــيٰ تـــو گهـــران،
پنهنجـــي، آءٌ اولاد پنهنجـــي ڪـــاڻ مولـــيٰ تـــو گهـــران،
مصطفيٰ ڪارڻ چڱي آءٌ تـو ڪئـون سـيڪا تـو گهـران،
ڏي تون هن ”صوفي“ کي سائين ڏات جيڪا تـو گهـران،
واهــ هــن بيواهــ جــي ڪــر، پـــاڪ پــرور! تــي پناهــ،
تنهنجـي هـٿ سـڀ درد جـو درمـان نـہ تنهــن ۾ اشـتباهہ.

❖

مدح (نبي ﷺ) *

(2)

1- اي خدا جا خاص تـون محبـوب حـق احسـن اسـير،
انمــا انـــت النبـــي ختـــم الرســـل خيرالبشـــر،
تـون شـفيع المذنبيـن يـا مصطفـيٰ! يـوم الحشـر،
شـاهہ هـن بيڪـس اُتـي، نـالي ڏٺـي جـي ڪـج نظـر،
يــا رســول الله! واهــر ويــر منهنجــي واهـــ ڪــر،
ڪــا نــِگــہ نـامِ خـدا هــن بينـوا تــي شـاهہ ڪـر.

2- پيـش هـو آدم ڪنـان پڻ نـور تنهنجـي جـو ظهـور،
تـون خدا جـو خلوتـي آهيـن هيمشـان منجهـہ حضـور،
جـو ڪـري بيدين ملحد تنهنجـي طـاقت ۾ قصـور،
سـو جهنــم جــاءِ لهنــدو زود عقبـــيٰ ۾ ضـــرور،
يــا رســول الله! واهــر ويــر منهنجــي واهـــ ڪــر،
ڪــا نــِگــہ نـامِ خـدا هــن بينـوا تــي شـاهہ ڪـر.

* تاجپوري نوابن جي قلمي مواد تان اُتاريل.

3- خلق ۾ خاصو خدا جو دوست آهين دلخواهہ تون،
آسمانِ عز اعظم جو منور ماهہ تون،
شاهہ سڀ تو در گدا سيني شهن جو شاهہ تون،
شاهہ عالي جاهہ سڀ هيٺن سندو همراهہ تون،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

4- يا حبيب الله تون محبوب رب العالمين،
تون مہِ تابان عظمت تون گل بستانِ دين،
تنهنجي حق لولاڪ تون تاجِ جميع المرسلين،
تنهنجو پيغامي هميشہ آهي جبريلِ امين،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

5- جي نہ تون خلقئين خدا تا ڪين خلقيائين فلڪ،
تنهنجي ڪارڻ ڪي خدا سڀ جڳ خلق جي جوڙجڪ،
تا چون صلواة توتي آسمانن ۾ ملڪ،
گفتگو تنهنجي ثنا جي از سماءُ تا سمڪ،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

6- والضحيٰ واليل ۽ والشمس تنهنجي شان ۾،
تنهنجي حق ’يٰسين‘ ’طٰہ‘ تي صفت فرقان ۾،
يڪ بيڪ تنهنجي ثنا هر صورةِ قرآن ۾،
منهنجو هٿ اي مير مرسل! تو سندي دامان ۾،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

-7 ’هل اتيٰ‘ تنهنجي ثنا والتين ۽ تنهنجي مقال،
سورةِ والفجر ۽ النجم ۾ تنهنجو ڪمال،
قاب قوسين آهه او ادنيٰ سندو ذڪرِ وصال،
زندگاني ۾ بلاشڪ تو ڏٺو حق جو جمال،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

-8 حق ڏني توکي نبوت ۽ رسالت جي قبا،
ڪئي خدا ’انجيل‘ ۽ ’توريت‘ ۾ تنهنجي ثنا،
۽ لکي تنهنجي صحيفي سڀ ڪهين ۾ ماجرا،
صاحبِ معراج تون نصر من الله جي لوا،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

-9 ’بدر‘ ۾ هُئين تون بهادر قادر هر ڪار زار،
’اُحد‘ ۾ ڪافر ڪُٺئي توسان ملڪ لشڪر هزار،
۽ بـ خيبر ۾ خبيثن کي ڪيئي زار و خوار،
ملڪ منجهه اسلام آندءِ سڀ ڪهي ڪاذب ڪفار،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

-10 تو جوان جي مون ڪچايون ۽ ڪچا ڪردار ڪيا،
منجهه جواني پاٽي جوين ۾ وڏا جنسار ڪيا،
سينڌ سرما ۽ صفايون سو طرح سينگار ڪيا،
۽ تماشا رنگ دنيا ۾ گهڻا ديدار ڪيا،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

11- مــون وڏا گفتــار ۽ رفتــار ۾ جلــوا رکيــا،
پاڻ تي پـانيم گهڻـو خوشـگو و خوشـرو خوشـنما،
۽ صفـت پنهنجي تـي کيـن مـاڻس منجهـ قبـا،
اهڙيون حاجون مون هٿان ٿيون. شال! مون بخشي خدا،
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهــ کــر،
کـا نـِـگـه نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ کـر.

12- غيبتون هجوون گلاڻون مسخريون مـون تـي کيـون،
چا کريان تن جو کهاڻيون. واءِ! سڀ وسري ويـون،
پــر کــرام الکــاتبين اعمالنــامي ۾ لکيــون،
ڏينهن محشر تنهن پيچا کوئن تنهنجي پروش سان بچون،
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهــ کــر،
کـا نـِـگـه نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ کـر.

13- مون خمر پيتا. زنا کيـا بيـون خرابيـون ۽ خلـل،
دف دمامــا نوبتــون ۽ تــي وڄارايــا دهــل،
چا چوان جي مون هٿئون گذريا اجايا سي عمـل،
روز رحلت جي عذابي ٿيـان نـ اهنجـو شـاهـ شـل!
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهــ کــر،
کـا نـِـگـه نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ کـر.

14- تيـا قضـا روزا نمـازون مـون کنـا اي پـاک ذات!
کونـ حج بيت الحرم جو ني ادا! مـالِ زکـوات،
بـر خـلافِ شـرع گذريـا وقـت منجهـ حيـنِ حيـات،
آدمين سان اهنج کيم ۽ کون کنه سان التفات،
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهــ کــر،
کـا نـِـگـه نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ کـر.

15- طمع جي ڪارڻ رهيس دارالحرب جي منجهه حڪم،
حڪم سين ڪافر جي مون ڪيا مومنن سر پُرستم،
جيڪا مون ٻي تي عبادت ڪئي گهٽي يا توڙي ڪم،
سائي هن ڪارڻ تہ من ماڻهو چون هي چوڪو ڪم،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

16- مير مون منجهه ملڪ دنيا جي هلايا سَوَ حڪام،
عدل مون ڪان ڪونہ ٿيو، ٿيا ظلم ۽ ايذاءُ تمام،
خوش هنڊايا، خوب پيتا، خوبتر کاڌا طعام،
سا نہ ٿئي مون ڪؤن پڇا اهڙن ڪمن جي منجهه قيام،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

17- شوق سين شائق رهيس شب روز منجهه شغل شڪار،
ڪانہ تي مون ڪؤن عبادت ۽ اطاعت استوار،
ڪونہ ڪم چوڳو ڪيم هر وقت منهنجي اهڙي ڪار،
ڪنه سندو مذڪور ۽ ڪنهن جي ڳلا ڪنه جي پچار،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

18- مون تي منجهه دنيا اطاعت ۽ عبادت ڪانہ ڪي،
فقر فاقا ۽ فقيري جي رياضت ڪانہ ڪي،
’فاذڪروني‘ ذڪر سان مشغول ساعت ڪانہ ڪي،
ڪا چڱي چوڪي اطاعت جهڙي عادت ڪانہ ڪي،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

19- ڪانہ تي پرهيز مون ڪوئن ڪائون رشوت ۽ ربا،
حاج سڀ منهنجي هٿان تي منجهہ رياضت باريا،
نفس ڪارڻ سَوَ لٿايم هاءِ! ڏنہ حرص و هوا،
طمع تي تي ڪيم تڪليف ۽ نہ ڪجهہ نامِ خد،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

20- مون پنهنجي عمر ۾ ڪو ناهي ڪيو هڪڙو ثواب،
سڀ عمل اُبتا اجايا ۽ بديون ڪيم بي حساب،
ڏينهن محشر جڏهن مقابل تي ڪري پڇندا ڪتاب،
تڏهن نہ تيندو مون ڪنان هن قول ري ٻيو ڪو جواب:
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

21- مون تہ هي ڄاڻي ٻجهي اهڙيون خطائون خام ڪيون،
نفس کي تي خوش نپايم پاڻ کي بدنام ڪيون،
وقت طاعت جا وڃايم عمر ۾ آرام ڪيون،
پاڻ کي تي نيڪ ڀانيم اهڙا ابتر ڪام ڪيون
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

22- راهہ ۾ رهبر رسج هن راهہ جي گمراهہ کي،
هَي! مَ رستي ۾ رهان رهِ راست پهچان راهہ کي،
باهہ هاوي ڪوئن ٻچان جنهن لاءِ هيبت ساهہ کي،
ننگ هن مسڪين جو تو ننگ پرور شاهہ کي،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نِگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

23- ظلم ظالم جي ڪنان رکجو امن ۾ يا رسول!
پيو بچان شيطان جي شر کؤن شفاعت ڪج شمول،
"استجب دعواتنا" ڪامل! دعا سڀ ڪر قبول،
مدعا مَنَ جي پچي، تئي حاج کل هادي حصول،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

24- جي مدايون ۽ ڪچايون مون ڪيون ۽ تو ڪريان،
تن جي بخشش لاءِ آءٌ توکي وسيلو تو گهران،
تون خدا کي چو خدا لڳ جئن تہ توکي تو چوان،
تي معافي مون مٿان ڏيهن سندي ڏاتار کان،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

25- تنه پڇاڻا تو گهران، هادي! هدايت جي دعا،
سا اِجابت ۾ اچي اي مير مرسل مجتبيٰ!
تابہ پيري زندگاني روز و شب صبح و مسا،
حمد آءٌ حق جو چوان ۽ توتي صلواة و ثنا،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

26- روز محشر جي حسابن جي گهٽي هيبت سُجهي،
۽ وڏي سڪرات سختي موت ويلي تي ٻجهي،
بي قبر جي سوڙهه ۽ پت پيڙ اونداهي سجهي،
توجِهو مون کي وسيلو شاهه! شل اُن دم هجي،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

27- جڏهن هلائـي مهـل عزرائيـل ايـنـدو روبـرو،
واءِ! جـو اُن وقـت هونـدي سـختِ حـالت سـُـوبسو،
سـاهـ کـي سـاري چڪيـنـدو ازبـُـنِ هـر مـُـوبمو،
ساگهڙي سهنجي لنگهي جنهن جي ڪريان هي گفتگو،
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهـر ڪـر،
ڪـا نـِـگـهـ نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ ڪـر.

28- جڏهن اچي پچندا پچاڻو منجهـ قبـر منڪـر نڪيـر،
گفتگـو ان وقـت جـي اهنجـي سـجهي ۽ داروگيـر،
ماڙ ڪج ان مهـڪ منهنجـي اي سچا صاحب سرير!
تـان چـوان ثـابت سـخن ان جـي مقـابل اي اميـر!
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهـر ڪـر،
ڪـا نـِـگـهـ نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ ڪـر.

29- جڏهن قيـامت ڏينهـن نيزي پـاند سج ڏيندو نگاهـ،
اُت گهڻا بيتـاب ٿيندا تنهنجي تـابش کـؤن تباهـ،
غـرق سي هونـدا پگهـر پنهنجـي ڪنـان اهـلِ گناهـ،
اهڙي حـالت کـؤن بچـائج پـاڪ! تـج منهنجـي پناهـ،
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهـر ڪـر،
ڪـا نـِـگـهـ نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ ڪـر.

30- بيـا سـجهن روزِ قيـامت جـا گهڻـا هـُـل حادثـا،
ڪونـهـ ڪـو چونـدو ڪنهـن کـي آهـ اُن دم مرحبـا،
پـاڻ کـؤن بيـزار تـي پجنـدا اُتـي سـب اقربـا،
اُن مهـل منهنجـي، محمـد ميـر! سـڻجو هـي صـدا:
يـا رسـول الله! واهـر ويـر منهنجـي واهـر ڪـر،
ڪـا نـِـگـهـ نـامِ خـدا هـن بينـوا تـي شـاهـ ڪـر.

31- حشر ۾ جڏ سڀ کنهن تيندا عملناما عطا،
سا سڄي ۾ ڪتابت مون ملي يا مصطفيٰ!
جڏهن تُرن ميزان ۾ منهنجا عمل چوکا مندا،
تڏهن ڪجو هلڪو گهٽيرو پلڙ جرم و خطا،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

32- پل صراط آهي اٺانگي وات عالم کي گذر،
مثل مُو باريڪ ۽ تلوار وانگي تيز تر،
هٿ ڏيئي مون کي هلائج ۽ وٺي قابو ڪمر،
ات رکج منهنجي رفاقت تا ٽئي سهنجو سفر،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

33- حق عطا ڪيون نعمتون توهٽ سموريون جنتي،
آب ڪوثر مون ڏيارج ۽ قصورن جنتي،
نعمتون جنت سنديون امداد حورون جنتي،
ڪج ڪرم سان سڀ مرادون منهنجو پوريون جنتي،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

34- يا نبيءَ جيڪي ڏهاڙا عمر جا جڳ ۾ جيان،
نور روشن جسم سالم قدر قوت ۾ رهان،
منجهه حياتي هن چپن سين تو سندي چانئٹ چمان،
ڏينهن محشر جلوءُ حق ۽ لقا تنهنجو پسان،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

35- شوق مون کي آهي حج مقبول جو هر صبح و شام،
سو پڄي مقصود منهنجو مون کي هِيءُ فبهاالمرام،
خاڪپا آءٌ تنهنجو، تنهنجي آل اصحابن تمام،
مون ويلي مون ملي منجهه جنت البقيا مقام،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

36- ٻي گهران تو آل ۽ اولاد ڪارڻ هيءُ دعا،
عمر ۽ اقبال چوکيون عادتون تن کي عطا،
دوستن منهنجن مٿان تون مهر ڪج يا مصطفيٰ!
مدعي جي منهنجا تن کي پنهنجي نيت جي جزا،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

37- شاهه! ڏي تون شادماني آءٌ سدا شادي ڏسان،
پُٽن پوٽا اڪئين اولاد اولادي ڏسان،
خوب خوشيون جئن هميشه خانہ آبادي ڏسان،
لطف لائق آن سندو ڪا اهڙي امدادي ڏسان،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

38- جي سُٺايا توکي اي سردار! هن سائل سوال،
سي سييئي ڇئجو اوهين منجهه درگاهه رب الجلال،
ڪارگر آهي اوهان جو در ڏٿين جي قيل و قال،
ٿئي معافي جي سچا سيد سَنَد منهنجي بحال،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهه ڪر،
ڪا نِگهه نامِ خدا هن بينوا تي شاهه ڪر.

39- مدح تنهنجي ڪئن ڪري مرسل سگهان ساري تمام،
منهنجي خامي ڏي نہ ڏسجو توڙي پختي توڙي خام،
منهن ڪري تو ڏنهن مديني مير! آءٌ پڙهندس مدام،
سا ڪجو مقبول منجهہ درگاهہ اي اعليٰ امام!
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

40- يا نبي! آءٌ تنهنجو آهيان اُمتي با انقياد،
تون امام المرسلين ۽ منهنجو تو ڏنهن اعتقاد،
يا شفيع المذنبين تون شافع يوم التناد،
ڪر شفاعت مون مٿي مسڪين عاصي "الهداد"،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

41- رزق جي تنگي نہ هوئي دنيا ۾ گذري مانَ سان،
لڄ رهي لوڙهي اندر سڀ ڪجهہ شرافت شان سان،
مون جي ويلي هلان جيئن دين ۽ ايمان سان،
صاف هي "صوفي" پڙهي ڪلمو صفا الحان سان،
يا رسول الله! واهر وير منهنجي واهہ ڪر،
ڪا نگہ نامِ خدا هن بينوا تي شاهہ ڪر.

لا الٰہ الا الله محمد رسول الله.

مدح (حضرت علي رضہ)

(قائم فقير شر جي چيل)

[قائم فقير ولد مينگھو فقير شر بلوچ، ڳوٺ مينگھو شر تعلقي ميرواھہ ضلعي خيرپور ۾، 13- شوال 1274 ھ / 1857ع ۾ ڄائو. فارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪيائين. شعر چوڻ ۾ پڻس مينگھي فقير کان هدايتون مليس. سنڌي، سرائڪي ۽ اردو شعر چيو اٿس. سنڌي ۾ هن جا ڏوهيڙا، ٽيهہ اکريون، ۽ مولود، مناقب ۽ ڪافيون مشهور آهن. قائم فقير 24- ربيع الثاني 1334 ھہ / 1906ع ۾ وفات ڪئي.]

1- چو ثنا تعريف رب جي آهي جو صاحب ستار،
جنهن جو ڪيو پيدا محمد مصطفيٰ مختارڪار،
ڪئي ثنا جبريل حيدر مرتضيٰ جي بار بار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

2- آل احمد تي چئي صلوات رب پروردگار،
ڪئي ثنا قرآن ۾ 'يٰس' 'طٰه' ۽ 'تبار'،
تا زمين ۽ آسمان ڪن هردم هميشه هي پُڪار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

3- حلب هلندي روس، رومي، بلخ، ترڪي تاجدار،
سنڌ، سرهندي و مروندي، حبش، زنگي هزار،
تا چمن چانئن پڙهن تسبيح پرتئون پائدار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

4- قيصر و جمشيد، خاقان تنهنجي در تي خاڪسار،
تنهنجي درس لئي هزارين تا سڪن عالم آذار،
تا پڙهن توتي صلواتون عالمِ هزده هزار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

5- تنهنجي حشمت دٻدٻي کان خارجي خنزير خوار،
دائما ترسان لرزان سو نسدورو نابڪار،
جڏهن ٻڌئين گفتار عالم تا ڪَرن ارڙنهن هزار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

6- سيدا ثقلين ۾ آ تنهنجو نعرو نامدار،
منجهه ٻنهين جانب جهانن مدد صاحب ذوالفقار،
تا ڪَهن ماڻهو، ملڪ، جن، ديو، هئن وليل و نهار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

7- منجهه سخاوت ۽ شجاعت آهين شاطر شهسوار،
لک سيڻ، لاکا ۽ حاتم تا ٻنن تو پائدار،
تا پڙهن هي ورد سڀ عابد ثوابي گنهگار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

8- من چه گويم اي ثنائي حمد چون کرده جبار،
گفت چون صلو عليه و آلهِ پروردگار،
هم وظائف بر زبانم نام تو اي نامدار!

شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

9- من سگِ دروازه تو "قائم" غلامِ داغدار،
کن عطا امداد خلعت دين دنيا پائدار،
تا کنم شکران همہ هرجائي هردم بيشمار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.

10- دين ايمان تو گهران هادي هدايت مون ڏيار،
غير خطرن کان ڇڏائي کر اچي آزاد يار،
تان تئي سکرات منهنجي ختم کلمي جي قرار-
شاهِ مردان شيرِ يزدان قوتِ پروردگار،
لا فتيٰ اِلا علي لا سيف اِلا ذوالفقار.
لا اِلہ الا الله محمد رسول الله.

مدح (شاهه محمد مڪي رحہ) *

(محمد صديق جي چيل)

[محمد صديق ولد محمد ابريشم فروش (شاهواڻي) حيدرآباد شهر جو رهاڪو هو. اٽڪل 70 ورهين جي ڄمار ۾ 1943ع/1362 هه ۾ وفات ڪيائين. حيدرآباد ۾ دفن ٿيل مشهور ولي شاهه محمد مڪي جي شان ۾ مدح چئي اٿس، جا هتي ڏجي ٿي.]

1- سردار سيد با سخا، شاهنشاهه محمد مڪي،
آهين الاهي اوليا، شاهنشاهه محمد مڪي.

2- تون حاڪم هردو جهان، تو غلغلو منجهہ آسمان،
تون قطب ٿئين ڪامل بيگمان، شاهنشاهه محمد مڪي.

3- تون پهلوان پيغمبري، والي ولايت حيدري،
سردار ٿي ڪئي سروري، شاهنشاهه محمد مڪي.

4- توڪي سڄاتو آهه جن، ساڳيو علي سي تا چون،
شير خدا شہ ذوالمنن، شاهنشاهه محمد مڪي.

5- ڇٽ اوليائن جو علي، واحد ڪيو جنهن کي ولي،
مهندار جو مخفي جلي، شاهنشاهه محمد مڪي.

6- سَوَ رحمتون تنهنجي متي، سولا مڪيون راحم رتي،
مٿ تو سندو ڪونهي ڪٿي، شاهنشاهه محمد مڪي.

---

* حيدرآباد مان سيد علي شاهه گوهري ڪان مليل ڇپيل چوپڙي بعنوان "مدح شاهنشاهه محمد ڪي" مطبوعه مسافر ۽ آرين پريس حيدرآباد سنڌ (سنہ 1910ع) تان اُتاريل.

7- صاحب سخا جو بادشاهه، مرشد مڙين جو مرتضيٰ،
عرب و عجم جو اولياءُ، شاهنشاهه محمد مکي.

8- عرب و عجم ايران ۾، طهران ترڪستان ۾،
ڪن ياد تنو يونان ۾، شاهنشاهه محمد مکي.

9- تنهنجي سخا جو ڏيهه، هر ملڪ ۾ هرجاءِ ٿيو،
حاتم گدا تو در سندو، شاهنشاهه محمد مکي.

10- تو لئي جڙيو جوندس جهان، مالڪ ڏنو تو لامکان،
واقف تئين ظاهر نهان، شاهنشاهه محمد مکي.

11- آهين پيارو پير تون، مهندار مشفق مير تون،
ڏي دادلا دل ڌِير تون، شاهنشاهه محمد مکي.

12- سونهين سدا دستار تو، اظهار ٿيا انوار تو،
ڪلنگي ڏني سردار تو، شاهنشاهه محمد مکي.

13- معراج ۾ محمد اڳيان، بيشڪ اُيو هئين بيگمان،
ديدار حاصل ات ٿيان، شاهنشاهه محمد مکي.

14- قاري تئين قرآن جو، عالم تئين علمان جو،
ايمان ۽ ايقان جو، شاهنشاهه محمد مکي.

15- از حڪم خلاق عليٰ، توکي مکو جڏهن مصطفيٰ،
تڏهن تو ڪئين ڪافر ڪنا، شاهنشاهه محمد مکي.

16- شاهه شجاعت شاهه تون، والي ولي الله تون،
هر رمز کان آگاهه تون، شاهنشاهه محمد مکي.

17- سيد مکي سرور مکي، محمد مکي رهبر مکي،
ڏيکار لڳ ڏاتر مکي، شاهنشاھ محمد مکي.

18- توکي محمد مصطفيٰ، سردار سرور انبيا،
کيو گنج آگي جو عطا، شاهنشاھ محمد مکي.

19- توکي محمد موکليو، سردار کيو سڀ سنڌ جو،
دين تو روشن کيو، شاهنشاھ محمد مکي.

20- پرور پڌر توکي کيو، منجھ سنڌ سرور موکليو،
دين تو روشن کيو، شاهنشاھ محمد مکي.

21- حيدر ڪٽئي مخفي مجيو، جو راز دانن هئن چيو،
تڏهين پڌر نالو رهيو، شاهنشاھ محمد مکي.

22- نالو محمد تو سندو، حيدر لقب مشهور ٿيو،
جو شهر تي نالو رهيو، شاهنشاھ محمد مکي.

23- ڇا اسم ڇا عالي لقب، آهي سنڌ نوري نسب،
هاذا دعائي استجب، شاهنشاھ محمد مکي.

24- هيءَ شهر کيو آباد تو، جو حيدرآباد جو،
قلعو هيءَ هو نيرون سو، شاهنشاھ محمد مکي.

25- ڏس ڇا اتم اظهار کيو، جو راز هيءَ آهي ڳجهو،
مون شاھ پنهنجي کان ٻڌو، شاهنشاھ محمد مکي.

26- هيءَ جاءِ آهي پاک سا، جنهن تي لکيا سڀ لوھ جا،
حاضر ٿين هر حال تا، شاهنشاھ محمد مکي.

27- سڀ اوليا تو وٽ اچن، مقصود ماڻهن جا پچن،
ايهين چيو روشن دلين، شاهنشاهه محمد مڪي.

28- حاڪم سڀيئي دوران جا، آهن گدا تو در سندا،
پينا تيا شاهه و گدا، شاهنشاهه محمد مڪي.

29- مهمان 'قلندر' محتشم، تيو تو سندو عالي همم،
بي موسمي ميوا اتم، شاهنشاهه محمد مڪي.

30- ڪائي تيا خوش خوب سي، دلدار دل مرغوب سي،
موليٰ جا تيا محبوب سي، شاهنشاهه محمد مڪي.

31- بابا فريدي [1] با صفا، تو ڪان لڌا نوري نفعا،
ويس مڙئي جانيون جفا، شاهنشاهه محمد مڪي.

32- جيڪو اچي تنهنجي دري، دوزخ پڄي تنهن کان پري،
حاجت روا تنهنجي ڪري، شاهنشاهه محمد مڪي.

33- سيد جلال جهانيان، روشن ڪيائين سارو جهان،
اڳواڻ تيو مڙني عيان، شاهنشاهه محمد مڪي.

34- تنهن پڻ ڏها ۽ چاليها، نو در متي ڪئين ڪديا،
حاصل تيس اعليٰ عطا، شاهنشاهه محمد مڪي.

35- ۽ غوث عالم جو اجهو، ديان جو دابر ڏئو،
ملتان ۾ روشن تيو، شاهنشاهه محمد مڪي.

---

[1] بابا فريدالدين شڪر گنج.

36- اهي يار چارئي تو سخي، جن سنڌ کي کيڙو لکي،
۽ سنڌ تي توکان سکي، شاهنشاهه محمد مکي.

37- چارئي چگا چوڌار کيا، سرور کٿي سردار کيا،
نور عليءَ انوار کيا، شاهنشاهه محمد مکي.

38- جن و پريون پيرن پون، ۽ ديو هردم ڌهلجن،
دهشت ڏسيو ڏاڍا ڏکن، شاهنشاهه محمد مکي.

39- جي غمزدا تو در اچن، خور سند خوش سي شاد ٿين،
لاهين تني گوندر غمن، شاهنشاهه محمد مکي.

40- توکي چون سڀ حيدري، آهين سڳورو صفدري،
واهر کا کر مون تي وري، شاهنشاهه محمد مکي.

41- پوريون سندم کر حاجتون، ٽارين الم ۽ آفتون،
ڏي روح منهنجي راحتون، شاهنشاهه محمد مکي.

42- بخشاءِ باريءَ کان پلا، تقدير مبرم کي مٽاءِ،
بيشڪ رکي رب تو رضا، شاهنشاهه محمد مکي.

43- جيڪو اچي سائل سدا، تنهن تي ڪرين انور عطا،
شمس الضحيٰ مشڪلڪشا، شاهنشاهه محمد مکي.

44- تو در وليِ الله جا! ماٺهن مڙن جي التجا،
فرياد رس شاهه و گدا، شاهنشاهه محمد مکي.
45- تو در پيس پينو گدا، آهيان اگهاڙو ري ردا،
ڪر ڏڪ داور لڳ دوا، شاهنشاهه محمد مکي.

46- دشمن توائي ڪر سندم، جيڪو وڳي ويري اتم،
ملعون ڪر ڪر منهدم، شاهنشاھ محمد مڪي.

47- پينو تي آيس تنهنجي در، مغموم ۽ محزون مگر،
صادق اهو صدقو ڪوڪر، شاهنشاھ محمد مڪي.

48- هي جو حريري تي حقير، پيڙو تو پيش پير،
تي داد رس دستگير، شاهنشاھ محمد مڪي.

49- هي جو خلف محمد سندو، تنهنجو رهي روشن ڏيو،
صالح ڪرين اولاد سو، شاهنشاھ محمد مڪي،

50- منهنجا پچائج پير تون، مطلب مڙيئي مير تون،
تي واهرو ور وير تون، شاهنشاھ محمد مڪي.

51- آباد ڪر منهنجو پنگو، جو آهيان تنهجي سام،
تيو تو وسيلو مون وڏو، شاهنشاھ محمد مڪي.

52- هيءَ ڪر مناجاتم قبول، بهرِ خدا ۽ لڳ رسول
۽ واسطي بيبيءَ بتول، شاهنشاھ محمد مڪي.

53- آسان محمد ڪر ڳري، آهيان غلامِ قنبري،
۽ دين مون پيغمبري، شاهنشاھ محمد مڪي.

54- سڪرات ويلي سهنج سان، تي روح احقر جو روان،
ڪلمو پڙهو شل قرب مان، شاهنشاھ محمد مڪي.

لا الٰه اِلا الله محمد رسول الله.

مناجات *

نبي ﷺ جي بارگاهہ ۾

(مل محمود پَلِيءَ جي چيل)

[مل محمود ولد طالب درس پلي، تيرهين صدي هجريءَ جي آخر (1280هہ-1290 هہ درميان) ۾ ڳوٺ حاجي عبداللطيف پلي تعلقي عمر ڪوٽ ۾ ڄائو. 1347 هہ / 1928ع ۾ وفات ڪيائين. عوامي شاعري ۽ مٿانهين درجي جو شاعر هو. سندس ڪلام مان ليليٰ مجنون، مجمع العجائب ۽ نصيحت انساني ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هتي سندس ٻہ مناجاتون ڏجن ٿيون.]

(1)

خلقيل خود خاص تون رهبر سچي رحمان جو،
ديد انهنجو لاءِ سڪندن، عيد آهي تو چوان.
آءُ عربي! گهر اسان جي ڪر ڪرم احسان جو،
ديد انهنجو لاءِ سڪندن، عيد آهي تو چوان.

1- اول آگو عالمين قادر ڏٺي قدرت سندو،
ڪين مان ڪوڙين ڪري هادي هنر حڪمت سندو،
تون محمد مصطفيٰ! سردار سڀ خلقت سندو،
جيس جوڙي ساڻ تنهنجي نور ناهي تو چوان.

2- حُب سندءِ هردم پرين! دل اندر آهم گهٽي،
جان جيرو ڪاڻ اُنهنجي پاڻ پرزا ڪيم پَٽي،
دل وني دلدار! وئين حڪمئون حڪم هنيَڙو هٽي،
باز بحري جيئن قُمريءَ ڪي اُنائي تو چوان.

3- اک اَڙائي، جيءُ جڙي، جانب! ڪَيُئي قابو بندي،

* "مجمع العجائب" مطبوعہ ليٿو پرنٽنگ پريس لارينس روڊ ڪراچي (سنہ 1359 هہ) تان ورتل.

نـاز پريـا! سـور لايـو، سـوز سـاجن! تـو سـندي،
عمـر واجهـائيندي ويئـي عـرض ۽ آهـون ڪنـدي،
مـَـنَ ڪـڏهن جـاني سـندم مـالڪ ملائـي تـو چـوان.

4- پـَل نـہ سـَرندي تـان نـہ توري هـوت! هڪڙو دم گهـڙي،
رات ڏينهـان تـات تنهنجـي جـان جيـري منجهـہ جـَـڙي،
پـاڪ! تولئـي ٿـ اڪ ڪـامي تـو هـِـنيون سـاٿو سـڙي،
ڳالهـہ ڳولـي ڳجهـہ انـدر جـي نيـچ نـائي تـو چـوان.

5- تـون عقـل جي واڳ ڦيـري هـوش وئيـن هڪـدم ڪٽـي،
تـي موالـڻ مسـت بيراڳـڻ گهمـان گهـر گهـر پـُـٽي،
جــيءَ جـانب! تـو دڪـائي دل انـدر آڳـون هٽـي،
سـڪ ڦٽـائي، ڏک ڏئـي وئيـن لـوچ لائـي تـو چـوان.

6- روز پنهنجـا سـچڻ سـاريو نـت اُڏايـان ڪـانگ تـي،
گهوٽ! گهوريان تـو متـان ٻيـا سـي سڪا ۽ سانگ تـي،
عشـق آيـو اگـڻ منهنجـي نينهـن نسـورو نـانگ تـي،
ڏنـگ هٽـي ڏاري وڏائيـن جـيءَ جلائـي تـو چـوان.

7- نيـڻ نـوري نـاز پريـا خـان خوشـيان تـو ڪٽـي،
ڪـان قهـري جـان جوڙيـو، دل هـِنيين منجهـہ تـو هٽـي،
قـرب ڪـاتيءَ سين جـاني، جيئـن وڍي تيئـن تـو وٽـي،
ڳالهـہ ان جـو محـب! مـون ڪـي عجـب آهـي تـو چـوان.

8- هيـث اَنهنجـي ميـث مـاڪيءَ جـي محـب مـَـهرو منـا!
ٻـوڏ سـٽيو ڪـوڏ ڪـن تـا قـرب ڪـاتيءَ جـي ڪنـا،
لـوڪ مهٽـا مـوڪ مـون تـي سـاءِ سـاجن تـو سـَـنا،
انـگ اصـل جـي وَنـگ وڏا ۽ نئـون لڙائـي تـو چـوان.

9- ڪير ڪندَ ڪان خوب خاصي پرت پريـَم آن مـٿي،
سونهن سهڻـي يار تنهنجي جن هلي هيڪر ڏٺي،
قرب قابو قيد ڪيڙا وٺ ورهه جي اوءَ وٺي،
عشق عربي! آن سندو ويو گهور گهائي تو چوان.

10- سچڻ سائين! هوت هو، سين سيٺ ماڪياري منو،
ڪوهه چاڻان يار چا تان دل رنجائي تون رُنو،
ڳالهه ان جي سور تـَسڪي ڪانَ ڪانهِل ڪي ڪنو،
نينهن ناحق يار! تـوڙي وئـي ويسـاهي تـو چوان.

11- جن جدا ڪئين يار جاني! تون محب مون ڪان چني،
شل چـَـتي چوٽـي پوي ان تان بـڌي بيـڙي بني،
خـَر اُماڙي ڪار مان فتنت منجهان ڦوڪي ڏني،
مـَن ڪنو معشوقَ ڪئي محبت متائي تو چوان.

12- نُور! توڪان ڏار تي گهائل گهڙيون گهاريان هتي،
تون وجي ويهي رهئين، ڪامل! ڪميني جا ڪٿي؟
پاڻ پنهجو ننگ سجائي، موٽ مان مُذنـَب متي،
روز رُوندڙ آهيان، خاوند ڪلائي تو چوان.

13- پوڪ پوڪي پاپ جي، پاٽي ڏنم ڏوهن سندو،
باغ ڪيئن آباد ٿئي اهڙو مثل جنهن جو مدو؟
حال منهنجي ڪي ڏسي ڪامل ڪرم مون تي ڪندو،
توهه جنهن جي تار تڪ مان لڪ لنگهائي تو چوان.

14- هٿ ٻڌي حاضر اُيي ادبئون ادب ڪُرنش ڪري،
حال حضرت! تو سٽايان پاند پٽڪي جو ڏري،

مـون ”پلـي“ پينـار وٺ آءُ رس پريـن! پيـرا پـري،
نظـر اُنهنجـو يـا نبـي! ڇيهڻـون ڇـڏائي تـو ڇـوان.

15- جيئـن ٿـاهيءَ مـان هلـي هرٺـي قريشـي! تـو ڪـدي،
تيئـن مـهرون ڪج اسـان تـي آس مـون آهـي وڏي،
بـار بيحـد پيـو گهڻـو بيـڙي جـدا زخميـل جـڏي،
تـو مـحابي پـار پـرئين رب رسـائي تـو ڇـوان.

16- مصطفـي! ”محمـود“ ڪـي رس راهـ ۾ رهبـر مـنا!
ڪـر شـفاعت ڪـارٺي، صـاحب سـچا سـرور مـنا!
توهـ تـاري تـو سـندي، اُڙيـن اجهـا، آڌر مـنا!
مـوت ويلـي مـون ڏٺـي! ڪلمـو پڙهـائي تـو ڇـوان.
لا اِلـه اِلا الله مُـحمد رسول اللہ.

❖

مناجات *

(2)

1- پاڪ پرور، سوال سائين! عـرض آهون تـي ڪريان،
پـاند پـايو ڳـل ڳچـيءَ ۾ درد ڏانهـون تـي ڪريـان،
سي پڄائين پاتشاهہ! جـي روح رتـائون تـي ڪريـان،
مـون ڏوهارڻ ڪـي ڏيڪارين رب ڏٺـي! پنهنجا ڏيـا.

2- ميــر مرســل ڪـــارٺي ســـرور ســچو ســـاريان،
درد مان دانهون ڪريو هردم هنجون هاريان گهڻـو،
واٽ ويڙهيـچن سندي نـت نـت تـي نهاريـان گهڻـو،
اڄ اُباڻـا شـال ايندا، جـن ڏنـي مـون ڏينهـن تيـا.

* مجمع العجائب مطبوعه ليٿو پرنٽنگ پريس لارينس روڊ ڪراچي (سنہ 1359 ھ) تان ورتل.

3- وڻ وطن جا پَٽ پَچي پيا، ڏٽ سوين ڏس ڏيهہ ۾،
کين ڪُنييون ڪاچ مارو ساڳ ڪئو ساٽيهہ ۾؛
آءٌ بنديــاٽي بندخــاني هــت پــري پرڏيهـــ ۾،
کوهہ چاٽان ڏوهہ کھڙا مون ڪمنيءَ اڄ ڪيا.

4- ڪار منهنجي ڪين آئي پاڪ پرور کي پسند،
اُن خطا ڪان هي خطائي قيد ڪارئين منجهہ ڪمند،
شان منهنجي مان جو جيڪس هو اصلئون باب بند،
مون نماڻيءَ کي نير ناحق تڏاهين پيچ پيا.

5- قال کھڙي قيل ڪريان آءٌ منهنجي هن حال جي،
تو اڳيان معلوم آهي سڀ ڳجهائي ڳالهہ جي،
ڪيم ڏس منهنجي ڪمن ڏي ڪر پلائي پال جي،
تون ڇڏائين تان ڇٽان نہ تہ مون ڪمند قابو پيا.

6- ڏوهہ ڏاتر! هن ڏوهاريءَ کي خطائون ڪم ڪٽي،
مير مالڪ! مهر ڪرڪا سڏ سواليءَ جا سٽي،
تون وسيلو ڪل وسيلن جو وڏو وارث ڏٽي،
سي سيئي محتاج تنهنجا جي ٻاجهائيندڙ ٻيا.

7- ڏٽ چندبيندي ڏيهہ ۾ ڪا جا ڪيم خوني خطا،
مون وانگي 'عمر' آيو اوچتو پيو مون مٿان،
ڪوٽ آٽي قيد ڪاريائين هاڪارن جي هٿان،
تيغ تبرون تيز تاٽيو سي قرن پھرون پيا.

8- جي ڏٽي راضي هجي مالڪ ڪري ڇا هوند حمير،
ڪين آنديس عمر آءٌ هت ڪٽي آيو خمير،

هٿ ڪرايون ۾ ڪڙن قابو پيون پيرن زنجير،
آءٌ بندياڻي بند ۾ مائٽ منهنجا هُو تر تيا.

9- انگ لکيو ائين هو اچي آءٌ قيد قسمت سان اڙي،
سڏ هزارين ڪُوڪرا ڪئم ڪوٽ چوٽين تي چڙهي،
ڪانہ مان ڏي پير پائي تن لوئيارين مان لڙي،
مون ويچاريءَ ڪي وساري شَت [1] اباڻا اڄ ويا.

10- ڪالهہ قاصد ڪانگ آيو خط ڪتابت هي ڪٽي،
شاد سڀ آباد ڪيا مينهن پِٽون تر بر هٽي،
لام لاٽي، موڪ مڪٽي تي گهرن پاسي گهٽي،
آءٌ سُٽيو سَرهي تيان ڏيهون لهي سڀ ڏک ويا.

11- گرڙ، گولون، گگر وليون ڏُت ڏاڏاٽو پيو پچي،
وڳ ورائي ويڙهہ ۾ وينم اباڻا اڄ پچي،
چاڳ چوڙيلين ڪيا چوڪا حسن جا رنگ رچي،
اُو سنپاليو اڄ سڙان تي جي سهيلين سانگ ڪيا.

12- تن سنگهارن ساهہ ساري دل هِنيون هردم سدا،
آس پوري عاشقن جي شل ڪَندو خاوند خدا،
سڀ تيا مقصود "مل محمود" دل من جي مدعا،
رب اسان تي پال مهرون ڪرم ڪلمي جي ڪيا.

لا الٰہ الا الله محمد رسول الله.

---

[1] شت = شايد.

مدح ُانبي ﷺ) *

(عبدالحي جي چيل)

"مِـصباح الظلم جميل الشـيـَم" اونداهيءَ سوجهرا،
يـَــلا يلائـــي ۾، يــَـلا ســـندن اطـــوارا،
همـــه صفتـــون حضـــرت كـــي ڏنيـــون ڏاتـــارا،
شفيع الاُمر، صاحب الجُود و الكرم، ايُ تيس عطا،
ڏنــس واڳــون واحــد هــٿ ۾ ســنديون بخششــا،
"والله عاصمه و جبرئيل خادمه" پرين چيـس پرورا،
حفاظت ۾ رکيائينس پنهنجي جبرئيل منجهہ خدمتا،
تکـــو ڏنـــائينس ســواريءَ لاءِ بـــرق بـــُـــراقا،
سـفر كيـــائينس ستُرو منجهـــ محبـت معراجـا،
ســاكن تيــا ســپرين منجهـــ سـدرة المنتهـــيٰ،
و قـــاب قوسين مطلوبـــه ســَــريا محمـــد مطلبـــا،
ســـريا مطلـــب محمـــد ميـــر جـــا وڃـــان وڄ لتـــا،
احـــد احمـــد پـــاڻ ۾ لتـــو ميـــم فرقـــا،
محـــو تيـــو محبـــت ۾ ســـچو ســـردارا،
عاشـــق مليـــو معشـــوق کـــي منجهـــان محبتـــا،
كـــاڄ ســـريا قـــرب مـــان محمـــد مقصـــودا،
مقصـــود مڙيئـــي موجـــود تيـــا منـــي محمـــدا،
"لـولاك لمـا خلقـت لا فـلاك" آگـي كيـس عطـا،
ســـريا شـــرف شـــاهہ کـــي احمـــد القابـــا،
سيد المرسلين خاتم النبييـن بادشـاهي بخششـا،
عـــز ڏنـــس الله گهڻـــو منجهـــ مڙنـــي مرســـلا.
مرســـلن مڙنـــي اڳيـــان كيـــا ســـاري ســـلاما،
الســـلام عليـــک اَيهـَــاالنـَــبي منـــا محمـــدا!
هـــُـون مبـــاركون حضـــور کـــي اَجهـــا احمـــدا!
ســـَــريون توکـــي ســـيدا ســـيئي صفتـــا،

* يار محمد مهاڻي (ڳوٺ كوكر تعلقي سنڌي الهيار) جي قلمي نسخي تان اُتاريل.

پسي لقاءِ محمدي ٿيا خوشتر خوشحالا،
عرض ڪيائون حضور ۾: يا نبي نورالهدي،
داخل ڪريو اسان کي منجهه پنهنجي اُمتا،
تہ ٿئي خوشي اسان کي پڄ آسون اُميدا،
تہ لهي خوف اسان، سندو قيامتا،
رسيو آرام عاشقن کي منجهان پرينءَ رسولا،
مراد المشتاقين، شمس العارفين واحد ڏنيس وصفا،
پنيون مرادون پرين ڪنان عاشقن آراما،
مشتاق سندس محبت ۾ پيا پڇن پروانا،
مجنا سيئي مست ٿيا پسي شمس شعاعا،
سسئي، سهڻيءَ جهڙيون همه حيرانا،
لڪين ليلائن ليلهائيو منجهہ چنيسر چاڳا،
سمي جي سهاڳ ۾ گندريءَ غم لٿا،
تماچيءَ جي توهہ ۾ راڻن راڄ ڪيا،
سميون سومريون سيئي سيني سهاڳا،
راڻن جي رهاڻ مان رسي راحتا،
مومل پسي محو ٿيو سچي سڪ منجها،
آين بوءِ بهار جي ٿين معطر مغزا،
بسنت بهاريون بهتريون گلزار ڪليا گلتا،
شمس جي شعاع ۾ ٿيا عارف انوارا،
ڏسيو لهريون لطف جون خائف خوش ٿيا،
سراج السالڪين مصباح المقربين راهي رهنما،
ڏيو ٿيو ڏيهہ ڏٺي سالڪن سچارا،
محب الفقراءِ الغرباءِ ٿيا مسڪينن مزا،
جن جو همراهہ هاشمي تن گوندر غم لٿا،
محتاج مڙئي مگتا ٿيا سيئي سرها،
سخيءَ جي سخاوت مان پينار پُر ٿيا،
اُجون لٿيون اُجين جون بکون ۽ بَرها،
اُپ پُونيون آسمان سيني سَردارا،
مَلڪن مڙني محمد مير اڳيان ڪيان عرض عاجزا:
جن انسان همه حيوان مڙيئي مخلوقا،

سيئي ٽيا تابع تنهنجا امر ۾ اُبتا،
سيئي جو سردار تون نبي نُور هديٰ!
ايڏو شرف شاهه کي رسيو رب وٽان،
امام القبلتين جو سريو تو شرفا،
وسيلو دارين جو ٿيو احمد تو عطا،
تاب قوسين او ادنيٰ محمد مرتبا،
محبوب تون رب جو مالک مشرق مغربا،
مشرق مغرب وچ ۾ ٿيو جلوو جمالا،
شرف تنهن شاهه جا واحد کيا وڏا،
جد الحسن والحسين کيو موچارو مولا،
ڏهتا نبي نُور جا پلا پلارا،
هئا در دارين جا منٺا محبوبا،
جگر گوش عليءَ جا پيوند پيارا،
دلبند دل جا هئا سندا خاتون خيرالوريٰ،
هئا عاشق الله جا سچا سردارا،
صابر شاکر شوق سين هئا محب موچارا،
رسيا شير شهادت کي پرين پاڪيزا،
ماٽيائون مرادون پنهنجون متي رب رضا،
سڻ ٻڌڻ اُن ڳالهه جو آهي اپر افسوسا،
هوند کُهائي وجهجي پاڻ کي منجهه انهيءَ اندوها،
ماهيت هن مذکور جي ڳاري ماهه متان،
پر هو اسرار الله جو، جو چاٽي پاڻ خدا،
الفراق ابوالقاسم محمد بن عبدالله رسوم روحا،
نُور الله مان نور جو دَور کيو درياهه،
تون ڏيو تار وهي واهڙ وصالا،
آگا "عبدالحي" کي، ڏي سرکي کا،
خائف ٿئي خوش گهڻو پينار پرورا!
مشتاق تنهن مرسل جا چون صلواتون سدا،
رحمت وسي رب جي متي آل اصحابا،
چئو صلواتون نبي کريم تي لکين درودا،
هوندا سي ايمان سان کلمو جي پڙهندا.
لا اِلـه الا الله محمد رسول الله.

مناجات *

غوث بهاوالحق رحہ جي بارگاهہ ۾

(پير محمد اشرف شاهہ جي چيل)

[پير محمد اشرف شاهہ 1214 هہ/1799ع ۾ ڳوٺ ڪرم خان جمالي تعلقي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان ئي فقيري خيالن ۽ شاعري ڏانهن لاڙو هئس. سندس مدحون، مولود، مناقبا ۽ ڪافيون مشهور آهن. سندس ڪيترو ڪلام رسالي جي صورت ۾ ڇپيل آهي. ڳوٺ ڪاماري شريف تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ وفات ڪيائين، اتي ئي سندس درگاهہ آهي. هن ڪتاب ۾ صفحي 354 تي ڇپيل مناجات پڻ اشرف شاهہ جي آهي.]

نامِ خدا يا پير تون، حرمت محمد مير تون،
دلدار ڏي دلدير تون، واهر سنديم ڪر وير تون،
يا غوث ملتاني مدد!

يا غوث منهنجو غور ڪر، مطلوب ڪل في الفور ڪر،
تسلي سنديم هر طور ڪر، ظالم عدو تي زور ڪر،
يا غوث ملتاني مدد!

ڪامل قريشي ڪر ڪرم، شہ صدرالدين! تو ڳل شرم،
تون رک پلا منهنجو پرم، بدخواهہ تي ڪر دل گرم،
يا غوث ملتاني مدد!

شہ رڪن عالم تون سين، وارث! سدا دل ۾ وسين،
هيءُ حال تو پاڻهي پسين، جو ڪر ڪسي تنهن سان ڪسين،
يا غوث ملتاني مدد!

مسند سنڌئي ملتان ۾، تنهنجو دڳو دوران ۾،
عرب و عجمہ ايران ۾، هر ديس هندستان ۾،
يا غوث ملتاني مدد!

* پير محمد اشرف شاهہ جي رسالي (مطبوعہ الهلال پريس ٽنڊوالهيار) تان ورتل.

جن پوت ڏءِ [1] ماڙهو مَلڪ، حورون پريون خادم خلق،
فرمان ۾ تنهنجي فلڪ، عرش و زمين چوڏنهن طبق،
يا غوث ملتاني مدد!

سرجهڻ پکڻ پيرين پون، بحري بري بندگيون چون،
حيوان دل ۾ حب رکن، نعرو بهاؤالحق ڪَهن،
يا غوث ملتاني مدد!

نعرو تنهنجو نروار ٿئو، ارض و سما اظهار ٿئو،
هر طرف تي تڪرار ٿئو، ظاهر عجب اسرار ٿئو،
يا غوث ملتاني مدد!

ڏونگر جلالت جي ڏسن، آسمان جنبش ۾ اچن،
بر تر بحر بيوس ٿين، جذبئون وري مرده جيئن،
يا غوث ملتاني مدد!

سلطان تون شيخن سندو، تنهنجو آءٌ بردو بندو،
تو در متي ڪرنش ڪندو، عيبن ۾ منهن ميرو مندو،
يا غوث ملتاني مدد!

هادي وسين اندر هنئين، وهلو اچي واهر ٿئين،
دشمن سندو نالو نئين، جيڪي مگان سو مون ڏئين،
يا غوث ملتاني مدد!

در تي اُيو آهون ڪريان، عاجز اندوراهون ڪريان!
دامن لڳو دانهون ڪريان، هر گز نہ پڳ پانهون ڪريان،
يا غوث ملتاني مدد!

سڻ شاهہ تون ڏک جا شرح، ميٺين ڪُلي جگري جرح،
فائق ڏئين دل کي فرح، پرتو آهيان سپ ڪنهن طرح،
يا غوث ملتاني مدد!

---

[1] ڏءِ = ڏيو.

لائق! اچي آءُ لڙهي لڳو، سک کي ڳچي انهنجو سڄو،
دائم اچان در تي پڳو، تون پير پهرائين وڳو،
يا غوث ملتاني مدد!

تنهنجو تڪيو آهم تڪيو، هادي! رسين حاضر هڪيو،
ڏهن ڏسي آهيان ڏڪيو، ڏيئي پاند ڍولا مون ڍڪيو،
يا غوث ملتاني مدد!

تيءُ پير منهنجو پار تون، ياور يتيمن يار تون،
دلگير جو دلدار تون، ڪر غور تي غمخوار تون،
يا غوث ملتاني مدد!

جيڪو مريدن سين دز دنگي، وهلو وجهو تنهن کي ونگي،
مر جان لوئر لنگهٽو لنگهي، هن هڻ تہ پيو سپ ڪو سنگي،
يا غوث ملتاني مدد!

ڪر پير منهنجي پاس تون، همراهه تي چپ راس تون،
خواهش سندم ڪر خاص تون، ڪر آس دل جي راس تون،
يا غوث ملتاني مدد!
مرشد منهنجو مقصود ڪر، جيڪي مگان موجود ڪر،
دشمن منهنجو مردود ڪر، نابين عدو نابود ڪر،
يا غوث ملتاني مدد!

تنهنجي اتم آذر اَجهها، ڏک ڏور ڪر ڏوڪا ڏجها،
پر جوش تيا توکان جهجها، ڏي موج ڪا محبت منجها،
يا غوث ملتاني مدد!

ناشاد کي دلشاد ڪر، صالح ولد امداد ڪر،
خانو سندم آباد ڪر، دشمن منهنجا ڪل ماد ڪر،
يا غوث ملتاني مدد!

هادي! هدايت مون تيي، دلڙي مُئي جنهن سان جيي،
ڏي پُر پيالو تان پيي، ڪامل پدم ڪوڙيون ڪيي،
يا غوث ملتاني مدد!

خاص ڪمن ياري ڏئين، بد ظن ڪان بيزاري ڏئين،
توفيق تڪراري ڏئين، هر وقت هوشياري ڏئين،
يا غوث ملتاني مدد!

توفيق تهدل تو مگا، تين هٿان مون ڪم چگا،
تو در اچن لاوان لگا، پوئيگ[1] لتبن تيا بي يگا،
يا غوث ملتاني مدد!

صاحب سخا سُڻ تون صدا، گولي تنهنجي در جي گدا،
سنديئي مدح ڪئڙم ادا، فرياد سڻ نامِ خدا،
يا غوث ملتاني مدد!

منهنجي مدح مقبول ڪر، بي شغل ڪي مشغول ڪر،
هن سوال جو ڪر سُول[2] ڪر، دشمن منهنجو مقتول ڪر،
يا غوث ملتاني مدد!

رک شاهه مون ڪي شرم سين، وارث پلا رک پرم سين،
مقصود ڪر ڪل ڪرم سين، پيچ حال مون دل نرم سين،
يا غوث ملتاني مدد!

داتا ڏياريو دان مون، علم و امن ايمان مون،
شرم و شرف لج شان مون، مشڪل تئي آسان مون،
يا غوث ملتاني مدد!

---

[1] پوئيگ = دپ ڊاءُ.
[2] سول = غور، ڌيان.

ڪامل! اچي ڪونين ۾، دلبر مون ڪي دارين ۾،
رس وير طرفة عين ۾، ثابت رکو ثقلين ۾،
يا غوث ملتاني مدد!

جئري لوڙيان رب جو لقا، فاني فِ االله باقي بقا،
رويت ربي حقا حقا، تحقيق تئي حاصل تقا،
يا غوث ملتاني مدد!

اهڙي ڪرامت ڪرم ڪر، سڪرات ڪر مثلِ شڪر،
ڪاهي اچج اندر قبر، حامي تيو روزِ حشر،
يا غوث ملتاني مدد!

"اشرف" ڪري آن کي عرض، پورا ڪرهو [1] دل جا غرض،
ميٺيو ڪلي تنهن جا مرض، قربئون بچايو ڪان قرض،
يا غوث ملتاني مدد!

صاحب رکين سڪرات ڪان، رک گور جي ظلمات ڪان،
سهڪو لنگهائين صِراط ڪان، ڪلمو چوان دل وات ڪان،
يا غوث ملتاني مدد!

لا الِه الا الله محمد رسول الله.

---

[1] ڪرهو = ڪريو.

مدح (غوث بهاؤالحق ملتاني) *

(حافظ علي اڪبر مجروح جي چيل)

-1 سوڀ سونهن سڀ سالڪن وچ سهروردي سچ سنيار،
مــرد ســي ملتـــان ۾ آهـــن پـــلارا بختيـــار،
غـوث اعظـم، قطـب عــالم عــارفِ عــالي تبـار،
پـــاڪ دامـــن پارســـا مـــادر مريـــدان ذي و قـــار.

-2 ميـر ملتـاني جـو مولـيٰ ڪيـو متـاهون مرتبـو،
ديــن جــي دعــوت ڏيئـي دانـاءُ وهـاريو دبدبــو،
اُپ چڙهي جئن چانئٺ چمجي ايڏو ڪـامل جو قبو،
ڪن ڪشالا ڪاڻ جنهن جي ڪيچ، ڪچ، ڪابل، قنڌار.

-3 ميـر مربـي معرفـت جـو مـَـل رهـي ملتـان ۾،
آهــي اُن جــو آســتانو عــرش جــي ايــوان ۾،
يـاد ڪيـو يڪـدم رسـي تهـدل اچـي طوفـان ۾،
سير سختي منجهه سمونڊن سو لهي سگهڙي سنيار.

-4 ميـر ملتـاني منـو مرشـد مـدد مـڙ مسـلمين،
غـوث عـالم، غـوث اعظـم، شـاهه غـوث العـالمين،
آهـه ديسـان ديـس هـردم، دم بهـاؤالحق و ديـن،
اي هنيو هوڪو هلن هر طرف ڪان حج جيئن هزار.

-5 پيـر سـرور تنـه سخت جو تـو ڪـري سيڪو سلام،
هـٿ بڌيـو حـاڪم اُتـي چـائن غلامـن جـا غـلام،

* ڪرامت نامه مطبوعه هند آفتاب پريس حيدرآباد (سنه 1925ع) تان ورتل.

روز روضي پاڪ مهندان ڪن مَلڪ ميڙا مدام،
مينهن مدامي اُت وسن ڪن ميگهه مانداڻي ملار.

6- شاهه جائو شب قدر تيا شڪر شادي منجهه شهر،
تي ڪروڙيءَ ڪوٽ کان ڪل ديس تي ديني لهر،
پيا پٽين پاتار پلٽي بر ۾ هنئي پيڪي بحر،
گل ٽڙيا، گوهر ڪڙيا، برسي آيو بادل بهار.

7- پنج سؤ چاهٺ صدي سرجڻ سندس جو سال هه،
خواهه مُلڪ خواهه مَلَڪ، پيو مڙ جو مبارڪ فال هو،
هر طرح هشيار حاذق منجهه حقيقت حال هو،
نيش نوراني نِهو نائب نبي نوري نبار.

8- هيءَ ڪرامت حق تي والي ولي الله کان،
جئن نگي تند نور جي روضي رسول الله کان،
پيو طرف پهتو رسيو داتا سندي درگاهه کان،
ڪن اکين سان عين جي نوري ڏٺي نروار تار.

9- گل ٽِڙيو گيلان جو گاديءَ چڙهيو غازي گهُر،
سو صغيري کان سدا سائين رهيو صائم دهر،
تيو عطا ان کي علم اسرار اندر ۾ بهر،
منجهه ڪلامن قطب جو ورتو ڪراماتن قرار.

10- هئي ڪرامت جي ڪلنگي سِر قلندر مست لال،
شاهه شاڪر گنج صاحب جلالت جو جلال،
ٿيئي ميوا معرفت جا، ٿيئي نوراني نهال،
ٿيئي غازي غوث يا يڪدل يگانا يار غار.

11- مير ملتاني وسن مرسل مٺي جا معجزا،
پاڻ پنجتن پاڪ جا ٿيا جند جيلاني جُزا،
مهندان محشر ماڳ ۾ سيني جتي جڙندي جزا،
اُت ڪٿيندو ڪُل جا ڪامل گهنگهر گوندر غبار.

12- ڪنه ڪرامت قطب جي حاڪم نہ هر گز ٿي مڃي.
پاڻ پنهنجي پر ۾ آيا، بيخ باطل جي پڃي،
ڪئي ڪرامت ڪارڻي حاڪم اڳيان هڪدم وڃي،
شاهہ لاهي شڪ سيئي اقرار آندو آشڪار.

13- اصل اسدي جي اثر آباد آهن آدمي،
ڪارڻي ڪامل قريشي جزو حضرت هاشمي،
پيءُ جي پاران پشت اي ڄڻ درس در جي دائمي،
هو صحيح حسني حسيني ماءُ پاران مختيار.

14- غوث غازي گهوٽ جو ڏس فيض مند فرزند ٿيو،
دين پرور داد گستر دلربا دلبند ٿيو،
هڪل ڪيو هڪدم رسي هر جاءِ هادي هنڌ ٿيو،
تنہ سندي تلقين ۾ توحيد ’تون تون‘ جي تنوار.

15- صدر دين، صدرِ جهان، سلطان سالڪ سر زمين،
تارڪن جو تاجور تنہ جي گسي تلقين ڪين،
مَلڪ ماڻهو مُلڪ ڪئين ٿيا ملڪ مَلڪ العارفين،
دين جو داور چوان يا بحر برڪت بي ڪنار.

16- معرفت جي مُلڪ ۾ عارف صدرالصدور،
حرم ۾ هر وقت حاضر هو سندس ظاهر ظهور،
قرب مان ڪعبي اندر حاصل ٿيو تنهن کي حضور،
صدر ملت صوفين سردار عالم جو اُجار.

17- پـه پيـا پـانڌي پياسـا پـٽ رهيـا پـاٽيءَ سـوا،
سچ ۾ سڏڙا سائلن جـا سـائين سـاري سـپ سـئا،
ڪئي هلي هڪدم ه..ـه حاجت سندين رهبـر.روا،
پل ۾ پـُـر پـاٽي پيـاريو ـرت تـن ڪـي تـاجدار.

18- تنهـن پچاڻـا پـاڳ ور پيـرل پيـارو پـاڪ ٿيـو،
نـور نـوري نـامور نرمـل نزاڪـت نـاڪ ٿيـو،
هر طرف هو ڪو سندس خدمت ۾ خادم خاڪ ٿيو،
پـاڪ پوٽـو غـوث جـو جنهـن سـان رکيـو پـرور پيـار.

19- قطـب ڪـامل جـو قبـو آهـي مثـل ماهـِ منيـر،
جـاءِ جـا جنـت چـوان هنـڌڙي لڳـي هيڪـار هيـر،
هند سنڌ ڪان سنبهيو اچـن شـاهـ و گدا اعليٰ امير،
رڪـن عـالـم رهنمـا سـو سـالڪن سـيد سـچار.

20- دادلـو درگاهــ داڙو ديـن دريـا شـاهـ رڪـن،
جئن، ڳالهـائڻ وقت ڳيـرو ڳالهــ ڳالهـائڻ سـڪن،
تئـن اسـ‍ر اعظـم اول تحقيـق ڪيـو تعليـم تـن،
تـي ڏيا ـيـا اڻ لڪيـا اولاد اُن عـالي تبـار.

21- هـُـئي هندواڻي هڪ مخفي طـور مؤمـن مسـلمان،
امر ان ڪـي ڪيـو اچـي مهـرون مـوا پـوءِ مهربـان،
تنـه پڙهيـو پـوءِ پـاڪ ڪلمـو زود ظـاهر سين زبـان،
اُت ڏسـي اسـرار اِي عبـرت ۾ پيـا عـالم اَپـار.

22- منجهـ ذري ڪنـ زال جـو پـٽـڙو ورايئـون پلـڪ ۾،
جو ولائتن ڪـان وجي نڪتـو منجهـي ٻئي ملـڪ ۾،

آهي ظاهر منجهہ زمينن فيض فائق فلک ۾،
هوا پلي جا پال بيحد، بيکسن سان بيشمار.

23- ماءُ مبارڪ مير جي مادر معظم م۔ اجده،
قطب سلطان المشائخه سا سڳوري ساجده،
پاڻ پئندا هئا نہ پاٽي ڌاران پاٽي زمزمه،
پنهنجي ڪوهہ جا ساڻ زمزم غوث ڳڌيا نيئي نار.

24- پيا بہ جيڪي غوث جا ڪامل قرابت ۾ ٿيا،
سي سيئي سالڪ ٿيا ڏاتار ڏيهن جا ڏيا،
علم منجهہ اسرار جي عارف ۽ اڪمل اولياءُ،
شرف جي ڪل شهر ۾ سي شاهہ آهن شهريار.

25- هاڻ تان حضرت حسن بخش آهہ هادي حق وڪيل،
جن جهلي دامن سندس تن تان لٿا دوڪا دليل،
شهزادا شاهہ جا سڀ اصفيا اصلئون اصيل،
هُئن سرها سپرين سالم سلامت سڀ چمار.

26- ميرا! هن "مجروح" اڄ آندو عرض احتياج جو،
تو سڏائي سگ سدائين تو سچي سرتاج جو،
تي مدد محبوب تون مشڪل ۾مون محتاج جو،
پهر پوئين پُر پيالو پاڪ ڪلمي سان پيار.

لا اِلـہ اِلا الله مُحمد رسولُ اللهِ.

حمد (باري تعاليٰ ۽ مدح نبي ﷺ) *

(حضرت احمد خانڳڙهي جي چيل)

[هيٺ ڏنل مدح حضرت احمد، سجاده نشين درگاهه خانڳڙهه جي چيل آهي. سندس ڪافيون مرشد جي ساراهه ۾ گهڻيون چيل آهن، جي ڪتابڙي جي صورت ۾ ڇپيل آهن. نقشبندي ۽ قادري طريقي وارو درويش هو. 23- شوال 1353 هه / 1934ع ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات تي تاريخي قطعا مولانا بهاؤالدين بهائي جي فرزند محمد اعظم سراجي جا چيل آهن.]

آهـــي الله هـــڪ حڪيـــم، لائـــق ســـپ ثنـــا تعظيـــم.

حمـــد الاهـــي هـــردم ڳـــايون، ’احـــد‘ الايـــون ’احـــد‘ الايـــون،
خاص انهيءَ ڪان مددان پـايـون، خاص انهيءَ وٽ سيس نـوايـون،
آهـــي اهـــو هـــڪ عظيـــم.

حـق اهـو هـڪ مـالڪ آهـي، هيـٺ متـي هـو خـالق آهـي،
رب سچـــو هـــو رازق آهـــي، بيـــو سيـــوئـــي هـالڪ آهـي،
فخر انهيءَ جو آهه فخيم [1].

ذات صفـات ۾ هـو هـڪ آهي، محض مجازئون ڇـپ لڪ ٿاهي،
تـاهي تـوڙي نـاهـــي ڏاهـــي، ڪـري ائيـــن جيئـن چـاهـــي،
ناهه انهـيءَ جـو نظيـر نديـم.

دانـا بينـا احمـد صـمـد، لـَـمْ يـَلِـــدْ وَ لـَــمْ يـُولـَـدْ،
فضل انهـيءَ جـو بيشڪ بيحـد، فيض انهـيءَ جـو اعلـيٰ امجـد،
قـــادر مطلـــق حـــيُ قديـــم.

---

* ڇپيل چوپڙي ”مظهر زيارت بارشاد“، مطبع صادق الانور، بهاولپور تان ورتل.

[1] فخيم = وڏو، غالب.

افضـــل اول ذڪـــر الاهـــي، فـــائز فـــاتح فڪـــر الاهـــي،
ڪـوري لاهي ڪس ڪچـائـي، شـرط انهـيءَ ۾ آهـ سچـائـي،
لـُـدَنـي پيـروون تـي تعليـم.

نبي اسـان جـو شـاهـ ’محمـد‘، هـر جـا عـالي جاهــ ’محمـد‘،
عـرش تـي منـزل گـاهـ محمــد، سهڻـي سنهنجـي راهـ محمــد،
رهبـــر آهـــ روئف رحيـــم.

صـــورت جـــو بنيـــاد اُتـــانئون، معنـــيٰ جـــو ارشـــاد اُتـــانئون،
اچـــي الله يـــاد اُتـــانئـــون، سيڪـو تئـي شـاد اُتـانئـــون،
ســر الــف ۽ لام جــو مـــي م.

صَـلـّـَي اللهُ عـَلـَـيـهِ وَسـَـلـم، آل اولاد سميـــــت هـــــردم،
پڙهو صـلـواتــان لاهيــو غــم، فضـل انهــيءَ تــي آ اعـظـم،
صحـي صلواتــون تئـي سـقيم.

ظـاهر بـاطن هـو هـڪ آهـي، جلالــي جمــالي جلــوو لائــي،
هيئن هونئن پنهنجو ڏاڍ ڏڪائي، اهو پـُلائـــي اهـــو سـِـڪــائــي،
آهـــي ان جـــو ســـر عظيـــم!

اِنس ڪي جان ۽ جسـم يـي آهي، سـجـو انـڌو قسـم يـي آهـــي،
تشريف تصرف يي تـــو پـــائـــي، گـُنگا بـوڙا يـي تـو بڻـائـــي،
آ قســمت آهـر تئـي تقسـيم.

اِئيــن روحــي راز يـــي آهـــي، سـائين سـيني سـاز تـــو نـــاهي،
سيڪـو اُتهين سيڪجهه پـائـي، منڪـر نـاحق لـُـٽ تـــو لائـــي،
مخيـر سـچي ڪئـي تفهيـم.

مؤمن سڀ انهيءَ ڪان ڄاڻي، صورت ڏسي معنيٰ ڄاڻي،
صحي سڃاڻي شڪ نہ آڻي، حق مجازئون حال سڃاڻي،
ڪيئن ڪيو هي ڪم قسيم.

ڏسو شهوديءَ جلوو لايو، هر ڪنهن آني سير سڏايو،
ٻانهو مالڪ بڻجي آيو، بيشڪ آهي ٻم اجايو،
رنج ۽ راحت نيما نيم.

ڪير هجي ٻيو کهڙو آهي، هي سڀ منهنجو بڻي جو ڇا هي،
توڙي رب تو روز ڏڪائي، ڪيئي گَنوائي ڪيئي ڄمائي،
هر هر ڏسي حول هديم[1].

حد مقرر بڻي جي ناهي، جوڙ جمالي سارو ڍاهي،
آيل اَمر ڪي هڪدم تاهي، ٻيڙي جوڙي پڳهہ پٽائي،
ڇٽا سنگ سون ۽ سيم.

بُت پرستي جا تي ڪيائين، ٻيوس تي هڪدم ڇڏيائين،
تندڻ ڪِيڙا اڃن اُتانهين، عضوي عضوي جوڙين جائين،
ڪائين پيئن خون ۽ ريم[2].

يار نہ اُتي ساتي ڪوئي، ڪير ڪري ٻيو هُت دلجوئي،
تُنتو سنگت سات سيوئي، هٿ نہ اچي هٿ ڪجهہ روئي،
تال تماشا سڀ ترميم.

---

[1] حول = لياقت، هديم = ويران ڪندڙ.
[2] ريم = پون.

مُـــخلص اخلــص پريــن پيـــارا، پـــوري جهـــوري وينـــدا ســـارا،
جـايون پـــايـون نـظـــر نـظـــارا، وس وجائـــي هليـا ويـچـــارا،
تيـنـــدا نـــاس نظـــام نظيـــم.

وصـــف جلالـــي جـــوش مچـــايو، حيـــرت حـــائل هـــوش وجـــايو،
”لِـمَـن المُـلکِ“ کي کن لايـــو، پـــوءِ پـڇـتـــائـڻ آهــ اجـايـــو،
وئـــي توائـــي تـــي تسـلـيم.

وصـــف جلالـــي جـــا هـــر آئـــي، نيـــک ۽ بـــد تـــي مـــاهر آئـــي،
قُـــوک سين جي قـوک اجـائـــي، بـــاقـي هِـکا هِـــک وڏائـــــي،
لُـــت لُـــٽي ويـو ڏِسـو غنيـم.

منجهہ مقـام نظـارو کـر تـون، ٿرم صبح جو سنپارو کـر تـون،
ڏيهہ جلالي ڏس ڪجهہ ڏر تـون، وکڙ چڏي ڪجهہ تـان ور تـون،
قلب ۾ آڻج ڪجهہ تـان بيـم.

لاءِ زيـــــارت وجـــــو ســـــدا، وتـــــو عبـــــرت اُتـــــي ادا!
هستـــي سَـتـــي تـيـــو جـــــدا، گهُـــرو اتـــي فضـــل خـــدا،
مـــانَ مرهـــي رب رحيـــم.

لاءِ زيـــارت وجـــو ســـدائي، سُـــنت طـــور کريـــو ادائـــي،
بـــدعت بيـڙي آهي بـــرائـــي، بيڙائيءَ ۾ ڪجهہ ناهہ چڱائـي،
سُـــنت پـــاڙي تـــيءُ تسـلـيم.

کعبـــو قبلـــو هکـــو آهـــي، مُـــشرک مـــانڊو ڦکـــو آهـــي،
اصـل اصـــول تہ اِکـــو آهـــي، جـهـــوري وارو جهـــکـو آهـــي،
الف هجـي تـوڙي لام ۽ ميـم.

افضل رات جو وجڻ آهي، مستي هستي پجڻ آهي،
روح ورونهه ۾ رڱڻ آهي، هڪ خدا کي مڃڻ آهي،
سمجهڻ پنهنجو عين ۽ جيم [1]

آهه زيارت بيشڪ سنت، گهورجڻ، نوڙڻ بچڙي بدعت،
بدعت بچڙي تي آهي لعنت، رکو هردم نيڪ نيت،
مَتان راڻِي شَر رجيم.

مُسلم ڪارڻ ڪعبو آهي، طواف ڪعبي تي ڪبو آهي،
اتي بيشڪ پاڻ گهمائي، حق سجاڻي سيس نوائي،
ڪعبو قبلو آهي هڪ حڪيم.

مُسلم ڪارڻ ڪعبو مَڪي، مُلڪن جو معمور آهي حقي،
شرڪئون شوم تين تا شڪي، منجهه توائي ناهه ترقي،
مشرڪ جي تي جاءِ جحيم.

ڪعبو اهو مَڪي مَنجي، لاءِ زيارت مَدَنِي وڃجي،
برڪت ساڻ تہ روح کي رڱجي، بوتو اولو سارو پڄجي،
ماڻي محمد مُلڪ نعيم.

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله.

---

[1] عين = اصل جوهر، جيم = سرطان برج جو نشان (نصيب).

4- نُـور کـان تنهنجي زميـن توڙي فلـڪ ٿيـا معمـور،
ماهـ شق، مهـر ٿيـو ششـدر ۽ پريشـان هـر حـور،
تنهنجـي اعجـاز نمـائي تـي خـدا کـي منظـور،
ذاتِ پـاڪ تـو دريـن ملـڪ عـرب کـرد ظهـور،
زان سـبب آمـده قـرآن بزبـانِ عربـي.

5- يـا نبـي! نـور سـندءِ نـور کـان رب جـي پيـدا،
موڪلـي توکـي خـدا پـاڻ مٿئـ ٿيـو شـيدا،
خـاڪِ آدم کـي پـلا نـور سـان نسـبت ٿئـي ڇـا؟
نسـبتي نيسـت بـذاتِ تـو بنـي آدم را،
برتـر از عـالم و آدم تـو چـه عـالي نسـبي.

6- منبـعِ رحمـتِ عـالم بخـدا تنهنجـي ذات،
مرجـعِ خلائـق آهيـن اي نيـڪ صفـات،
الغيـاث اي شـهِ ڪونيـن شـفيعِ عرصـات،
مـا همـه تشنـه لبـانيم توئـي آبِ حيـات،
لطـف فرمـا کـه ز حـد مـي گـذرد تشنـه لبـي.

7- شـان ۾ ڪهـڙي نبـيءَ جـو تـي پـلائـي ”لـولاڪ“؟
زينـتِ عـرشِ عـلا تنهنجـي شـها! ذات تـي پـاڪ،
تـو سـوا ڪنهـن کـي ميلـو اهـڙو بـراقِ چـالاڪ،
شـبِ معـراج عـروج تـو گذشـت از افـلاڪ،
بمقـامِ کـه رسـيدي نرسـد هيـچ نبـي.

8- آءٌ محتـاج آهيـان تـون تـہ ڪريـم و اڪـرم،
منهنجـي بخشـاءِ خطـا رب کـان رسـولِ اعظـم،
ڪـر خطا منهنجي تـي تـون جلـد عطـا فخـرِ اُمـم،

مدح (نبي ﷺ) *

(اسد الله شاهه "فدا" جي چيل)

[اسد الله شاهه ولد الهه بخش شاهه 1285 هه / 1868ع ۾ ٽکڙ (ضلعي حيدرآباد) ۾ ڄائو، ۽ 1344 هه / 1925ع ۾ وفات ڪيائين. وڏو عالم شخص ٿي گذريو آهي. نثر توڙي نظم تي ڪافي دسترس هئس. هتي سندس هڪ مدح ڏجي ٿي.]

1- ڪير مٽ تنهنجو ٿيو آهه رسولِ عربي،
بي وضو نام وٺڻ آهي سنڌ ۾ بي ادبي،
آهي زيبا تي مٿئه خلعتِ والا حسبي،
مرحبا سيدِ مڪي مدني العربي،
دل و جان باد فدايت چه عجب خوش لقبي.

2- ڇا جمالِ رخ انور جو ٿيو هي عالم،
جنهن تي حيران ٿي پري حور ۽ جن و آدم،
مظهرِ نُور الهي آهين، قرآن جو قسم،
من بيدل بجمالِ تو عجب حيرانم،
الله الله چه جمال ست بدين بوالعجبي.

3- دل کي تسڪين نه ٿئي غير جمالِ انور،
جلد ڏيکار تون ديدار برب اڪبر،
ڪر ڪرم بهرِ خدا حال تي منهنجي سرور!
چشمِ رحمت بڪشا سُوي من انداز نظر،
اي قريشي نسبِ هاشمي و مُطلبي.

---

* تذڪره شعراءِ ٽکڙ (سنڌي ادبي بورڊ 1959ع) تان ورتل.

نسبتِ خود بسگت کردم و بس منغلم،
زان که نسبت بسگِ کوي تو شد بي ادبي.

-9 عرش اعليٰ تو کيو خوب خدا توسان ڪلام،
قُدسينِ توتي پڙهي شوق مان صلواة و سلام،
اي گلِ باغِ صفا، اي دُرِ بحرِ اکرام،
نخلِ بستانِ مدينه ز تو سرسبز مدام،
زان شده شهرهٔ آفاق بشيرين رطبي.

-10 فيض بخشِ دوجهان آهين تون اي شاهه حجاز!
سنڌ وارن کي ڏئين هجر ۾ چو سوز و گداز؟
جلد ڪر پنهنجي زيارت کان انهن کي ممتاز،
بر در فيض تو استده بصد عجز و نياز،
زنگي و طوسي و رومي، يمني و حلبي.

-11 هجر جي مرض کان تي جان سندم لب تي نبي،
خود مسيحا بہ لکڻ نسخي ۾ تيو آهہ غبي،
عرض توکي هي "فدا" جو اي رسولِ عربي!
سيدي انت حبيبي و طبيبِ قلبي،
آمده سوي تو قدسي پي درمان طلبي.

مناجات *

نبي ﷺ جي باگاھ ۾

(لالڻ خان لغاريءَ جي چيل)

سخي سوال، ڪر بحال، هيڻي حال مٿي تون،
رسي راھ، مٿي شاھ، ولهن واھ ورين تون.

غم ٿار، تون سرڪار، بيڙو پار ڪرين تون،
منجهان نانھ، ڏئي بانهن، ڪنڌي ڪانهن ڪرين تون،
باري بارَ، لاهين يار! منجهان تار تارين تون،
غمناڪ، سندا چاڪ، پرور پاڪ! ميٽين تون،
سٽي سوالي، ڪر بحال، ولهن واھ ورين تون.

ڏيئي ڏان، ڪر احسان، منجهان مان ڪرين تون،
لاهين غم، ڪرين ڪم، انهيءَ دم اچين تون،
ڪاڙها، ڪڍ، ڏيئي ڏڍ، ويري وڍ وري تون،
چڏي دير، آءُ سوير، هٿ ڦير هلي تون،
سٽي سوالي، ڪر بحال، ولهن واھ ورين تون.

جڏو جيار، تون اُجار، پوري ڪار ڪرين تون،
سٽي سڏ، گولي گڏ، ديرون چڏ دلبر تون،
ناهين دور، آءُ ضرور، آهين نُور نبي تون،
رب رسول! ڪر قبول، هي ملول مرڪاءِ تون،
سٽي سوالي، ڪر بحال، ولهن واھ ورين تون.

---

* وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ظفر بلوچ کان پهتل.

ڏوريان ڏور، کيان گهور، مرسل مور تون،
محمد چام! تنهنجيءَ سام، کل ٿي ڪام ڪرين تون،
ڏيئي ڏاڻ، تون سجاڻ، اڇي پاڻ پرين تون،
مرسل موٽ، ڪري چوٽ، اڙين اوٽ ڏئين تون،
سٺي سوالي، ڪر بحال، ولهن واهه ورين تون.

مِلي مير، ڏي سڌير، واهر وير ورين تون،
اڇ مهندار، ڏي آڌار، سگهي سار لهين تون،
مدعي مار، ڪجان غار، چني چار ڪرين تون،
دشمن دور، ڪرين ڏور، چارِي چُور ڪرين تون،
سٺي سوالي، ڪر بحال، ولهن واهه ورين تون.

لاشا لوڙهه، سيئي ٻوڙ، ڪري ڊوڙ ڊاهين تون،
نانگا نور، سوئر سور، ڪري ڪورِ ڪهين تون،
سيئي ساڙ، سوريءَ چاڙهه، پٽي پاڙ پٽين تون،
جهلي گهٽ، سيئي سٽ، ڏيئي جهٽ جهلين تون،
سٺي سوالي، ڪر بحال، ولهن واهه ورين تون.

ياڙي، پُج، ڪري سُج، ماري مُج ڪرين تون،
هٿي تير، ڪُشي ڪير، پاڙون پير پٽين تون،
علي گهوٽ، ڪري چوٽ، عاجز اوٽ ڏئين تون،
پوري پَڪ، ناهي شڪ، هادي حق، ڏئين تون،
سٺي سوالي، ڪر بحال، ولهن واهه ورين تون.

پري پير، اڇو شير، مديون مير ميٽين تون،
سٺي عرض، ڪجان غرض، منهنجا مرض ميٽين تون،
والي ور، تڪيءَ تر، ٻاري ٻر لاهين تون،
ڏيئي ڏس، لاهين ڪَس، ويڙهي وس ورين تون،
سٺي سوالي، ڪر بحال، ولهن واهه ورين تون.

عاصيءَ آس، ڪرين راس، پوري پياس ڪرين تون،
تڪي تار، تون اُڪار، پرور! پار ڪرين تون،
جوڙين جوڙ، پڏان موڙ، طالب توڙ ڪرين تون،
رکي راز، ڏي آواز، سرور! ساز ڪرين تون،
سٽي سوالي، ڪر بحال، ولهن واهه ورين تون.

پٽي پاڙ، ڪُل اُجاڙ، سيئي ساڙ سگهين تون،
مدعي سُور، ڪري چُور، ڏيهون ڏور ڪرين تون،
"لالڻ" ليهه، ڪري ڪيهه تنهن جي ريهه ٻڏين تون،
ڪلمو قلب، آهي طلب، منا محب! پڙهائين تون،
سٽي سوالي، ڪر بحال، ولهن واهه ورين تون.

لا الِه الا لله محمد رسول الله.

انوکن لفظن جي پٽي

نوٽ: ڏنگين ۾ ڏنل انگ متن جا صفحا ڏيکارين ٿا. فعل جي اصلي صيغي کي ڏنگين ۾ رکيو ويو آهي.

الف

آٿــڻ (آٿيــو 306): ڳــرڻ. جهڄــڻ. ڦٽڪڻ. آنڌمانڌ ٿيڻ.

آرُ (461): وهڪرو.

آراستي (377): آهستي.

آسَـرَ (102): آسرو.

آسَروند (373): آسائتو.

آن (83، 138): آهين. اوهين.

آنَ (389): پلڪ. گهڙي. جلدائي.

آهري (435): آرسي.

آئـين (92-93): اوهين.

اُبَـهَـڻُ (اُبنا 501) : اُيو ٿيڻ. بيهڻ.

اُيــارڻ (114): آٿــڻ. مٿــي چـناڙهڻ. پهچائڻ.

اُيِيڻ (29، اُيِيي 88): بيهڻ.

اُتارا (224): اُتاري ڏيندڙ- قربان ڪندڙ.

اتـهِـمر (100): اتهين- اتيئي.

اَتَ اُتي (133): تي مٿان.

اَتهُـون (37): اَٿئون.

اُنَـڻ (212): اُٿڻ. اُيرڻ.

اُپارا (105): اُپار- بيحد.

اُجهاپ (443): آرام. آرام جي ننڊ.

اُجهڻ (اُجهي 422): منجهڻ. پٽڪڻ.

اَرُ (381): گهٽو. ناقص.

اَرڏو (209): اهنڊ. سرڪش. ڏنگو.

اَسونهه (82، 116): اٽڃاڻ.

اُڪاندو (285): اڪنڊ. انتظار. سِڪ.

اُڪنڊ (113): سِڪ. طلب.

اڪٿ (420): اڻ ڪٿ - بيشمار.

اَگهم (100): اڳيان. اڳهين.

اُنــائڻ (119، اُنــائيج 107): اونــائڻ- بڌڻ.

اَنبَـر (اَنبرين 261): آسمان.

اندو راهون (503): عاجزيون.

اَنهَـن (34): اوهان.

اوباهه (262): لطف. مدد.

اوتارَ (111): لٽل. آيل. اُتريل.

اوجهـــ (422): وڏي اوجهـــ وارا. ٿلهـــا بيوقوف.

اوجهرو (196): اونداهي.

اوڃون (406): ٿهوارون. ذرا ذرا.

اور (377): حال. احوال. خبر.

اورات (377): اورهاٽ. پيڙ.

اوڙ (29): منڍ- اصل. پُري- بُڻ.

اوڙڪ (390): اُجهاڳ. بي حساب.

اوسَهه (46): نيڪ فال.
اولاڪو (446): انتظار. ويچوڙو.
اولو (516): ڍڪ. پوش.
اولـي (461): اولو. وسيلو. واهر.
اُون (167): بيحد اونهو.
اَوي (155): اوهين.
اُهڪـيءَ (106): ڏڪي- اولي.
اَئـين (83): اوهين.
ايچپو (47): احسان. مهرباني.

ب

بادلو، بادليو (بادلا! 464): سچاڻ سورهيه.
باڪُون (169): باڪ ڪان. ڏپ ڪان.
بُـٺ ڪاهـڻ (220): خـراب نـهـورَ زمين کيڙڻ (ڍنگهرن تي اٽو هارڻ).
برادي (برادين 81): ڪمي. غلام.
بَـڙي (154): وڏي.
بـگر (64): بغير. سواءِ.
بل (465) بلڪ - تہ بہ.
بَـم (514): ڪوڙ. بهتان.
بَـنبال (340): وبال. مصيبت.
بوڄ بُـڇايون (211): ڏوهہ گناهہ.
بَـهرو (387): خبرو. حصو.
بيبان (48): بيابان. ويراني.
بي پگا (505): بي ڏپا.
بي مَلح (31): بي ملاح. توائي.
بي وَريو (365): بنا ور جي. نڌڻڪو بي گـرو.

ٻ

ٻاجهائيين (386): ٻاجهہ ڪري.
ٻر ٻر (306): تڪليف جو آواز. دانهن.
ٻنيِ (48): ٻانيِ. ممر.
ٻَـني ٻُـڏڻ (201): سـڀڪجهہ تباهہ ٿيڻ. ڪمائي ڪٽ ٿيڻ.
ٻوڙاٽ (377): چپ چاپ. ماٺ.
ٻَـهون (111): زياده. وڌيڪ.

ڀ

ڀارَ (89): ڀائر.
ڀاڻ (180): ڀانئڻ. خودي.
ڀتين (45): نمونا. قسم.
ڀيڪي (508): حشمت.
ڀَـڃيان (167): اوهان ڀڳا.
ڀراءِ (119): ڀر ڀر. قريب.
ڀَـرمي (227): ڀرم رکندڙ. ننگي.
ڀـڙَڻ (377): ڀـڄَـڻ. ڊڄڻ.
ڀُـلڪار (377): خوف. هراس.
ڀُـٽَـڻُ (ڀٽي 494): گهمڻ. رُلڻ.
ڀـوَڻُ (180): رُلڻ. گهمڻ. ڀُـٽڻ.
ڀوُيگَ (505): ڏپ ڏاءُ.

ت

تارٽـي (247): تارٽهار- تاريندڙ.
تاري (418): آسرو. ڏڍ.
تـاريءَ تڳـڻ (تـاريءَ تڳـون 399): آسري تي جيئڻ يا لڳڻ.
تانہ جو (29): توهان جو.

تاھ (463): توھان.
تڏي ٽيڻ (274): نزديڪ ٽيڻ
ترارو (211): ترارڙو. تارازي.
تُسڻ (تُسي 36): خوش ٿيڻ
تڳڻ (تڳھون 37): جيئڻ. ڏينھن گذارڻ. زندھ رھڻ.
توھ (37): آسرو. پناھ.
توھِر (100): توھي – توئي.
توھئون (26): توڪئون– توڪان.

ٿ

ٿالو (ٿالا 181):
ٿَسڪڻ (ٿسڪي 495) ٿھڪڻ.
ٿَڳو (107): ڏاڳو. وڳو. لباس.

ٽ

ٽپ ٽري وڃڻ (434): آرام اچڻ.

پ

پاڇويا (42): پاڇا. نشانيون.
پاڇوي (172): پاڇي.
پازي (49): خدمتگار. ھيچ.
پاس (153): وٽ.
پاسَ (153): پاسخاطري. رياءُ.
پاڳ ور (510): پاڳارو– پڳدار.
پانَھ (280): بھادر.
پانھون (503): پوئتي. پنيان.
پائڪ (109): ڏاني.
پِڃ ڊائو (427): پوءِ ڊائو.
پِڇلڳ (380): پوئلڳ. پانھو.
پرَ (210): پرين.
پروش (174): لطف – مھرباني.
پرياڻ (پرياٽا 407): پھہ. ويچار.
پَسارا (225): ھلڻ. گھمڻ.
پَسارو (445): نظارو. ڏيکاءُ. لقاءُ. ديدار.
پُشت پوڻ (پُشت پئي 272): پُٺيءَ لڳل.
پس لڳ (34): پوئلڳ. غلام.
پَڪر (35): زرھ – پاڪر.
پلاڻ (118): پيارڻ.
پَلڪان (31): چپر.
پنج ڪٽي (436): دان. بکيا. خيرات.
پَھُہ (121): گَس. سَنڌو.
پہ پوڻ (پہ پيا 510):
پَھَڻُ (پھيو 173): پھہ ڪرڻ. خيال ڪرڻ.
پَھيَڙو (384): پَھو يا واٽ وٺي ويندڙ.
پيزر (93): پيزار. جُتي.
پينار (79): فقير– پنٺو.

ج

جاجُڪين (85): فقيرن کي.
جاڪُون (169): جڏھانڪر.
جانڪيتا (105): جيستائين.
جائدو (27): جائتو. صحي. برابر.

جڏارو (106): جڏو محتاج.

جَڙي (143): جڙ: ٻوٽي. ٻـڪي.

جڙيون جلڻ (462): پاڙون سڙڻ. برباد ٿيڻ. جهل- روڪ.

جَسڻ (جسي 244): جس پائڻ. خوش ٿيڻ.

جُڪڻ (جُڪي 375): هڇڻ- افسوس ڪرڻ.

جُڪيون (85): اهڪايون- اهنجايون.

جناوَر (210): جانور.

جنجار (391): جنجال- آزار.

جنگاور (158): پهلوان.

جَنهـَرَ (164): جواهر.

جُودؤن (417): جلدي مان.

جـهو (27): جهڙو.

ڄ

ڄرم (291): ڄم - پيدائش.

چ

چاڳ (498): ناز- انگل. هيج. لاڏ.

چاڳا (500): چاڳ مان- هيج ۾.

چان (100): چوان.

چاندوٽي (74): چاندوڪي- سهائي.

چاوَت (375): چغلي- جُوٽت.

چائـڻُ (چائن 507): چوائڻ.

چُـٽَـڻُ (436): چوندڻ - چُـڳڻ.

چُوچڙو (375): فساد.

چوڏر(365):چوڌار-چوڌاري. هرطرف.

ڇ

ڇاڇر (392): پاڻيءَ جي ڇـَرَ.

ڇاندو (401): ڪجهـ حصو. ڀاڱو- پتي. حاصلات.

ڇانگ (384): ٻڪرين جو ولر.

ڇوهون (434): ڇوهه مان - تکو.

ڇيهو ڇـتو (ڇيهـڻ ڇتـڻ 312): نقصان. ڇيهو ٽوٽو.

ڇينو (134): جدائي.

خ

خـريب (399): فريب - ٺڳي.

د

دارُون (106): علاج.

داڙُو، داڙُون (510): شافع.

دانگو (239): ڪارنهن.

درس (30): دُرست- برابر.

دڳو (69): قبضو. حڪم. اختيار.

دڳـي (32، 276): حڪـم هلائـي. ڏڪي. جهلي. تڙي.

دُنگـِي (دنگين 417): ٻيڙي.

دوس (42): دوست.

دُولهه (128): گهوٽ.

دَهه ديس (460): ڏهه ڏسيون - ڏهه طرف. هرطرف. ڏهه ملڪ.

دَهڻ (دهيا 310): مارڻ. مات ڪرڻ.

دءِ (503): ديوَ.

ڏ

ڏاڙَ (130): ڏاڙو.

ڏونڪڻ (ڏونڪن 392): دونڪڻ- چمڪڻ.

ڏُئڻ (ڏئو، ڏوا 415): چوندڻ- ڏٽڻ.

ڏير (388): صبر. آٿت- دلاسو.

ڏ

ڏار (165): ڏپ.

ڏانُ (111): بخشش - انعام.

ڏانـِي (77): ڏن ڏيندڙ. مريد.

ڏاڻ (40): بخششون-انعام-عطائون.

ڏاھ (140): نوڪر- غلام. ٻانھو.

ڏجھو (397): ڏک- تڪليف. ڏچو.

ڏچو ڪڍڻ (181): رنڊڪ دور ڪرڻ.

ڏَ ڏُ (111): موڳو - نادان.

ڏڏاٿو (40): ڏڏن جي لائق. ڏڏن جھڙو.

ڏڪائڻ (ڏڪائي 513): ڏيکارڻ.

ڏِڪيا ڏاڻ (36): سھڻا انعام. خاص بخششون.

ڏنہ (160): ڏانھن.

ڏوڙا (221): پيٽا.

ڏوکا (504): ڏک . تڪليف.

ڏونہ، ڏونھ (26، 74): ڪان. مان. وٽان. منجھان. ڏانھن.

ڏيپُ (173): ڏيج - ڏاج. ڏان.

ڏيج (133): ڏج.

ڊ

ڊارو ڊِرڻ (ڊريـم ڊارو 133): وارو ورڻ. داءُ لڳڻ.

ر

راٿَنُ (راڻ 180): ڏتارڻ- برغلائڻ. گمراھ ڪرڻ.

رھان (74): راھ ڪان- واٽ ڪان.

رساڻڻ (209 رساڻئو 359): پهچائڻ.

رکَـھُون (27): اسان کي رکين- اسان کي بچائين- اسان کي پناھ ۾ رکين.

ريءَ (393): ڪان سواءِ.

س

ساگار (ساگارن 245): ساگر- سمنڊ.

سام (424): پناھ.

سامُندَنَ (449): سمنڊن.

سانبيڙن (386): ھڪ جيڏن- سرتن.

سانگھيڙا (106): سوراخ - تُنَ.

ساءُ (123، 384): مزو. لذت. محبت.

سَيَر (69): سويارو. طاقت وارو.

سَيو (59): سچو - سپ.

سَتُودا (180): ساراھيل- واکاڻيل.

سَتوھ (311): ڏپ- ڀوُ. اھنج.

سَپڙ (29): سخي سپڙ ڇام رونجھو. ڏاتار.

سِجھائڻ (سِجھايا 42): سيکت ڏيڻ. سزا ڏيڻ. مارڻ. فنا ڪرڻ.

ڏيڻ. سزا ڏيڻ. مارڻ. فنا ڪرڻ. بيوس ڪرڻ. ڳارڻ. ڪومائڻ.

سَجڻ (سجي 28): آگر سان اشارو ڪرڻ.

سُرجٽو (سُرجٽا 357): ساھ وارو.

سرجهڻ (503): سُرٽا- سُرجٽا (جانور).

سَرڻ (332): سامر. پناھ.

سفل (107): هلڪو. ترڙو- ڪميٽو.

سقرو (499): سجايو.

سُڪاڄ (106): سقلي ڪندڙ ڪميٽو.

سکر (69): معزز- شان وارو.

سگ (34): سگ - ڪُتو.

سَلائڻ (118): سٽائڻ - سمجهائڻ.

سَمَلُ (154): ثمر- توشو.

سنيالا (225): سنيالون.

سَنڌايو (134): پنهنجو ڪيو.

سَنگَڻُ (سَنگي 504): ڊڄڻ- ڊپ ڪرڻ.

سُنهائڻ (سُنهائينم 201): سونهون ڪرڻ- ڏيکارڻ.

سُواتو (361): سنئين وات وارو.

سُور (سورون 444): سورة(قرآن شريف جي).

سونڪو (سونڪي 90): ڊپ.

سُول (505): غور- ڌيان.

سُهائڻ (سهائين 93): ڏيکارڻ.

سهس (125): سهسين - هزارين.

سهو (27): پروسو- آڌار. آسانگو.

سَهيرو (سهيرا 415): وڏو- افضل.

سيچان (211): باز پکي (تُر مچي جي مادي)- سيچاڻي.

سيس نوائڻ (سيس نوايون (512): ڪنڌ نمائڻ - سر جهڪائڻ.

ش

شَت (498): شايد.

ط

طاماڻون (109): طمع وارو. لالچي. اميدار.

طَبو (206): علاج.

ق

قَڪَ (159): بيچزائي. دشمني.

قٽي قڙڪڻ (286): ڊپ ۾ رڻ.

قوڙايو (384): ويجوڙيل.

ق

قبا نہ ماپڻ (ڪين ماپيس منجهہ قبا 476): جامي ۾ نہ سمائجڻ - ڪپڙن ۾ نہ ماپڻ.

ڪ

ڪاڄ (112): ڪاڄ.

ڪاڄو (401): ڪاڄ. مراد.

ڪارَ (ڪارئين 263): اُڪارڻ- پار ڪرڻ.

ڪارٽي (105): پار اُڪاريندڙ -

ڪارون (373): دانهون. عاجزيون.
ڪاڙهو (520): ساڙ - ڪام. اهنج.
ڪانهـري (436): سست. ضعيف. ڏکن جي ماريل.
ڪِٿهم (99): ڪِٿي
ڪِٿهين (87): ڪِٿي.
ڪَپُر (466): خراب ريت.
ڪُپيرا (275): اجايا.
ڪَڇڻ (ڪج 468): ڍڪڻ- لڪائڻ. پردو ڪرڻ.
ڪُڇاڙو (87): ڇا.
ڪڏهم (385): ڪڏهن.
ڪَرِ هو (39): ڪريو.
ڪرئيم (198): مون ڪي ڪر.
ڪَڙڻ (ڪڙيا 168): زنجيرن ۾ ٻڌڻ.
ڪڙولو (110): ڪنگڻ. ڳهه.
ڪڪورڻ (406): رنگ چڙهڻ. ڳاڙهو ٿيڻ. رچڻ. مدهوش ٿيڻ.
ڪک ڏيڻ (444): پناهه ڏيڻ.
ڪَمان ڪَڇڻ (266): برميچڻ. برابري ڪرڻ.
ڪَنا (88): ڪان.
ڪنه (160): ڪنهن.
ڪَٽم (193): مون ڪي.
ڪوڏائڻ (ڪوڏايا 76): سارهائڻ.
ڪوسي پسڻ (445): ڏک ڏسڻ.
ڪَونر (43): شهزادو.
ڪوهه (76): ڇو- ڇا ڪان.
ڪُهه (104): ڇا.
ڪهو (27): ڪهڙو.
ڪَهَڻُ (ڪهي 79- ڪهيو 82): چوڻ.
ڪئا (101): ڪٿان.
ڪَيوم (134): ڪريوم - منهنجو ڪريو.
ڪيهو (32): ڪهڙو.

ک

کانڌار (118): کانڌ وارو. وڏ گردو.
کانئڻُ (کانيو 187- کانتل 435): ساڙڻ
کرکَسو (کر کسي 502): خرخسو. جنجال- کٽراڳ.
کَسَڻ (کسي 153): کوئنسڻ.
کمڻ (کم 497): معاف ڪرڻ- بخشڻ.
کنڌا کولڻ (459): عيب ظاهر ڪرڻ.
کُهجڻ (کهيا 180): کوهه ۾ ڪريل ۽ ضايع ٿيل.
کَهَڻُ (کهي 388): کَسڻ- کوئنسڻ.
کُهيو (کُهِين 146): ٿڪل. مسڪين.
کيمو (کميان 445): خيمو- تنبو.
کينچڻ (118): ڇڪڻ.
کيُڻُ (کين 497): کائڻ.

گ

گاهيا (220): گاهِي- گاهه وارا. نقصانڪار.

نقصانڪار.

گـجڻ (گجان 168): هلڻ- رڙهڻ.

گَـچڻ (گچي 222): گپڻ.

گُـمائڻ (گـمايو 330): وڃائڻ.

گُـنجڻ (گنجي 432): گـونجڻ.

گـَـندَ (87): ڍير - ڍڳ.

گوندر (102): غم.

گيا (102): ويا.

گيال (214): غاليچو.

ڳ

ڳڀرو (423): نوجوان- لاسراٺ.

ڳـرٺ (423): ڳڀرو.

ڳرهڻ (ڳرهيو 385- ڳرهي 84): اورڻ.

ڳري لڳـڻ (ڳري لڳـوم 107): يـاڪر پائڻ.

ڳـنَـڻُ (ڳني 174): ڳنهڻ - وٺڻ.

ڳُـوڙهو (423): ڳهاٽو.

ڳهـلائڻ (118): ملائڻ- گڏي چڏڻ.

ل

لاڳ (425):ڏڻ- نذرانو. ٻنڌاڻ.

لاٽئو لَـڳو (لاوان لَـڳا 505): چڱـو مَـنو- اَيرو سيرو.

لبيس (211): ظاهري ڏيکاءُ - لباس.

لـتَـرُ (75): پادر.

لُـٽَـڪَ (151): چمڪو. ناز.

لڙهـ لڳـڻ (لڙهـ لڳـو 504): آسـري لڳڻ- پناري پوڻ.

لنگهو (427): مگٺهار.

لوئيـــاري (لوئيـــارين 498): لوئـــيءَ واري.

لهڻ (لهي 388): پوڳڻ - لوڙڻ.

ليلهاڻ (46): ليلائڻ- ليلهائڻ.

م

مارڳ (427): رستو - راهہ

ماڙ (108): مهرباني - مدد

مـاڙ ڪـرڻ (401): اوڪـيءَ ۾ مـــدد ڪرڻ.

ماڪياري (495): ماڪيءَ ڪان.

مامرو (مامري 400): ڪنڙاڳ.

مائدا (192): دسترخوان. سخاوتون.

مچ (468): مچ.

مچڻ (384): متان.

مٽ (406): شراب. نشو.

مڏڙي (مڏڙيون 417): ترهو.

مـڙڻ (مڙان 43): ملڻ- گڏجڻ.

مَـشر (184): مشهور.

مَـــگهن (377): خوشـيءَ ۾ مســت. نشي ۾ مخمور.

مگر (86): باهہ.

مگـڻ (مگـان 26): گهــُـرڻ. سـوال ڪرڻ.

مَـلهڻ (410): پاڻ ملهائڻ

ملهو (168): سويارو.

مٽيارو (133): مٽيا وارو.

مودريا (301):
مُها (43): مُهان- زبان سان.
مهائين (74): مهندار- اڳواڻ.
مَيا (406): مست.
مياءِ (42): ميان!

ن

نا (160): نہ.
نابرَ (158): انڪاري.
ناد (296): اَصيل- بنيادي.
ناسارو (445): ناس تيل. نصارو- ڪافر.
ناسُود (453): نقصان.
ناسُودي (445): بيشرم - بيحيا.
ناڪَسُ (109): ماڻهپي ڪان نڪتل. ڪميڻو.
ناهہ (376): گُمر- غرق. برباد.
ناهر (376): مون وٽ نہ آهي.
نِبَر (355): نِبل- ڏبرو- هيٺو.
نِجهُرو (110): جهُوڀو. گهر.
نِڌان (425): آخرڪار- نيٺ
نِڌر (425): بي پهچ.
نرت (113): نظر.
نِسڻ (نِسَن 170): جهڪو ٿيڻ. ڦڪو ٿيڻ. ڪومائجڻ.
نشانبر (423): مشهور.
نڪٽو (418): رڳو - فقط.
نڪوئي (32): نيڪ- چڱو.
نِڪرڻ (نڪريا 68): نڪرڻ- ڪڙڻ.
نِڳُنُ (نڳي 508): نڪرڻ.
نِلي پيجڻ (122): نڙڳهٽ پيجڻ ڪنڌ پيجڻ.
نِنڌ (381): چيهہ - پڇاڙي- آخر.
نِهو (508): بڻ - بنياد. تعلق. عزازت.
نَئَن (نيان 28): نمڻ. عاجزي ڪرڻ.
نِيرا (435): نير ٻڌل. ڪارا.
نيڙي (472): ويجهو - قريب.
نيگال (47): نيڪال.

و

واجهاٽو (39): واجهاٽيون- واجهائيون. تَڪيون.
ورونهہ (516): وندر.
وريام (107): بهادر- پهلوان.
وريانڻ (180): سرواڻ - سردار.
وَستُ (301): وَستُو- چيز. امانت.
وسو (125): تڪليف - ڏک - اهنج.
وِڪنڻ (وڪني 47): تڪجڻ- ورچڻ.
وِڳڻ (وڳي 32): گڏ هلڻ- سامهون ٿيڻ. دشمني ڪرڻ.
وِڳڻ (125): وڃڻ.
وِلو (168): گهُمرو - ڦيرو.
وِلهو (ولهن 417): بيواهہ- بي وسيلو.
وِنگي (119): تڪليف.
واڍوڙيو (160): وڍيل- گهايل.

واڍوڙيو (160): وڍيل- گهايل.
وانڍو (432): وڇوٽي. فرق. بغض.
واهيرو (418): آکيرو.
وٽتو (101): ورتو.
وِڃهُل (385): ڳڻتي - فڪر.
وِڃهڻ (113): سِڪ ۾ ڳرڻ.
وِڇرڻ (وِڇري- 208): سڙڻ. وڃهڻ.
وَڏپ (118): وڏائي.
وَرساج (29): وسائيندڙ. رحم ڪندڙ.
ورسائڻ (115): هٽائڻ. ورچائڻ.
وَرن (385): رنگ. قسم.
ورَنهه (59): واٽ. نمونو- ڍنگ.
وَهاج (112):
وَهار (112، 165): واهرَ - مدد.
وَهرَ (111): واهر.
وهسڻ (وهسي- 48): خوش ٿيڻ.
وهلو (32): جلد- سِگهو.
وياءُ (92): اولاد.
ويتري (ويتريون 152): وڏيڪ.
ويرون تار (89): جهجهي- گهڻي.
ويڳاڻو (107): مايوس- ارمانيل.
ويلهه (32): ويل - مهل. ڏکيو وقت.

هہ

هاويءَ هابُ (187): دوزخ لائق.
هڏ (77، 133): هر گز.
هڪو (216): هيڪلو- هڪڙو.
هَڳاءُ (406): سُرهاڻ - خوشبوءِ.
هلاٽي مهل (480): مرڻ وقت.
هَلاوت(417): هلڻ جي طاقت.
هَنيا (157): هاجي هَنيل- بدبخت.
هُويَر (135): مون کي هُئي.
هُئان (173): هُجان.